




# سنڌ منهنجي خوابن جي

محمد ابراهيم جويو

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سنڌ منهنجي خوابن جي |
| موضوع: | روشن خيال تعليمي سلسلو |
| ليکڪ: | محمد ابراهيم جويو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | مئي 2008ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلهه: | ڏيڍ سئو رپيا |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد- پٺائي ڪتاب گهر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- سڄاڳي ڪتاب گهر، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، حيدرآباد - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، مارئي ڪتاب گهر، سکر - مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاهه.


All Rights Reserved


| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Sindh Muhanje Khuwaban Ji |
| **Subject**: | Civil Society Education Series-11 |
| **Authored by**: | Muhammad Ibrahim Joyo |
| **Year**: | May- 2008 |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.




# ارپنا

سياڻي جي ان سنڌ جي نالي،
جنهن جي آزاديءَ، خوشحاليءَ ۽
نئين جنم جو خواب ساڀيان ٿيڻو آهي

# سٿاءُ

## تاريخي ۽ فڪري مضمون


- برطانوي راڄ هيٺ 1937ع کان 1947ع تائين سنڌ کي مليل خود مختياريءَ تي هڪ نظر — 8
- پاڪستان جو نهراءُ – جيئن اُهو 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽِو اسيمبليءَ ۾ بحث هيٺ آيو — 25

تاريخ جو رهجي ويل ڪم

- 1943ع ۾ قانون ساز اسيمبليءَ اڳيان پيش ڪيل ـ زرعي بل — 31

1854ع ۾ هڪ ريڊ انڊين قبيلي ـ سِياٽِل جي سردار
جو آمريڪي صدر جي نالي هڪ خطاب

- اسين پنهنجي ڌرتيءَ جو سودو نـ ٿا ڪري سگهون — 49


## سياسي ۽ فڪري مضمون


- سڀ کان پهرين سنڌ — 60
- سنڌ جو ڪيس — 68
- سنڌ ۽ سنڌي قوم جا سَڄَڻَ!؟ — 91
- تِرَ جي گُٿِي سنڌ — 105
- سنڌ جو تعليمي سرشتو ۽ سنڌي ٻولي — 113
- اي سِنڌُ جائِي! — 124
- الطاف حسين جي سنڌين ڏانهن ميار نـ ٿي نهي — 141




## پاٽي ڪيس


- سنڌ جو پاٽي ڪيس — 157
- سنڌوءَ جي لاڙ حصي تي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جا موتمار اثر — 165


## علمي ۽ فڪري مضمون


- خود مختياري ۽ آزادي قومن جو بنيادي حق آهي — 175
- جمهوريت بمقابل فرقيواريت (Democracy Vs Communalism) — 193
- تصوريت جي مقابل ماديت جي بنيادي تعليم — 207
- آمريت ۽ جمهوريت جا الگ الگ خواب — 215

# تاريخي ۽ فڪري مضمون



## برطانوي راڄ هيٺ 1937ع کان 1947ع تائين سنڌ کي مليل خود مختياريءَ تي هڪ نظر

سن 37_1936ع کان وٺي 47_1946ع تائين وارا ڏهه سال سنڌ جي جديد تاريخ ۾ نهايت ئي نازڪ دؤر وارا سال هئا. سالن جو اهو ڏهاڪو هندستان ۾ برطانوي راڄ هيٺ سنڌ کي مليل خود مختياريءَ ۽ اُن دؤر جي سامراجي حاڪميت يعني انگريزن جي سلطنت شاهيءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيل ”ويڙهه“ جي ”آخري ڏهاڪي“ طور ڄاتو وڃي ٿو. انهن ڏهن سالن ۾ سياسي طور سنڌ ۾ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو اُن جو عذاب اڄ ڏينهن تائين ڪم نصيبيءَ جي شامت طور سنڌ مٿان لٽڪي رهيو آهي. سنڌ جي ان ڪم نصيبيءَ جون جڙون سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ لاءِ (پهرين فيبروري 1937ع، ايڪيهين جنوري 1946ع ۽ نائين ڊسمبر 1946ع تي) منعقد ٿيل ٽن عام چوندن ۾ ڪُتل آهن. اُهي چونڊون وڏين آسن اُميدن سان وڙهيون ويون پر هر ڀيري غير معتبر نتيجن جي ڪيفيت ۾ صورت پذير ٿيون. هڪ پاسي سنڌ جي محب اڳواڻ جي. ايم. سيد ۽ سندس بااُميد ۽ خوشدل ساٿين ۽ ٻئي پاسي سنڌ جي برطانوي گورنر، ذاتي ۽ گروهي مفادن جي ٽاڪائو غلام حسين هدايت الله ۽ سندس حمايتين_ هندن ۽ مسلمانن_ جيڪي پنهنجي حرص ۽ هوس ۽ روز بروز وڌندڙ گهرجن جي پورائي ۽ سنڌ مٿان حاڪميت ڪرڻ وارن پنهنجن منصوبن جي تڪميل خاطر پاڻ ۾ مليل جُٽ ٿيل رهيا_ ٽن ٻن ٽيمن جي وچ ۾ موجود لاڳيتي هڪ اڻ برابر تڪرار ۽ تلخيءَ سبب

اُهي چونڊيون اسيمبليءَ جي فلور تان هارايون ويون.

سٺ (60) ميمبرن تي ٻڌل اسيمبليءَ لاءِ پهريون عام چونڊون جيڪي محدود پئماني تي ۽ فرقيوار بنيادن تي، آباديءَ جي صرف 12 کان 13 سيڪڙو بالغن ڪي ڏنل ووٽ جي حق ۽ ڌار چونڊ سرشتي تحت، منعقد ڪرايون ويون هيون، تن جي نتيجن طور، انگريز حاڪمن ڪي سنڌن "ويڙهايو ۽ راڄ ڪريو" واري مقصد ماڻڻ جو نه رڳو اختيار پر چڙ ته ڪُليو هڪ وڏو ميدان ملي ويو هو. اڪثريتي ۽ اقليتي فرقي يا ڌرين، يعني مسلمانن ۽ هندن پاران نشان ٿيل ڪن تحفظات ڪي سبب ڄاڻائيندي سيٽن جي عدد ۾ اڳوات طئي ٿيل اُٿل پُٿل ۽ چونڊن جي نتيجن ڪي وڌيءَ چالاڪيءَ سان مزيد هيرا ڦيريءَ جي ور چاڙهيندي، اختيارن ۽ اقتدار جي توازن ڪي اهڙيءَ طرح بيهاريو ويو جو اسيمبليءَ ۾ پهتل ميمبرَ چڙ ته هڪ ڏيهه يا قوم جا ماڻهو نه پر وڙ جون ڪاٺيون بڻيل هئا.

پهرين فيبروري 1937 تي ڪرايل چونڊن جا نتيجا جيڪي سرڪاري طور تي ظاهر ڪيا ويا هئا، سي هتي ڏنل چارٽ موجب هئا:

| چارٽ | | |
|---|---|---|
| نمبر شمار | جماعت يا پارٽي | ڪُل حاصل ڪيل سيٽون |
| 1_ | جي ايم سيد جي سربراهيءَ واري "سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي" | 22 |
| 2_ | شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي "سنڌ آزادي پارٽي." | 3 |
| 3_ | سر غلام حسين هدايت الله جي جماعت "سنڌ مسلم پارٽي." | 4 |
| 4_ | سنڌ هندو سڀا (جنهن جو بعد ۾ اسيمبليءَ ۾ نالو بدلائي هندو انڊيپينڊنٽ پارٽي رکيو ويو) | 11 |
| 5_ | انڊين نئشنل ڪانگريس | 8 |
| 6_ | آزاد ميمبر (مسلمان 6+ هندو 2) | 8 |
| 7_ | يورپي ميمبر | 3 |
| 8_ | پورهيتن پاران | 1 |
| - | - | ڪُل سيٽون: 60 |

انگريزن کان سنڌ کي مليل هيءَ صوبائي خود مختياري اڃا نه هڪ وڏيڪ



عذاب ڏيندڙ زخم يا ڏنڀ سان شروع ٿي. سنڌ جو گورنر سر لئنسيلاٽ گراهم جيڪو هڪ خود پسند ۽ هنيلي سڀاءَ وارو حاڪم هو. تنهن سڀني جمهوري قدرن ۽ روايتن کي پائمال ڪندي، سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جيڪا اسيمبليءَ ۾ واحد اڪثريتي جماعت هئي ۽ جيڪا ٻين هم خيال جماعتن سان گڏجي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي ڪامل اڪثريتي حيثيت ثابت ڪري سگهي ٿي، تنهن کي پاسيرو ڪندي، هندستان ۾ انگريز سرڪار جي نوازيل ۽ آزمايل دوست سر غلام حسين هدايت الله کي (جنهن جي سنڌ مسلم پارٽي اسيمبليءَ ۾ رڳو چار سيٽون حاصل ڪري سگهي هئي) سنڌ ۾ وزارت ناهڻ جي ڪوٺ ڏني.

مختلف سوچ وارن ۽ پانت پانت جي پارٽين "آزاد" ميمبرن ـ هندن، مسلمانن ۽ ٻين ـ کان علاوه جن کي "هر هنڌ حاضر" ئي سمجهيو ۽ ڇيو ٿي ويو. ڇئن ويچار ڌارائن (پليٽفارمن) واريون جماعتون هيون. جيڪي ٿوريءَ گهڻيءَ گهٽ وڌائيءَ سان سياڻپ جوڳيون ۽ منظم هيون، سي هيٺينءَ ترتيب سان سنڌ جي ليجسليٽو هائوس ۾ اڃي موجود ٿيون هيون:

1ـ سنڌ نئشنلسٽ، جن جي اڳواڻي جي. ايم سيد ٿي ڪئي.....22

۽ سنڌي نئشنلسٽ، شيخ عبدالمجيد جي سرواڻيءَ هيٺ..........3

2ـ انڊين نئشنلسٽ، جيڪي انڊين نئشنل ڪانگريس جا حامي هئا......8

3ـ سنڌي هندو ڪميونلسٽ......

4ـ سنڌي مسلمان ڪميونلسٽ، جن جي اڳواڻي سر غلام حسين هدايت الله ٿي ڪئي......4

سنڌ اسيمبليءَ جو افتتاحي اجلاس، سنڌ جي پهرئين وزيراعظم (تڏهن سنڌ جو وڏو وزير Prime Minister، وزيراعظم، سڏبو هو) سر غلام حسين هدايت الله جي اڳواڻيءَ ۾ 27 مارچ 1937ع تي هڪ نراس ۽ خاموش احتجاج واريءَ ڪيفيت ۾ منعقد ٿيو. سر غلام حسين پنهنجي غير مستحڪم حيثيت کي لوڀ لالچ جي خواهشمند ميمبرن کي مختلف قسمن جا دم دلاسا ڏئي، ڪجهه وقت لاءِ استحڪام ڏيئي سگهيو هو ـ ۽ اهڙي پنهنجي عمل کي هو ڪُلئي عام "پيٽ وسيلي ميمبرن تائين رسائيءَ واري پاليسي" چوندو هو. تنهن هوندي به هائوس ۾ هو پنهنجيءَ اُن حيثيت کي گهڻي عرصي تائين پائدار بڻائي نه سگهيو ۽ پورن ٻارنهن مهينن کان پوءِ اسيمبليءَ ۾ شڪست کاڌائين. ۽ 18 مارچ 1938ع تي ڪيس اها

عهدو ڇڏڻو پيو. پر اقتدار جي ايوان تائين پهچ رسائيءَ وارو خبط سندس ذهن تي ڀوت وانگر سوار رهيو ۽ فقط ڪجهه مهينن کان پوءِ پنهنجي جاءِ نشين خانبهادر الله بخش سومري جي وزارتي ٽيڙيءَ ۾ ٽپ ڏئي شامل ٿي ويو. جيڪو سندس ئي ڀرئين ڪئبينيٽ ۾ جونيئر وزير هو. اقتدار جي واڳن کي چنبڙي پوڻ وارو اهو پنهنجو انداز سر غلام حسين پنهنجي وڏ وزارت کان پوءِ قائم ٿيندڙ پنجن ئي وزارتن ۾ پنهنجي لاءِ يقيني جاءِ حاصل ڪرڻ وسيلي قائم رکيو. ائين ٿيهر 1940ع ۾ مير بنده علي خان جي ماتحت ۽ چوٿين ٻيري ساڳئي خانبهادر سومري جي ماتحت يڪو تنهن وچ ۾ (1941ع ۾) وزيراعظم طور وري منظر عام تي آيو ۽ آخر ۾ 1942ع ۾ خان بهادر سومري جي وزيراعظم جي حيثيت ۾ برطرفيءَ تي، جڏهن کيس (سر غلام حسين کي) اسيمبليءَ ۾ ڪنهن هڪ ٻه ميمبر جي حمايت حاصل نه هئي، يڪدم هو ڦيريون ڀيرو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو- ۽ ان وقت جي سنڌ جي گورنر سر هيمو ڊَو (Sir Hugh Dow) جي حڪم تي ۽ فورن بعد ۾ مسٽر جناح جي وڏي ڪرم فرمائيءَ سان نوازجي، رڙهي، وڃي سنڌ جي وزيراعظم جي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ 1947ع ۾ پاڪستان جي قيام تائين اُن عهدي کي چهٽيو رهيو. مسٽر جناح بعد ۾ کيس اجا ٻه وڏيڪ نوازيو. ذاتي طور سندس سرانجام ٿيل خوشامد برآمد جي صلي طور ۽ خاص ڪري سالن جي اُن ڏهاڪي جي آخر ۾ منعقد ٿيل 1946ع جي سنڌ اسيمبليءَ جي ٻن جعلي اليڪشنن ۾ کُلم کُلا ڌانڌليون ڪرائي، آل انڊيا مسلم ليگ جي اميدوارن کي کٽائي آڻڻ جي "ثواب" طور نئين ڄاول پاڪستان ۾ کيس سنڌ جي گورنريءَ جي منصب سان نوازيو ويو. سر غلام حسين سنڌ جي گورنريءَ واري اها حيثيت پنهنجن آخري پساهن تائين قائم رکي.

سنڌ اسيمبليءَ جا سٺ ميمبر جيڪي محدوديل ۽ جداگانه ووٽ سرشتي تحت چونڊيا ويا هئا. ڪن هڪ يا ٻن کي ڇڏي باقي سڀئي وڏا ملڪيتدار، پئسي پونجيءَ ۽ هلنديءَ پڄنديءَ جا صاحب، بلڪ سماج جي حاڪم طبقي سان تعلق رکندڙ هئا. سر غلام حسين جنهن کي پنهنجن چئن مسلم ميمبرن جي ئي حمايت حاصل هئي، سو ٻين ڪافي ميمبرن کي وزارتن ۽ ٻين هرڪائيندڙ لالچن ۽ فائدن جي آڇن سان دام ۾ آڻيندي مس مس وزيراعظم بڻيو هو ۽ مجبوريءَ کان بعد ۾ سنڌ جي قومپرستن وٽ "اتحاد" لاءِ جڏهن پهتو ته جي. ايم. سيد ۽ سندس ساٿين



سماجي ڀلائيءَ جو هڪ پروگرام، هڪ صاف سٿري حڪومتي نظام، زراعت سان لاڳاپيل معاملن جهڙوڪ زرعي زمين جي منتقلي، وياجيل قرضن جي نئين توازن ۽ صفائيءَ، زرعي زمين جي ڊِل جي منصفاڻي پرتال، ۽ جاگيرداريءَ جي خاتمي وغيره متعلق تجويزن کي قانوني شڪل ڏيارڻ جهڙا معاملا. شرطن طور، سندس سامهون رکيا ته جيئن سنڌ جا هتين خالي ۽ هيٺا محنت ڪش ماڻهو جيڪي تاريخ جي جبر سبب، عقيدي جي لحاظ کان، غالب اڪثريت ۾ مسلمان هئا، تن جي ڪا عام ڀلائي ٿي سگهي. ڪافي حِيل حُجت کان پوءِ پڪا واعدا ڪيا ويا پر اُنهن کي ڪڏهن ٻه عملي جامون نه پهرايو ويو. اُنهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو. جو هر ڀيري حڪومت کي "اتحادين" جي حمايت کان محروم ٿيڻو ٿي پيو ۽ اُن جي جاءِ تي نهندڙ هر نئين وزارت اجا ٻه وڌيڪ ڏتاريندڙ ۽ ڳلٿائي واعدن سان وجود ۾ آئي ٿي.

اسيمبليءَ ۾ موجود انڊين قومپرست هندو تاجرن جي ووٽن تي چونڊيل ڪانگريسي، هندو فرقي پرست سيٺيا ۽ "سڀ سان حاضر مسلمان زميندار ۽ جاگيردار" پنهنجن پنهنجن پختن ٻيٺل مفادن سبب زرعي ۽ سماجي ڀلائيءَ وارن سڌارن جي حمايت کان پري رهيا. ڇو ته اهي سُڌارا اُنهن سڀني جي مفادن ۾ نه هئا. ۽ ان طرح پنج ئي وزارتون (17-4-1937، 22-3-1938، 18-3-1941، فيبروري 1941ع ۽ آگسٽ 1942ع تي) انهن خود غرض ۽ مفاد پرست ٽولن جي انا پسند فيصلن ۽ اعمالن سبب هڪٻئي پٺيان ناڪام ٿينديون، ٿهنديون ۽ ڍهنديون رهيون. اهي ٽولا جنهن جي رت تي مڇي مهوڙ ٿيا ٿي، اُن ئي سماج جي عام بهبوديءَ جي ڪمن ۾ ڪاهل ۽ لاغرض رهيا ۽ سندن پنج ئي وزارتون ائين پنهنجي منطقي انجام کي پهچنديون رهيون.

ان وچ ۾ 1938ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ، عام تفرقائي نعريباز مقبوليت جي پروپئگنڊائي اُڀار سان، سنڌ جي سياسي اُفق تي ڦيريون ڀيرو اوچتي نروار ٿي. جي. ايم. سيد جيڪو انڊين نئشنل ڪانگريسي اڳواڻن جي عوام ڏانهن بي رُخيءَ ۽ غير پارلياماني سلوڪ سبب ڪانئن بيزار هو، سو جناح جي وڪيلاڻين ڳالهين ۽ ڀرپور تسلين ۽ خاطرين تي 1940ع ڌاري آل انڊيا مسلم ليگ ۾ انهيءَ اُميد سان شامل ٿيو ته سنڌ اسيمبليءَ لاءِ مستقبل ۾ رٿيل عام چونڊون جيئن ئي منعقد ٿيون، ته ناڪارن ۽ عوام بيزار رجعت پسند ميمبرن جي جاءِ تي قابل ڪار، روشن خيال، ترقي پسند ميمبرن کي چونڊائي، اسيمبليءَ ۾ آڻي، ۽ ان ريت صاف سٿري

انتظاميہ، سُٺي حاڪميت ۽ آزادي پسند (Liberal) قانون سازيءَ ڪي عمل ۾ آڻڻ جھڙا معاملا، جن جي اُن وقت ضرورت هئي، احسن طريقي سان عمل ۾ اچي ويندا! پر چونڊن منعقد ڪرائڻ ۾، اُن وقت جاري عالمي مهاڀاري لڙائيءَ سبب، سالن جا سال دير ٿيندي وئي، ۽ پورن ڏهن سالن جي عرصي بعد 1946ع ۾ ئي اُهي منعقد ٿي سگھيون.

در حقيقت اُن سال سنڌ ۾ هڪ نہ پر ٻہ عام چونڊون ٿيون. اُنهن ٻنهي چونڊن مان پهرين يعني فيبروري 1946ع وارين چونڊن ۾ مسلم ليگ جي ڪامياب ٿيل 28 ميمبرن، جن جي اڳواڻي سر غلام حسين ڪئي ٿي، ۽ مخالف ڌر جي اتحاد، جن جي اڳواڻي جي. ايم. سيد ٿي ڪئي، جي ڪامياب ٿيل 29 ميمبرن وچ ۾ هڪ سروسر مقابلي جھڙيءَ صورتحال کي جنم ڏنو. توڻي جو پارلياماني معاملا جمهوري انداز سان پوءِ بہ نبري پئي سگھيا ۽ اهڙي ڍَهو ڍهہ جي صورتحال تبديل بہ ٿي پئي سگھي، پر چونڊن جي شروع ٿيندي ئي مسلم ليگ جي مرڪزي اعليٰ قيادت، جي. ايم. سيد جي سرواڻيءَ ۾ قائم ٿيل سنڌ پراونشل ليگ ڪائونسل پاران جوڙيل سنڌ پراونشل پارليامينٽري بورڊ جي نامزد ڪيل ”ترقي پسند“ مسلمانن کي ڏنل ٽڪيٽن کي روڪڻ جھڙا غير متوقع قدم کنيا. ليگ جي اعليٰ قيادت جي ان ٽڪراءُ جي نتيجي ۾ ليگ جي مرڪزي هاءِ ڪمان جي ائڪشن ڪاميٽيءَ جي. ايم. سيد کي پراونشل مسلم ليگ جي صدر جي عهدي سميت ليگ جي سڀني عهدن، بشمول بنيادي رڪنيت، تان بيدخل ڪيو. اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ڪاروهنوار ڪيئن ٿي اڳتي وڌي سگھيو؟ انهيءَ نقطي کي سيد جي پنهنجن لفظن ۾ هن ريت بهتر انداز ۾ بيان ڪري سگھجي ٿو:

”جڏهن سنڌ جي گورنر سر فرانسس موڊيءَ (Sir Francis Mudlie) مون کي ملاقات لاءِ گھرايو تہ مون سندس اڳيان سنڌ اسيمبليءَ ۾ پارٽي پوزيشن جي حقيقي صورت پيش ڪئي. پر فورن مون کي ائين لڳو تہ هو مون کي مسلم ليگ جماعت ۾ ٻيهر شامل ٿيڻ لاءِ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ڇو تہ سندس چوڻ موجب منهنجي پاران مسلم ليگ جي مخالفت سبب مسلمانن جي يڪجهتيءَ کي نقصان پهچي رهيو هو! اهو منهنجو سنڌ جي نئين گورنر بابت پهريون تاثر هو ۽ جيئن تہ آءٌ سندس اڳئين ڪردار بابت ڪا گھڻي ڄاڻ نہ رکندو



هئس، تنهن ڪري آءٌ تہ ماڳهين حيران ٿي ويس تہ خاص ذميواري جيڪا سندس ذمي رکي وئي هئي، هو پاڻ کي اُن تائين محدود رکڻ ۾ ناڪام ويجي رهيو هو!

”پر مون کي تہ ڇا پر سڄي صوبي کي ان ڳالهہ وڏيڪ حيرت ۾ وڌو جڏهن گورنر (پنهنجي دربان صفت) سر غلام حسين هدايت الله کي ئي وزارت ٺاهڻ جي ڪوٺ ڏني! اسيمبليءَ ۾ پارٽي پوزيشن بابت ڪوڙن انگن اکرن جو حوالو ڏيڻ کان علاوه گورنر پنهنجي ان غير آئيني قدم لاءِ هڪ ڪل جھڙو افسانوي عُذر بہ پيش ڪيو، جنهن سچ پچ تہ اسان جو ساهہ ئي ڪڍي ڇڏيو. هُن پنهنجيءَ پر ۾ ٻٽيل وڏي هڪ عاقل ۽ عادل طور پنهنجي مؤقف جو اعلان ڪيو تہ سڀ کان وڏي جماعت، مسلم ليگ، جنهن چونڊن ۾ حصو ورتو هو، اُن ڪري اُها ئي ترجيح جي حقدار هئي! اهو دليل نهايت ئي ڪِل جھڙو هو، ڇو تہ آئين بابت قانون ۾ دلچسپي رکندڙ هڪ عام شاگرد بہ ڄاڻتو ٿي تہ جمهوري حڪومت سازيءَ جي عمل ۾ حڪومت ٺاهڻ جو حق فقط اُن جماعت کي ئي ملي سگھيو ٿي، جنهن وٽ قانون ساز مجلس ۾ ووٽن جي حقيقي سگھہ حاصل هئي.....“ ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“، ص ص 4_203)

سنڌ ۾ جڏهن کان صوبائي خود مختياري رائج ٿي، سر غلام حسين هدايت الله وقت بہ وقت اها ئي ڳالهہ هڪ فيصلہ ڪن دليل طور پيش ٿي ڪئي ۽ ڪم ٿي آندي تہ حڪومت ۾ ڪيس هڪ بي مثل ۽ اجهل حمايت حاصل هئي! انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو تہ ڏهن سالن دوران اهو ئي دليل يا حربو سندس سياسي سگھہ جو مکيہ ذريعو هو. هو ڪنهن بہ عوامي يا مقبول عام جماعت کي ڪيرائي رکڻ جي سگھہ رکندو هو، ۽ آسانيءَ سان ان کي پنهنجي ذاتي مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگھيو ٿي. اها ڳالهہ سمجھڻ ڪا ايڏي ڏکي بہ ڪانہ هئي تہ سنڌ ۾ سيد جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪا ترقي پسند مسلم ليگ گروپ ٺهي هئي، اها انگريز ڪامورا شاهيءَ سان پنهنجي اهڙي اثر رسوخ جي دعويٰ ڪري نہ ٿي سگھي، جيڪو اثر رسوخ سر غلام حسين کي حاصل هو ۽ اُن ئي آڌار تي مسلم ليگ جي اعليٰ مرڪزي قيادت سر غلام حسين سان ۽ سندس پوئلڳيءَ ۾ بيٺل مسلم ليگ جي رجعتي ڌڙي سان پنهنجي قسمت کي داءَ تي لڳائي رکيو هو. 1946ع واري اُن نياڳي سال جي فيبروريءَ جي آخر ڌاري سنڌ ۾ صوبائي آٽانامي (خود مختياريءَ) جي صورتحال ڪجهہ ان طرح هئي تہ اسيمبليءَ جي بجيٽ اجلاس ۾ جي. ايم. سيد جي اتحاد سر غلام حسين جي وزارت خلاف بي اعتماديءَ جي رٿ پيش

ڪئي. اُها بي اعتماديءَ جي رٿ 29 جي ڀيٽ ۾ 30 ووٽن جي اڪثريت سان ناڪام ٿي، ڇو تہ اُن ۾ ٽن يورپي ميمبرن جي حمايت بہ سر غلام حسين جي وزارتي ڌر کي حاصل هئي!

اِن وچ ۾، 2 اپريل 1946ع تي جي. ايم. سيد کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا کان آيل وفد سان ملاقات لاءِ شملا گهرايو ويو. جيڪو وفد ڪجهہ وقت اڳ هندستان ۾ اختيارن جي فوري منتقليءَ لاءِ، صوبائي گروپ بنديءَ جي نُقطي وارو منصوبو ڪٺي، اُتي پهتل هو. محترم جي. ايم. سيد وفد آڏو هندستان جي آئيني مسئلي متعلق سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهنجي ”اتحاد“ جو نقطي نظر پيش ڪندي، هندستان جي هر صوبي سميت سنڌ کي غير مشروط حق خود اراديت واري حق ڏيڻ ۽ الڳ الڳ هڪ خود اختيار يونٽ طور تسليم ڪرڻ جي گهر ڪئي، تہ جيئن صوبا پنهنجي تقدير جو فيصلو آزاداڻي نموني، خالص پنهنجي مرضيءَ موجب، ڪري سگهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ سيد صاحب جي اتحاد کي پختو يقين هو تہ هندستان جي فرقيوار مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ فقط اُهو ئي واحد پائدار بنياد ٿي سگهيو ٿي. (حوالو: ڪئبينيٽ وفد، فيلڊ مارشل وائڪائونٽ ويول (Viscount Wavel) ۽ جي. ايم. سيد وچ ۾ 2 اپريل 1946ع تي ادائي وڃي ٿيل ملاقات جو نوٽ ”اختيارن جي منتقلي“ اپريل 1946ع، ص ص: 93_92)

اُن کان ٽي سال اڳ، 3 مارچ 1943ع تي، اُنهيءَ ئي نالي ماتر صوبائي خود مختياريءَ واري ڏهاڪي دؤران منعقد ڪرايل پهرينءَ عام چونڊن جي نتيجي ۾ پهرينءَ چونڊجي آيل سنڌ اسيمبليءَ آڏو پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪندي جي. ايم. سيد سنڌ جي عوام پاران اُها ساڳي صورتحال ۽ اُن جو اُهو ساڳيو تصور پوريءَ وضاحت سان پيش ڪيو هو. جنهن ٺهراءُ کي تن ڏينهن ۾ ۽ پڻ هاڻي ”1940ع جو لاهور وارو ٺهراءُ“ سڏجي ٿو، يعني پاڪستان جي فيڊريشن ۾ سنڌ جي هڪ آزاد ۽ خود مختيار رياست جي وجود جو چٽو ۽ پڌرو تصور.

شملا کان موٽڻ بعد، سنڌ اسيمبليءَ ۾ سيد جي اتحادي ڌر گورنر کي پنهنجن حمايتي 31 ميمبرن جي دستخطن سان هڪ يادداشت نامو اُماڻيو، جنهن ۾ ڪائنس اسيمبليءَ جو اجلاس ڪوٺائڻ جي طلب ڪيل هئي. اُن مرحلي تي اتحاد کي مسلم ليگ پارٽيءَ کان 26 جي ڀيٽ ۾ 30 ميمبرن جي اڪثريت حاصل هئي.



گورنر رمضان مهيني گذرڻ کان پوءِ اسيمبليءَ جو اجلاس سڏرائڻ جو واعدو ڪيو. 5 سيپٽمبر 1946ع تي سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس جاري رکڻ بدران گورنر اُن جي مهمل يا وقفي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڇو تہ ڪيس ”... غير معمولي صورتحال ۾ پيدا ٿيل ڪيترن ئي مشڪل معاملن جو پوريءَ سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ لاءِ ڪجهہ وقت گهربل هو.“ وزارت اسيمبليءَ جي معرفت بجيٽ پاس ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي هئي. گورنر لاءِ واحد آئيني رستو اهو وڃي بچيو هو تہ هو جي. ايم. سيد کي مخالف ڌر جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ حڪومت جون واڳون سنڀالڻ جي ڪوٺ ڏئي ها تہ جيڪي ذميداريون وزارتي ڌر نڀائڻ ۾ ناڪام وئي هئي، سي عمل ۾ اچي سگهن ها.

اُن مرحلي تي ليگ کي پنهنجين صفن مان ٻن وڏيڪ ميمبرن جي نڪري وڃڻ جو نقصان بہ سهڻو پيو هو. ٻن پارلياماني سيڪريٽرين مسٽر يوسف چانڊئي ۽ سيد نور محمد شاهہ، وزارت جي خراب ڪارڪردگيءَ کي ننديندي هڪ پريس بيان وسيلي، پنهنجن عهدن تان استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. اُن واقعي سبب گورنر بنهہ باهوڙجي پيو هو ۽ کُليءَ طور طرفداريءَ جو مظاهرو ڪرڻ جي هڪ نهايت ئي خود پسند ۽ ڇڙواڳ ڪوشش ڪندي، اُن ئي ڏينهن اسيمبليءَ کي ٽوڙڻ ۽ صوبي ۾ نين چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيائين!

اها هئي صورتحال جنهن تحت 47_1937ع واري ڏهاڪي دوران سنڌ اسيمبليءَ جون ٿيون ۽ آخري چونڊون منعقد ٿيون. اهي چونڊون 1946_12_9 تي ڪرايون ويون. جي. ايم. سيد ان قصي جو تَتُ پنهنجن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

”ليگ جي ڪئمپ ۾ اُميدوارن کي ٽڪيٽن ڏيڻ وارو ساڳيو پراڻو ناٽڪ ورجايو ويو. پارٽي ٽڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ اميدوارن کان نئين سر درخواستون تہ گهرايون ويون پر ٽڪيٽن جي ورهاست دوران عجيب نوعيت جا واقعا پيش آيا. مير بنده علي خان ۽ سيد نور احمد شاهہ، جن مسلم ليگ جي قاعدن ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪئي هئي، تن کي ٽڪيٽ ڏنا ويا پر ساڳئي ٻئي هڪ باغيءَ يوسف چانڊئي جي درخواست کي رد ڪيو ويو. جناح صاحب جي زير نظر هلندڙ ليگ جي ان ”اُصولي ۽ منصفاڻي“ وهنوار جو سڀ کان عجب جهڙو هڪ مثال وزيراعظم جي پُٽ مسٽر انور حسين هدايت الله جي حق ۾ مير مقبول کي ٻُلٽو ڏئي

هٿ ڪٽائڻ هو. جيتوڻيڪ مير مقبول اُن سڄي عرصي دوران ليگ سان سچو رهيو پر مسلم ليگ لاءِ پنهنجي ڪنهن واعدي جي وفاداريءَ يا ساٿين ڪنهن وفاداريءَ، سچائيءَ ۽ ڪردار جي بلنديءَ يا ڪنهن جي ذاتي طور اخلاق ۽ اُصولن سان وابستگيءَ ڪابہ معنيٰ نہ ٿي رکي. وٽن صلاحيت ۽ قابليت بہ ڪنهن ليکي ۾ نٿي آئي. ليگ جي آڏو ڏن دولت، اثر رسوخ ۽ طاقت ئي هميشہ سوڀيا ۽ سوڀ واري ڳالهہ هئي.

”انهن جي سامهون اسان، پنهنجي طور تي، زميندارن ۽ جاگيردارن جي گڏيل حلقي مان حاجي مولا بخش سومري کي، ۽ ٻين مسلمان حلقن مان جُملي 16 اميدوار نامزد ڪيا ويا.

”چوندن جا نتيجا قائم حڪومتي اقتدار ۽ اختيار جي آڌار تي، اڳواٽ ئي طئي ڪيا ويا هئا. اسان جي نامزد ڪيل اُميدوارن مان فقط ٻہ ڄڻا اسيمبليءَ ۾ پهچي سگهيا.“ (جي. ايم. سيد: ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“_ انگريزي ڇاپو_ ص: 217 ۽ 220)

ان ريت 1946ع جي آخري چوندن ۾ وري بہ ڏانڌلين جا اُهي نوان رڪارڊ قائم ٿيا. جن نازي جرمنيءَ ۾ عام لوڪن جي راءِ معلوم ڪرڻ واسطي هٽلر پاران اختيار ڪيل طور طريقن کي بہ شرمائي ڇڏيو. اُنهن هٽلري هٿڪنڊن جي آڏو سنڌ جي ”جمهوري“ چوندن جو اچان ئي پنهنجو ٻيو هڪ مزاج هو. هتي پولنگ اسٽيشنون هيون، پولنگ آفيسر هئا، ووٽر لسٽون ۽ بئلٽ باڪس هئا. مطلب تہ جمهوري قدرن جي تقاضائن جي ظاهري پورائيءَ لاءِ سيئي سانگ رچايا ويا هئا. اُهي هڙئي جمهوري بندوبست ڪيا ويا هئا، جيڪي ووٽرن جي راءِ شماريءَ لاءِ ضروري هئا، پر حقيقت ۾ ۽ عملي طور فقط مُٺلن ۽ غيباٹن ماڻهن ووٽ ڏنا_ جيئرن جاڳندن، هيٺن ۽ مصيبت جي ماريل ماڻهن جي جاءِ تي، جيڪي پراڻي فرسوده نظام جي تبديليءَ جي آس من ۾ سمائي گهرن ۾ ئي ڏاڍن جي اوطاقن ۾ سڄو ڏينهن چؤڪس نظربند ٿيا وينا هئا.

نئين اسيمبليءَ ۾ ليگ جو خانبهادر محمد ايوب کُهڙو نئين حڪومت ۾ وزيراعظم جي عهدي لاءِ ڪٿجي آيل ليگ ميمبرن جو سڀ کان وڌ منظور نظر اميدوار هو. اسيمبليءَ ۾ ليگ جي ڪٽي آيل 35 مان 25 ميمبرن جي حمايت کيس حاصل هئي. پر مسٽر جناح، جيڪو تن ڏينهن ۾ مير بنده عليءَ جي مهمان جي



حيثيت ۾ ڪراچيءَ ۾ ٽڪيل هو. تنهن ان صورتحال ۾ پنهنجي ذاتي دَسترسيءَ سان سنڌ مٿان سر غلام حسين هدايت الله جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر اُها ئي ساڳي مُردار ۽ ٽوڏي حڪومت مڙهي ڇڏي. سر غلام حسين، جيڪو سنہ 1947ع ۾ ڏيکاءَ طور انگريزن کان مليل پنهنجي ”سورهيائيءَ“ (Knight hood) جي خطاب کي ڇڏي چڪو هو پر پوءِ بہ هو ميدان ۾ اُنهن جو ساڳيو اُهو ئي سُورمو بڻيو بيٺو هو. سو گورنر جي حمايت سان ۽ پڻ ليگ جي صدر مسٽر جناح جي آشيرواد سان وزيراعظم جي گاديءَ تي بنان ڪنهن مشڪلات جي سوار ٿي ويهي رهيو. سنڌ ۾ صوبائي خود مختياريءَ جي سڄي عرصي دوران انگريز گورنر جي مهربانين ۽ حمايت سان، پهرئين وزيراعظم جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ڪندي، آخر تائين هن وزيراعظم طور گادي ماڻڻ ٿي گهري، ۽ هن پيري تہ کيس ليگ جي اعليٰ قيادت جي منظور نظر طور، هڪ طاقتور ۽ ”ڪامياب“ جماعت جي حمايت بہ حاصل هئي. هن سچ پچ بہ صوبي جي ايتريءَ دکدائڪ ڏهن سالن جي سياسي صورتحال ۾ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ ايڏو وڏو درجو يا اقتدار نہ ماڻيو هو.

انگريز جيڪي پڇاڙيءَ واري ان پنهنجي دؤر ۾ خاص طرح، اهو ورجاءُ ڪندي ڪڏهن بہ نہ ٿڪبا هئا تہ هتان هو وڃي رهيا هئا، ۽ وڃي رهيا هئا. تن پنهنجي وڃڻ پُڇاڙان هن علائقي ۾ پنهنجي طرز حاڪميت ۽ پنهنجي مفاد باز جمهوريت، پنهنجي منظور نظر ماڻهن ۽ سر غلام حسين جهڙن پختن ڏيهي دربان صفت وفادارن جي هٿن ۾ ڏيئي وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. تہ جيئن هتان جو غريب ۽ پسمانده عوام وڏيڪ پيسبو رهي ۽ وڏيڪ پيڙبو ۽ لتاڙبو. سَنهون ۽ نرم ٻُهہُ بڻيو رهي، ڇو تہ ان طرح ۽ اُن صورت ۾ هو پنهنجن انهن جِي حُضور جاءِ نشينن کان طويل مدت تائين پنهنجا سامراجي مفاد سَر ڪندا ۽ مقصد حاصل ڪندا رهن. اڄ بہ اسان لاءِ اها سوچ جي ڳالهہ آهي تہ ڇا انگريز سچ پچ بہ هندستان مان وڃي رهيا هئا؟ ۽ ويا بہ هليا، يا......؟ اسان تہ پوءِ ڏٺو تہ اسين فقط هڪڙيءَ ابليسي صورتحال کان پنهنجي جند ڇڏائي، ڪنهن ٻئي اهڙي ئي اوڙاهہ جي تري ۾ وڃي ڪريا هئاسون! ۽ بنهہ ائين، لڳ ڀڳ 55 سالن جي ڏارينءَ حاڪميت جي ڏيهي ڀهروپين بہ اسان لاءِ ڏٺي وائٺِي اهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي، ۽ ان ڳالهہ ۾ هاڻي اسان کي ڪنهن بہ سمجهاڻيءَ يا تشريحي تاويل يا اُن بابت ڪنهن ٻئي مطالعي جي بہ ڪا ضرورت ڪانهي.

سنڌ ۾ برطانوي راڄ هيٺ مليل ڪوڙي صوبائي خود مختياريءَ واري ڏهاڪي دوران رونما ٿيل واقعن وارو ناٽڪ ان ريت ئي پيانڪ انداز ۾ پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو هو. انگريز گورنرن ۽ سندن نهايت ئي فرمانبردار خادم سَر غلام حسين ۽ سندس جِي حضور ٽَهلين ۽ پنهنجن مفادن ۾ ڦاٿل سيڻي جوڙيوالن اهو منصوبو ايئن ئي جوڙيو هو ۽ ائين ئي ان کي عمل ۾ آندو هو. ليڪن ڪي ٻيا سرويچ جاکوڙي ۽ سچا ڪاپڙي بہ هئا. تعميري سوچ رکندڙ ۽ ڌرتيءَ جا محافظ، جيڪي پنهنجي عوام ۽ ديس لاءِ جاڳيا هئا. جي. ايم. سيد جيڪو پنهنجيءَ ذات ۾ هڪ محب وطن ۽ بني نوع انسان جي ڀِهي خواهہ هو ۽ ٻيا ترقي پسند۔ مخالف ڌر جا ماڻهو جيڪي ساٿس ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي بيٺا، جن ڌارين جي غلاميءَ ۽ اُنهن جي ڏيهي دلالن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ان ناٽڪ جي هڪ مختلف قسم جي نتيجي لاءِ سوچيو هو ۽ اُن لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائي هئي ۽ عزم ڪيو هو۔ هڪ بهتر ۽ آزاديءَ ڏانهن نيندڙ نتيجي لاءِ تہ جيئن انگريزن جي بيٺڪي غلاميءَ جي سيڻي هچائن کان پوري ۽ حقيقي نجات ماڻي سگهجي.

سنڌ دشمن ۽ سنڌي قوم جي بدخواهہ مفادن، پنهنجن ڪُڌن ۽ مڪروهہ مقصدن ماڻڻ لاءِ، خاص هڪڙي ئي حرفت هلائي هئي. 1937ع وارين پهرين چونڊن جي نتيجن کي رد ڪرڻ ۽ بدلائي پنهنجي ذاتي ۽ گروهي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ ۽ اُن ئي مقصد لاءِ سالن جي اُن ڏهاڪي جي آخري ٻن چونڊن ۾ پڻ ڌاندلي ڪرڻ ۽ دغابازيءَ سان اُنهن جي نتيجن ۾ هيرا ڦيري ڪرڻ جي حرفت هلائڻ: ڌار چونڊ سرشتو ۽ پڻ سندن قبيلائي رئيسپ، مذهبي ۽ روحاني برتريءَ وارو پيري مريديءَ جو دابو ۽ طبقاتي شاهوڪاريءَ جو رعب تاب کين اُن سندن پُرفريب حرفت جي راند کيڏڻ ۽ کٽڻ ۾ خوب ڪم آيا.

جي. ايم. سيد ان سڄيءَ حرفت ۽ سازش سان لاڳاپيل ڌرين کي وائکي ڪرڻ لاءِ ۽ تاريخ کي گواهہ بڻائيندي، ضلعي دادوءَ جي سنڌ اسيمبليءَ واري مسلم حلقي لاءِ 9 ڊسمبر 1946ع تي ڪرايل عام چونڊن ۾ روا رکيل ڌانڌلين خلاف اعتراض وارينديِ، 12 فيبروري 1947ع تي هڪ اليڪشن پٽيشن داخل ڪئي۔ خاص طرح چونڊن جي اُن حلقي مان جتان هُو پاڻ اُميدوار طور بيٺو هو ۽ جتان مسلم ليگ جي نامزد اُميدوار قاضي محمد اڪبر کي آزاد ۽ غير جانبدار چونڊن جي هر اُصول، قاعدي قانون ۽ هر جمهوري روايت جي خلاف ورزي ڪري، ڪامياب قرار



ڏياريو ويو هو. اُن پٽيشن ۾ جي. ايم. سيد اُنهن چونڊن جي نتيجن کي چئلينج ڪيو هو. معاملي جي تحقيقات لاءِ اُها ئي پٽيشن 18 نومبر 1947ع تي اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿي ۽ پورن ٻن سالن دوران ڪيل تحقيقات کان پوءِ اُن جي ڪارروائي مڪمل ٿي، ۽ 2 فيبروري 1949ع تي ان جي رپورٽ سنڌ جي گورنر کي پيش ڪئي وئي.

اُن رپورٽ ۾ قاضي اڪبر صاحب کي مٿس لڳايل الزامن جو ڏوهي قرار ڏيندي، سندس چونڊن کي رد ڪيو ويو ۽ کيس ڇهن سالن جي عرصي لاءِ ووٽ وٺڻ ۽ ڏيڻ جي حق کان محروم قرار ڏنو ويو. رپورٽ پير الاهي بخش کي بہ ساڳين الزامن جهڙوڪ ووٽر خريد ڪرڻ، پرائي يا ٻئي ماڻهوءَ جي نالي سان ڪوڙا ووٽ وجهندڙن جي مدد ڪرڻ وغيره جهڙن الزامن ۾ ڏوهي ثابت ڪندي، کيس ڇهن سالن لاءِ ووٽ جي حق استعمال ڪرڻ جي سلسلي ۾ نااهل قرار ڏنو يو. ساڳيءَ طرح رپورٽ ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي ماڻهن کي ساڳين اهڙن الزامن هيٺ ڏوهي ثابت ڪندي، ڪانئن ڇهن سالن لاءِ ووٽ وٺڻ ۽ ڏيڻ جو حق کسيو ويو.

ٻن اهم لاڳاپيل صاحبن مان هڪ ڄڻي قاضي اڪبر صاحب کي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي سيٽ ڇڏڻي پئي ۽ پير الاهي بخش جيڪو تن ڏينهن ۾ سنڌ حڪومت جي ڪابينا ۾ عزت ماب وزير طور شامل هو، تنهن کان پڻ وزارت ڇڏائي وئي. ڪميشن پنهنجي ان تفصيلي رپورٽ جي آخر ۾ ڪجهہ اهم نوعيت جا ۽ عام دلچسپيءَ جا رمارڪ هيٺينءَ ريت ڏنا:

”هن رپورٽ کي سهيڙڻ کان اڳ اسين عزت ماب گورنر صاحب جي ڌيان تي اها ڳالهہ بہ آڻڻ مناسب سمجهون ٿا تہ رڪارڊ ۾ اسان اهڙي لکپڙهہ ڏٺي آهي، جنهن ۾ تڏهوڪيءَ حڪومت پاران هر ٽربيونل کي پنهنجي ڪارروائي حڪومت جي من پسند طريقي موجب هلائڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون هيون. اسين اهو پڻ سمجهون ٿا تہ تڏهوڪي وزيراعظم (يعني لياقت علي خان) ٽربيونل جي تڏهوڪي صدر کي پاڻ وٽ گهرائي معاملي کي رفع دفع ڪرڻ ۽ ڪجهہ ٻين معاملن بابت منظور ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون هيون. اسين اهڙي عمل کي گستاخانہ عمل، عدالت جي بي حُرمتي ۽ انتظاميہ طرفان عدليہ جي معاملن ۾ مداخلت جي ڪوشش سمجهون ٿا. اسين هتي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب سمجهون ٿا تہ اڳوڻو صدر ٽربيونل کي ڇاڻ ڏيڻ کان سواءِ ئي ٽربيونل جي ڪن ڪمشنرن سان مليو هو ۽ ساڻن ٽربيونل آڏو هلندڙ هن

ڪيس بابت ڳالهايو هئائين. اسان بروقت ئي حڪومت جي صاحب اختيار شخصن جي اهڙين ملاقاتن خلاف پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪئي هئي ۽ مستقبل ۾ ان قسم جي ڪوشش نہ ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو. جَجن کي وزيرن ۽ ٻين حاڪمن ۽ اختيار جي صاحبن پاران انهن معاملن جي سلسلي ۾، جيڪي عدالت ۾ اجا بحث هيٺ يا اڻ فيصل هئا، گهُرائڻ يا متاثر ڪرڻ هڪ غير آئيني عمل آهي. ان ڪان بہ آڳاهين ڪوشش اها ڪئي وئي تہ معاملي سان لاڳاپيل ڌرين مان هڪ ڌر، وقت جي حڪومت معرفت ٽربيونل سان رجوع ڪيو تہ جيئن حڪومت پٽيشن جي مخالفت ۾ پنهنجا سرڪاري اختيار استعمال ڪري سگهي ۽ مخصوص ڌر جي حق ۾ فيصلي ڏيارڻ لاءِ ٽربيونل کي ڪا پارت ۽ سفارش ڪري سگهي. تڏهن بہ بروقت اسان اهو فيصلو ڏئي ڇڏيو هو تہ عدالت سان ان قسم جي چال چلت يا اهڙو وهنوار توهين عدالت جي ذمري ۾ آيو ٿي ۽ اهو بہ تہ عزت ماب گورنر صاحب جي معرفت کان سواءِ ڪنهن وزير يا ڪابينا پاران عدالت سان ڪيل هر قسم جي لکپڙهہ غير قانوني هئي. اسان پاران ان ڳالهہ طرف ڌيان ڇڪائڻ تي تہ ٽربيونل جي معاملن ۾ جيڪڏهن ان قسم جون مداخلتي ڪوششون جاري رهيون تہ هيءَ ٽربيونل مستقبل ۾ پنهنجي جهجهن اختيارن کي، جيڪي بيشڪ ان کي حاصل آهن، استعمال ڪرڻ ۾ ڪابہ هبڪ محسوس نہ ڪندي. اهڙيءَ تنبيهہ کان پوءِ ٽربيونل سان ڪن وڏيڪ هدايتن ڏيڻ يا زير غور معاملي يا ڪارروائيءَ ۾ ٻيءَ ڪنهن طرح جي مداخلت جي ڪوشش جي حجت ڪانہ ڪئي ويئي، نہ ڪيون ويون. البت، هڪ ڌر پاران ٽربيونل کي جائز طريقي تحت درخواستن ڏيڻ تي، اُن ڌر کي سهوليت ڏيڻ لاءِ مقدمي جي ڪارروائيءَ جي هنڌ طئي ڪرڻ بابت ٽربيونل پنهنجو جائزو فيصلو بہ صادر ڪيو هو.

”اسين پنهنجي هيءَ رپورٽ عزت ماب گورنر صاحب جي خدمت ۾ نهايت ئي احترام سان پيش ڪريون ٿا.

- صحي: بي- پي- دلال، صدر.

صحي: رحيم بخش- آءِ- شيخ، ڪمشنر.

صحي: فيروز نانا غلام علي، ڪمشنر.

سکر، فيبروري 1949ع

(حوالو: سنڌ حڪومت جي غير معمولي گزٽ، 18 فيبروري 1949ع)

حڪومت پاران 16 فيبروريءَ 1949ع تي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن جنهن



ڪانپوءِ اليڪشن پٽيشن بابت اليڪشن ڪميشن پاران فتويٰ يا فيصلو بيان ٿيل آهي ۽ اُن بابت حڪومتي احڪامات شامل آهن، سا نوٽيفڪيشن لفظ بہ لفظ هن طرح شايع ٿي:

”حڪومت سنڌ جي غير معمولي گزٽ، ڀاڱو پهريون، جنهن جو حڪومت سنڌ جي ليگل ڊپارٽمينٽ سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ پاران 16 فيبروري 1949ع تي اجراءُ ٿيو.

”نمبر 47/R_209_ جيئن تہ گورنمينٽ آف انڊيا (صوبائي چونڊون)، (ڊانڊلين بابت اليڪشن پٽيشن) 1936ع واري حڪمنامي جي ڀاڱي ٽئين جي پئرا نمبر 3 تحت ۽ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي (اليڪشن ۽ اليڪشن پٽيشن بابت) 1936ع وارن انتخابي قاعدن تحت سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي دادو ڏکڻ محمدن ديهي حلقي لاءِ اميدوار جي. ايم. سيد پاران هڪ اليڪشن پٽيشن جناب عزت ماب گورنر صاحب وٽ داخل ڪرائي هئي، جنهن ۾ پٽيشنر پاران اُن تڪ جي 9 ڊسمبر 1946ع تي ڪرايل عام چونڊن ۾ قاضي محمد اڪبر کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو. اُن ۾ ڪرايل ڊانڊلين کي چئلينج ڪيو ويو هو.

”جيئن تہ حڪومت پاران 28 جون 1947ع تي جاري ڪيل ليگل ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر 17/R_290 _ تحت سي ايم لوبو (Lobo. M.C)، پي بي دلال (Dalal P.B) ۽ محمد بخش ايم ميمڻ کي ڄاڻايل پٽيشن جو مقدمو هلائڻ لاءِ ڪمشنر طور مقرر ڪيو ويو هو ۽ جيئن تہ حڪومت پاران 29 مئي 1948ع تي جاري ڪيل ليگل ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر 47/R_ _209 تحت سي ايم لوبو، جنهن استعيفا ڏني هئي، اُن جي جاءِ تي پي بي دلال کي ٽربيونل جو صدر ۽ حسن علي عبدالرحمان بار ائٽ لا کي پي- بي- دلال جي جاءِ تي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو.

”۽ جيئن تہ حڪومت پاران 10 جولاءِ 1948ع تي جاري ڪيل ليگل ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر47/R_209_ تحت حسن علي عبدالرحمان، جنهن استعيفا ڏني هئي، اُن جي جاءِ تي فيروز غلام علي نانا کي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو.

”۽ جيئن تہ مٿي ڄاڻايل ڪمشنر ذڪر ڪيل قاعدن هيٺ مٿي ڄاڻايل پٽيشن جي جاچ پڙتال ڪان پوءِ هڪ رپورٽ اُماڻي موڪلي آهي، جيڪا ذڪر

ڪيل آرڊر جي پاڱي ٽئين جي پئراگراف نمبر (8) جي ذيلي پئراگراف نمبر (3) لاءِ گهربل هئي. اها رپورٽ ضميمي طور هيٺ شايع ڪجي ٿي.

”تنهن ڪري هاڻي عزت ماب گورنر صاحب ذڪر ڪيل آرڊر جي پاڱي ٽئين جي پئراگراف (8) ۽ ذيلي پئراگراف (3) تحت ۽ ڪمشنر جي رپورٽ سان موافقت ۾، هيءُ حڪم جاري ڪرڻ فرمايو آهي:

(الف) ته ڪامياب اميدوار ۽ اپيل ۾ جواب ڏيندڙ يعني مدعا عليه قاضي محمد اڪبر جي چونڊ رد هوندي.

(بي) ته مدعا عليه قاضي محمد اڪبر ڇهن سالن لاءِ ووٽ ڏيڻ جي حق استعمال ڪرڻ جو اهل نه هوندو.

(ج) ته مدعا عليه يا جواب ڏيندڙ قاضي محمد اڪبر درخواست گذار جي. ايم. سيد کي 8000 روپيا ڏنڊ طور پري ڏيندو.

(د) ته پير الاهي بخش نواز علي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي رڪنيت ۽ پڻ ووٽ ڏيڻ جي حق جو ڇهن سالن لاءِ اهل نه هوندو.

(د) ته مير محمد شاهه ووٽ ڏيڻ کان ڇهن سالن لاءِ نااهل هوندو.

”فقرن (الف)، (ب)، (ج)، (د) ۽ (ه) ۾ ڄاڻايل حڪم 3 فيبروري 1949ع جي شام کان لاڳو هوندا.

(و) سيد گل محمد جي سلسلي ۾ ڪميشن جي سفارش اجا ويچار هيٺ آهي ۽ مناسب وقت تي ان بابت احڪامات جاري ڪيا ويندا.

گورنر سنڌ جي حڪم سان جاري ٿيو.

محمد بخش - اي- ميمڻ

سيڪريٽري ٽُ گورنمينٽ

”هن نوٽيفڪيشن جو ضميمو ڊار شايع ڪيو پيو وڃي.“

اها ڳالهه ياد رکڻ جوڳي آهي ته سنڌ اسيمبلي جيڪا انگريزن پاران عنايت ڪيل خود مختياريءَ واري ڏهاڪي دوران آخري ڀيرو منعقد ڪرايل چونڊن ۾ ٿيل ڊانڊلين جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي هئي. تنهن کان ان سوال بابت جواب ڏيڻ لاءِ جڏهن رابطو ڪيو ويو ته ”آيا سنڌ جو آئين (الف) موجود (هندستان جي) آئين ساز اسيمبليءَ ۾ تيار ڪيو وڃي، يا (ب) هڪ نئين ۽ الڳ ملڪ (پاڪستان) جي آئين ساز اسيمبليءَ ۾.“



۽ اُن سنڌ اسيمبليءَ ۾ 25 جون 1946ع تي ٻن مبتادل راين مان هڪ بابت راءِ ڏيڻ لاءِ بحث ڪيو ويو ۽ اُن اسيمبليءَ پاران ٻيءَ متبادل راءِ جي انتخاب جي نتيجي ۾ اسين اڄ پاڪستان ۾ شامل آهيون.

اهو سوال ته آيا 1946ع وارين عام چونڊن، جن ۾ وڏي پيماني تي ڊانڊلي ڪئي وئي هئي ۽ بظاهر اُنهن رد ٿيل چونڊ وارن نتيجن جي بنياد تي وجود ۾ آيل اسيمبليءَ کي ڪو قانوني يا اخلاقي جواز يا ڪو اختيار به هو ته اها سنڌ جي ماڻهن جي خود مختياريءَ واري حق بابت ڪا راءِ ڏئي سگهي يا ڪو فيصلو ڪري سگهي!“

اهو سوال سنڌ جي ماڻهن لاءِ ۽ تاريخ لاءِ پڻ هڪ تڪراري نقطي طور، بحث طلب ۽ فيصلي طلب آهي ۽ رهندو.

۽ پڻ اهو سوال به ته بلا لحاظ ان ڳالهه جي ته اهڙو حق اُن طرح جي ناجائز ۽ کوٽ سان چونڊجي آيل سنڌ اسيمبليءَ کي هو يا نه هو.

ڇا، اهڙي ٿيل فيصلي کي آئيندي هميشه لاءِ ڪا اخلاقي ۽ قانوني سَنَدَ يا جائزگي حاصل به هوندي يا نه!؟

◉

# پاڪستان جو ٺهراءُ - جيئن اُهو 3 مارچ 1943ع تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ بحث هيٺ آيو

3 مارچ 1943ع تي تڏهوڪي سنڌ پراونشل مسلم ليگ جي صدر جناب جي-ايم- سيد سنڌ ليجسليٽوِ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ هڪ ”غير سرڪاري“ ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن کي پيش ڪرڻ وقت پاڻ ”پاڪستان جو ٺهراءُ“ سڏيائون.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته جناب جي-ايم- سيد پاران پيش ڪيل ٺهراءُ جي متن ۾ ڳالهه جي فرقيوارانه رنگ، يعني آل انڊيا مسلم ليگ جي 1940ع واري ٺهراءُ ۾ پيش ٿيل ٻه قومي نظريي جي ٻوليءَ جا انگ، موجود هئا، ۽ مسلم ليگ جو اُهو ٺهراءُ پڻ ”پاڪستان جو ٺهراءُ“ سڏيو ويو هو. پر هائوس جي اندر جناب جي- ايم- سيد پنهنجي پيش ڪيل ٺهراءُ کي جيڪا صورت ڏني ۽ ان تي جڏهن ايوان ۾ بحث شروع ٿيو، ته بحث دوران برصغير هندستان جيڪو ڪيترين ئي قومن جو گڏيل وطن هو، تنهن ۾ اُن جي گهڻ-قومي سچائيءَ جي واضح حقيقت روشن ٿي هئي، ۽ ان کي وڌيڪ خاص طور ”پاڪستانُ“ خاص مسلمانن جي وحداني مملڪت طور نه- ڇاڪاڻ ته مسلم ليگ وٽ مسلمان هندن جي ڀيٽ ۾ ته الڳ قوم سڏيا ويا هئا، پر پاڻ ۾ هو جدا جدا قومن طور سڃاتل هئا، ۽ اُن سبب، پاڪستان ڪثير قومن جي وفاقي مملڪت طور گهربو ويو هو، ۽ مغربي توڙي مشرقي پاڪستان ۾ هندستان جي مسلم قومن سان اُن جي وفاق ۾ هر هڪ لاءِ خود مختياري (Autonomy) ۽ خود اختياري (Sovereignty) جي معاهدي جي ڳالهه ٻيهاريل هئي. سنڌ اسيمبليءَ جي سيني



ميمبرن، جن ٺهراءَ تي بحث ۾ حصو ورتندي تقريرون ڪيون، تن تجويز ڪيل پاڪستان جي وفاقي ڍانچي ۾ سنڌ جي آزاد ۽ خود اختيار حيثيت جي گهُر ڪئي، جنهن جي ضمانت 1940ع جي ٺهراءَ ۾ اڳ ئي موجود به هئي.

سنڌ جي وزيراعظم (Prime Minister) (ان دؤر ۾ هاڻوڪي وزير اعليٰ کي وزيراعظم سڏبو هو) سر غلام حسين هدايت الله بحث ۾ حصو وٺندي چيو: ”عزت ماب جي- ايم- سيد جي پيش ڪيل ٺهراءَ ۾ فقط هڪ ڳالهه کي بحث هيٺ آندو ويو آهي، جيڪا اها آهي ته [هندستان ۾] مسلمان ڪنهن به هڪ مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهڻ نٿا چاهين، پر اُهي پنهنجي لاءِ آزاد رياستون يا وحدتون (States Or Units) گهرن ٿا.“

بحث ۾ حصو وٺندي شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ چيو: ”سنڌي مسلمان بلڪل ڀرپور انداز ۾ واضح ڪن ٿا ته ڪين ڪوبه اهڙو مملڪتي نظام جنهن ۾ ڪين ڪنهن به اهڙيءَ هڪ مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهڻو پوي، جنهن ۾ ڪا ٻي قوم غالب هجي، قبول نه هوندو. بيشڪ اسين ڪنهن به اهڙي مرڪزي حڪومت جي ماتحت رهڻ نٿا چاهيون. مرڪزي طرز حڪومت ۾ هڪ قوم جي مستقل اڪثريت هوندي. عزت ماب جي- ايم- سيد چوي ٿو ته سوويت يونين جي طرز تي هتي صوبن کي حقِ خود اراديت ۽ آزادي حاصل هوندي. صوبن کي پنهنجي مرضيءَ موجب وفاق کان ڌار ٿيڻ جو حق به حاصل هوندو. روسي آئين ۾ صوبن يا وفاقي اڪاين کيِ اِن قسم جي حق لاءِ واضح شق موجود آهي... هتي، اسان وٽ سنڌ ۽ پنجاب جي صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ ڪي تڪرار هلندڙ آهن، مثال طور سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي تڪرار وغيره... ان تڪرار جي نبيري لاءِ هڪ امين (Arbitrator) مقرر ڪيو ويو هو ۽ مسئلي جي نبيري کان پوءِ ٻنهي صوبائي حڪومتن بادشاهه سلامت کي اپيل ڪئي آهي... قدرت سنڌ صوبي کي سامونڊي ڪنارو عطا ڪيو آهي، انهن سامونڊي سرحدن جي حفاظت لاءِ اسان کي بحري فوج گهرجي، هوائي ۽ پيادل فوج پڻ اسان جي ضرورت آهي. هندستان ۾ نظرياتي اختلاف ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ، بين مملڪتي (Inter State) مامرن جي نبيري لاءِ ڪنهن مرڪزي انتظامي جوڙجڪ (Machinery) جي ضرورت پيدا ٿيڻ کي آءٌ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه نٿو سمجهان. هر صوبي کي پنهنجا قدرتي وسيلا آهن، ۽ سنڌ کي ڪراچيءَ ۾ سمنڊ جهڙي قدرتي نعمت مليل آهي. رڳو ڪسٽمس جي مد ۾ اسان جي حاصل ٿيندڙ آمدني ساليانو 8

کان 9 ڪروڙ روپيا آهي. انهيءَ کان علاوه اسان جي ٻي آمدني پڻ آهي، جيڪا انڪم ٽئڪس، ريلوي ۽ ٽپال کاتن مان حاصل ٿئي ٿي. اِها آمدني (هندستان جي) مرڪزي حڪومت کنيو وڃي ٿي. اسان کي پنهنجي اُن آمدنيءَ مان ڪوبہ حصو پتي نٿو ڏنو وڃي. هن وقت اسان جي مالي صورتحال اِها آهي جو اسان جي صوبائي حڪومت صوبي اندر ٻارن لاءِ لازمي تعليم متعارف ڪرائڻ کان قاصر آهي، بيمار ماڻهن جي علاج ۽ دوا درمل لاءِ ضروري نوعيت جي انتظام ڪرڻ لاءِ اسان وٽ پيسا ناهن، ڇو تہ اسان جي معاشي حالت ڪمزور آهي. اسان جي آمدنيءَ جو وڏو حصو مرڪزي حڪومت کنيو ٿي وڃي. اسان کي پنهنجي آمدنيءَ جي وسيلن مان مرڪزي حڪومت جهڙو ”سفيد هاٿي“ پالڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي....“

جناب محمد عثمان سومري (سنڌيءَ ۾ تقرير ڪندي) چيو: ”اسان وٽ سنڌ ۾ هندو ۽ مسلمان جو ڪوبہ جهڳڙو ناهي. هر ماڻهو سنڌ جي آزادي ڏسڻ لاءِ ماندو آهي. پر، آزاديءَ مان اها معنيٰ بہ هرگز ناهي تہ ڪو اسان جو سنڌ صوبو بلوچستان، پنجاب يا پاڪستان يا ٻين صوبن سان شامل ٿيندو. ائين ڪرڻ جو مطلب سنڌ کي ڪنهن اونداهي کڏ ۾ ڌڪڻ جي برابر ٿيندو، ڇو تہ اهڙيءَ صورت ۾ اسان تي اڪثريت ٻين صوبن وارن جي غالب ٿيندي سنڌ کي آمدنيءَ جا پنهنجا وسيلا ڪافي آهن ۽ تنهن ڪري جيڪڏهن اسين ٻين کان ڌار رهنداسين تہ اهو اسان لاءِ وڌيڪ فائديمند ٿيندو.“

خانبهادر محمد ايوب کُهڙي بحث ۾ حصو وٺندي چيو: ”مسٽر جناح 1940ع ۾ لاهور ۾ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو هو تہ مسلم ليگ قومن لاءِ حق خود ارادیت جي گهر ڪئي آهي. اسين بہ اُها ئي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ برطانوي حڪومت مسلمان قومن... سنڌ ۽ ٻين صوبن جو اِهو مڪمل حق، خود ارادیت وارو حق، تسليم ڪري ۽ نہ اُهو درجو جيڪو هينئر آهي جنهن کي صوبائي خود مختياري، آزاد صوبا، تہ چيو وڃي ٿو پر ڪيترين ڳالهين ۾ اسين مرڪزي حڪومت جا تابعدار آهيون.

اسين مرڪزي حڪومت جي بالادستيءَ کان مڪمل آزاديءَ جي گهُر ڪريون ٿا. نين حالتن تحت مڪمل آزادي، ان کان علاوه باقي جيڪو مسئلو رهي ٿو سو آهي پيادل فوج، هوائي فوج ۽ بحري فوج جو. اُهي معاملا مرڪزي نوعيت جا آهن، جن کي ڪنهن گول ميز ڪانفرنس ۾ بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو. جتي ڪانگريس، مها سڀا جا نمائندا ۽ سڀئي صوبائي ڌريون موجود هونديون ۽ اُهي سڀئي گڏجي ڪنهن نہ ڪنهن قبول جوڳي حل تي پهچي ويندا.“



جناب راءِ گوڪلداس چيو: ”عزت ماب ميمبر جي. ايم. سيد تجويز ڪري ٿو تہ مسلمان مجموعي طور جدا قوم آهن، ۽ اُنهن لاءِ ڌار رياستون (States) هجڻ گهرجن. آءٌ سمجهان ٿو تہ اِهو اِن وقت تائين ناممڪن آهي جيستائين هندستان ۾ آزاد وحدتون قائم نٿيون ٿي وڃن. جيڪڏهن آءٌ انگريزيءَ ۾ چوان اڪاين يا وحدتن جي فيڊريشن (Federation of Units) تہ اُن فيڊريشن لاءِ هوئڻ ئي آزاد اِڪاين جو هجڻ لازم ملزوم آهي... آءٌ اِهو چوڻ ۾ سرهائي محسوس ڪريان ٿو تہ عزت ماب جي. ايم. سيد هندن جي نمائندن کي پڪ ڏياريندي ۽ اهو چوندي تہ ڪيس [يعني جي. ايم. سيد کي] هندو ڌرم تي ڪنهن بہ قسم جي آجوڳ ٽيڪا ٽپڻي يا تنقيد ڪرڻ جي ڪا نيت يا ارادو ڪونهي، اِن کان پوءِ ان تاثر کي ختم ئي سمجهڻ کپي. جيستائين تجويز ڪيل پاڪستان جي نظام جو تعلق آهي، يا جيئن عزت ماب جي. ايم. سيد پاڻ چيو آهي، آءٌ اُن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ چاهيندس. هُو چوي ٿو تہ گڏيل هندستان ۾ هڪ مذهبي فرقيوارن جي اڪثريت هئڻ سبب اُتي استحصالي راڄ قائم ٿيڻ جو انديشو آهي.

اُن ۾، جيستائين آءٌ سمجهان ٿو سندس اشارو هندن جي اڪثريت ڏانهن آهي. پر آءٌ پڇان ٿو تہ سنڌ ۾ صورتحال ڇا آهي؟ هتي هندو نہ پر مسلمان اڪثريت ۾ آهن. ساڳيءَ ريت ڪجهہ ٻين صوبن ۾ پڻ مسلمان گهٽائيءَ ۾ آهن. اُهي پنهنجي لاءِ ڌار صوبن جي گهُر ڪن ٿا جيئن سنڌ ۾، جنهن ۾ سندن حاڪميت هوندي.. تنهن ڪري اِنهن ڳالهين مان فقط اهو ئي ظاهر ٿئي ٿو تہ هن اسيمبليءَ ۾ هيءُ ٺهراءُ محض اِن ڳالهہ جي آڌار تي پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن تہ هن ايوان ۾ مسلمانن کي واضح اڪثريت حاصل آهي، تنهن ڪري کين پڪ آهي تہ اُن قسم جو ٺهراءُ پاس بہ ٿي ويندو. اُهي جيڪڏهن اڪثريت ۾ آهن ۽ ٺهراءُ پاس ڪن ٿا تہ اسان کي ان تي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. پر آءٌ پنهنجي معزز دوست کي اهو ضرور ياد ڏياريندس تہ هڪ طرف تہ پاڻ هندن تي اهو بهتان رکي، چوي ٿو تہ جيئن تہ اُهي اڪثريت ۾ آهن، تنهن ڪري گڏيل هندستان ۾ ٻين تي بہ حاڪميت ڪندا. ٻئي طرف، مسلمانن جي مفاد خاطر هُو اِها ئي ساڳي ڳالهہ اسان جي صوبي سنڌ ۾ دهرائڻ گهري ٿو. کين انهيءَ تي ڪجهہ ويچار ڪرڻ گهرجي. يعني اِهو تہ جنهن ڳالهہ کان پاڻ هندن کي جهلي ٿو يا اُن تي مٿن اعتراض ڪري ٿو اُها ساڳي ڳالهہ هتي مسلمانن جي مفاد خاطر سنڌ ۾ ورجائڻ جو خواهشمند آهي، جيڪو هندن توڙي مسلمانن جو گڏيل وطن آهي.“

بحث جي پڄاڻيءَ تي جناب جي-ايم- سيد اُٿي بيٺو ۽ ھن تمام اھم نُڪتن جي نشاندھي ڪيائين: (1) "عزت ماب راءِ گوڪلداس ميولداس چوي ٿو ته معاملو جيڪڏھن فقط سنڌ جي آزاديءَ جو ھجي ھا، ته اُھا ٻي ڳالھ ھئي. انھيءَ جو مطلب اِھو ٿيو ته پاڻ اُن جي آجيان ڪن ھا، پر ڪين اِن ڳالھ جو اُٻڪو آھي ته مستقبل ۾ سنڌ ڪٿي مثال طور ترڪيءَ سان شموليت نه اختيار ڪري وٺي. ھُو ائين چو ٿو چوي! مستقبل ۾ جيڪو به فيصلو ٿيو اُن جو دارومدار ٻنھي ڌرين [يعني ھندن ۽ مسلمانن] تي ھوندو. اُھي سنڌي ھندو جيڪڏھن اسان تي ڀروسو رکي سگھن ٿا ته اسين گڏجي جيڪڏھن پنھنجي نموني آزاد حيثيت ۾ رھي سگھون ٿا ته ايران ۽ ٽُرڪي پاڻ ۾ شامل نه ٿيا آھن آزاد ملڪ آھن ۽ ڪنھن به ملڪ سان گڏيل رياستي انتظام تحت الحاق يا اتحاد ڪرڻ ۾ پنھنجي مرضيءَ جا مالڪ يا خود اختيار ۽ آزاد به آھن. پر تنھن ھوندي به انھن ائين ناھي ڪيو. ڏکھي دؤر جي تاريخ اھا ڳالھ ثابت ڪئي آھي. مستقبل ۾ ڪھڙا فيصلا ڪيا ويندا، تنھن بابت آءٌ وڌيڪ ڪجھ به چئي نٿو سگھان. مستقبل جا فيصلا ھن صوبي جي عوام جي اُمنگن ۽ مرضيءَ تي ڇڏيل آھن.

"ٻي ڳالھ جيڪا راءِ صاحب ۽ ٻين ميمبرن اُٺاري آھي، سا آھي ملڪي دفاع بابت. سوال اھو آھي ته افغانستان پنھنجي حفاظت ڪيئن ڪري رھيو آھي؟ اسان جو صوبو ته افغانستان جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سکيو ستابو ۽ شاھوڪار آھي. اسان جي صوبي جي آبادي دنيا جي ڪيترين ئي ننڍين رياستن کان گھڻي وڌيڪ آھي. جيڪڏھن دنيا جون ٻيون قومون جيڪي آباديءَ جي لحاظ کان اسان کان ننڍيون به آھن، پنھنجي وطن جي حفاظت يا اُن جو دفاع ڪري سگھن ٿيون، ته پوءِ اسين به چو نه ٿا ڪري سگھون!"

راءِ صاحب گوڪلداس وچ ۾ مداخلت ڪندي چيو: "شاھ صاحب اِھو محسوس نٿو ڪري ته اُھي حاڪم قومون آھن!"

جنھن تي مسٽر گزدر وراڻي ڏيندي چيو: "اسين به ھڪ حاڪم قوم بڻجڻ گھرون ٿا." جناب جي-ايم- سيد پنھنجي تقرير جاري رکندي چيو: "ته پوءِ اچو ته جاگرافيائي ڀَڌي ڪريون. ڪئناڊا، ۽ آمريڪا جي متحد رياستن (USA) جا مثال اسان جي سامھون آھن. اُھي آزاد قومون آھن. ۽ اُھي ھڪٻئي ۾ شامل نٿا ٿين. ميڪسيڪو جو مثال وٺو اُھو ھڪ آزاد ملڪ آھي ۽ ڪنھن پرپاسي واري ملڪ يا رياست سان اتحاد ڪرڻ نٿو چاھي. تنھن ڪري اسان جي لاءِ ڪن مانَ



وارن ميمبرن جو اھڙو خيال يا انديشو صحيح ناھي.

"سائين اسپيڪر صاحب! اِھي لفظ چئي آءٌ پنھنجي نشست تي ويھان ٿو."

اسپيڪر: "ھاڻي آءٌ ٺھراءَ کي راءِ شماريءَ لاءِ پيش ڪريان ٿو."

ڊاڪٽر ھيمنداس واڌواڻيءَ چيو: "آءٌ ٺھراءَ جي حمايت ڪندڙ ۽ مخالفت ڪندڙ ميمبرن جا ووٽ چاھيان ٿو."

اسپيڪر: "آءٌ اھڙي ورھاست جي اجازت ڏيان ٿو..."

"پاڪستان جي ٺھراءَ بابت راءِ شماريءَ جو نتيجو: ٺھراءَ جي حق ۾ 24 ووٽ ۽ مخالفت ۾ 3 ووٽ- ڪل 27 ووٽ."

تڏھوڪي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ ميمبرن جو ڪُل تعداد 60 ھو. پر ٺھراءَ پيش ڪرڻ ۽ اُن تي راءِ شماريءَ واري ڏينھن يعني 3 مارچ 1943ع تي فقط 27 ميمبر ايوان ۾ موجود ھئا. جن مان 24 ميمبرن يعني اسيمبليءَ جي ڪُل ميمبرن جي 40 سيڪڙو ميمبرن، يا ائين ڪٿي چئجي ته اسيمبليءَ جي ڪُل ميمبرن مان ھر 5 ڄڻن مان ٻن ڄڻن ٺھراءَ جي حق ۾ پنھنجو ووٽ ڏنو. ٽن ھندو ميمبرن، جيڪي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ موجود ھئا، ٽن پنھنجي ووٽ جو حق استعمال نه ڪيو جڏھن سندن ساٿي ميمبرن مان اڪثر ڄڻا ڪانگريس پاران شروع ڪيل "ھندستان ڇڏيو" ھلچل ۾ حصي وٺڻ سبب، جيلن ۾ واڙيل ھئا.

پاڪستان جي ٺھراءَ تي ان ڏينھن يعني 3 مارچ 1943ع تي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ جيڪي به تقريرون ٿيون، تن مان واضح طور اِھو ئي نتيجو نڪري ٿي سگھيو ۽ جن به عزت ماب ميمبر صاحبن- ۽ سڀ کان وڌ ٺھراءَ پيش ڪندڙ جناب جي. ايم. سيد پاڻ به- اُن ٺھراءَ تي پنھنجن خيالن جو اظھار ڪيو. تن سڀني جي آڏو سڀ کان وڌ ۽ خاص ويچار جي ۽ چونڊ جي ڳالھ ھڪ ۽ صرف ھڪ ئي ھئي، يعني، سنڌ جي سياسي تشخص جي تسليميءَ جي ڳالھ. ھندستان يا پاڪستان جي اندر يا انھن کان ٻاھر سنڌ جي حقِ آزاديءَ جي ڳالھ، ۽ ڪنھن به طرح مرڪزي سيڪيولر يا اڻ سيڪيولر نظامِ حڪومت ۾ ٻيءَ ڪنھن قوم جي مستقل اڪثريتي بالادستيءَ جي قبولڻ کان انڪار جي ڳالھ. پر افسوس، پاڪستان ۾ وري به 1947ع جي ورھاڱي ۾ اُھائي ناپسند صورت سنڌ تي مڙھجي وَئي، جيڪا 1943ع ۾ پاڪستان جي ٺھراءَ تي ٿيل بحث دوران سنڌ يڪراءِ طور نٿي چاھي.

◉

## تاريخ جو رهجي ويل ڪم

# 1943ع ۾ قانون ساز اسيمبليءَ اڳيان پيش ڪيل ٻہ زرعي بل

[هيٺ ڏنل مضمون جويي صاحب 1943ع ۾ لکيو هو. دراصل مسلم ليگ جي پهرين سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ ۾ 1943ع ۾ هارين جي حقن جي استحصال کي روڪڻ لاءِ ٻہ اصلاحي زرعي بل پيش ڪيا ويا هئا. ڇو تہ ان وقت جي سيٺين ۽ زميندارن غريب هارين ۽ واپارين جون زمينون پاڻ وٽ گروي رکيون هيون. ٻئي طرف قرض جي ڏيتي ليتيءَ ۾ وياج خوريءَ ذريعي کين ڪنگال بڻايو ويو هو. اهڙي صورتحال کي مدنظر رکندي محمد ابراهيم جويي تبصري طور هيٺيون مضمون ان وقت جي انگريزي اخبار فريڊم ڪالنگ ۾ ڇپجڻ لاءِ موڪليو هو پر ڪن سببن جي ڪري شايع نہ ٿي سگهيو. هي اڻ ڇپيل مضمون جو ترجمو آهي. توڙي جو اهو مضمون 63 سال اڳ لکيو ويو هو پر سنڌ ۾ هارين ۽ آبادگارن جي حالت اڄ بہ ساڳي آهي، ۽ هي مضمون پڙهي ائين لڳي ٿو ڄڻ تازو ئي لکيو ويو آهي]

ڪجھ عرصو ٿيو آهي، جو ٻن زرعي بلن تي وڏو تڪرار هلندڙ آهي. ٻئي بل هاڻ راءِ عامہ لاءِ مشتهر ٿيڻ واري عمل مان گذري رهيا آهن. غير ضروري تلخيءَ کان بچڻ خاطر، بهتر ٿيندو تہ جو ڪجھ مانواري ايم. ايڇ. گزدر صاحب ڪيترا ئي مهينا اڳ هندو انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ طرفان مسلم ليگ اڳيان رکيل ٻارهن مطالبن جي جواب ۾ چيو هو، تنهن کي دهرائجي. سنڌ جي مسئلن کي خالص



معاشي مسئلا قرار ڏيندي، هن هندو انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ کي صلاح ڏني هئي تہ ”ڪم جي ڳالھ ڪريو ۽ اسان کي صاف صاف ٻڌايو تہ اوهان کي وڏو فڪر اڪثريت جي وڌ ۾ وڌ ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ جو آهي يا سنڌ جي موجوده صورتحال کي خراب ڪري صوبي جي وڏي تعداد ۾ بکين، اُگهاڙن پورهيتن جي ضرورتن ۽ المين کان اک ٽيٽ ڪري، رڳو پنهنجي برادريءَ لاءِ امتيازي فائدو وٺڻو آهي!“ هيڪر اها ڳالھ صاف ٿي وڃي تہ عوام جو ڪهڙو طبقو اڪثريتي طبقو آهي، اُن جون ضرورتون ۽ ڏک ڪهڙا آهن، ۽ انهن جي وڌ ۾ وڌ ڀلائي ڇا ۾ آهي، تہ پوءِ اها سموري اجائي دليل بازي فورن بند ٿي ويندي، جنهن ۾ ٻيئي ڌُريون بار بار ٽڪرنديون رهيون آهن.

هر باهوش ٿڌي دماغ وارو شخص فوري تسليم ڪندو تہ سنڌ ۾ عوام جو وڏو تعداد 20 لک بي زمين هارين تي مشتمل آهي، ۽ تقريبن سوا لک اُهي ننڍڙا ڪاتيدار بہ آهن (پنجن ڀاتين تي مشتمل هڪ هڪ خاندان، جنهن وٽ سراسري طور ست ايڪڙ زرعي زمين آهي)، جن کي دائمي طرح فاقہ ڪشيءَ ۾ رهڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح هن عوام جي ڪثير تعداد جي وڌ ۾ وڌ ڀلائيءَ جو دائرو، موجوده ڏکوئيندڙ معاشي حالت جي پيش نظر، پڌري پٽ اڪئين پيو ڏسجي. بي زمين هاريءَ جو هڪڙو ئي الميو آهي تہ هن جي سموري واڌو پيداوار جيڪا هو رات ڏينهن محنت ڪري حاصل ڪري ٿو- تنهن ڏينهن جي ساڙيندڙ اُس ۾، سياري جي پاري وارين راتين ۾، پنيءَ اُگهاڙو، سک جو ساهہ پٽڻ بہ جنهن کي نصيب ناهي، اُگهاڙو پيٽ بکيو، انساني زندگيءَ جي بنيادي آسائشن کان محروم، سا ڪانئس اسان جي سماج جي مفت خور پيٽ ڀريلن هٿان کسي ٿي وڃي- يعني استحصال ڪندڙن- زميندار، جاگيردار، ۽ سود خورن هٿان. هوڏانهن ننڍڙن ڪاتيدارن جي شديد شڪايت آهي تہ اُنهن جا ننڍا زمين جا ٽڪرا ايترا تہ غير منافعہ بخش آهن جو جياپو بہ انهن لاءِ هڪ ناقابل برداشت بوجھ بڻجي پوي ٿو- غربت جو ڀوائتو پاڇو هر وقت سندن سر تي ڇانيل رهي ٿو.

ان ڪري هنن ”هٿوراڙيون پائيندڙن، جاکوڙيندڙن، بکن ۾ گذاريندڙن“ جي بچاءُ خاطر ۽ کين مٿي ذڪر ڪيل رت چوسيندڙ انساني صورت واريءَ ماڪڙ کان جان ڇڏائڻ لاءِ پيمانو رڳو هڪڙو آهي، جنهن سان ڏيکاءَ لاءِ پيش ڪيل بلن جي سودمند نوعيت ۽ دائري کي پوريءَ طرح جاچي پرکي سگهجي ٿو. اهو پيمانو آهي زرعي بلن جي انصافي انصاف منظوري.

ان پيماني پٽاندر ٻنهي بلن تي نظر وجهڻ سان، ڪوئي ٻه شڪ نه ٿو ڪري سگهي ته وياج خورن وارو بل، وڏيءَ حد تائين، عام ماڻهوءَ لاءِ سودمند ثابت ٿيندو. وياج خوريءَ واري ڌنڌي تي ضابطي آڻڻ کان پوءِ، يقينن ڪنهن به غاصب واڻئي، مارواڙيءَ يا لالي لاءِ ممڪن ئي نه ٿيندو ته اهو ڪنهن عام ماڻهوءَ جي کل لاهي سگهي، پوءِ اهو ڪنهن وقت سندن ڦندي ۾ ڪٽي ڦاسي به پوي. هن بل جي فيصلي ڪن جواز سان گڏوگڏ، ڪي ٻيون به چند ڳالهيون آهن جيڪي غور طلب آهن. پهرين ڳالهه اها ته ڪاروبار ۾ ڏيتي ليتيءَ کي ڪنهن روڪ ٽوڪ کان سواءِ هلڻ ڏجي. جيڪڏهن انهيءَ بل سان اهي ليڪا چوڪا ۽ وهنوار لولا لنگڙا ٿي پون ٿا ۽ اُنهن ۾ غير ضروري رڪاوٽون پون ٿيون ته پوءِ ان ۾ لازماً ترميم ٿيڻ گهرجي. اها ڳالهه اڳ ۾ ئي مانواري وزيرِ زراعت خود، صوبي جي تاجر طبقي طرفان معقول مطالبي طور تسليم ڪئي آهي. ان ڪري ڪين گهڻو فڪرمند ٿيڻ جي ضرورت ناهي، ڪين پاڻ ئي ڪي موزون ۽ نوس ترميمون ٻُڌائيون آهن، جيڪي بل ۾ شامل ڪري سگهجن.

بهرحال، هڪ ٻيو مسئلو به آهي، جيڪو هن بل جي بنيادي اُصولن خلاف اعتراض نه اُٿاريندي، حل ٿيندو ۽ اهو اسان جي موجوده معاشي مسئلن تي بحث ڪرڻ وقت ذهن ۾ رکيو وڃي. ٿلهي ليکي، هر وڏو زميندار (جملي تقريبن 2000 تعداد ۾)، ٻنئيءَ ۽ ان سان لاڳاپيل ٻين ابوابن سوڌو جيڪا پيداوار جي اڌ کان به گهٽي ٿئي ٿي، اها سندس زمين آباد ڪندڙ تقريباً 250 هارين جي آهي، هو پاڻ هڪڙو سراسري طرح مالڪ ٻڌجي ٿو، در حقيقت ڦٻائي ٿو. هن ناحقي پيدائش جي ايڏي وڏي حصي ڪٽڻ جي باوجود به، هو وياج خورن کان وياج تي قرض ڪٽي، پنهنجن فضول ڪمن بلڪ مجرمانه حرڪتن ۾ وڃائي ڇڏي ٿو جهڙوڪ شڪار، ڪڪڙن جي ويڙهه، شراب نوشي، جوا، پاٿاري هلائڻ، جهيڙا ۽ مقدمي بازيون! انهيءَ ڪري ٻي ڏڙڪ ڇئي سگهجي ٿو ته معاشري کي اهڙي زميندار جي قطعي ڪا ضرورت ڪانهي. سماج جي اهڙي ناسور کي ڇو تحفظ ڏنو وڃي، اها ڳالهه عام ماڻهوءَ جي سمجهه کان ٻاهر آهي.

سموري سماجي ترقيءَ جو راز انهيءَ ڳالهه ۾ لڪل آهي ته هر شهري پيداوار جي اهليت رکي، ۽ پيداوار ڪري به، ۽ سندس پورهيو ڪيس زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون مهيا ڪري ڏيڻ کان علاوه، جياپي جي چند آسائشن ۽ ٻين ثقافتي



خوشين لاءِ به ڪجهه واڌو پيداوار مهيا ڪري ڏيئي سگهي.

اها واڌو دولت ئي، پوءِ اها فردن طرفان هجي يا قومن طرفان، سندن ساري سماجي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي ضامن آهي. قوم جي لکين پورهيتن طرفان ڪٺي ٿيندڙ اها واڌو دولت، جيڪا هڪڙي قسم جو سرچشمو آهي، تنهن سان حڪومتون هلايون ويندڙيون آهن، تعليم جو بندوبست ڪيو ويندو آهي، اسپتالون هلايون ويندڙيون آهن، امن امان برقرار رکيو ويندو آهي.

جيستائين اها گڏيل واڌو دولت اجتماعي قومي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ٿيندي رهندي آهي، سماج انساني تهذيب جي پيماني تي بلنديءَ طرف چڙهندو ويندو آهي. قومي معاملن ۾ جمود تڏهن ايندو آهي جڏهن ترقيءَ جي اها سچي ضمانت يا ته ناڪاره ٿي پوي يا وري ان کي سماج جي چند واندن ڪاهلن تي مشتمل گروهه جي هٿن ۾ ضايع ٿيڻ ڏنو وڃي. جڏهن ڪا قوم ان جمود واري ڏاڪي تي پهچي ويندي آهي، تڏهن ملڪ جو نظام ڏاڍ ۾ بدلجي ويندو آهي، بلڪ ظلم جي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي، جيڪو انهن استحصالي ۽ رت چوسيندڙ ٽولي طرفان اختيار ڪيو ويندو آهي، ته جيئن هو جن کي لُٽيندا ڦُريندا آهن، اهي مايوسيءَ جي عالم ۾، احتجاج طور اُٿي کڙا نه ٿين، ساڻن حساب نه ڪن ۽ ڪانئن وير نه وٺن. انهيءَ شرمناڪ ڏاڍ جي استعمال سان گڏ، هر قسم جا خاموش رکندڙ تصور– مذهب، روحانيت، قومي مصلحت وغيره جي لباس ۾– پورهيتن جي ذهنن تي مسلط ڪيا ويندا آهن ته جيئن اُهي اهڙي صورتحال کي پنهنجي قسمت جو ليک سمجهي رضا تي راضي رهن. ”سڀ ڪجهه خدا جي طرفان هوندو آهي“. انهيءَ جو حقيقي مطلب ڇا به ڪٽي هجي پر سماج جي بيڪار، ڪاهل ۽ استحصالي ٽولي کي اهو گفتو هٿ اچي وڃي ٿو، جنهن کي استعمال ڪري اُهي عوام جي غضبناڪ رخ کي مانو ڪري وٺن ٿا.

اڄ هندستان ۾، خصوصاً سنڌ ۾، جاگيردار ۽ زميندار اسان جي معاشري جو سُست ۽ ڪاهل طبقو آهن. سموري واڌو دولت جيڪا هاري ويچارا وڏيءَ محنت سان اُپائين ٿا سا انهن ڀوتارن جي فضول ۽ اجاين عياشين ۾ ضايع ٿي وڃي ٿي. قوم جون سموريون توانائيون هن زمينداري ادمبر جي ڏيک ۽ ڏهڪاءُ ۾ بند آهن. فقط هڪ ڀيرو اُهو هٽائي پري ڪيو ته اوهين ڏسندا ته اسان جي قوم ڪيئن نه انهيءَ ڏبيل ۽ پستيءَ واري زندگيءَ مان ٻُل ڪائي ٻاهر جياپي ڏانهن اسهي ٿي! اوهين

پوءِ انهن کي ڏسندا ته اهي خوشيءَ وچان ٻهڪندا ۽ گيت ڳائيندا ڪيئن نه اڳتي وڌندا وڃن ٿا. زميندارپ کي وڌيڪ برداشت ڪرڻ بيڪاريءَ ۽ مفت خوريءَ کي هٿي وٺائڻ جي برابر آهي، ۽ انساني پورهئي جي بي قدري ۽ توهين آهي. هر باشعور مرد ۽ عورت، ۽ اهي جيڪي اسان جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي باري ۾ ڪي ڪجهه ڄاڻن ٿا، فورن تسليم ڪندا ته هيءَ غيباڻي ۽ غائباڻي زميندارپ جيڪا بهرحال وِچين دؤر جو جاگيراڻو نظام آهي سا گهڻو گهڻو عرصو اڳ پنهنجي ترقيءَ واري افاديت وڃائي ويٺي آهي. اسان جي قوم جنهن تخليقي توانائين جو مظاهرو ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي،اِها زميندارپ ان کي چٽي ۽ چيپاٽي ٿي.

اِها سچي صورتحال اسان کي زيرِ بحث نام نهاد زرعي بل ۾ به نظر اچي ٿي. اهي جن کي سنڌ ۾ زميندارِيءَ جي گورک ڌنڌي متعلق رڳو ٿورڙي ئي بنيادي معلومات آهي سي مشڪل سان قائل ٿي سگهندا ته "هن بل جي پاس ٿيڻ سان 95 سيڪڙو مسلمان هاري سکيا به ٿيندا ۽ تحفظ به ماڻي سگهندا"، جيئن مانواري ڪي. بي کهڙو جي دعوي آهي. سرڪار طرفان پنهنجي هر قدم يا اُپاءَ لاءِ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. هِن مانواري وزير زراعت کان سنجيدگيءَ سان پڇي سگهجي ٿو ته 95 سيڪڙو مسلمان هارين مان ڪيترو سيڪڙو هارين جي مفادن يا حقن جي "انتقال اراضي بل" سان حفاظت ٿيندي؟ صوبي ۾ رڳو 2000 فرد اهڙا آهن جيڪي پوکيءَ هيٺ آيل زمين سٺ سيڪڙو زير ڪاشت زمين جا مالڪ آهن. تن کي ته بلاشبه هاري چئي نه ٿو سگهجي، انهيءَ سلسلي ۾ ڪين عوام به نه ٿو چئي سگهجي! تلخ حقيقت اِها آهي ته 20 لک عوام مان ڪنهن کي ذرو به زمين جو ناهي. اُهي گهڻو ڪري بار بردار چورن وانگر انهن مٿي ڄاڻايل 2000 مفت سهولتون ماڻيندڙ آبادگارن ۽ زميندارِي ٽولي جي سُک ۽ ڏؤ لاءِ ڪم ڪن ٿا.

گهڻو گوڙ انهن وچٿرن ڪاتيدارن لاءِ به اُٿاريو وڃي ٿو جيڪي نهري زمين في ماڻهو 50 ايڪڙ ۽ باراني زمين في ماڻهو 100 ايڪڙ کان گهٽ جا مالڪ آهن. انهن جو تعداد تقريبن نوَ يا ساڍا نوَ لک (ٻه لک خاندانن) جي لڳ ڀڳ ٿي ويندو. انهن کي تحفظ فراهم ڪيو ٿو وڃي پيو. جي ها، ته انهن کان علاوه، چو آبادگار لفظ کي ڇڪي تاڻي اُن ۾ هڙرادو مفهوم پيدا ڪري، في ماڻهو 2000 ايڪڙ تائين زمين جي مالڪن کي به انهيءَ تحفظ جي فائدي وٺائڻ لاءِ گهلي آندو ٿو وڃي؟



پوءِ ڀلا، خود انهن جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي، جن کي 2000 ايڪڙ کان به وڌيڪ زمين آهي! انهن کي ته سندن خوش قسمتيءَ تي آزاد ئي ڇڏيو ويو آهي! انهن کي رڳو پنهنجا ڪن ڪڙا ڪري ويهڻو آهي ته جيئن ته پنهنجي مسلم ڀاءُ آبادگار کي ٿورڙي ئي تڪليف ۾ ڏسن. ته پنهنجو هٿ وڌائي ان کان ان جو زمين ٽڪرو بنا ڪنهن ٻولي لڳائڻ جي خريد ڪري وٺن. ۽ ٻئي ڪنهن جي ڇا مجال، جو ڪوئي ٻولي لڳائي! هوڏانهن وري، عام وڪري لاءِ موجود سرڪاري زمين جو نيلام ڪيو ويندو ۽ وڏي ۾ وڏو واڪ ڏيندڙ اها هڙپ ڪري ويندو! انهن سؤ کن زميندارِيءَ جي شوقينن کي رڳو تاڙ ۾ ويهڻو آهي، باقي پوءِ زمين مٿان زمين پاڻهي سندن جهول ۾ ايندي ويندي. ڇا 95 سيڪڙو مسلمان هارين کي تحفظ ڏيڻ جو اهو ئي طريقو آهي؟

جيڪڏهن "مختلف انگن اکرن جي اڀياس کان پوءِ"، مانواري وزير زراعت کي اهو معلوم ٿيو آهي ته ماضي قريب ۾ "هندو ۽ مسلم طرفان زمين جي مالڪيءَ جي سيڪڙي ۾ ڪو گهڻو ٿڻو فرق به ڪونهي ٿيو" ته پوءِ انهيءَ بل پيش ڪرڻ لاءِ ڪهڙو جواز پيدا ٿي پيو آهي؟ ڪافي عرصي کان، هي نظريو گهڻي زور سان ڦهلايو پيو وڃي ته هندو تاجر برادريءَ جا سرمائيدار مسلمان آبادگارن جي زمين ڦٻائيندا ٿا وڃن، پر جيڪڏهن تاجر برادري مسلمانن کان زمين نه پئي کسيندي وڃي، ته پوءِ انتقال اراضيءَ بابت اهو ايترو سارو هُل هنگامو ڇو ڪيو ويو آهي! تاجر برادري، هتي سنڌ ۾، ڪنهن نه ڪنهن طرح، هندو ئي آهن. سنڌ ۾ زمين جي ورهاست وارو تناظر، ٻين ننڍين وڏين ڳالهين سميت، مسلم برادريءَ جي راهه ۾ سخت رڪاوٽ بڻيل آهي، بلڪ بڻجندو رهي ٿو ته هو عمومي ۽ تعليمي ترقيءَ جي راهه تي اڳڀرو نه پيا ٿي سگهن، ٻيو ته تجارت ۽ ڪاروبار ۾ به نه ٿا وڌي سگهن. هندو برادري اهڙي ڪنهن به دشواريءَ سان دوچار ڪانه هئي. مسلم زميندار ۽ هاري، بلڪل الڳ الڳ سببن ڪري، زمين کي چنبڙيل آهن. انهن جا مختلف ذرائع آمدني ۽ سندن درميان جيڪي مالڪ ۽ ٻانهي وارا تعلقات آهن، سي ڪين ان فريب ۾ مجبور ڪري رکن ٿا ته وٽن جيڪي ڪجهه آهي ۽ جِتي هُو آهن اُتي ئي خوش آهن. پر اِها زندگيءَ جي هڪ معروضي حقيقت به ته آهي ته مسلمان جن کي زمين سان اهڙو ڪو لاڳاپو ڪونهي تن هندو برادريءَ وارن وانگر واپار ۽ تجارت کي قدرتي طور اختيار به پئي ڪيو آهي. سنڌ ۾ مسلمانن جا ننڍڙا گروهه مثلاً خوجا، بوهري،

ڪڇي، ميمڻ، مارواڙي ۽ ٻيا جيڪي هاڻ واپار سان لاڳاپيل آهن، سي سڀ زرعي ڪاشت مان ڪونہ ڄاڻن، ۽ انهن مان اڪثريت ٻاهران آيلن جي آهي. ديس واسي سنڌي مسلمان تاجرن جو تمام ننڍڙو انگ موجود آهي، (مثال طور سنڌي ميمڻ، خاص طور تي)، جن کي بہ گذر سفر لاءِ نہ ماضيءَ ۾ زمين هئي ۽ نہ وري هاڻي ئي آهي.

انهي صورتحال ۾، جيڪڏهن مسلمان سنڌ ۾ واپار ۽ تجارت کي اختيار ڪري وٺن، تہ پوءِ ڪاشت تي پاڙڻ واري موجوده حالت مان سندن جان ڇٽي پوندي. محض زمين جي نئين سِر بنيادي ورهاست ئي اهڙو ڪم ڪري ڏيکاريندي. زميندار اڄ پنهنجي مفت خوريءَ تي ڏاڍو راضي ۽ خوش رهي ٿو ۽ سندس هاري ويچارو، زميندار طرفان باقاعده نموني معاشي طور هيٺي ڇا بِنهہ پست هئڻ جي ڪري، پنهنجو هَرُ پاسيرو رکي تجارت ڪري ڪونہ ٿو سگهي ۽ شهرن ڏانهن ڏهاڙيون ڪمائڻ لاءِ بہ وڃي نہ ٿو سگهي.

اِن مان وڏيڪ ڄاڻ هيءَ بہ وٺي سگهجي ٿي تہ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جهڙن ترقي يافتہ شهرن ۾ فيڪٽرين، ورڪشاپن ۽ ٻين اُجرتي ڌنڌن ۾ غير سنڌي ئي وڏي انگ ۾ ڇو موجود آهن. پوک جو ڌنڌو سنڌ ۾ موجود ٻئي ڪنهن پورهئي جا امڪان متائي ٿو ڇڏي، خصوصاً جڏهن سنڌ ۾ هٿ پورهئي ۽ جانورن جي زور تي اهو ڪم ڪيو ٿو وڃي، جيئن اوائلي دؤر ۾ ٿيندو هو. بجليءَ ۽ ٻاڦ جا نالا بہ سنڌ جي ڳوٺن ۾ اڃا ٻُڌا ئي ناهن ويا، ۽ هاريءَ سان هَرُ، ريج ۽ لاباري وغيره لاءِ ٻي جان مشين جي استعمال متعلق ڳالهائبو تہ هُن جي ڪجهہ بہ پلئي ڪونہ پوندو. هن جي لاءِ تہ زمين ٽُڪر، هو پاڻ، ڏاندن جو جوڙو ۽ ڪانيءَ جو هر ئي بس ڪارآمد شيون آهن. هر وقت زميندار جي ڌڪاءُ ۽ رعب هيٺ، ذهني طور تي هارپي جي خيال ۾ وڪوڙيل، گهٽ قوت تي گذران ۽ سخت افلاس واريءَ حالت ۾، هاري پنهنجي آسپاس جي حالتن اڳيان بيوسيءَ واري حال ۾ رهي ٿو. تبديليءَ جي خواهش تہ سندس اندر ۾ دم توڙي ئي ڇڏيو آهي. هو غلاميءَ ۾ ايترو تہ جڪڙيل رهي ٿو جو بهتريءَ جون سموريون اُميدون وڃائي ويهي ٿو. ”توڙي جو تون ’روم‘ ويندين، تہ بہ دال، بصر ۽ ٿوم، ئي تنهنجي انتظار ۾ هوندي“، اها ئي ڳالهہ هن جي عقل ۽ ڄاڻ ۾ وينل رهي ٿي. نتيجي ۾ هو پنهنجي ٻنيءَ ۾ پاڻ کي وڌيڪ محفوظ ۽ ٿانيڪو سمجهي ٿو. هو بنان ڪنهن دلچسپيءَ ۽ شوق جي ڍورن وانگر پنهنجي روز مره جي



ڪم ۾ وهندو رهي ٿو. هو دل ئي دل ۾ چوي ٿو: ”گهڻي محنت ڇو ڪريان؟ ڇو زمين کي سنواريان؟ ڪهڙو مون کي ٻيو ڦل ملندو؟“ زمينداري سرشتو هاريءَ کي ڪابہ ترغيب ناهي ڏيندو تہ هو وڌيڪ ڪم ڪري ۽ وڌيڪ پيداوار ڪڍي، ۽ گڏوگڏ ڪنهن ٻئي هنڌ وڃي پنهنجي قسمت سنوارڻ لاءِ هن کي ٻين موقعن جي تلاش کان بہ اُهو روڪي ٿو.

اهڙي برادري جنهن جا 2 سيڪڙو ماڻهو 95 سيڪڙو سان ظلم ۽ زيادتيون ڪن، سندن رت چوسين ۽ کين هميشہ هميشہ لاءِ ويلن تي رهڻ لاءِ مجبور ڪن، ۽ باقي 3 سيڪڙو جنهن جا فرد (جن کي اسين وچون طبقو ڪٺي چئون!) انهن 2 سيڪڙو جا ٻڌا ٻانها ٿي رهن، اِن مان ڪوبہ هرگز اڳتي وڌڻ ۽ خوشحالي ڏسڻ جي اُميد نہ ٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري، سنڌ ۾ زميداري ۽ جاگيرداريءَ جي سرشتي جو خاتمو وقت جي اڻ ٽر ضرورت ٿي پيو آهي، تہ جيئن عوام جو وڏو تعداد جيڪو مسلمانن تي مشتمل آهي، سو زندگيءَ جو لطف ماڻي ۽ تهذيب جي ان ڪاروان کي رسڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪو کين ورهين جا ورهيہ پوئتي رکندو آيو آهي.

ڪنهن بہ قوم ۾ اهڙي قسم جي تبديليءَ جي اشد ضرورت کي نظرانداز ڪرڻ، اُن قوم جي لاءِ موت طلبڻ برابر آهي. ڇا مسلم ليگي زميندارن پنهنجي قوم جي انهن انتهائي خطرناڪ حالتن کي ڌيان ۾ آندو آهي؟ ظاهر آهي تہ نہ، بلڪہ هو تہ چاهين ٿا تہ سندن زميندارپ موجود رهي، باقي سندن قوم برباد ٿئي تہ پلي ٿئي. انتقال اراضي وارو بل ٽڙ تڪڙ ۾ منظور ڪرائڻ لاءِ سندن ڳٽتي سندن طرفان اهڙيءَ پسند جو ثبوت آهي.

حقيقت اها آهي تہ هندو برادريءَ کي زرعي ملڪيت گيريءَ کان خارج ڪرڻ يا مسلمانن کي انهيءَ ڏس ۾ واڌو سهوليتن ماڻڻ واري برادري بڻائڻ جو ڪو سوال ڪونهي. پر هتي تہ معاملو آهي پُراڻي دؤر واريءَ زميندارپ جو جيڪا اڃا بہ پنهنجو وجود قائم رکڻ گهري ٿي. سوين مسلم خاندان اهڙا آهن جن جو زرعي آبادگاريءَ سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. اهي بہ غير آبادگارن جهڙا ئي متاثر ٿيندا. جڏهن ڪابينا جي هڪ بااثر رڪن کان پڇيو ويو تہ اهڙن خاندانن مان پڙهيل لکيل ڪو مسلم بي روزگار نوجوان ڪڙمت ڏانهن رخ رکي تہ؟ اِن تي خار مان وراڻيائين تہ ”مان نہ ٿو چاهيان تہ اهڙا پڙهيل لکيل ۽ باغي نوجوان هارپو اختيار ڪن!“ انهن خدشن جي جواز لاءِ ٿي سگهي ٿو تہ وٽس ٻيون بہ گهڻيون ڳالهيون

اٽڪل 14000، جن وٽ اِن کان وڌيڪ زمين آهي، اُهي يقيناً اسان لاءِ ايترا ڪارائتا نہ ناهن، جو ماڻهن جي هڪ وڏي تعداد کي بک ماريو وجي، جن کي انسان جي ناتي اوترو ئي جيئڻ جو حق آهي جيترو کين!

اِن مان، ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي سامهون هڪڙو سوال ڪڙو ٿئي تہ انفرادي حقن ۾ خانگي ملڪيت واري حق جو ڇا ٿيندو؟ ها، اسين بہ ائين چئون ٿا تہ انهن جو ڇا ٿيندو؟ 95 سيڪڙو کان بہ وڌيڪ پوکي ڪندڙن وٽ اڄ انفرادي حق ڪونهن، نہ وري انهن وٽ ڍانڍن جو جوڙو، جڏي سڏي جهوپڙي، ۽ وڏي ڳالهہ اها تہ، منجهائن هڪ وڏي انگ وٽ ست ايڪڙ زمين کان وڌيڪ ٽڪرو بہ ڪونهي. سندن زندگي اهڙن ماڻهن جي هٿ وس آهي، جيڪي وحشيانہ طرح کين گهٽيو وينا آهن. اڄ انفرادي حقن ۾ ذاتي ملڪيت جي حق جي ڳالهہ ڪرڻ رُڳو 5 سيڪڙو ڏاڍي نہ سگهندڙ اميرن ۽ وڏ گهراڻن وارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ 95 سيڪڙو پورهيت ۽ جاڪوڙيندڙ عوام کي ماڪيءَ ڀريل ماناري طور سندن اڳيان اُڇلائڻ برابر آهي. اهڙا انفرادي حق ڪهڙي ڪم جا آهن جيڪي جوابي فرض کان خالي هجن ۽ اُنهن کي ئي ڏنا وڃن، جيڪي انهن کي ماڻڻ جي سگهہ رکن ٿا؟ انفرادي حق هميشہ اجتماعي حقن جي تابع هوندا آهن، ۽ سماج طرفان رضاڪارانہ طور عطا ڪيل ۽ اُن جي ئي منظوريءَ سان قائم رهي سگهندا آهن. اُنهيءَ ڪري سماج اُهي عطا ڪيل حق واپس کسي وٺندو آهي، جيڪڏهن فردن طرفان انهن جو استعمال مجموعي طور تي قومي ڀلائيءَ ۾ معاون نہ هوندو آهي. پروفيسر هيرالڊ لاسڪيءَ چواڻي تہ "جيڪڏهن سماج شاهوڪارن جي هڪ ننڍڙي انگ ۾ هڪ ويلي تي وقت گذاريندڙ عوام جي جاکوڙيندڙ طبقي ۾ ورهائجي وڃي، جيئن اڄ ورهايل آهي، تہ ظاهر آهي تہ رياست جو نظريو ڪهڙو بہ ڪٽي هجي، اُها هميشہ غريب تر شهرين لاءِ نقصانڪار هوندي آهي، اهي يعني اڪثريتي غريب شهري اُنهن سڀني سهولتن تائين رسي ئي نہ سگهندا آهن، جن سان زندگي آسان ٿئي ٿي. انهن جا گهر نالي ماتر هوندا آهن، سندن تعليم پست معيار واري هوندي آهي. سندن وجود جون حالتون ڪڏهن بہ کين حوصلو ڪونہ بخشينديون، جيڪو مادي سڪون لاءِ لازم ٿئي ٿو." ساڳيءَ طرح ملڪيت جي اُصولن بابت فاضل پروفيسر چوي ٿو، "ملڪيت جا سمورا نظام رڳو انهيءَ حد تائين حق بجانب آهن تہ اهي، پنهنجي دائري ڪار ۾، هر شهريءَ جي هڪ شهريءَ



طور گهٽ ۾ گهٽ ضرورتن جي ضمانت ڏين. انهيءَ ڪري ڪي بہ انفرادي حق اخلاقي طرح درست ناهن، جيڪي انهيءَ ضرورت لاءِ ڪم نہ ٿا اچن، جنهن لاءِ اُهي ڏنا ويا هجن. مون وٽ اهو ڪجهہ جيڪو آءٌ ماڻيان ٿو، اُن خدمت جي عيوض آهي جيڪا آءٌ بجا آڻيان ٿو. سياسي انصاف جي لحاظ کان منهنجي سپرد ٿيل ڪم جي حصول لاءِ ئي منهنجي پورهئي يا ڪوشش جو معاشي قدر آهي. تنهن ڪري ظاهر آهي تہ فرض جي ادائگيءَ کان سواءِ ملڪيت جا حق نہ ٿا ٿي سگهن. مان ملڪيت تڏهن ئي رکي سگهان ٿو جڏهن مان خدمت ڪندو هجان؛ ڪنهن ٻئي جي خدمت جي نتيجي ۾ آءٌ اخلاقي طرح ڪنهن ملڪيت جو مالڪ نہ ٿو بڻجي سگهان. ڪنهن بہ رياست ۾ اهو انصاف ڪونہ چئبو، جو پنهنجن شهرين مان هڪڙن کان ايترو پورهيو ورتو وڃي جو سندن زندگي زهربڻجي پوي ۽ ٻين کي اجازت ڏني وڃي تہ اُهي ان پورهئي تي گذارو ڪن، جيڪو هنن ڪيو ئي ڪونهي."

تنهن ڪري انفرادي حق ۽ ملڪيت جا حق قطعي نہ پر نسبتي ۽ مشروط آهن. ضروري آهي تہ انهن تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن اُهي سماج جي ضرورتن سان ٽڪر کائين تہ اُن صورت ۾ اُهي منسوخ ڪيا وڃن. حقوق جائز هجن، نہ ڪي چورايل؛ حق ڪمايا وڃن نہ غصب ڪيا وڃن. چورايل ۽ غصب حق "گهٽن" لاءِ چٽي بڻجن ٿا ۽ "ٿورن" کي فائدو رسائيندا آهن. اهڙن حقن جي نفوذ لاءِ گهربل امن ۽ سلامتيءَ جي معنيٰ گهٽن کي سندن ضعيفائيءَ ۾ رکڻ ۽ ٿورن کي سندن عيش ۽ آرام لاءِ گهٽن جي دانهن، روڄ راڙي ۽ حملن کان بچاءُ، پر گهٽن کي اُن لاءِ جيڪڏهن زور زبردستيءَ سان ڪچليو ويو، تہ پوءِ اهي هميشہ نت نون طريقن سان پنهنجي ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪندا، ۽ هرگز انهن چند هٿ ڪندڙن جي حقن ۽ سهولتن کي قبولي ماٺ ڪري ڪونہ ويهندا.

تنهن ڪري اهو مطالبو تہ زرعي زمين رکڻ جي حد مقرر ڪئي وڃي، "گهٽن" جي مفاد ۾ اِهو مطالبو ٻيءَ ڪنهن منظوريءَ جو محتاج بہ ناهي. اسان جا زميندار حاڪم ٿي سگهي تہ اُن جي مزاحمت ڪن، ۽ ڪجهہ وقت لاءِ اُن کي اُڇلي بہ ڇڏين، پر ان جي اَڻ ٽَر ضرورت کي نہ تہ منسوخ ڪري سگهن ٿا ۽ نہ ئي وري اُن جي اهميت کي گهٽائي سگهن ٿا. اوهين ڏوهن کي ڪيئن روڪي سگهندا، اوهين تعليم ڪيئن ڦهلائي سگهندا، اوهين زمين جي پيدوار ۾ اضافو ڪيئن آڻيندا، ۽

اوهين عوام جي ثقافتي سطح ڪيئن بلند ڪندا. جيڪڏهن اوهين چند ڏاڍن مڙسن ۽ نڪمن کي عوام جي مجموعي ڪمائيءَ جو اڌ اڌائي ڇڏڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏيندا! پيو ته اوهين ڪيئن سدائين پنهنجي ڪانيءَ واري هر ۽ ڏاندن جي جوڙي تي راضي رهيا ويٺا هوندا! زنگ ورتل هر جي جاءِ تي ڪيئن اوهين سائنسي، مشيني زراعت متعارف ڪرائيندا. جيڪو اوهان جي ماڻهوءَ کي هزارن سالن کان پنهنجي پنيان گهليندو پئي رهيو آهي ۽ اِن طرح اهو اڄ به اوهان جي ان ماڻهوءَ جي ايڏيءَ پستيءَ ۽ غلاميءَ جي علامت بڻيو بيٺو آهي!

جيڪڏهن اسان جا جاگيردار ۽ زميندار اڄ به پنهنجن هارين جي واڌو پيداوار ٽريڪٽرن ۽ ٻنين تي جديد مشيني اوزارن کي جاري ڪرڻ لاءِ خرچ ڪن. ته به هوند سندن وجود جي سماجي اِفاديت هو گهٽيءَ حد تائين ثابت ڪري ٿا سگهن. پر هنن قومي دولت جي خود ساخته نگرانن مان اِهڙيءَ ڪنهن مفيد ڳالهه جي اُميد ڪرڻ به ڄڻ ٻبرن کان ٻيرَ گهرڻ آهي.

هڪ دفعي لينن کان پڇيو ويو ته روس ۾ سوشلزم ڪهڙيءَ شڪل ۽ صورت ۾ هوندو. هُن هڪدم جواب ڏنو ته ”روس جي ڳوٺن کي روشن ڪرڻ سان!“ بجليءَ جي توانائيءَ ۽ گرميءَ سان بلاشبه رجعت پسندي، توهم پرستي ۽ جهالت دور ٿي وڃي ٿي. ان وقت جو تصور ڪريو جڏهن سنڌ جو هر ڳوٺ، جيئن اڄ آهي، ائين گند ڪچري، مچرن هاڻن ڇيڻن مان ڦري، ويهين صديءَ لائق انساني آباديءَ لاءِ موزون ۽ سڪائتو هنڌ بڻجي پوندو ته اڄ اهو تصور محض خيال پسندي ۽ خيالي پلاءُ سمجهيو ويندو، پر انهيءَ شاندار مستقبل ۽ اسان جي عوام جي موجوده دکدائڪ زندگيءَ جي وچ ۾ سواءِ زندگيءَ جي هڪ دقيانوسي، مدي خارج ۽ اڏوهي کاڌل سماجي معاشيات جي نظام جي، ٻي ڪابه رڪاوٽ ڪانهي. جنهن کي به صديون اڳ دنيا جي هڙني مهذب ملڪن اُڇلائي ڦٽو ڪري ڇڏيو هو.

اسان جو 95 سيڪڙو آبادگار عوام اڄ به پنهنجي اوائلي پيشروئن واري هنڌ تي بيٺل آهي. اوهين ڪڏهن به پنهنجي جهوني ۽ هڪ هنڌ ڄمي بيٺل ماضيءَ ذريعي زندگيءَ جي ترقي پذير حال کي نه پڄي سگهندا. سياسي مصلحتن لاءِ ته ائين چوڻ به غلط ڪونهي ته اسان تي زميندار، جاگيردار، تعلقيدار ۽ انگريزن جون مڙهيل ”دائمي آبادڪاريون“ ۽ اُهي انساني تهذيب تي داغ جن کي هندستاني رياستون چيو وڃي ٿو سي به اسان تي اُنهن غير ملڪين طرفان ٿي مڙهيون ويون



آهن. پر ڇا، هندستان جون هتراڏو سڏيل ٻه قومون، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ٻن ”عظيم“ سياسي تنظيمن طرفان کين رهنمائي مليل آهي، تن ۾ ڇا نيتن جي ٻه هڪجهڙائي آهي، جو دنيا جي پاروٿي دؤر واريون پنهنجون اهي غير انساني علامتون ڪيڍي ٻاهر اُڇلائين. الميو هي آهي ته انهن جي اهڙي ڪا نيت به ڪانهي. ايم. ڪي گانڌي پنهنجي سچي ”روحاني“ قوت سان انهن سان مقابلو ڪندو، جيڪي اميراڻي راڄ جو خاتمو ڪرڻ چاهيندا، ۽ مسلم ليگ، خصوصاً سنڌ ۾، زميندار اشرافيه تي مشتمل آهي، ۽ باقي هندستان ۾ به نوابيون ۽ تعلقيداريون سندن قيادت جا خاص مفاد آهن. پاڪستان ۽ سوراڄ متعلق انهن جا نظريا راز بڻيل آهن. پنهنجين چالاڪين ۽ زباني دمن دلاسن جي مدد سان هو آدمشماريءَ جي بمشڪل 5 کان 10 سيڪڙو آواز اُٿاريندڙ طبقي تي پنهنجي زوردار گرفت رکن ٿا، ۽ انهن جوشيلن اقليتن ذريعي نڱيل عوام کي پنهنجي سڳي ڏاڳي ۾ رکن ٿا. سندن سوراڄ ۽ پاڪستان اسان جي لکين پورهيتن لاءِ ڇا ڪٽي ايندا. سو اسان کي ناهي ٻڌايو ويو. جيڪڏهن هندستان جي آزاديءَ جو رڳو اهو مطلب آهي ته ”گورن“ کي گم ڪري انهن جي جاءِ تي ”سانورا“ مقامي آقا رکيا وڃن. ته پوءِ اهڙي تبديلي هندستان جي هيڏي ساري عوام خاطر، محض ”محلاتي تبديليءَ“ جي برابر هوندي. ماضيءَ ۾ حڪمران آيا ۽ ويا پر هندستان جون ”ثقافتون“ ماضيءَ کي حال سان سلهاڙي رکڻ لاءِ ڪانيءَ واري هَرُ ۽ اوائلي چرخي جون علامت ٿي رهيون. سندن دقيانوسي ”قوم پرستي“ - ۽ ”فرقي پرستي“ ٻيئي- پنهنجن پنهنجن ”وجداني ۽ لافاني ذهنيت“ تي فخر جون دعويدار آهن. جيستائين اِهو ماضيءَ تي فخر ڪرڻ وارو رويو موجود هوندو، تيستائين هندستان جو عوام اهو مرتبو ماڻڻ جي اُميد نه ٿو رکي سگهي، جيڪو جديد سائنسي فروغ، همعصر مهذب انسانذات جي شانه بشانه کين به آچڻ لاءِ امڪان جي دائري ۾ جهليو بيٺو آهي.

اُهي جيڪي سماج جي بوسيده نظام کي چهٽيل آهن، سي تاريخ جو هڪ وڏو سبق وسارين ٿا. ڪابه شيءِ، جيڪا پنهنجي اصل ۾ جياپي جي اهل ناهي سا ڪنهن به ڊگهي عرصي لاءِ ناڪام هتراڏو طريقي سان نه ٿي هلي سگهي. دلدوز الميو سو هيءَ آهي ته اسان جي سنڌ اسيمبليءَ جي ڪشاده ذهن مجلس قانون ساز اڄ اهڙيءَ ٿي عقلي سگهه وارا ڪرتب ڏيکارڻ ۾ رُڌل آهي. اسيمبليءَ جي 60

ميمبرن مان 50 ميمبر جيڪي پاڻ زميندار ۽ جاگيردار آهن، تن مان ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي اُميد بہ نہ ٿي ڪري سگهجي. اهي يقينن ممڪن ڪوشش ڪندا تہ سندن ”دل کي گرمائيندڙ ۽ آرام ڏيندڙ“ ذاتي مفادن جو تحفظ ٿئي. ڪابہ شيءِ، جيڪا جنهن وٽ آهي اُن لاءِ سک ۽ طاقت جو مفهوم رکي ٿي، هو انهيءَ کي سر ٽوڙ ويڙهہ وڙهڻ بنان مشڪل سان ڇڏيندو. تہ پوءِ اسان جا زميندار قانون ساز ميمبر، ائين ڇو نہ ڪن؟ اهو ئي سبب آهي جو ”هارين ۽ ننڍين ڪاتيدارن“ جي نالي ۾ دونهون اُٿاري پنهنجي زمين کي، توڙي جو وڏي کان وڏي زميندار جي ئي ڇو نہ هجي، هر ميريءَ اک کان ڇو نہ الڳ ۽ محفوظ رکن- نہ رڳو ايترو پر، اهڙي صورتحال جي پيدا ڪرڻ جي جستجو ڪن، جو سندن زمين وڌندي ويجهندي ئي رهي، تان جو منجهائن ويهارو کن ڄڻا سنڌ جي سڄيءَ زمين جا مالڪ ٿي وڃن!

اِن ڪري هڪ دفعو وري تاڪيد سان چئجي ٿو تہ مسلم يا هندو برادريءَ جي هتي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي، ۽ نہ منجهائن ٻن ڪن ”جانباز سپہ سالارن“ يا ”ٽاور ڏانهن موڪلجڻ“ جهڙن ڪنڌارن ۽ مُکين جي ڳالهہ آهي، ڇو تہ جيڪڏهن مسلم زميندارِيءَ جي 75 سيڪڙو زمين کي تحفظ ڏيڻو آهي، تہ پوءِ 25 سيڪڙو ساڳيءَ طرح وارن هندو زميندارن جي زمين کي پڻ اُنهيءَ طرح تحفظ ملي ويندو. اها ڳالهہ دلچسپ بہ آهي تہ معلوماتي بہ، تہ ڪنهن بہ هندو زميندار هن بل جي مذمت ڪندي مسٽر نهچلداس جي آواز سان آواز ناهي ملايو تہ اهو هندن لاءِ ”ڪارو“ ۽ مسلمانن لاءِ ”ڳاڙهو“ يا ”اڇو“ آهي. جڏهن دنياوي مفادن جو سوال اُٿي ٿو تڏهن سموريون مذهبي ۽ فرقيوارانہ وفاداريون ملڪيتدار طبقي وارن جون چپ چاپ ۽ خبرداريءَ سان پاسيريون رکجي وڃن ٿيون. اهو مذهب ۽ ڌرم جي فرق وارو سندن جهڳڙو عنقريب پرڪجڻ وارو ئي آهي. هارين جي ٽيننسي رائيٽس واري بل کي، انتقال اراضيءَ واري بل جي مقابلي ۾، ٻئي درجي جي اهميت ڏيڻ کان پوءِ، گهٽي دير ٿي وڃڻ جي ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اسيمبليءَ جي ٻئي اجلاس ۾ ان کي آندو وڃي. دنيا ڏسندي تہ ڪهڙا اتحاد مضبوط ٿين ٿا- ملڪيتداري مفادن وارا يا فرقيوار متاڇرائيءَ وارا! سيني زميندارن- هندن ۽ مسلمانن- کي متحد ڪرڻ لاءِ هن ايندڙ بل جي مخالفت جي بنياد تي تحريڪون تہ اڳ ۾ ئي اُٿيل آهن. ڪجهہ معاهدا ۽ وعدا وعيد اڳ ئي ڪيل نظر اچن ٿا. اسان کي هن مسئلي تي ٿي سگهي ٿو تہ هڪ ٻئي وزارتي بحران مان گذرڻو پوي.



زميندار مان هيءَ اُميد رکجي تہ هو اهڙو ساڃهہ وند ۽ ايثار جو جذبو رکندڙ ٿي ڇوي تہ ”ٺيڪ آ، مان مفت خور ٿيڻ نہ ٿو چاهيان، مان پنهنجا 30 ايڪڙ پاڻ پنهنجن هٿن سان کيڙيندس! ٻيا پلي پنهنجا 30 ايڪڙ پاڻ کيڙين ۽ پنهنجي پورهئي جو پورو پورو لاڀ ماڻين!“ اِنهي ڳالهہ جي منجهائن توقع رکڻ يقينن حماقت هوندي. اها ڳالهہ خود خياليءَ کان تِر نہ گهٽ هوندي نہ وڌ.

پر اسان جي ڏرتيءَ جي انهن ”پوتارن“ جو داخلي رويو ڪهڙو بہ ڪٺي هجي، اُهي تبديليون جيڪي تاريخي خيال کان مجموعي طرح سماج جي وڌيڪ ترقيءَ لاءِ ضروري آهن، سي ضرور ايندڀون. مشين جيڪا خراب ٿي پئي هجي، تنهن کي کولي ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ يا وري اُن جي جاءِ تي بلڪل نئين لڳائڻ، روز مره جي گهرج يا بنهہ هڪ راند ٿي پئي آهي. هر ڪوئي اهڙي ڪم جي آجيان ڪري ٿو. پر جڏهن سماج وند- معاشي جوڙجڪ کي ٺيڪ ٺاڪ ڪرڻ جي ڳالهہ اچي تڏهن مفاد پرستن کي باهہ ٿي وٺي وڃي. پر اهڙن مفادن جو احساس ڇا آهي، ان کان قطع نظر، تبديليءَ جي دائمي ۽ بي رحم قانون کي لازماً پنهنجي راهہ وٺڻي پوي ٿي ۽ وٺڻ گهرجي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ، مسٽر جناح انهن زميندارن ۽ سيٺين کي تنبيهہ ڪندي ٻڌو ويو هو جيڪي سندس نظر ۾ ان نظام ذريعي اسان جو رت چوسي وڏيا ويجها آهن، جيڪو وٽن وڃي ڪارو ڪِٽُ بہ ٿيندو رهي ٿو. پنهنجي نقطي تي زور ڏيندي هُن چيو تہ ”مون تي يقين ڪريو تہ مون انهن کي ڏٺو آهي. اسان جا اهڙا لکين ماڻهو آهن جيڪي هڪ ويلو هڪ ماني بہ مشڪل سان ٿا کائين. ڇا اِها تهذيب آهي؟ ڇا اِهو پاڪستان جو مقصد آهي؟ جيڪڏهن پاڪستان جو نتيجو اِهو ئي نڪرڻو آهي، تہ پوءِ مون کي اهڙو پاڪستان نہ کپي. جيڪڏهن اِهي زميندار ۽ سيٺيون عقلمند آهن، تہ اُنهن کي زندگيءَ جي جديد حالتن سان پنهنجو پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن هُو اِئين نہ ڪندا، تہ پوءِ خدا سندن ساٿي آهي. اسين سندن حمايتي ڪونہ ٿينداسين.“

سماجوند- معاشي نظام ۾ تبديليءَ ڪانپوءِ لازماً يا تہ ڍِلو ۽ ماٺيٺو عمل ظاهر ٿئي يا وري ٿي سگهي ٿو تہ نتيجي ۾ اوچتو ۽ شايد ڪو سرخ انقلاب ئي اُڀري سامهون اچي.

سماج کي ارتقائي مرحلن مان گذرڻ گهرجي. ناڪاميءَ جي صورت ۾، اهو

انهن قوتن خلاف اُٿي ڪڙو ٿيندو، جيڪي اُن کي ترقي ڪرڻ کان روڪين ٿا ۽ گهُٽين ٿا. مسٽر جناح، ائين ڪٿي چئجي ته هڪ پيرو بلڪ هڪڙي پيري لاءِ ئي، تبديلي جي ٻيءَ صورت کان به گهبرايل ڪونهي! هو عوام کي آزاريندڙن جي مدد نه ڪندو. جڏهن مٿن ڪئي جو ڪيتو لوڙڻ جو وقت آيو ۽ پوءِ هو ان ڳنڀير ڊرامي ۾ ڪٿي هڪ تماشبين جو ڪردار ئي ادا ڪري! پر جيڪڏهن امير حڪمران طبقي جي حق ۾ مجموعي طور تي اهڙي قسم جي شيءِ ”گورُ ڍڳي کي ڏيڪارجندڙ ڳاڙهي ڪپڙي“ کان به بدتر آهي، ته پوءِ اُهي پاڻ پنهنجي ذاتي مفاد خاطر ئي، سماج کي اُن آزاد ۽ فطرتي تبديليءَ جو مزو ونڻ ڏين ۽ پنهنجي آئت لاءِ ئي، اُن کي ارتقا چون، توڙي جو اهو انقلاب ئي ڪٿي چونه هجي، ته اِها ڪهڙي نه بهتر ڳالهه ٿي پوي!

مسٽر جناح جي سوال جي جواب ۾: ”ڇا پاڪستان جو مقصد اهو ئي آهي؟“ سامعين طرفان ”نه، نه...“ جون رڙيون ٻُڌڻ ۾ آيون. حيرت ٿئي ٿي ته ڇا اسان جي سنڌ مسلم ليگ جي وزيرن به اُنهن رڙين ۾ حصو ورتو هو. پر، سچ ته اِهو آهي ته اُن قبيلي جي ماڻهن کي برداشت ڪرڻ يا برقرار رکڻ جي آرزو رکڻ وارا، جيڪي پنهنجي فرقيوار سياست سان لکين بدنصيب مسلم هارين جو رت چُوسي ٿلها متارا ٿا ٿيندا وڃن، تن کان ڪوبه اهڙو اشارو ڪونه ٿو ملي ته هو پاڻ کي زندگيءَ جي جديد حالتن جي تقاضائن موجب هم آهنگ بڻائڻ لاءِ تيار آهن. اُنهن ليکي اِها في الحال رڳو سنڌن ڪني ۽ بدنظام کي قائم رکڻ جي هڪ هوائي ۽ وقتي ڪوشش تي ٻڌل ڳالهه هئي، جا مسٽر جناح ڪري ڇڏي هئي!

اِنهي صورتحال ۾، سنڌن ”جاڪوڙيءَ، هٿوراڙيون هڻندڙ فاقا ڪٽيندڙ عوام“ لاءِ گاهي گاهي اُٿندڙ آواز رڳو هڪ ڪوڪلو هُلُ هوندو آهي. مسٽر شيخ عبدالمجيد به وڏي واڪ الله بخش وزارت تي رشوتن جي الزامن جي پرمار لائي ڏني هئي، ۽ اُها وزارت هٽائي به وئي آهي. موٽ ۾ مسلم ليگ تي به ساڳيا سنگين الزام هنيا ٿا وڃن پر هيلتائين ليگ جي جوانمردن جي ڇپن مان ڪابه پٽڪ سنڌن وزارت خلاف نڪرندي نه ٻڌي وئي آهي. مانواري ايم. ايڇ گزدر جو هندو انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ کي للڪاري چوڻ ته ”ڪم جي ڳالهه ڪريو“، ٿي سگهي ٿو ته اُها للڪاري وڌيڪ معقول ۽ سنجيده طريقي سان اڄ يا سڀاڻي سنڌ جي زميندار اشرافيه سان سنڌن خطاب دوران ٻُڌڻ ۾ اچي. پر اُها پارٽي پاڻ به ته هاڻ جوشيلي انداز ۾ مسلم ليگ جي عشق ۾ گرفتار ٿي وئي آهي.



مسلم ليگي زميندار ڇا ٿا چاهين؟ ڇا هو وقت سان گڏ هلڻ چاهين ٿا؟ جيڪڏهن ها، ته پوءِ ڪين ٿورو سوچڻ گهرجي. هزارين ايڪڙ زمين رکڻ جو ڪين ڪهڙو خصوصي حق آهي، جڏهن ته انهن ئي جهڙن ٻين انسانن کي زمين جو هڪڙو انچ به ڪونهي؟ ائين ڇو آهي، جو جيڪي ٿورڙو به پورهيو ڪونه ٿا ڪن پر سڀ آسائشون ماڻين ٿا ۽ مزن ماڻڻ لاءِ سموري دولت هٿن ۾ اٿن. جڏهن ته اُهي جيڪي انساني روبوٽ وانگر پنهنجي ساري ڄمار لوڙين ٿا، سي سچ پچ ته جانورن واري زندگي گذارين ٿا؟ ڪين پنهنجي خلوص ۽ رضامنديءَ سان سماجي تبديلين لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي، ۽ ڪين گهرجي ته پنهنجي املاڪ کي جيتري قدر هو مناسب سمجهن، اوتري تائين محدود ڪرڻ لاءِ بل اسيمبليءَ ۾ پيش ڪن. ڪين هڪڙي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جيڪا زمين هو رکيو ويٺا آهن، تنهن لاءِ هنن ڪوبه پگهر ڪونهي وهايو. اها زمين سنڌن وڏن پنهنجي قوم سان غداريءَ يا ملڪ سان دوکي جي انعام ۾ انگريزن کان حاصل ڪئي هئي، يا وري پنهنجي قبيلي جا جيڪي ماڻهو سنڌن اثر ۾ هئا، تن کي ضابطي ۾ رکڻ لاءِ ڪين ملي هئي، ته جيئن، سنڌن آقائن ۽ محسنن جي راڄ جو خاتمو نه ٿي وڃي. منجهائن هر ڪو پنهنجو پنهنجو معافي نامو، آفرين نامو بخشش نامو وغيره کولي، ۽ ڏسي ته هن پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت بجاءِ ڪيترو نه نقصان ڪيو هو! سرڪاري رڪارڊ رومن ۾ اڄ به هو معتبر اُهو رڪارڊ ڏسي سگهن ٿا. سنڌن وڏن جي مٿي ڇاٽايل ”نيڪ“ يادگيرين سان گڏوگڏ، اُتي انهن جي ڪن هيٺن ڪرتوتن جا به ثبوت موجود آهن. ڪين اهي ڳالهيون وري ياد ڪرڻ گهرجن، جڏهن هو پاڻ وٽ زمين رکڻ لاءِ مناسب حد مقرر ڪن. ائين جيڪڏهن هو 100 ايڪڙ حد مقرر ڪندا، ته منجهائن رڳو 14000 متاثر ٿيندا، جڏهن ته 500 سان رڳو 700 ڄڻا متاثر ٿيندا!

## 1854ع ۾ هڪ ريڊ انڊين قبيلي ـ سِياٽِل جي سردار جو آمريڪي صدر جي نالي هڪ خطاب

# اسين پنهنجي ڌرتيءَ جو سودو نہ ٿا ڪري سگهون

واشنگٽن جي فرمانروا! اسان کي چوارائي موڪليو آهي تہ هُو اسان کان اسان جي ڌرتي خريد ڪرڻ ٿو گهري. هُن اسان جي قبيلي جي ماڻهن لاءِ پنهنجي دوستيءَ ۽ نيڪ نيتيءَ جي جذبن جو اظهار پڻ ڪيو آهي. اها سندس مهرباني. اسين اها ڳالهہ پليءَ پت ڄاڻون ٿا تہ کيس اسان جي دوستيءَ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. پر پوءِ بہ اسين سندس اهڙيءَ آڇ تي ٿڌيءَ دل سان سوچينداسين. ڇوتہ اسين اهو بہ ڄاڻون ٿا اسان جيڪڏهن ڪين پنهنجون زمينون نہ بہ وڪڻي ڏنيون، تڏهن بہ گورا بندوقون کڻي ايندا ۽ اسان کان اسان جون زمينون زوريءَ کسي وٺندا.

اوهين ڌرتيءَ ۽ آڪاس جي گرمائش کي ڪيئن ٿا وڪڻي يا خريد ڪري سگهو؟ اها ڳالهہ ئي اسان لاءِ عجب جهڙي ۽ پوائتي آهي. هوا جي تراوت ۽ پاڻيءَ جي اڇ جيڪڏهن اسان جي ملڪيت ئي ناهن تہ پوءِ اهي اسان کان اوهين ڪيئن ٿا خريد ڪري سگهو؟

هن ڌرتيءَ جو هر گوشو هن مٽيءَ جو ذرو ذرو اسان جي قبيلي وارن لاءِ مقدس شيءِ جي حيثيت رکي ٿو. ديال جي هر وڻ جا نوڪدار، چمڪدار پن، سمنڊ جو هر واريا سو ڪنارو، گهاٽن ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ ڇانيل ڌنڌ. اُنهن جي گهاٽي ٿڌي ڇانوَ



هن ڌرتيءَ جو هر ميداني علائقو ۽ ڀُون ڀُون ڪندڙ پونئر ۽ پُٽ پُٽ ڪندڙ پوپٽَ، هر جيت جنٽيو اسان لاءِ مقدس آهي. وڻن جي ٽارين ۽ پنن ۾ جيڪو رَسُ گردش ڪري ٿو سو اسان جي قبيلي جي ماڻهن جي ياد ۽ تجربي موجب اسان ڳاڙهن انڊين لوڪن جي يادگيريءَ جو دفتر آهي.

گورا ماڻهو مرڻ پڄاڻان پنهنجي جنم ڀوميءَ کي وساري ويهن ٿا. اسان جا ماڻهو مرڻ کان پوءِ بہ هن سدا ملُوڪ سُهڻي ڌرتيءَ کي نہ ٿا وسارين. ڇوتہ اها اسان ڳاڙهن لوڪن جي جيجل ماءُ آهي. اسين هن ڌرتيءَ جو جُز آهيون. اُن جا حلالي پُٽ آهيون ۽ اها اسان جو جُز آهي. هن چمن جا سهڻا ساهہ سيباڻا گلَ، من موهيندڙ خوشبوئن ڀريل اسان جا ڀائر آهن. هرڻيون، گهوڙا، عظيم عُقاب وغيره. انهن سڀني کي اسين پنهنجا ابي امان ڄاوا سمجهون ٿا. پهاڙن جون بلند چوٽيون، چراگاهن جي ماڪَ، گهوڙن جي جسم جي گرمائش ۽ ماڻهو ـ اسين سڀئي هڪ ڪٽنب آهيون.

تنهن ڪري واشنگٽن جي سردار جڏهن اسان کي اهو چوارائي موڪليو تہ هُو اسان جون زمينون ڳنهَڻ گهُري ٿو تہ ڄڻ تہ هُن اسان کان گهڻو ڪجهہ گهري وَرتو آهي!

هُن اهو بہ چوارائي موڪليو آهي تہ هُو اسان جي رهڻ گهڻ لاءِ ڪجهہ علائقو مخصوص ڪرائي ڇڏيندو تہ جيئن اسين اُتي، اُن علائقي ۾ آسودگيءَ سان رهي سگهون. سندس تجويز موجب اُن علائقي ۾ رهڻ سان اسين سندس رعايا ٿي ويندا سون ۽ هُو اسان جو سردار هوندو، مالڪ هوندو.

زمين جي خريداريءَ يا اُن جي وڪري بابت اوهان جي تجويز تي اسين سوچ ويچار ڪنداسون. پر اهو معاملو ايڏو ڪو هلڪو يا سؤڪو ڪونهي. ڇوتہ اسان لاءِ هيءَ ڌرتي مقدس آهي. نهرن ۽ درياهن ۾ وهندڙ جرڪندڙ ۽ چلڪندڙ پاڻي محض رڳو پاڻي ئي ناهي پر اهو اسان جي نظر ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن جي رت مثل آهي. جيڪڏهن اسين ڪنهن مجبوريءَ هيٺ پنهنجي هيءَ ڌرتي اوهان کي وڪڻي بہ ڪڍي ڏيون، تڏهن بہ ياد رکجو تہ اها مقدس آهي ۽ اوهين پنهنجي اولاد کي اِهو ضرور ٻڌائجو تہ ”هيءَ ڌرتي مقدس آهي.“

ڍنڍن جي اُجري جَر ۾ نظر ايندڙ هر هڪ ڌنڌلو پاڇولو منهنجن ماڻهن جي يادن ۽ انهن سان لاڳاپيل واقعن جو داستان ٻڌائي ٿو. درياهن جي وهندڙ پاڻيءَ جي گڙگڙاهٽ ڄڻ تہ منهنجي بزرگن جي آوازن جو پڙاڏو آهي.

درياهہ اسان جا همراهہ آهن، ساٿي آهن. اُهي اسان جي اُڃ اُجهائين ٿا، اسان

جون ٻيڙيون اُنهن ۾ ترن ٿيون. اُهي اسان جن ٻچن جي کاڌ خوراڪ، پيٽ گذر ۽ جياپي جو ذريعو آهي. جيڪڏهن اسين پنهنجون زمينون اوهان کي وڪڻي به ڏيون تڏهن به اها ڳالهه ياد رکجو ۽ پنهنجن ٻچن کي ٻڌائجو ته درياهه اسان جا ساهه آهن ۽ اوهان جا به. ۽ اڄ کان پوءِ اوهين به درياهن کي اُهائي شفقت ڏجو جيڪا اوهين پنهنجي ساهه کي ڏيندا آهيو.

ريڊ انڊين قبيلي جي ماڻهن اڳرائي ڪندڙ ۽ اڳتي وڌندڙ گورن اڳيان سدائين ائين ڀاڄ کاڌي آهي، جيئن صبح جي وقت اڀرندڙ سج جي ڪرڻن اڳيان ڀهاڙن جو ڌنڌ غائب ٿي ويندو آهي. پر اسان جن اَبن ڏاڏن جي رک مقدس آهي. انهن جون قبرون اسان لاءِ مقدس مقام آهن ۽ بلڪل اهڙيءَ ئي ريت هي جبل. هي وڻ، ڌرتيءَ جو هيءُ حصو جنهن تي اسين رهون ٿا. اسان لاءِ مقدس آهي. اسين ڄاڻون ٿا ته گورا اسان جي روايتن کان اڻ واقف آهن. انهن جي نظر ۾ زمين ته مڙيئي زمين آهي. سندن نظر ۾ زمين به جڻ خريد ۽ فروخت ٿيندڙ ڪا شيءِ آهي. زمين جو ٽڪرو يا حصو يا ڪو علائقو ڪنهن ٻئي علائقي جهڙو ئي محض ڪو زمين جو ٽڪرو يا علائقو آهي. ڌرتيءَ، ماءُ جهڙي املهه، مقدس ۽ ٻاجهاري وستوءَ سان سندن اها روَش فقط ان ڪري آهي، جو اُهي اُن جي افاديت کان اڻ واقف آهن. ڪين ڪهڙي خبر ته ڌرتيءَ جو رشتو ڇاڪي ڇئبو آهي؟ اُهي ته اُن اجنبيءَ يا سَت ڌارئي ماڻهوءَ وانگر آهن، جيڪو رات جي اونداهيءَ ۾ ڪنهن چور وانگر اچي ٿو ۽ زمين مان ڪيس جيڪي ڪجهه وڻي ٿو سو چني وٺي ٿو. اُن جي نظر ۾ ڌرتي سندس سَرتِي نه پر ڄڻ ته سندس ڪا دشمن هوندي آهي. هُو اُن سان ويريءَ وارو ورتاءُ ڪري ٿو ۽ جڏهن اُن کي فتح ڪري پنهنجي زير پا ڪري ٿو وٺي ته پوءِ وري ڪنهن ٻيءَ ڌرتيءَ کي فتح ڪرڻ ۽ اُن کي پنهنجي ماتحت بنائڻ لاءِ اڳتي وڌي ٿو. هُو پنهنجن ابن ڏاڏن جون قبرون اُتي ئي ڇڏي، اڳتي وڌي ٿو وڃي ۽ وري ڪڏهن ڀُلجي به اُنهن جي ڪا سار سنڀال نه ٿو لهي. هُو ڌرتيءَ کي اُن جي پيٽ ڄاول سڳن پٽن وٽان زور زبردستيءَ سان کسي، يرغمال بنائي ٿو ڇڏي. ڪيس ان جو ذرو به خيال نه ٿو رهي. هُو ان جي ڪا به پرواهه نه ٿو ڪري. هُو پنهنجن ابن ڏاڏن جي قبرن کي ۽ پنهنجن ٻچن جي پيدائشي حق کي به وساري ڇڏي ٿو. هُو ڌرتي ماءُ کي ۽ آڪاس کي خريد ڪيل شين جيئن سمجهي ٿو. هُو اُن ڌرتيءَ تي لُٽ مار ڪري ٿو. اُن کي اُجاڙي، برباد ڪري ٿو ڇڏي ۽ پوءِ ڪنهن رِڍ ٻڪريءَ وانگر يا چمڪندڙ نيڻن وانگر اُن کي وڪڻي ڇڏي ٿو. سندس هٻچ ۽ هَوس



۽ توسيع پسندي ڌرتيءَ جي زرخيزيءَ ۽ مال متاع کي ڳيهي ۽ ڳڙڪائي ٿي ڇڏي. هو ڌرتي ۽ ماڻهوءَ مارَ جو ماهر آهي. اُن تي هو فخر ڪري ٿو.

مون کي وڌيڪ ته خبر ڪانهي، البت، اسان جون روايتون اوهان جي روايتن کان مختلف آهن. اوهان جي شهرن جون رونقون اسان ڳاڙهن هندوستانين جي اکين کي تڪليف پهچائين ٿيون. ٿي سگهي ٿو ته اِهو ان ڪري هجي جو ريڊ انڊين، جهنگلي ماڻهو آهن، اُهي اوهان جي رمزن ۽ ريتن کي سمجهي نه ٿا سگهن.

اوهان گورن ماڻهن جي شهرن ۾ ڪا به جڳهه سانتيڪي نه آهي. اُنهن شهرن ۾ اهڙي ڪا به جڳهه نه ٿي سُجهي جتي بهار جي خوبصورت ۽ من کي موهيندڙ رُت ۾ نسرندڙ پنن جي ڪا سَرسراهٽ، ڪا سرگوشي، ٻُڌي سگهجي يا شوخ ۽ چنچل ۽ رنگ برنگي پوپٽن جي نرمل ۽ ڪومل پرن جي سُرڙاٽ کي محسوس ڪري سگهجي، پر اهي ڳالهيون شايد آءٌ ان لاءِ ڪري رهيو آهيان جو آءٌ هڪ جهنگلي ماڻهو آهيان، ۽ اوهان سڌريل ماڻهن جي زندگيءَ جي ”مهذب آدابن“ کي سمجهي نه ٿو سگهان. اوهان جي شهرن جو هيءُ بي سُرو هُل هنگامو سچ پچ ته ڪَنن کي کائي ٿو. اُها ڪهڙي زندگي ڇئبي، جنهن ۾ انسان ڪنهن ڪوئل جي اُداس ڪُوڪ ئي نه ٻڌي سگهي؟ يا سانجهيءَ ٽاٽي پاٽيءَ جي تلائن ۾ موجود ڏيڏرن جي سُرَ جا آواز به ٻڌي نه سگهي؟ اُها ڪهڙي زندگي ڇئبي؟!

آءٌ ڳاڙهن هندستانين جي نسل سان تعلق رکندڙ ماڻهو آهيان ۽ مون ۾ ڪا به سُڌ ٻُڌ يا ساڃاهه ڪانهي. آءٌ اوهان جي ٻڇاپڙائين، مُهذب پٽي کي سمجهي نه ٿو سگهان. آءٌ جاهل، اياڻو ۽ ڄٽ قسم جو ماڻهو آهيان. مون ۾ ڪا به سمجهه ڪانهي!

سرخ رُو انڊين نسل سان تعلق رکندڙ ماڻهو فطرت جو عاشق هوندو آهي. هُو ڍنڍ جي مٿاڇري تان گهُلندڙ ٿڌڙيءَ هير جي جهيڻي آواز کي ٻُڌڻ ۽ اُن جي هُڳاءَ کي محسوس ڪرڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. اسان جي نظر ۾ هوا هڪ قيمتي شيءِ آهي، ڇو ته هن ڪائنات ۾ موجود سڀئي ساهوارا ـ انسان توڙي حيوان، پکي پکڻ توڙي جيت جڻيا ـ سڀئي اُن هوا وسيلي ئي ساهه کڻن ٿا ۽ جيئرا رهن ٿا ۽ تنهن ڪري اُهي سڀئي ساهه جي هڪ لَڙيءَ ۾ پوپل آهن. پر هڪ سفيد رُو گورو جنهن هوا مان ساهه کڻي ٿو، تنهن جي قدر قيمت کان اڻ واقف هوندو آهي. اسين جيڪڏهن هيءَ زمين اوهان کي وڪڻي ڏيون ته ياد رکجو ته هِن مٽيءَ جي فضا ۾ موجود هوا، نهايت ئي قيمتي وَٿ آهي. هيءَ اُها هوا آهي جنهن ۾ اسان جن ابن ڏاڏن پهريون ساهه کنيو هو ۽ ان ئي هوا

۾ آخري پساهہ پڻ کنيا هئا. هن هوا کي اسان جن ٻچن ۾ بہ زندگيءَ جو روح اوتڻو پوندو. اسين جيڪڏهن پنهنجيون زمينون وڪڻي ڇڏيون تہ اوهين ايترو سو ضرور ڪجو. جو ان ڌرتيءَ کي پاڪ پوتر رکجو. اُن کي مقدس سمجهجو. هڪ اهڙيءَ جڳهہ مثل سمجهجو جنهن جي هوا ۽ فضا ۾ موجود چراگاهن جي گُلن جي سُرهاڻ ۽ ميٺاج جو لطف گوري نسل سان تعلق رکندڙ ماڻهو بہ ماڻي سگهي ٿو.

اسين اوهان جي ان آڇ تہ اوهين اسان کان اسان جي ڌرتي خريد ڪرڻ گهرو ٿا، تنهن تي سوچ ويچار ڪنداسون ۽ جيڪي اوهين گهرو ٿا جيڪڏهن اسان ائين ڪيو بہ تہ اهو هڪ شرط تي ڪنداسون ۽ اُها شرطَ هيءَ هوندي تہ اوهين گورا ماڻهو هن ڌرتيءَ جي ساهوارن پسوئن توڙي پکين سان پنهنجي ڪٽنب جي ڀاتين وانگر پيش ايندؤ.

آءٌ هڪ جهنگلي ماڻهو آهيان. مون ۾ ڪابہ سمجهہ ڪانهي. پر مون هن وسيع ميدانن ۾ هزارين پاڏا ۽ مينهون مئل ۽ ڳريل سڙيل حالت ۾ ڏٺيون آهن، جيڪي اوهان گورن جي تيز رفتار ريل گاڏين جي ٽَڪر ۾ اچي مري ويون آهن. آءٌ جهنگلي ماڻهو آهيان. مون ۾ ايڏي سمجهہ تہ ڪانهي جو آءٌ اهو سمجهي سگهان تہ نيٺ بہ هڪ دُونهن اڏائيندڙ تيز رفتار لوهي گهوڙو ڪنهن جيئري جاڳندي جيوَ پاڏي يا مينهن کان وڌيڪ، ايترو اهم ڇو آهي؟ اسين جيڪڏهن انهن ساهوارن جو شڪار ڪريون ٿا تہ بہ فقط پنهنجي ساههَ لاءِ، پنهنجي جياپي لاءِ. اوهان تہ بنا سبب جي ۽ هرويرو انهن قيمتي ۽ ڪارائتن جانورن جي هَتيا ڪندا ٿا وتو! اِها ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان مٿيري آهي.

جانور جيڪڏهن نہ هجن ها تہ جيڪر انسان ڪهڙي حال ۾ هجي ها! جيڪڏهن سيئي پسون پکي ختم ٿي وڃن تہ انسان جيڪر هڪ عظيم اڪيلائپ ۾ ويڳاڻو ٿي مري وڃي! ڪنهن زخم، ڪنهن گهاءَ جو ايذاءُ جهڙو انهن گگدام ساسين، پَسُونئن، پکين کي ايندو آهي تهڙو ئي اُهو انسان کي بہ ايندو آهي، ڇوتہ هيءَ سموري مخلوق هڪ ئي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهي.

اوهان پنهنجي اولاد کي اهو ضرور سيکارجو تہ هيءَ ڌرتي جيڪا اوهان جي پيرن هيٺان آهي، سا اسان جن ابن ڏاڏن جي خاڪ آهي. اهو سيکارڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ ان ڪري بہ ضروري آهي تہ جيئن اُهي هن ڌرتيءَ جو احترام ڪن. اوهين پنهنجي اولاد کي اهو ٻڌائجو تہ هيءَ ڌرتي اسان جي نسل وارن ماڻهن جي زندگين



سان آباد آهي. ۽ ها، اوهين پنهنجي اولاد کي اهو بہ درس ڏجو. جيڪو درس اسان پنهنجن ٻچن کي ڏنو آهي، تہ ”هيءَ ڌرتي، اسان جي ماءُ آهي.“ هن ڌرتيءَ سان جيڪو ڪجهہ سلوڪ ڪيو ويجي ٿو، اُن تي جيڪي ڪجهہ گذري ٿو، وهي واپري ٿو، تنهن جو اثر هن ڌرتيءَ جي حلالي پُٽن تي بہ پوي ٿو. اسان جو تہ عقيدو آهي تہ جيڪو ماڻهو هن ڌرتيءَ تي ٿُڪ اڇلائي ٿو سو حقيقت ۾ ۽ سچ پچ تہ پنهنجي ئي مُنهن تي ٿُڪ اڇلائي ٿو! اسان کي اها چڱيءَ ريت خبر آهي تہ ڌرتي ماڻهوءَ جي ملڪيت ناهي. پر، هڪ ساهہ سگهيٽي ماڻهوءَ جو ڌرتيءَ سان سڌو تعلق آهي. ڌرتيءَ سان ئي ماڻهو سڄاپجي ٿو. اسان کي خبر آهي تہ جيئن رت ڪنهن خاندان يا قبيلي کي ڳنڍي ٿو، تيئن سڄي مخلوق بہ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ جُڙيل آهي.

جيڪي ماڻهو هن ڌرتيءَ تي زيادتي ڪن ٿا، زور زبردستي ۽ ظلم ڪن ٿا سي حقيقت ۾ هن ڌرتيءَ جي سڄن سپوتن سان زيادتي ڪن ٿا. زندگيءَ جو ڪاپو ماڻهوءَ جي اڻت ناهي. ماڻهو تہ اُن ۾ شامل انيڪ ڌاڳن منجهان فقط ڪنهن هڪ ڌاڳي مثل هوندو آهي. زندگيءَ جي ڄار سان ڪيڏڻ ذريعي ماڻهو ڌرتيءَ سان جيڪو سلوڪ ڪري ٿو جيڪا هلت هلي ٿو سا حقيقت ۾ تہ هُو پنهنجي پاڻ سان هلي ٿو.

پر اسين اوهان جي انَ آڇ تي بہ سوچ ويچار ڪنداسين تہ اسان جا ماڻهو اوهان پاران تجويز ڪيل مخصوص علائقي ۾ منتقل ٿي وڃن ۽ اُن علائقي تائين ئي محدود رهن. اسين سيني کان الڳ ٿلڳ، ڪنهن ڪُنڊائتي گوشي ۾ ۽ ڏار رهنداسون ۽ امن سان رهنداسون. اسين پنهنجي حيات جا باقي ڏهاڙا ڪيئن گذاريندا سين، تنهن ڳالهہ جي ڪهڙي اهميت آهي! ڪائي ڪانهي! اُن بابت ڪير ڳڻتي ڪندو!! ڪير اسان جي آئندي بابت سوچيندو ۽ فڪرمند ٿيندو!! اسان جي نسل وارن پنهنجن وڏن کي اڳرائي ڪندڙ زورآور دشمنن هٿان شڪست کائيندي انهن جي آڏو پنهنجا ڪنڌ جهڪائيندي ڏٺو آهي. اسان جا جوڌا ۽ ٻلوان اهڙين شڪستن تي هميشہ شرمسار ٿيا آهن، ۽ شڪست کائڻ کان پوءِ پنهنجن ازلي ويرين کان پلاند وٺي ڪين جوڳي سيکت ڏيڻ جي اُدم ڪرڻ بدران پنهنجا باقي ڏينهن سُستيءَ ۽ ڪاهليءَ ۾ گذارين ٿا ۽ ائين پنهنجي بهادريءَ تي ڪلنڪ لڳائين ٿا ۽ پاڻ کي، پوري قبيلي ۽ نسل کي غلاميءَ جي ذلت ڀرئي اوڙاهہ ۾ ڌڪي ڇڏين ٿا. اُهي سٽيا، سوادي ۽ مٺاس سان ڀرپور کاڌا ۽ نشي آور شراب پي، پنهنجن جسمن کي بگاڙي ۽ گندو ۽ غليظ ڪري ٿا ڇڏين. مَڌ ۽ مايا جي موهہ ۾ مست ٻڌجي، غلاميءَ جي سُک ڀري ننڊ جا

هيراڪ بڻجي ويندا آهن ۽ ائين پنهنجن ماڻهن سان پنهنجيءَ بيوفائيءَ جي نتيجي ۾ اسان جي قبيلي جا ماڻهو نڌڻڪا ۽ بيواها ۽ موڳا بڻجي، نراسائيءَ جي عالم ۾ پنهنجو جيون گهارين ٿا. اُنهن جي ڪنهن کي بہ ڪا چنتا، ڪا اون، ڪا ڳڻتي ڪانهي. اسين پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن ڪٿي گذاريندا سين. تنهن ڳالهہ جي ڪهڙي اهميت آهي؟ اسان جي حياتي جا اُهي ڏينهن ڪٿي گهڻا تہ ڪونہ آهن. چند ڪي پَهر، ڏينهن، بہ ٽي وڌيڪ سيارا . . . ۽ پوءِ ۽ پوءِ، بس! اُنهن عظيم قبيلن جي نسل مان، جيڪي ڪنهن زماني ۾ هن ڌرتيءَ تي رهندا هئا. باقي ڪو بہ ڪونہ بچندو يا وري جيڪي هاڻي ننڍين ننڍين گروهن يا ٽولن جي صورت ۾ جهنگن ۽ ٻيلن ۾ پٽڪندا ۽ رلندا ٿا وتن، سي ئي وڃي، اُنهن ماڻهن جي قبرن تي ماتم ڪرڻ لاءِ بچندا، جيڪي ڪنهن دوءر ۾ ايترائي طاقتور ۽ پُراُميد هئا جيترا هن وقت اوهين آهيو.

پر آءٌ پنهنجن ماڻهن جي ايئن، ان ريت ويچارپ جي حالت ۾ مٿجي، فنا ٿي وڃڻ جو ڇو پلا ويهي ماتم ڪريان؟ قبيلا ڇا هوندا آهن؟ رڳو ڪجهہ ماڻهن هڪ ئي رنگ، نسل، ٻوليءَ ۽ سڀاءَ سان تعلق رکندڙ ۽ ڪجهہ هڪجهڙين ريتن رسمن کي مڃيندڙن جي هن ٽُڪري زمين جي هڪڙي ڪنهن مخصوص گوشي ۾ فطري طرح گڏجي رهڻ گهڻ سان قبيلا وجود ۾ اچن ٿا. ماڻهو هن سنسار ۾ هڪڙا اچن ٿا ۽ ٻيا وڃن ٿا. بلڪل ائين ئي جيئن سمنڊ جي مٿاڇري تي هڪڙيون ويرون اچن ٿيون ۽ ٻيون وڃن ٿيون. اهو فطرت جو قانون آهي، جنهن کان اڇي مُنهن وارا گورا بہ جن سان سندن دعويٰ موجب سندن خدا ايئن اُٿي، ويهي، هلي ڦري ۽ ڳالهائي ٿو جيئن ڪو دوست پنهنجي ڪنهن دوست سان هلندو ڦرندو ۽ ڳالهائيندو آهي. فطرت جي ان قانون کان مٿيرا يا آزاد ناهن.

هڪ ڳالهہ جي اسان کي البت خبر آهي، جيڪا ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن گورا بہ ڄاڻي وٺندا تہ اسان سڀني جو خدا ساڳيو ئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اوهين هن وقت ايئن سوچيندا هجو تہ خدا بہ اوهان جي ايئن ئي ڪا ذاتي ملڪيت آهي، جيئن اوهين اسان جي ڌرتيءَ کي پنهنجي ملڪيت بنائڻ گهرو ٿا. پر اوهان جا اهي جهل نہ ڏيندڙ پاڻ ـ سَرا ارادا ۽ عزائم ڪڏهن بہ پورا ڪونہ ٿيندا. اوهين خداتعاليٰ جهڙي ٻاجهاريءَ هستيءَ کي جيڪا سڀني رنگن، نسلن ۽ ٻولين وارن ماڻهن تي هڪجهڙي مهربان آهي. پنهنجي زرخريد ملڪيت بنائي نہ ٿا سگهو. ڇو تہ خدا بهرحال هر انسان جو خدا آهي ۽ اوهان جي نظر ۾ جيترو هُو اوهان گورن لاءِ مهربان آهي، اسان جي نظر ۾ اُهو اسان ڳاڙهن هندستانين لاءِ پڻ اوترو ئي مهربان



آهي. هيءَ ڌرتيءَ جيڪا اُن ٻاجهاري ڏاتيءَ کي بيحد پياري آهي، تنهن کي ڪنهن قسم جو ڇيهو پهچائڻ ڄڻ تہ ان جي خالق، ان جي سرجڻهار جي بي ادبي ڪرڻ برابر آهي. گوري نسل وارا ماڻهو بہ ائين ئي هن ڌرتيءَ جي نقش تان مٽجي، ميسارجي ۽ فنا ٿي ويندا. جيئن ٻيا ۽ شايد تمام سگهو ئي، ٻين سڀني نسلن جي قبيلن جي فنا ٿيڻ کان بہ اڳ ۾ اوهين جيڪا مدائي، جيڪو زهر، هتي هن ڌرتيءَ تي پکيڙي رهيا آهيو. تنهن جي زهريليءَ قضا ۾ اوهين بہ هڪ ڏينهن نيٺ گهٽجي، ٻوساٽجي، مري ويندؤ!

پر اوهين پنهنجي مرڻ يا فنا ٿيڻ تي بہ جيڪي روشن ٿي ويندا. خدا جي طاقت سان سرشار ٿي ويندا. جنهن اوهان کي ڌرتيءَ تي ڪنهن خاص مقصد جي حاصلات لاءِ نازل ڪيو آهي تہ جيئن اوهين هن ڌرتيءَ مٿان ۽ اسان ڳاڙهن هندسانين مٿان پنهنجي ناجائز حاڪميت مسلط ڪري سگهو. اوهان جي هٿان اسان جي محڪوميت شايد اسان جي تقدير ۾ لکيل آهي. اها تقدير اسان لاءِ هڪ اسرار ۽ راز بڻيل آهي. اسان لاءِ ڳجهارت بڻيل آهي، ڇو تہ اڃا تائين اسين اهو بہ سمجهي نہ سگهيا آهيون تہ نيٺ بہ سڃي ماهئي مال کي ڇو حلال ڪيو ويو ۽ جهنگلي گهوڙي کي پالتو جانور بنايو ويو! پر پوءِ بہ، هن جهنگلي يا ٻيلي جا پُراسرار ۽ ڳجها گوشا، ڪنڊ پاسا انيڪ ماڻهن جي خوشبوءَ سان انهن جي سُڳنڌ سان واسيل آهن ۽ اها ڳالهہ بہ اسان جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. گهاٽن وڻن جا جهڳٽا جيڪي ڪنهن زماني ۾ بي شمار ۽ اَڪُٿ هوندا هئا سي اڄ ڪٿي آهن؟ ڇا اُهي سدا لاءِ ختم ٿي ويا؟! انهن وڻن جون ٽاريون جيڪي اوچيون ۽ گهاٽيون ۽ پنن سان ڀرپور هونديون هيون، ڪيڏانهن ويون؟ ڇا اُهي بہ ختم ٿي ويون؟؟!! باز پکي جيڪي اسان ۾ عزم ۽ حوصلو اوتيندا هئا. منزل جي تلاش لاءِ اُدم ۽ اُتساهہ جاڳائيندا هئا. سي باز، تن جا اُڀ مٿي لامارا اڄ نظر نہ ٿا اچن. اهي باز پکي ڪيڏانهن ويا؟ ڇا اُهي بہ ختم ٿي ويا؟؟!! تہ پوءِ باقي بچيو بہ ڇا آهي؟! تيز رفتار گهوڙن جون ڪهڙيون ويهي ڳالهيون ڪجن ـ شڪار ڪيڏڻ جي جوش ۽ جنون جون ڪهڙيون ويهي ڳالهيون ڪجن، سڀڪجهہ تہ ختم ٿي ويو آهي. لُٽجي چُڪو آهي!! تہ پوءِ باقي بچيو بہ ڇا آهي؟ زندگيءَ جو سمورو لطف، سڀئي البيلايون ۽ رنگينيون تہ ختم ٿي چڪيون آهن. هاڻي تہ بس رڳو جيئڻو ئي آهي، ڪنهن زندهہ لاش وانگر. پر نہ، اتان کان ئي، اِن نقطي کان ئي جيئڻ جو اُمنگ جاڳي ٿو. جيئڻ جي نئين سر سِڪ اٿي ٿي. شروعات ٿئي ٿي ـ خوشگوار، باوقار، آزاد زندگيءَ جي

ماڻڻ ۽ اُن لاءِ جيئڻ جي سِڪ ۽ اُن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي شروعات.

تہ ڳالهہ اها آهي تہ اسين اوهان جي انهيءَ پيغام جنهن ۾ اوهان چوَرائي موڪليو آهي تہ اوهين اسان جون زمينون خريدڻ گهرو ٿا. تنهن تي سوچ ويچار ڪنداسون. جيڪڏهن اسان اوهان جي ڳالهہ مڃي ورتي تہ شايد جنهن مخصوص علائقي ڏيڻ جو اوهان اسان سان واعدو ڪيو آهي سو تہ شايد اسان کي ملي وڃي، جتي اسين پنهنجي قبيلي جي وجود جا باقي ڪي ٿورڙا ڏينهن جيئن اوهين چاهيو ٿا تيئن گذاري سگهون پر ياد رکجو تہ جڏهن سرخ رُو هندستانين جي نسل جو آخري ماڻهو هن صفحي هستيءَ تان مٽجي ختم ٿي ويندو ۽ اُن نسل جي ماڻهن جي ياد محض ايئن وڃي باقي بچندي جيئن کُليل ميدانن مٿان ڪو هيڪلو رولاڪ بادل گذري هليو ويندو آهي. يا ٿي سگهي ٿو تہ اوهين اسان بابت سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيو ۽ اوهان کي ڪجهہ بہ ياد نہ رهي. پر پوءِ بہ ياد رکجو تہ هنن ساموندبين پٽين ۽ ساحلن مٿان ۽ جهَر جهنگ ۽ ٻيلن ۾ اسان ماڻهن جا ارواح ڀٽڪندا رهندا. ڇو تہ اسين پنهنجيءَ هن جنم ڀوميءَ، ڌرتي ماءُ سان ايئن محبت ڪريون ٿا جيئن ڪو ابهم ٻار پنهنجي ماءُ جي دل ڌڙڪن سان پيار ڪندو آهي، تنهن ڪري جيڪڏهن اسين پنهنجيون زمينون اوهان کي وڪڻي بہ ڪٽي ڏيون، تڏهن بہ اوهين اُن سان ايئن ئي محبت ڪجو جيئن اسين اُن سان ڪندا آهيون. يا جئين اسان اُن سان ڪئي آهي. هن ڌرتيءَ جي ائين سار سنڀال لهجو جيئن اسان اُن جي ڪئي آهي. اڄ جنهن حالت ۾ اوهين هي زمينون اسان کان خريد ڪريو ٿا، تنهن جو نقش پنهنجن ذهنن ۾ چڱيءَ طرح چِٽي ڇڏيو ۽ هن ڌرتيءَ جو خيال پنهنجيءَ ڪُل سگهہ سان پنهنجي پوري دل ۽ دماغ سان ۽ پوري توجهہ ۽ تن من سان، اُن جو خيال رکجو تہ جيئن اوهان جا ايندڙ نسل بہ هن ڌرتيءَ سان ايئن ئي پيار ڪن جيئن خدا تعاليٰ اسان سڀني سان پيار ڪري ٿو.

اسين رڳي هڪ ئي ڳالهہ ڄاڻون ٿا تہ اوهان جو خدا ۽ اسان جو خدا هڪ ئي آهي. ساڳيو آهي. ڪو ٻيو ناهي. هيءَ ڌرتي اُن کي نهايت ئي پياري آهي، سڀني انسانن، سڀني قومن جو جيڪو حشر ٿيڻو آهي، گورا اُن کان ڇٽل ناهن ۽ ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ اسين پاڻ ۾ ڀائر ئي هجون ـ اهو تہ اسين ايندڙ وقت ۾ ئي ڏسنداسون تہ توهين کهڙيءَ راهہ جي چونڊ ٿا ڪريو. ڀائپيءَ واري يا ڪا ٻي، ۽ اوهان جو حشر، اوهان جي نسلن جو حشر، ڪهڙو ٿو ٿئي، سو بہ ڏسڻو آهي تہ ڏسي رهبو.

⦿



# سياسي ۽ فڪري مضمون

# سڀ کان پهرين سنڌ

آءُ ان تي بلڪل بہ اَرهو نہ آهيان، تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگردَ، اخبار ۾ خط لکي، هڪ خبر جي حوالي سان مون بابت اهو چيو آهي، تہ آءُ ڪو شاگرد سياست جي مخالف ٿي بيٺو آهيان. اها خبر ڪيئن ڇپي، ان جي بہ هروڀرو وضاحت ۾ ڪونہ ٿو وڃان ـ پر اُن ڪي لوئڻ ۽ مَلڻ بدران ڪنهن مائيدار، صحت بخش ۽ فائديمند پاسي ڏانهن وٺي وڃڻ گهران ٿو. منهنجي خواهش آهي، تہ موقعي سارو شاگرد سياست جي حوالي سان ڪي گذارشون عرض ڪرڪان، ۽ اهي اسان سڀني لاءِ ۽ خاص طرح سنڌ جي شاگردن لاءِ ڪنهن رهنمائيءَ جو ڪارڻ بنجن.

جڏهن قومن/ سماجن ڪي تاريخ ڪنهن اٽانگي ۽ امتحان ڀرئي موڙ تي آڻي بيهاريندي آهي تہ قومن جي ڀين خير طلب ۽ حق شناس طبقن سان گڏ شاگردن جو بالغ ۽ هوشمند حصو پڻ اڳتي وڌي پنهنجي قوم ڪي اوجهڙ ۽ گمراهيءَ مان ڪڍي ڪنهن سوجهري واري ڏسا ۾ وٺي وڃڻ لاءِ، پنهنجون سموريون جسماني ۽ ذهني توانايون ڪتب آڻيندو آهي. اسان ڪي اهڙا مثال آزاديءَ ۽ انقلابن جي تحريڪن جي تاريخ مان ملي سگهن ٿا. روس جي انقلاب ڪان وٺي ويٽنام جي مظلوم ماڻهن جي آمريڪي طاقتور سامراج خلاف پرعزم ويڙهہ تائين ۽ ان ڪان پوءِ وينزويلا جي تازي انقلابي لهر تائين شاگردن پنهنجو تاريخي ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي. اسين جيڪڏهن يورپ جي، اونداهي دور ڪان نئين روشنيءَ/جاڳرتا جي منزل تائين

رسڻ وارن مرحلن جو اپياس ڪنداسين، تہ اتي پڻ نوجوان/شاگرد سرگرم نظر ايندا.

جيڪڏهن اسين ننڍي ڪند جو مثال وٺنداسين تہ اتي اسان کي پڳت سنگهہ ۽ سندس ساٿين جي ٻي بها ۽ اتساهيندڙ انقلابي جدوجهد جو شاندار ۽ عاليشان مثال ملندو پر جي پنهنجيءَ سنڌ تي نظر ڦيرائينداسين تہ اُها ون يونٽي حڪومت خلاف سنڌ جي ارڏن ۽ جانثار شاگردن جي سنڌ دوست تحريڪ تي وڃي پوندي، جنهن کي اسين ”چار مارچ“ جي نالي ۽ حوالي سان سڃاڻون ٿا ۽ ان کي اڄ ڏينهن تائين پنهنجي قومي ڏينهن طور ملهايون ٿا. ان حساب سان اها ڳالهہ تہ طئي ٿي تہ تاريخ جي هر زماني ۾، هر ماڳ تي هر قوم جي شاگردن جو تعميري سياسي ڪردار رهيو آهي.

جهڙيءَ ريت، شاگرد جو قوم جي اجتماعي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ مؤثر وجود ۽ ڪردار ٿئي ٿو تهڙيءَ ريت، شاگرد مٿان عمر سارو ڪيتريون مخصوص ذميواريون بہ عائد ٿين ٿيون. شاگردَ جيڪي ڪاليج ۽ يونيورسٽي سطح تي پڙهن ٿا، تعليم جي ان ڏاڪي تي گهٽي پاڳي، سمجهہ پريا ٿي ويندا آهن، ۽ پنهنجي راءِ ۽ ارادي وارا هوندا آهن. اوستائين پهچڻ تائين سندن عمر ڌهڻ ۽ نهڻ واري بہ هوندي آهي. جيڪي شاگرد سُرت ۽ جذبي جي پختگيءَ کان ڪم وٺندا آهن، اهي پنهنجي عملي زندگيءَ ۽ مجموعي طرح قومي ڪردار لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. اهي نہ رڳو مزيد پنهنجيءَ پڙهائيءَ جي سلسلي ۾ پابند ڏٺا ويندا آهن، پر ان سان اهڙين نتيجي ڏيندڙ سرگرمين ڏانهن خوبيءَ سان مائل ٿيڻ لڳندا آهن، جيڪي سندن قوم جي ڀلائيءَ، ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ڏس ۾ اڳتي وٺي ويندڙ هونديون آهن. جڏهن تہ سُرت ۽ جذبي جي ڪچائيءَ ۾ ڪيترائي شاگرد ڀُلجي ڀٽڪي اهڙين راهن ڏانهن بہ لڙي ويندا آهن، جيڪي کين نہ رڳو سندن ذاتي زندگيءَ ۾ رُلائي ۽ ڀلائي گهٽو ڏور ڪنهن ڏڪائيندڙ ۽ اذيتناڪ منزل ڏانهن وٺي ويندڀون آهن، جتان واپسي بہ ناممڪن نہ تہ مشڪل ضرور هوندي آهي ۽ سندن ڀٽڪاءَ ۽ ٻي ڏيانيءَ جي نتيجي ۾ پوريءَ قوم جي فطري ۽ سماجي اوءسر بہ رڪاوٽن جي ور چڙهي ويندي آهي.

هاڻ بہ ڳالهيون ٿي چڪيون. هڪ هيءَ تہ شاگردن جو دنيا ۾ جتي ڪٿي تعليمي ادارن ۾ ڀُٽپ جوڳو سياسي ڪردار رهندو پئي آيو آهي ۽ ٻي هيءَ تہ درسگاهن ۾ سڀ جا سڀ شاگرد، خاص طور اسان وٽ، اهڙين مثبت سرگرمين ۾ مصروف بہ نہ ڏٺا ويا آهن، جيڪي سندن ذات ۽ سندن قوم لاءِ بهتر ۽ تعريف جوڳيون بڻيل هجن.



ان نقطي تي رسڻ کان پوءِ اسان کي اهو سوچڻ ۽ وهجائڻ گهرجي تہ اهڙو نيٺ ڇا ڪجي، جو سنڌي شاگرد سڀ جا سڀ يا گهٽ ۾ گهٽ اڪثريت ۾ مثبت ۽ معنيٰ ڀرئي انداز ۾ پاڻ کي تعليمي، معاشي، سماجي ۽ سياسي تربيت ۾ پيڙ بنائين.

ان سلسلي ۾، گهٽي مٿا ڪُٿَ ڪرڻ جي بہ گهرج ناهي. ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي. جيئن تہ شاگردن کي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کان پوءِ عملي زندگي شروع ڪرڻي هوندي آهي، سماج ۾ جيڪي ادارا ۽ شعبا هوندا آهن، اُنهن ۾ کين مختلف نوعيت جا ڪم ۽ ذميواريون سنڀالڻيون پونديون آهن. جيڪڏهن پڙهائيءَ ۾ انهن پنهنجي پنهنجي لاڳاپيل شعبي ۾ ڌيان ۽ دلچسپيءَ کان ڪم نہ ورتو هوندو، تہ اهي پنهنجي قوم ۽ ماڻهن لاءِ حيات سڌار ڪردار ادا نہ ڪري سگهندا. نہ سٺا استاد ٿي سگهندا، نہ عالم ۽ ڏاها، نہ قومي اڳواڻ ۽ نہ ئي سٺا ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ معاشيات جا ماهر، محقق ۽ نقاد. حاصل مطلب اهو ٿيو تہ جڏهن شاگرد ڪاليج يا يونيورسٽي سطح تي زيرِ تعليم آهن، تہ انهن کي ٻہ ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن، هڪَ هيءَ تہ اهي پنهنجي مستقبل کي محفوظ بنائڻ لاءِ خوب دل لڳائي پنهنجي پنهنجي موضوع تي محنت ڪن ۽ ٻي هيءَ تہ انهن کي پنهنجي محنت ۾ ان جذبي کي بہ شامل ڪرڻ گهرجي، تہ کين پنهنجن پيڙيل، مظلوم ۽ مصيبتن ماريل ماڻهن جي عزت، آجپي ۽ نجات لاءِ ڪم ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ اعليٰ، تعليمي درجي جي شاگرد کي پنهنجي قوم لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ ان جي بهتريءَ لاءِ سوچڻ ڏانهن لاڙو ناهي، تہ اڳتي هلي هو ڪا نوڪري تہ وٺي ويندو پر پنهنجي وطن ۽ وطن واسين سان ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين خلاف مهاڏو اٽڪائي نہ سگهندو نہ ئي وري سماج ۾ موجود اوگڻن ۽ براين توڙي سوچن ۽ تصورن ۾ موجود اوڻاين جي خاتمي لاءِ پنهنجو گهربل قومي ڪردار ادا ڪري سگهندو. اهو علم، اها مصروفيت ۽ وقت جي اهڙي سيڙپ، جيڪا قوم جي مجموعي زندگيءَ لاءِ اثرائتي ۽ سڦلائتي نہ هجي، اها نہ تہ ساراهجي سگهجي ٿي نہ ئي تاريخ ۾ پنهنجا ڪي اڻمٽ نشان ڇڏيندي.

هاڻ هڪ قدم اڳتي هلي، سڌيءَ ريت اهو بيان ڪجي تہ شاگردن کي ڪهڙي سياست ڪرڻ گهرجي، جو ان انتهائي اهم سماجي ذميواريءَ سان سندن نڀاءُ ٿي سگهي. ظاهر آهي تہ سڀ کان پهرين، کين پنهنجي سياسي عمل جو مرڪز ۽ رخ طئي ڪرڻو پوندو. جيڪو عمل سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي فائدي ۾ آهي، اهي ان ۾

وڏي وڏي ٻهرو ونندا ۽ جيڪا بہ شيءِ سنڌ کي نقصان رسائيندڙ آهي، تہ نہ رڳو ان کان پاسو ڪندا، پر گھرج مهل ان خلاف ويڙهہ جي دائري ۾ بيهندا. اهائي سندن مقصد حيات جي سولي، سادي ۽ ڳُلي تشريح آهي. هيءَ بنھہ سادي تشريح هوندي، گھٽي پيچيده بہ آهي، خاص طور تڏهن، جڏهن هيءُ سوال ڪجي تہ سنڌ جو مفاد نيٺ ڇا ۾ آهي؟ ان نقطي تي جيڪڏهن پڇبو تہ سياسي ڌرين مان هر ڪنهن وٽ امڪاني طور پنهنجي وصف ۽ تشريح هوندي، جنهن جي پويان هر ڪنهن شاگرد جي سياسي وابستگي ڪارفرما ٿي سگھي ٿي. ان سادي لباس ۾ پيچيده بدن رکندڙ هن سوال کي هيٺ ڄاڻايل ڳالهين جي ماپڻ وسيلي طئي بہ ڪري سگھن ٿا:

(1) سنڌ پاڪستان ۾ آزاد ۽ خودمختيار رياست طور شامل ٿي هئي، پر شروع ۾ ئي ان کان اُهو آزاد ۽ خود مختيار رهڻ جو حق کسي، ان کي اقليت جو درجو ڏئي پروَس بنايو ويو. انڪري جيڪو قدم، عمل ۽ پاليسي سنڌ جي آجپي ۽ خودمختياريءَ جي حق ۾ آهي، ان جو پڙُ جهلي بيهجي ۽ جيڪا بہ ڳالھہ ان جي مخالفت يا رد ۾ آهي، ان خلاف سموريون توانايون گڏ ڪري احتجاج ۽ ويڙهہ ڪجي.

(2) پاڪستان جي وفاق ۾ هڪ اِڪائي طور شامل سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي ۽ تاريخي حقن جي تسليميت ۽ انهن جي پڄاڻيءَ لاءِ پنهنجي سر ڌڙ جي بازي لڳائبي.

(3) سنڌ پاڪستان ۾ هڪ صوبي، نہ پر قوم طور شامل ٿي هئي، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ قومي ٻوليءَ جو درجو وٺبو ۽ ان لاءِ تعليمي پاليسين جو پورو حق پاڻ وٽ محفوظ رکبو.

(4) سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ زمين جي مٿاڇري ۽ زير زمين سيني معدني ۽ پيداواري وسيلن تي پنهنجو حق قائم ڪبو.

(5) سنڌو درياھہ جا سنڌي ماٺهو تاريخي وارث آهن، اهو حق ڪائنُ کوبہ نہ ٿو کسي سگھي، جيڪڏهن ان مٿان آبپاشيءَ جو ڪو بہ ڍانچو اڏبو سو سنڌ جي اجازت کان سواءِ نہ ٿيندو.

(6) سنڌ ۾ ڌاريءَ آباديءَ تي ضابطو ۽ روڪَ رکبي، وڏن شهرن تي لساني متعصب دهشتگردن جي تسلط کي ٽوڙبو. سنڌ ۾ روزگار ، قدرتي ۽ مالي وسيلن تي اول ۽ آخر سنڌي قوم جو حق رهندو. جيڪڏهن سنڌ جا شاگرد سنڌي قوم جي انهيءَ



وجود ۽ پاسداري ڪندڙ بين اهڙن نقطن کي پنهنجو ڪندا، هانءَ سان هنڊائيندا ۽ اُنهن تي عملي ڪردار ادا ڪندا يا ڪري رهيا آهن تہ سمجھبو تہ سنڌ جو مفاد serve ٿي رهيو آهي. ان کان ٻاهر جيڪڏهن ٻي ڪا اٽڪٽ، ناراضگي ۽ ڪشيدگي منجهن رهي ٿي، تہ اهو فتنو ۽ فساد، ڪوڙ ۽ باطل پٽو آهي اجايو بکيڙو ۽ جهميلو آهي جنهن کان هر طرح سان ڪناري ڪرڻ جي گھرج آهي.

سنڌ جي قومي ڌرين جا ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان پاڻ ۾ سياسي اختلاف رهيا آهن ۽ اهي هيٺين سطح تي لهي سندن شاگرد تنظيمن جي حلقن تائين رسندا آهن، پوءِ بدمزگي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ شاگردن جو تدريسي عمل هاڃي جي ور چڙهندو آهي. جيڪڏهن شاگرد ڌرين وچ تي اهڙي ڪا بہ صورتحال پيدا ٿئي ٿي، تہ اسان جي قومي پارٽين جي مرڪزن جي اها ذميواري آهي، تہ اهي هڪدم ڇر پر ۾ اچن ۽ ڌرين کي تعليمي ادارن اندر تضاد ۾ اچڻ کان روڪين، بلڪ کين سرچائي ڇڏين. برعڪس ان جي ٿئي ائين ٿو تہ تعليمي ادارن ۾ بہ هر هڪ جماعت پنهنجي پنهنجي يونٽ جا ميمبر وڌائڻ ۾ سرگرم هوندي آهي، تہ جيئن اهي چئي سگھن، تہ هُو فلاڻي يا فلاڻي تعليمي اداري ۾ اڪثريت سان آهن. اهڙي ناداني ۽ بي سمجهي ئي مسئلا پيدا ڪري ٿي. تعليمي ادارن اندر شاگرد تنظيمن جي ميمبرشپ جي انگ کان وڌيڪ ان جي قابليت، خاصيت ۽ اهليت کي ترجيح ڏيڻ گھرجي ۽ ذهني طرح سندن تربيت ڪرڻ گھرجي. اهوئي بهتر طريقو آهي. ان لاءِ اشد ضروري آهي، تہ اسان جون قومي پارٽيون شاگرد ڌرين کي پابند رکن تہ اُهي تعليمي ادارن ۾ ڪي بہ هٿيار نہ رکن. گڏوگڏ يونيورسٽين جا وائيس چانسلر شاگردن کي پنهنجي اولاد وانگر سمجهي سندن رهبري ڪن ۽ پنهنجي انتظامي صفن تي بہ نظر رکن تہ ان ۾ ڪي اهڙا عنصرَ تہ نہ آهن جن جي ڪمزورين جو شاگرد فائدو وٺي پنهنجي منفي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ ۾ اڳتي وڌي وڃن ٿا. اٺ سال کن اڳ سنڌ ڊيموڪريٽڪ گروپ جي سهاري هيٺ سيني قومي پارٽين ۽ پليٽ فارمن کي سڏي گڏ ويهاريو ويو هو ۽ اهو گڏيل فيصلو ڪيو ويو هو تہ قومي پارٽيون ۽ پليٽ فارم تعليمي ادارن ۾ پنهنجي همدرد شاگردن تي نظر رکن تہ جيئن اُهي پنهنجي ذاتي انائن ۽ ذاتي پسند يا ناپسند جي بنياد تي پاڻ ۾ جهيڙا نہ ڪن، اُهي پنهنجن ذاتي تضادن وڌائڻ بدران قومي مسئلن بابت سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ عام شاگردن جي ذهني تربيت ڪن ۽

قومي مسئلن تي گڏجي جدوجهد ڪن.

هتي آءٌ سنڌي شاگردن کي خاص طور اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ سنڌي قوم سنڌ ۾ نئين انسان جو جيڪو تصور پاڻ لاءِ قائم ڪيو آهي، تنهن جا ڪلاسيڪل سرچشما شاهہ، سچل ۽ سامي آهن ۽ ان لاءِ ئي سچو سچو سنڌي ادب اڄ جاڪوڙي ۽ سجاڳ ڪري رهيو آهي. سنڌي شعر جي ان امر ٽمورتي، جنهن اسان کي اجتماعي شعور کان واقف ڪيو ۽ ان لاءِ عملي راهہ ڏيکاري. انهيءَ ڪري اسان کي قومي تهذيب ۽ قومي سياست جي راهہ، گڏيل فائدي ۽ باهمي قربانيءَ جي راهہ، سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو تصور ۽ ان جي تڪميل جو رستو ٻيائيءَ، ويڇي کي مٽائڻ، پنهنجن کي پنهنجو ڪرڻ، ٻڌيءَ ۽ ايڪتا جو، سچ جو رستو، سچي ماڻهپي ۽ ماڻهوءَ مريادا جو رستو، ماڻهوءَ جي سيوا ۽ پريم ۽ انساني تهذيب ۾ پنهنجي حصي جي فرض ادائيءَ جو رستو، عالمي امن، اتحاد ۽ ترقيءَ جي جدوجهد ۾ پاڱي پائيواريءَ جورستو اختيار ڪرڻو آهي. سيني عارضي اهنجن ۽ تڪليفن سان جهيڙيندي مستقل خوشيءَ ۽ آسودگيءَ لاءِ جاکوڙڻو آهي، اسان کي جيئڻو آهي، پاڻ لاءِ ۽ سيني لاءِ. هي وقت آهي جڏهن اسان جي شاگرد کي، اجاين جهيڙن جهٽن، ناراضگين ۽ ويڇن کي وساري گڏ ٿيڻ گهرجي ۽ کين ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ سنڌ جي ترقي اهليت سان مشروط آهي. اهڙيءَ طرح کيس پنهنجي ڪردار جو روشن مثال قائم ڪرڻ گهرجي. افسوس جو جيڪڏهن سنڌ ۾ قومي اتحاد جي پنڌ تي سڀ سياسي ڌريون هڪ نہ ٿي سگهيون آهن، تڏهن بہ اختلاف ۽ اعتراض ۾ بہ اتحاد جي فضا جي ضرورت ڏني وئي آهي. جيستائين شاگردن جي سياسي مصروفيت جو تعلق آهي تہ انهن کي مِڙي مُٺ ٿيڻ گهرجي ۽ اجاين مصروفيتن، انائن ۽ فسادن کي ڇڏي پنهنجي قومي نصب العين کي نظر ۾ رکڻ گهرجي، ۽ اهي مقصد اڳيان رکڻ گهرجن، جيڪي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن جو سوپائتو روپ ڌاري سگهن ۽ سنڌ جي وقار، عزت ۽ نجات واري جدوجهد ۾ محسوس ٿيندڙ ۽ ڏسندڙ حصو ثابت ٿي سگهن.

سنڌ جي جوان عمر نئين نسل پختيءَ سرت ۽ جذبي رکندڙ پيڙهيءَ لاءِ دنيا جي تاريخ جو هڪ عبرتناڪ ۽ سبق آموز صليبي جنگين جي دور وارو مثال ڏئي، پنهنجي پهرئين انگريزي ڪتاب Save Sindh Save the Continent جيڪو مون ورهاڱي کان بہ سال اڳ لکيو هو، اُن ۾ مون هڪ استدعا ڪئي هئي،



ان جي افاديت اڄ بہ اها ئي ان دور واري سمجهان ٿو. ان استدعا جو خلاصو هتي پيش ڪجي ٿو:

.......... جڏهن بہ قومن تي ڪو ڏکيو وقت ايندو آهي يا خطري ۾ اچي وينديون آهن، تڏهن اُهو نوجوان، گهڻو تڻو شاگرد طبقو ۽ سندن وچولي طبقي جو سلجهيل حصو ئي هوندو آهي، جيڪو کين ان مان ڪڍڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيندو آهي. ان سلسلي ۾، سنڌواسي ڪجهہ بدقسمت نظر اچن ٿا. سندن نوجوان طبقو تہ افسوسناڪ حد تائين ان خطري کان بي خبر معلوم ٿئي ٿو جيڪو سندن مادر وطن لاءِ اچڻ وارو آهي، جڏهن تہ وچون طبقو پنهنجا مفاد انهن چند رعايتن ماڻيندڙ وڏن ماڻهن سان سلهاڙيل سمجهي ٿو ۽ اُهو وڏو طبقو جڏهن بہ پنهنجي ساٿارين لاءِ ڪنهن خطري جو مختصر بہ امڪان ڏسي ٿو تڏهن اها ڳالهہ کين ٽرٽلي ۾ آڻيو ڇڏي ۽ هو هڪدم ڊوڙي انهن جي بچاءَ ۾ سندن چوڌاري صف آرا ٿي ٿا بيهن. مٿيون طبقو پنهنجي وچولي طبقي تي پروسي رکڻ واري بي وسيءَ کي پليءَ پت سمجهي ٿو اهوئي سبب آهي جو هو رشوت، بي ايماني، طرفداري ۽ ڦر لٽ جي بازار گرم رکي ٿو، ڇو جو انهن براين مان فوري حاصل ٿيندڙ فائدا، گهرجائو هيٺئين ۽ وچولي طبقي جي گهٽائيءَ کي سولائيءَ سان ڏئي کين خوش ڪري سگهي ٿو. ان عمل ۾ ڪڏهن ڪڏهن شاگرد برادريءَ جو حصو سياسي سگهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙ ۾ شامل مٿئين طبقي جي صليبي سياستدانن لاءِ هٿيار طور استعمال ٿئي ٿو. جنهن کان شاگرد طبقي کي شعوري طور بچڻ گهرجي..........

........... بهرحال، اسان جي معاملات جي هن صورتحال ۾ بي همت ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي، ڇو تہ مجموعي طرح سڄي هندستان ۾ اهائي حالت آهي. ان جي برعڪس اسان لاءِ اِن معاملي ۾ پاڻ کي باهمت محسوس ڪرڻ لاءِ مدلل سبب بہ آهن، جو اسين جيڪڏهن صرف اهو فيصلو ڪري ڇڏيون تہ اسين جلد پنهنجي ڪوتاهين تي قابو پائي ٿا سگهون، جو اسين انهيءَ جا اهل آهيون ۽ اسين پنهنجي ئي گڏريل هڪ سؤ سالن جي تاريخ مان ان جا حوالا ڏيئي ان کي واضح طور سمجهي بہ سگهون ٿا، ۽ انهيءَ جي ڪري بہ تہ هيءَ آپي شاهي مقابلتن اڄ هڪ ڳريل ۽ سڙيل ۽ ڏڪاريل حالتن ۾ آهي...........

........... بهرصوت هن وقت ٿوريءَ دير لاءِ، جڏهن ”جن سنگهہ“ جي يا ”ليگ جي اهڙين هرڪايل ساٿارين کي ڏسون ٿا، جڏهن هو پيروڊيون ڪن ٿا، يا جلسا ڪن ٿا، جتي ڪٿي زور سان نعرا هڻن ٿا تہ ”هند ماتا ڪي جئي“ يا

”پاڪستان زنده باد“! انهن کي ائين ڪندي ڏسي يڪدم بي ساخته ڏيان يورپ جي صليبي جنگين جي تاريخ جي ڄاتل ۽ ٻڌل غمگين باب طرف ڇڪجيو ويجي.

.........

............ هن وقت هتي سنڌ ۾ ۽ پڻ جيئن انڊيا ۾ آهي تيئن، اسان جا نوجوان جن کي ننڍڙن صليبي مجاهد ٻارڙن وانگر مٿئين طبقي جي هُشيون ڏيندڙ ۽ غلط فائدا حاصل ڪندڙ ماڻهن جي موروثي وراثت خاطر ويڙهائي کين نڀيو پيو وڃي. انهن مدي خارج دائمي مفاد پرستن جي توشاخاني ۾ هاڻ اهوئي هڪڙو هٿيار باقي وڃي رهيو آهي، جنهن کي هو ڍال وانگر استعمال ڪري، عام ماڻهن جي انهيءَ تلوار کان پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ٿا چاهين، جن کي ماضيءَ ۾ هنن ڏاڍو عرصو پنهنجي لوهي سيخن جي پٺيان قيد ۽ بند ۾ جڪڙي رکيو آهي.........

............ ساڳئي وقت خوش قسمتيءَ سان اهي نشانيون بہ ظاهر ٿي رهيون آهن تہ اسان جو نوجوان ۽ ذهين وچولو طبقو آهستي آهستي ۽ درجي بدرجي تاريخي شعور سان، جيڪو عمر جي هر حصي ۾ هنن کي سپرد ٿيندو پئي آيو اڳتي وڌي رهيو آهي..........

.......... وقت تيزيءَ سان اڇي رهيو آهي، جڏهن اسان جو نوجوان لکين مظلومن جي ساٿ سان سندن سرواٽي ڪندو. شيطاني قوتن، استحصال ۽ جبر جي طاقتن سان، جن جي پيرن هيٺ خدا جي خلق پيڙا، ڏک ۽ درد ۾ ڪُنجهي رهي آهي، مهاڏي اٽڪائڻ لاءِ، تمام جلد، اڳتي وڌندو........

⦿



# سنڌ جو ڪيس

جيجل سنڌ اڄ رت روئي رهي آهي. سنڌ آزاد قوم جي حيثيت سان پاڪستان ۾ شامل ٿي هئي، ڪيس اقليت جو درجو ڏيئي، تابع بنايو ويو آهي. وقت گذرڻ سان سندس زخم گهرا ٿي رهيا آهن، جيڪي وقت سان اڻ پرجندڙ ناسور ثابت ٿي سگهن ٿا. لافاني صوفي درويشن ۽ شاعرن جي هيءَ سرزمين، امن ۽ شانتيءَ جو هي ديس، تهذيب جو گهوارو ۽ ننڍي کنڊ ۾ اسلام جي دروازي طور سڃاتل، سندس تمام ڊگهيءَ ۽ روشن تاريخ ۾ اهڙو اذيتناڪ دؤر هِـن کان اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هوندو. جن خطرن کي هوءَ اڄ مُـنهن ڏئي رهي آهي، اهي ڪنهن بہ طرح گهٽ خطرناڪ ناهن، جن کي هوءَ ڪن بدنصيب دورن ۾. برداشت ڪندي رهي آهي. سنڌوندي جيئن هوءَ هيئنر ڄاتي وڃي ٿي جنهن تي هِـن واديءَ جو سڄو دارومدار هميشہ کان رهيو آهي، جنهن جي اردگرد تهذيب ارتقا پذير ٿي وڌي ويجهي آهي، اڄ سنڌين کي سندن تاريخي بنيادن کان سندن انتهائي اهم ۽ ضروري تعلق بلڪہ انهن سيني ذريعن کان جيڪي هن سرزمين تي زندگيءَ کي برقرار رکن ٿا، کين محروم ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي. هڪ منظم طريقي سان سنڌ کان ان جا قيمتي اثاثا، پيٽ، ڳوٺ ۽ فطري ۽ قدرتي وسيلا ڦُـريا پيا وڃن، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌين کي سختيءَ ۽ مشڪلاتن ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. سندن سر زمين جو ميوو ڪنهن ٻئي صحرا ۽ قومن کي گلزار ڪري رهيو آهي. بي

ضابط استحصال، بدانتظامي، رشوت خوري، اقربا پروري، ڌارين قومن جو ڪاهي
پوڻ، سياسي ناجائز سلوڪ، موقعي پرستي، لاقانونيت، قبيلائي جهيڙا، سياسي ۽
اقتصادي حقن کان انڪار، بيروزگاري، وسيلن ۽ ترقيءَ جي کوٽ، غربت ۽ هڪ
مجموعي لاپرواهيءَ ۽ اذيتناڪيءَ گڏجي ڪنهن دؤر جي هن مالامال، خوبصورت
۽ خوشتر زمين کي گوڏا کوڙائي ڇڏيا آهن. ڌرتيءَ جا اصلي وارث پنهنجي
سڃاڻپ جي تصديق سندن ئي ڌرتيءَ تي آيل ڌارين هٿان مڃائڻ تي مجبور آهن.
ماضيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ مٿس آيل مصيبتون ۽ خطرا جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن
طريقي سان هن مٿان نازل ٿيا آهن. خوشقسمتيءَ سان هيستائين هوءَ انهن مان
بچي پئي نڪتي آهي. اُنهن کي مُنهن ڏيندڙ مادر وطن بابت سنڌي ماڻهن جو رِد
عمل مستقبل قريب ۾ ان ڳالهہ جو فيصلو ڪندو تہ آيا هن نئين صديءَ ۾ سنڌ
بچندي، يا اسين ان جو آخري ساهہ پساهہ پسي رهيا آهيون.

## سنڌ جو مختصر تاريخي پس منظر:

سنڌ کي سندس نالو لفظ "سنڌو" مان مليو جنهن جي معنيٰ آهي "پاڻي"،
سندس نالو ان عظيم نديءَ جي حوالي سان آهي جيڪا ان جي زرخيز ميدانن مان
وهي ٿي. قديم آريا حڪمران سڄي پاڪستان، ڪشمير ۽ اڀرندي افغانستان کي
"سپت سنڌو" يعني ستن ندين واريءَ سر زمين طور سڃاڻندا هئا. سنڌو تهذيب
جي شروعات 6000 هزار سال قبل مسيح کان اڳ بہ ٿي سگهي ٿي، پر اهو تہ وڏيءَ
حد تائين يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ آمري تهذيب 3000 سال قبل مسيح کان
ئي موجود آهي. جڏهن تہ موهن جي دڙي واري تهذيب 2300 قبل مسيح کان شروع
ٿئي ٿي. سنڌ جو پهريون ذڪر مهاڀارت ۾ آريائي بادشاهن جي علائقي طور ٿيل
هو، اُپنيشدن ۾ هن ڌرتيءَ کي عمده ترين گهوڙا مهيا ڪرڻ جي مشهور سر زمين
طور ساراهيو ويو هو. هُڻ "Huns" قبيلي ڇهين صدي قبل مسيح ۾ سنڌ تي
حڪمراني ڪئي، پارس جي سلطان داريس پنجاب کان واپسيءَ ۾ ڇهين صدي
قبل مسيح ۾ سنڌ فتح ڪئي ۽ اُها سلطنت جو سڀ کان اهم حصو ٿي پئي.
سڪندر اعظم ٻيءَ صدي قبل مسيح ۾ سنڌ کي پنهنجي وسيع سلطنت ۾ شامل
ڪيو. ان وقت بہ سنڌ ۾ پٽالا جو شهر هڪ تمام ڪامياب تجارتي مرڪزي شهر
هو. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي، اُتي بعد ۾ هڪ وڏي جهازن جي ڪارخاني طور
خوشحال اقتصادي نظام جو بنياد وڌو ويو. سڪندر کان پوءِ سنڌ ست سؤ يارنهن



قبل مسيح تائين فارسين جي قبضي ۾ ۽ پوءِ هڪ دؤر کان ٻئي تائين آزاد ۽ تابع
ٿيندي رهي. سترهن سال جي محمد بن قاسم 715ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ پوءِ
300 سالن لاءِ هِتي عرب حڪمراني قائم ٿي، جنهن ۾ 805ع بعد ڪو عرصو
اُموي ۽ عباسي خليفن جي حڪمراني شامل هئي. عربن جي حڪمرانيءَ دؤران،
سنڌ رياضيءَ، طب، ادب، شاعريءَ جي حاصلات، اقتصاديات، فلسفي ۽ اسلامي
علمن جي ڌار ڌار ميدانن جي عروج تي پهتل هئي.
11 هين کان 19 صديءَ تائين سنڌ ۾ سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، مغلن،
ڪلهوڙن ۽ ٽالپر سلطانن حڪمراني ڪئي. ان عرصي دؤران سنڌ کي محمود
غزنوي، علاءُ الدين خلجي ۽ پورچوگيزن جي فوجن انتهائي ظالماڻن حملن سان
برباد ڪيو ۽ هِـن کي پنهنجو هڪ انمول انعام سمجهيو. برطانوي ماڻهن سنڌ جي
ٽالپر حڪمرانن کي 1843ع ۾ مياڻيءَ وٽ شڪست ڏيندي، آزاد ملڪ سنڌ کي
برطانوي سلطنت جو حصو بنايو ۽ 1843ع ۾ هُـنن سنڌ کي بمبئي علائقي جو
حصو بنائي ڇڏيو. دنيا جي تاريخ ڳراهي لاها ۽ چاڙها ڪهڙي ملڪ ۽ ڪهڙيءَ قوم
نہ ڏٺا آهن؟ 1936ع ۾ سنڌ، گورنمينٽ آف انڊيا 1935ع ائڪٽ تحت، بمبئي
علائقي کان پنهنجي آزادي ورتي ۽ 1947ع ۾ سنڌ کي "خودمختيار ۽ بااختيار"
يونٽ طور پاڪستان جو حصو بڻجڻو پيو.

## اڻ پورا واعدا:

اوڀر بنگال، بلوچستان، اتر اولهہ سرحدي صوبي ۽ پنجاب وانگر سنڌ بہ 23
مارچ 1940ع تي لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي جنرل ڪائونسل طرفان منظور
ٿيل قراردادِ پاڪستان ۾ ڪيل واعدي تي پاڪستان ۾ شامل ٿي، تہ جيئن واعدي
مطابق نيون ٺاهيل مسلم رياستن ۾ سڀ حصيدار قومون خود مختيار ۽ خود
حڪمران هونديون، ۽ پڻ اهو بہ عهد ڪيو ويو تہ مرڪز وٽ فقط دفاع، ناڻو امورِ
خارجہ، ڪسٽم ۽ ابلاغي ذريعن جا اُهي نظام جن جو تعلق دفاع سان هجي اُهي
مرڪزي جوڙجڪ سان رهندا. جڏهن تہ ٻيا سڀ شعبا يونٽن وٽ رهندا، ۽ هر يونٽ
جي مک عهديدار کي وزيراعظم سڏيو ويندو. پر افسوس ان واعدي کي ڪڏهن بہ
پوري ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويئي، جنهن جي نتيجي طور پاڪستان ٺهڻ
بعد ڪجهہ مهينن اندر بلوچستان بغاوت ڪئي ۽ ان بغاوت کي چٿڻ لاءِ فوج کي
موڪلڻو پيو. بنگال ۽ سرحد ۾ ويڙهو گروهن ڪر کنيو ۽ سنڌ ۾ بہ قوم پرستيءَ جو

جذبو شدت سان اپريو جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي.

اُهي ماڻهو جيڪي پاڪستان ۾ شامل قومن جي بااختيار هجڻ جا مخالف هئا اڪثر دعويٰ ڪن ٿا تہ قرارداد پاڪستان ۾ ڪيل بااختياريت ۽ خود مختياري جو عهد بعد ۾ 1946ع واري قرارداد دهليءَ ۾ ختم ڪيو ويو هو! سندن طرفان هڪ ناقابلِ انڪار حقيقت کان پاسو ڪرڻ لاءِ اِها هڪ ٻي خراب تشريح ۽ تاويل آهي. حقيقت اها آهي تہ قرارداد پاڪستان مسلم ليگ جي جنرل ڪائونسل طرفان منظور ڪيو ويو هو ۽ اُن جي برعڪس قراردادُ دهلي صرف پارليامينٽري ڪميٽيءَ طرفان منظور ٿيل هو. اهو جمهوريت جو عالمي سطح تي مڃيل اصول آهي تہ جيترو وڏو ادارو هوندو اوترو ئي وڏيڪ اختيار ان کي هوندو. جيئن تہ ڪابہ ڪابينہ پارليامينٽ جي ڪنهن قاعدي کي نظرانداز، ترميم يا ختم نہ ٿي ڪري سگهي، تيئن ڪنهن بہ پارٽيءَ جي پارليامينٽري ڪميٽيءَ کي پارٽيءَ جي وڏي مجلسِ عاملہ يا ڪائونسل جي منظور ڪيل قرارداد کي ختم ڪرڻ جو هرگز اختيار نہ آهي. ان کان علاوه قرارداد دهليءَ ۾ اهڙي ڪا شيءِ شامل ئي ناهي جنهن کي قرارداد پاڪستان ۾ ڪيل بااختياريءَ ۽ خودمختياري جي واعدي کي ختم ڪرڻ جي ڳالهہ سمجهي سگهجي. ان بجاءِ قرارداد دهليءَ رڳو هيٺين چئن مک نقطن کي ئي ظاهر ڪيو هو. سڀ کان پهرين، تہ ڪابہ قوم، پلي اُها هڪ قوم يا سيني قومن کان اڪثريت ۾ هجي، ٻيءَ قوم يا ٻيءَ هڪ تي پنهنجي مرضي مسلط ڪرڻ جو حق نہ ٿي رکي سگهي. ٻيو تہ ٿلهو ڪو وفاقي نظام آئين ۾ مهيا ٿيل حفاظتي اُپائن باوجود مرڪز کان صوبن کي ڪوبہ تحفظ نہ ٿو ڏئي. ٽيون تہ هر مضبوط مرڪز اقليتي قومن لاءِ ظالم آهي. چوٿون تہ قومن جي وفاق ۾ ڪنهن بہ هڪ قوم جو يڪمـُڙهيو ضابطو ناقابلِ برداشت آهي. سو پاڪستان ۾ شامل قومن لاءِ بااختيار ۽ خود مختياريءَ جي قرارداد پاڪستان ۾ ڪيل واعدي کي ختم ڪرڻ بجاءِ، قرارداد دهلي وفاق ۾ اقتدار جي غير مرڪزيت جو مطالبو پاڻ وڏيڪ واضح صورت ۾ دهرائي ٿو.

پر گذريل سڀني واعدن باوجود پاڪستان ۾ هڪ تمام وڏو مرڪزي نظام حڪومت لاڳو ڪيو ويو. جيڪو شامل ننڍين قومن مٿان سڀني کان وڏيءَ ۽ طاقتور هڪ قوم جي بالادستيءَ واري ضابطي برابر هو. اُن جي نتيجي طور سڄو نظام پنجاب جي بالادستيءَ ۾ هليو ويو. ننڍن صوبن جا حق ۽ مفاد ثانوي حيثيت کان



وڏيڪ نہ رهيا. قومي دولت، ترقيءَ،آبپاشيءَ جي ورهاست ۽ حڪمرانيءَ جا ٻيا سيئي دستور مطلق طاقت جي بنيادن تي پنجاب جي مفادن پوري ڪرڻ جي رٿائن سان ٺاهيا ۽ هلايا ويا. جن سان پاڪستان ۾ رهندڙ ٻين قومن درميان تلخي ۽ شديد بد اعتمادي ڦٽي نڪتي، جنهن جو نتيجو 1971ع ۾ خود مختيار ۽ آزاد بنگلاديش جي صورت ۾ نڪتو. باقي جيڪو پاڪستان بچيو اُن ۾ آزادي ۽ خود اختياريءَ لاءِ قوم پرست جذبا اندر ئي اندر رڌجڻ ۽ پچڻ هيستائين جاري رکيو اچن.

## دولت ۽ وسيلن جي ورهاست:

1947ع ۾ قائم ڪيل قومي مالياتي اداري طرفان اختيار ڪيل قومي دولت جي ورهاست لاءِ جيڪو طريقو استعمال ڪيو ويو. سڄيءَ دنيا جي روايت جي برعڪس پاڪستان ۾ غلط ۽ ناجائز صورت ۾ زير عمل موجود آهي. سڄيءَ دنيا ۾ ٻيا جائز نظام نہ فقط موجود اقتصادي صورتحال ۽ گهربل ترقيءَ جي بنياد تي رقمن جي ورهاست ڪن ٿا، پر هر هنڌ وڏيڪ محصول جي حاصلات جي عيوض ملڪ جي اُن ڀاڱي کي سزا ڏيڻ بجاءَ اوتروئي وڏيڪ صلو پڻ ڏين ٿا. اُن جي ابتڙ پاڪستان ۾، ورهاست لائق مجموعي آمدنيءَ لاءِ محصولي آمدنيءَ کي گڏ ڪرڻ ۽ موٽائي اُن علائقي کي ڏيڻ بدران صرف آباديءَ جي بنياد تي عمل ۾ آندو وڃي ٿو. سنڌ جيڪا پاڪستان جي آباديءَ جو 24 سيڪڙو حصي برابر آهي، سا ورهاست لائق مجموعي رقم ۾ 75 سيڪڙو حصو ڀياري ٿي جنهن ۾ سنڌ جـِي 65 سيڪڙو انڪم ٽيڪس، 65 سيڪڙو سيلز ٽيڪس ۽ 85 سيڪڙو ڪسٽم ڊيوٽي شامل آهن. پر موٽ ۾ مجموعي طور هر رپئي لاءِ جيڪو سنڌ قابل ورهاست مرڪز کي ڏئي ٿي، اُن کي مرڪز کان فقط 16 سورنهن پئسا ملن ٿا. جڏهن تہ پنجاب پاڪستان جي آباديءَ جو 55 سيڪڙو حصي برابر آهي ۽ ورهاست لاءِ مرڪز کي فقط 26 سيڪڙو روينيو ڏئي ٿو. پر استعمال لاءِ سگهارو حصو (Lion share) وصول ڪري ٿو. ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ طرفان ڪرايل هڪ سروي مطابق سنڌ سڀني صوبن کان وڏيڪ غريب آهي، سنڌ ۾ 60 سيڪڙو کان وڏيڪ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن.اِها ناانصافي اِتي ئي ختم ڪانہ ٿي ٿئي. جو ان باوجود بہ حڪمران ٽڪ جي ڀڪائيءَ سان سڄيءَ دنيا آڏو اهي اعلان ڪري رهيا آهن تہ پاڪستان هاڻي ايترو امير ملڪ بڻجي چڪو آهي، جو هو قرض وٺڻ نہ پر قرض ڏيڻ جي سگهہ رکي ٿو ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ ماڻهن جي معيار

زندگي موبائل فون ۽ ڪارن جي استعمال سان ڪري سگهجي ٿي. جڏهن تہ حقيقت ۾ پاڪستان سنڌ جي امداد تي پلجي رهيو آهي ۽ سنڌي قوم تاريخ کان اڳ واري پست زندگي گذاري رهي آهي. زندگيءَ جي سڀني بنيادي ضرورتن کان محروم جهڙوڪ جان جي امان ۽ جائداد جي تحفظ، صاف پاڻيءَ، روزگار، دوائن، تعليم ۽ بجليءَ جي رسد ۾ پورائي – ان کان وڌ ناانصافي ڪا ٿي ئي نہ ٿي سگهي. ڌرتيءَ جي اصلي وارثن جي اها حالت آهي جو مانيءَ جي گِيي لاءِ هو پنهنجي اولاد کي وڪرو ڪرڻ تي مجبور ڪيا ويا آهن اُن جو مثال ٽنڊي آدم ۾ غربت ۽ بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي حنيف ٿهيم نالي همراه پنهنجي تازي ڄاول ٻار کي فقط 10 هزار روپيين عيوض وڪرو ڪيو. سندس گهر واري، ٻار جي ماءُ پنهنجا حواس وڃائي ويٺي آهي.

اهڙيءَ طرح حڪمرانن سنڌ کان ٻنان پڇڻ جي سنڌ جي ٻيٽن تي سنڌ جي مالڪيءَ جو حق تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪندي ٻن ٻيٽن جو سودو "عمار ڪمپني" سان ڪري ڇڏيوان ڳالهہ کان بي خبر ٿي تہ 40 لک ماهيگير جيڪي سمنڊ جو پيٽ چيري روزگار حاصل ڪن ٿا انهن جو ڇا ٿيندو؟ افسوس جو سنڌ سرڪار وفاق آڏو سخت مؤقف تہ نہ رکيو پر اهو چيو ويو تہ انهن ٻيٽن تي ڪتا ۽ ٻلا گهمي رهيا آهن ۽ هاڻي هتي عرب شيخ اچي گهر ٺهرائيندا ۽ ماهگير گهبرائين نہ ڪين عربن وٽ نوڪريون ڏنيون وينديون. اهڙي قسم جي ڏٺل بيانن مان سنڌ حڪومت جي غلامانہ سوچ واضح طور اڀري اچي ٿي جيڪا هوءَ پنهنجي عوام لاءِ دل ۾ رکي ويٺا آهن.

سنڌ معدنيت سان ڀري پئي آهي. جهڙوڪ ڪوئلو چُن، سنگ مرمر، قدرتي گئس ۽ ٻيا ڪيترا ئي معدنيات آهن. شايد اسان جو عظيم ترين قدرتي وسيلو تمام ڪاميابيءَ سان هلندڙ بحري پاڻيءَ جو بندر آهي، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو. جيڪو سڪندراعظم جي سنڌ فتح ڪرڻ کان بہ اڳ سنڌ جي اقتصادي نظام جو اهم حصو رهيو آهي. جنهن تي هاڻ تائين بہ سڄو قومي اقتصادي نظام انحصار ڪري ٿو. تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي، جن ۾ قومن بحري بندر حاصل ڪرڻ لاءِ جنگيون ڪيون آهن. اُن جي اهميت هوائي جهاز جي دؤر اچڻ سان بہ گهٽ نہ ٿي آهي ۽ پاڻيءَ جي جهازن وسيلي ئي سڀ کان وڌن هوائي جهازن کان وڌيڪ سامان موڪلي ۽ آٽائي سگهجي ٿو.



جتي سڄو ملڪ سنڌ جي انهن وسيلن مان فائدو حاصل ڪري ٿو اتي سنڌ حڪومت پنهنجي ملازمن کي ماهانہ پگهار بہ وقت تي نہ ٿي ادا ڪري سگهي. ماڻهن کي ڊيڄاري رکڻ جي شوقين سنڌ حڪومت بنا سوچي سمجهي اهو اعلان ڪيو تہ 42 هزارن کان وڌيڪ سرڪاري ڪاتن ۾ ملازمتون ڏنيون وينديون پر هر سال ڪستو ڪٽي مرڪز کان اربين رپيا قرض طور ڳاتي پڳي وياج تي گهرٽا ٿا پونس. جنهن کان سواءِ ماڻهن کي گهربل نوڪريون بہ نہ ٿي ڏئي سگهي. گذريل 10 سالن کان بيروزگار نوجوان روزگار جي آسري ۾ فقط حڪومتي اعلان ٻڌي رهيا آهن. ڪيترائي بيروزگار نوجوان بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي خودڪشيون ڪري رهيا آهن. جي ڪجهہ نوڪريون ملن بہ ٿيون تہ حڪومت جي اتحادي ڌرين جي نذر ٿي ٿيون وڃن. جيڪڏهن سنڌ حقيقت ۾ بااختيار ۽ خودمختيار هجي ها ۽ پنهنجن وسيلن تي ضابطو هجيس ها تہ بيروزگارن کي نوڪريون ڏيڻ يا روزگار ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي وفاقي حڪومت جي رحم ۽ ڪرم تي انحصار نہ ڪرڻو پوي ها. نہ ئي 60 سيڪڙو سنڌين کي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻي پوي ها. هونئن تہ سنڌ خوراڪ سوڌو ٻين سڀني ضرورتن ۾ خودڪفيل آهي. اها پنهنجي پاڻ مرادو زمين تي جنت ٿي سگهي ٿي. اهو ڪو خدائي فيصلو يا حڪم ناهي تہ سنڌي هميشہ سخت پوڳنا ۽ پيڙا واري حياتي گهارين. اهو پاڪستان ۾ هڪ نا موزون نظامَ حڪومت جو نفرت لائق نتيجو آهي. جيڪو ٻين قومن تي هڪ بالادست قوم جي تسلط جو بچاءُ ڪري ٿو.

## پاڻيءَ وارو مسئلو:

سڪندر اعظم پنهنجي فوج مان اڪثريت کي سمنڊ رستي بئيبيلان رواني ڪرڻ لاءِ پنجاب کان واپس موٽائيندي سمنڊ تائين پهچڻ لاءِ ستلج نديءَ مان سفر ڪيو. جڏهن سندس لشڪر سنڌو نديءَ ۾ داخل ٿيو تہ سنڌو وڏي سيلاب جي هڪ اهڙيءَ شديد ڪيفيت ۾ هئي، جو يوناني جنرل اَهو سمجهي رهيا هئا تہ هو سمنڊ ۾ پهچي ويا آهن ۽ هنن جشن ملهائڻ شروع ڪري ڇڏيو. جڏهن مقامي ماڻهن ڪين ٻڌايو تہ هي سمنڊ ناهي پر هڪ ٻيو وڏو درياهہ آهي تڏهن هُنن حيرانگيءَ جو اظهار ڪندي محسوس ڪيو تہ انهن کي سمنڊ تائين پهچڻ لاءِ اڃان گهڻو سفر ڪرڻو آهي. انهيءَ ساڳئي زور آور سنڌوءَ کي اهڙي ڪيفيت تائين پهچايو ويو آهي، جو هاڻي سنڌوءَ مان ڪئين جڳهن تي ماڻهو آسانيءَ سان

ان مان پيرين پنڌ لنگهي پيا سگهن. سنڌو ندي جيڪا ڪنهن دؤرِ ۾ هر سال سڄيءَ سنڌ کي پاڻي پهچائيندي ۽ زرخيز ڪندي هئي، سا هاڻي بچاءَ بندن اندر آيل ڪچي جي ايراضيءَ کي به هڪ ڦڙو پاڻي نٿي پهچائي سگهي. ڪٿين جڳهن تي ماڻهن سنڌو نديءَ جي پيٽ ۾ زمينون پوکي ڇڏيون آهن، جيڪو اڳي ناقابل تصور هو. گهڻي وقت کان سنڌو ندي هميشه عربي سمنڊ تائين سڄو گس تمام تيزيءَ سان وهندي رهي آهي، ۽ سنڌ جي ريگستانن کي ايڏو زرخيز ۽ پلو بنائيندي هئي، جو اها زمين سڄي تاريخ جي طويل دؤران فاتحن جي اک ۾ رهي، هاڻي پهريون ڀيرو تاريخ ۾ سنڌونديءَ جو ڪوٽڙيءَ وٽ ۽ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پيٽ سڪي ويو آهي ۽ واريءَ جا دڙا ٿي پيا آهن جيڪي جيءَ ڏکوئيندڙ تباهيءَ جا خاموش گواهه طور بيٺل نظر اچن ٿا. سنڌي ماڻهن جي اميدن ۽ شديد خواهشن وانگر سنڌ جي رڳن ۾ رت وانگي ڊوڙندڙ هيءَ حياتيءَ جي نشاني بلڪل اسان جي اکين اڳيان سڪندي ۽ ڍهندي نظر اچي ٿي.

اهو سڀ ڪجهه قدرت جي ڪنهن غير متوقع آزار واري عمل سبب نه ٿي رهيو آهي بلڪ منگلا، تربيلا وڏا ۽ ٻيا ننڍا ڊئم، چشما، تؤنسا، ديري غازي خان، مظفر ڳڙهه ڪئنال ۽ ان سان گڏوگڏ مٿي وهندڙ 16 بئراج، پنجاب ۾ تعمير ڪرڻ جو اهو سڌو نتيجو آهي. پنجاب ۾ صحرا کي گلزار ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ زرخيز ۽ پيداواريءَ جا 40 لک ايڪڙ بنجر بڻايا ويا آهن، ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ويندڙ پاڻيءَ جي وهڪري جي بندش، جيڪا 1991ع واري ٺاهه مطابق سالانه 10MAF کان گهٽ نه ٿيڻي هئي، اُن جو نتيجو اهو نڪتو جو مٺي پاڻيءَ جو سمنڊ جي لوڻياڻي پاڻيءَ تائين نه پهچڻ سبب تمر جا وڻ تباهه ٿيا يعني سڄو قدرتي آبهوائي سسٽم تباهه ٿي چڪو آهي. لوڻياڻي پاڻيءَ جي اُبتيءَ اُٿل ٺٽي ۽ بدين ضلعن ۾ لکين ايڪڙ پيداوار زمين کي پوکيءَ لائق نه ڇڏيو آهي، ان کان علاوه ان صورتحال لاڙ جي علائقي جي معاشي نظام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي لکين ملاح ۽ انهن جي گهر ڀاتين جي گذر سفر جو آسرو هو.سنڌ جون ميلن تي پريل مٺي پاڻيءَ جون ڍنڍيون سُڪي ڍورا ۽ ڍُبا ٿي ويون آهن.

اجا ڄڻ ته اهو سڀ ڪافي ناهي، اسان کي هاڻي عظيم تر ٿل ڪئنال سان مقابلو ڪرڻو آهي جيڪو تڪميل جي ويجهو اچي ويو آهي، ۽ ڪالاباغ ڊئم جو امڪان جتي 6.1MAF پاڻي گڏ ڪرڻ جو ذخيرو ڪيو ويندو. چشما رائيٽ



بئنڪ ڪئنال منصوبو جيڪو 1970ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري بند ڪيو ويو، ان کي پڻ ٻيهر شروع ڪيو ويو آهي. اهي سڀ ڳالهيون سمجهه کان ٻاهر آهن، دعوي ڪئي ٿي وڃي ته عظيم تر ٿل ڪئنال ۽ ڪالاباغ ڊئم کي صرف برساتن ۽ سيلابن جي پاڻيءَ سان ڀريو ويندو. جڏهن ته 1991ع کان پوءِ فقط گذريل هڪ سال وڏو سيلاب آيو آهي ۽ نه ته گذريل 16 سالن کان ڪي گهڻيون برساتون ئي وسيون، بلڪ لاڳيتو ڪيترن ئي سالن کان پاڻيءَ جي شديد کوٽ رهي آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ پاڻيءَ کي اجا پوئتي اوپاري پاسي زخيرو ڪري، پاڻيءَ جي مقدار کي شديد طريقي سان سنڌ ۾ گهٽائڻ جا جتن پيا ڪيا وڃن! انهن رٿائن لاءِ اضافي پاڻي نديءَ جي نظام ۾ موجود ئي ناهي ته اِن جو نتيجو اهو نڪرندو ته سنڌ جي حصي مان ئي پاڻي پوئتي ذخيرو ڪيو ويندو. هاڻي وفاق طرفان سنڌ نيشنل پروگرام امپروومينٽ آف واٽر ڪورسز سلسلي تحت سنڌ ۾ 29 هزار جي لڳ ڀڳ واٽر ڪورس پڪا ڪرڻا آهن. جنهن تحت حڪومت جي اها دعوي آهي ته انهن واٽر ڪورسن جي پڪي ٿيڻ بعد سنڌ ۾ تقريبن 8MAF پاڻي بچندو، جيڪو پاڻي ڪالاباغ ڊئم ۾ ذخيرو ڪيو ويندو. جڏهن ته ماهرن موجب سمورن واٽر ڪورسن پڪي ٿيڻ بعد رڳو تقريبن 5MAF پاڻي بچندو جيڪو اڳ ۾ ئي پڇڙيءَ جي واٽر ڪورسن جتي ڪيترن ئي سالن کان بدحالي ۽ ڏڪار جي حالت رهي آهي ان لاءِ به ناڪافي آهي.

لڳي ٿو ته سنڌ کي نقصان رسائڻ بلڪ سُڃي ڪرڻ جو ڄڻ ڪو باقاعده منصوبو جوڙيو ويو آهي. نه ته ڪير اها حجت ڏيکاري سگهي ٿو ته ڪالاباغ ڊئم جنهن جي ٺاهڻ جو داٻو صدر جي هر تقرير ۾ سنڌي قوم کي ڏنو وڃي ٿو، ان تي 15 ڪرب ڊالرن کان به مٿي لاڳت ايندي، جيڪا رقم حڪومت وٽ موجود ئي ناهي، ۽ هن منصوبي کي مڪمل ٿيڻ ۾ 15 سالن کان وڌيڪ عرصو لڳندو جڏهن ته ماهرن طرفان ان منصوبي کي ناموزون قرار ڏنو ويو آهي. ٻئي طرف موجود ڪئنال نظام ۾ 55MAF پاڻيءَ جي زيان کي روڪڻ لاءِ به خاص ڪي اُپاءَ نه پيا ورتا وڃن، جيڪي جلدي ۽ ٿوريءَ لاڳت سان پورا به ٿي سگهن ٿا.

سنڌ کي اڳ ۾ ئي ٻين صوبن جي پيٽ ۾ پنهنجي حصي کان گهٽ پاڻي ملي رهيو آهي، مجموعي طور سڄي صوبي ۾ پاڻيءَ جي کوٽ برقرار آهي ان باوجود جيترو پاڻي سسٽم ۾ موجود آهي ان جي منصفانه ورهاست جون ذميواريون

آبپاشي کاتي تي عائد ٿين ٿيون. آبپاشي کاتو جيڪو غلط رٿابنديءَ، بدانتظاميءَ، ڪامورا شاهي جي لاپرواهيءَ ۽ ڪرپشن جي ڪري ناڪاره بڻجي چڪو آهي، سندس ڪارڪردگيءَ جو اندازو ايئن ڪري سگهجي ٿو جو شاخن ۾ ڪٿي پاڻي جي واڌ سبب گهارا پئجي رهيا آهن تہ ڪٿي شاخن ۾ پاڻيءَ جي لپ بہ ميسر ناهي. گذريل 60 سالن جي عرصي دؤران جيترو پئسو آبپاشي نظام جي بحاليءَ يا مرمت تي خرچ ٿي چڪو آهي. ڪڏهن ويهي انگن، اکرن جو حساب ڪجي تہ ايترن پئسن مان سنڌ اندر سيئي ڪئنال، شاخون ۽ واٽر ڪورس پڪا ٿي پئي سگهيا. ان جي ابتڙ ايڏي پئسي خرچ ٿيڻ کان پوءِ بہ اڄ سڄو آبپاشي نظام انتهائي زبون حالت ۾ آهي. آبپاشي سرشتي کي مؤثر ۽ فعال بنائڻ واسطي ورلڊ بئنڪ جي ڪروڙين ڊالر قرض طور ڏنل رقم جي مدد سان ادارتي سڌارن (Institutional Reforms) جي نالي ۾ قائم ٿيل ادارا ۽ انهن تحت هلندڙ مختلف پروجيڪٽ (National Drainage Programme “NDP”)، (Sindh Irrigation & Drainage authority “SIDA”)، (Sindh On Form Water Managment Project، “SOFWMP”) ۽ ساڳئي وقت ٻيا مختلف منصوبا جيڪي ائگريڪلچر کاتي طرفان هلندڙ آهن انهن سڀني منصوبن جي شروع ٿيڻ جو بنيادي مقصد سنڌ ۾ زرعي پيداوار ۾ اضافو ڪري سنڌ کي سرسبز ۽ خوشحال بنائي، سنڌ جيّ ماڻهن کي وڌ ۾ وڌ روزگار فراهم ڪرڻ آهي. پر بيحد افسوس، جو سڀ ڪجهہ ان جي ابتڙ ٿي رهيو آهي. وزيرن، ڪامورا شاهيءَ جي عدم دلچسپي، غلط رٿابندي، لاپرواهيءَ، ڪرپشن انهن سڀني منصوبن کي بجاءِ لاڀ ڏيڻ جي، اهڙيءَ حالت تائين پهچايو آهي جو سنڌ اڃا وڌيڪ قرضي ٿي رهي آهي ۽ ماڻهن جي غربت ۾ گهٽتائي تہ نہ پر غربت ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. اربين روپين جي رقم سان هلندڙ انهن منصوبنّ ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن کي پگهارن ڏيڻ واسطي بہ پئسا ناهن! اڃا اهو ڪافي ناهي، تازو ئي سنڌ حڪومت ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان آبپاشي نظام جي سڌاري لاءِ هڪ ٻيو معاهدو ڪيو آهي، جنهن کي (Water Sector Improvment Project،"WSIP”) جو نالو ڏنو ويو آهي، اُن تحت ورلڊ بئنڪ سنڌ حڪومت کي 10 ارب 67 ڪروڙ 50 لک روپيا قرض طور ڏيندي! موجوده هلندڙ منصوبن جي ڪارڪردگيءَ مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪجهہ مهينن کان پوءِ شروع ٿيندڙ هي نئون



منصوبو سنڌ کي ڪهڙو لاڀ ڏيندو؟ سنڌ کي اهڙن منصوبن مان لاڀ ملي يا نہ پر اڄ هر ساڃهہ وند اهو سوچي رهيو آهي تہ آخر اهو قرض ڪڏهن ۽ ڪيئنءَ لهندو؟ اسان پنهنجي ايندڙ نسلن کي مقروض ڪري رهيا آهيون. باقي جيڪا رهيل ڪسر آهي سا ورلڊ بئنڪ جيڪا سنڌ اندر اربين روپيا سيڙائي زراعت جي ترقيءَ جي نالي ۾ LBOD ۽ RBOD جهڙن ميگا پروجيڪٽن لاءِ ٻيچين نظر اچي ٿي، اُن جو مقصد لڳي ٿو تہ ترقي نہ پر علائقي جي وسيلن تي قبضو ڪرڻ آهي. اها خبر بہ سنڌ جي ماڻهن کي هاڻ جلد پوڻ واري آهي تہ جڏهن سندن لکين ايڪڙ زمين کي LBOD ۽ RBOD جي زهريلي پاڻيءَ سان بنجر بنجڻ ٿيڻ سبب اها زمين ڪا لينڊ ڪمپني خريد ڪري ٻاهرين سيڙپ ڪارين کي وڪڻي اصلي ڌرتي ڌڻين کي بي دخل ڪندي. جيڪي خواب سنڌ جي ماڻهن کي انهن اربين روپين جي لاڳت سان ميگا پراجيڪٽس شروع کان اڳ ڏيکاريا ويا هئا جنهن تحت سنڌ جي سم ۽ ڪلر جي ور چڙهيل لکين ايڪڙ زمين کي آباد ڪرڻو هو، ڪامورا شاهي ۽ غلط پلاننگ سبب ائين تہ نہ ٿي سگهيو اٽلوئي جيڪي سنڌ اندر اڳ ۾ ئي آباد زمينون هيون انهن کي زهريلي پاڻيءَ سان بنجر بڻايو ويو. بدين ضلعي اندر سڄي Eco System کي ڏار تباهہ ڪيو ويو.

پاڻي زندگيءَ کي برقرار رکي ٿو ۽ پاڻيءَ کان سواءِ حياتيءَ جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. نہ رڳو ماڻهن جي کاڌي ۽ رزق لاءِ اناج واري فصل کي پاڻيءَ جي گهڻي مقدار جي ضرورت آهي، پر پيئڻ جو صاف پاڻي بہ اُنهن جي ضرورت آهي. تنهنڪري محض اهو دليل ڏيڻ بي مقصد ۽ بيڪار آهي تہ هي فقط ٽيڪنيڪل مسئلو آهي جنهن کي سياسي نہ بنايو وڃي، ۽ پڻ اهو تہ ان مسئلي سان لاڳاپيل جيڪو وسيع عوام متاثر ٿئي ٿو انهن جي تقدير جو فيصلو بہ ائين پگهاردار افسر شاهيءَ تي ڇڏيو وڃي! جڏهن تہ هر اهو مسئلو جيڪو ماڻهن کي زندگيءَ جي ايڏي بنيادي سطح تي متاثر ڪري ٿو سو واضح طور تي سياسي مسئلو آهي ۽ ماڻهن جي اطمينان لاءِ سياسي طريقي سان ئي حل ٿيڻ گهرجي. پاڻيءَ جو مسئلو اڄ سنڌ لاءِ هڪ وڏي ڪڙي ۽ عداوت ڀري حقيقت ۽ سنڌي ماڻهن جي مادي ۽ سياسي محروميءَ جي ڪليل اعلان مثل بڻجي چڪو آهي. سنڌ اسيمبلي بہ ٻيرا ڪالاباغ جي تعمير خلاف قرارداد منظور ڪري چڪي آهي. جنهن کي پنجاب ۽ اسلام آباد جي اختياري حلقن هڪ گفتي سان ئي اهو چئي رد ڪري ڇڏيو تہ اسيمبليءَ کي

اهڙو ڪو قانوني يا آئيني اختيار ناهي. صوبائي اسيمبليءَ ۾ منظور ٿيل قراردادن جي قانوني حيثيت ڪهڙي به هجي، انهن قراردادن جي سياسي اهميت کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ ڪرڻ بہ نہ گهرجي.

سنڌ ڪالاباغ ڊئم خلاف متحد آهي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو آواز ان مسئلي تي اڪيلو آواز ناهي، پر سڀني سنڌي ماڻهن جو مشترڪ آواز آهي. هڪ طرف حڪمران بين الاقوامي ادارن کي راضي رکڻ لاءِ پاڪستان ۾ جمهوريت کي برقرار رکڻ چاهين ٿا، پر ٻئي طرف جمهوريت جي آواز کي بي عزت طريقي سان دٻائي نظرانداز ڪري رهيا آهن. ان ڳالهہ ڪرڻ ۾ ڪنهن کي ڪا هٻڪ ناهي تہ جي اسان جي مرضيءَ خلاف ڪالاباغ ڊئم اسان جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو تہ وفاق ڳنڀير خطري جي نتيجن جو ذميوار هوندو ۽ اها ذميواري انهن تي عائد ٿي ويندي، جيڪي ائين خود راءِ ٿي جمهوريت جي مرضيءَ جي خلاف ويندا.

## امن امان جي صورتحال:

سنڌ اندر امن امان جي صورتحال پاڪستان ۾ ٻيءَ هر يونٽ جي ڀيٽ ۾ انتهائي خراب آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ هِتي چوڌس ڏهڪاءُ ڦهليل آهي. رياست جي ڏاڍ سبب ڪيترن ئي سياسي ۽ سماجي ڪارڪن ۽ بي گناه ماڻهن کي ايجنسين طرفان تحويل ۾ وٺي گم ڪري اٽڃاٽائي ظاهر ڪئي وڃي ٿي. لاقانونيت ۾ ٿيندڙ لڳاتار اضافي سڄي سنڌ ۾ ماڻهن لاءِ جيئڻ جنجال بنائي ڇڏيو آهي. ڌوهاري قسم جا ماڻهو ڏينهن ڏٺي جو ڳوٺن، شهرن ۽ شاهراهن تي پنهنجي مرضيءَ موجب ڦرلٽ ۽ اغوا جون وارداتون ڪري رهيا آهن. ايتري قدر، جو ماڻهو پاڻ کي گهر منجهہ بہ محفوظ نٿا سمجهن ۽ سک سلامتيءَ سان ننڊ نٿا ڪري سگهن. سرِعام نياڻين جي عصمت دري ڪئي ٿي وڃي. پوليس، رينجرَ، رضاڪار ڪارندا ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري، سڀ ڪيترين ئي مخبر ايجنسين جي مدد هوندي بہ صورتحال کي ضابطي هيٺ رکڻ ۾ بلڪل ناڪام رهيا آهن، خاص طرح سنڌ اندر ٿيندڙ قبيلائي جهيڙن کي روڪڻ ۾ سندن ڪو خاص ڪردار نظر نٿو اچي ۽ هاڻي تہ اهي پنهنجو پاڻ کي بہ سلامت نہ سمجهندي ان فرض ادائيگيءَ جي بجا آوريءَ کان ڪيٻائي بلڪ بي پرواه ۽ بي اونا بڻيل پيا ٻڏجن ۽ ڏسجن.

پوليس ڌوهارين جي ڀيٽ ۾ عوام لاءِ وڏيڪ آزار بڻجي چڪي آهي ۽ عوام لاءِ



هڪ اهڙو تہ ڏهڪاءُ ڏيندڙ عذاب بڻيل آهي، جو شهري ائين ٿا سمجهن تہ هجڻ بدران اُها نہ هجي تہ پاڻ بهتر آهي. امن امان جا رکوال جيڪي ڌوهارين کي مُنهن ڏيڻ جي اهليت نٿا رکن، راشي ۽ بي وس آهن تن، قانون جو احترام ڪندڙ شهرين کان پنهنجون نگاهون ڦيري ڇڏيون آهن. رشوت خوري، زور زبردستي ۽ ڦرلٽ ۾ سڀني کان گوءِ کڻي ويا آهن، بااثر ماڻهن جي آشر واد هيٺ ڇاتل سڃاتل ڌوهارين خلاف بہ ڪو جوڳو قدم کڻڻ کان هو انڪار ڪن ٿا. ڌاڙيلن ۽ خونين جي شڪنجي ۾ ايندڙ ڪنهن هيڻي جي خدا ڪارڻ بہ هو مدد نٿا ڪن. تازو ئي سنڌ اندر اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي ملڪ جي چيف جسٽس پاڻ اهو اعتراف ڪيو تہ اُهي سنڌ اندر بااثر ڌوهارين آڏو بي وس بڻيل آهن ۽ اُنهن خلاف ڪارروائي نٿا ڪن. ماڻهو ڌوهارين خلاف دانهڻ جي ڀيٽ ۾ خود پوليس کان تحفظ لاءِ دانهين رهيا آهن. رسول بخش بروهي ڪيس ۽ ٻيا اهڙا گهڻائي ڪيس ان جو ثبوت آهن. گهٽ نوعيت جي ڏوهن کي تہ ڇڏيو پر سنگين ڏوهن جي واردات جهڙوڪ قتل، اغوا ۽ هٿياربند ڦرين جي ڪيترن ئي واقعن جي شڪايتن تي پوليس ڪوبہ قدم نٿي کڻي سگهي، ماڳهين پوليس پاڻ ڏوهن ۾ ملوث نظر اچي ٿي، سنڌ ۾ ڪيترن ئي پوليس اهلڪارن پاران نياڻين جي لڄالٽ جا واقعا معمول بنجي چڪا آهن.

ڪجهہ عرصو اڳ هڪ منظم سازش تحت هزارين دهشتگردن سنڌ ائگريڪلچرل يونيورسٽي ٽنڊوڄام تي حملو ڪري ڪروڙين روپين جي ملڪيت کي نقصان رسايو. قانون لاڳو ڪندڙ سڀئي ايجنسيون انهن آڏو بي وس بڻيل رهيون ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪابہ گرفتاري عمل ۾ نہ اچي سگهي آهي. مشڪوڪ ماڻهن هر طرح جي ڪارپردازن ۽ ايجنسين جي مدد سان اسيمبلين ۽ وزارتن ۾ پنهنجي لاءِ سالم مقام حاصل ڪري ورتو آهي ۽ ضلعا ۽ تعلقا پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا اٿن، ۽ اتي پنهنجي پسند جا ڪامورا مقرر ڪرايا اٿن، اهڙا ڪامورا جيڪي پنهنجي سر ۽ پنهنجي پر ۾ ايترا تہ ڪريل ۽ ڏاميج آهن، جو هو فقط پنهنجي آقائن ۽ سرپرستن کي خوش رکن ٿا ۽ عام عوام لاءِ آزار بڻيل رهن ٿا. اهي حقيقت ۾ پنهنجن فرضن جي بجاآوريءَ جي لائق ئي ناهن ۽ نتيجي طور سندن دائري اختيار ۾ سڀني قسمن جا ڏوهہ سندن سرپرستيءَ ۾ وڌن ويجهن ٿا. قانون لاڳو ڪرڻ ۾ هڪ نهايت ئي خراب نتيجو اهو نڪتو آهي، جو ماڻهن کي پنهنجو پاڻ

هٿيار بند ٽيڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ته اهي نه فقط پنهنجي تحفظ لاءِ بلڪ ان لاءِ به ته قانون کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي پنهنجا ليکا پاڻ چڪائين. ڇو ته جهيڙا جهٽا نبيرڻ ۽ ڏوهارين کي سزائن ڏيارڻ واري رياستي ادارن ۽ انتظامن جو مڪمل طرح سان ڏينگو ڏيري تي ڇڪو آهي. ان ريت قبيلائي جهڳڙا جيڪي ماڻهن کي وڏي قتلِ عام طرف نين ٿا روز مره جو معمول بنجي چڪا آهن. صحافي جيڪي سڄي معاشري جي عڪاسي ڪن ٿا سي به هاڻي دهشتگردن جي حملن کان محفوظ ناهن. جنهن جو مثال صحافين منير سانگيءَ ۽ منير آرائين جا ڏينهن ڏٺي جو قتل آهن. اهڙي صورتحال ڪنهن به سڻي ساک رکندڙ حڪومت لاءِ ناقابلِ برداشت هئڻ گهرجي. حڪومت جو قانون ايترو ته ڪمزور ۽ بي وزنائتو بنجي چڪو آهي. جو ڀهراڙيءَ اندر جن معصوم ٻارن جي هٿن ۾ ڪتاب ۽ قلم هئڻ گهرجن اهي اڄ ڪلاشنڪوف ۽ راڪيٽ لانچر هڪٻئي خلاف استعمال ڪري رهيا آهن. غير قانوني هٿيار هٿ ڪرڻ ۽ ڪرپشن وغيره جهڙن معاملن کي مُنهن ڏيڻ ۾ حڪومت پاڻ ئي هيٺي ۽ بي وس بڻيل آهي.

## عدالتي نظام:

عدالتون ڪنهن به مهذب سماج ۾ شهرين لاءِ ناانصافيءَ کان آزادي ۽ جان و مال ۽ عزت پري جيون کي پيش ٿيندڙ خطرن کان بچاءَ جون آخري پناهگاهَ هونديون آهن. عدالتون جڏهن منصفانه طرز عمل سان ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين، شهرين کي بي لغام دهشت، جبر، ڏاڍ جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنو وڃي ۽ انهن کان بچڻ لاءِ وٽن تدارڪ جي ڪا راهه نه هجي، سنڌ ۾ عدل ۽ انصاف جي معاملن جي نوعيت اها وڃي رهي آهي. عدليه ڄڻ هڪ ڏيڻ بنجي چڪي آهي جنهن مان ڪو عرضدار ۽ مدعي بچي نڪرڻ جي ڪڏهن ڪا اميد نٿو رکي سگهي، جڏهن ته مجرم بنا جهل پل جي آزاد گهمي رهيا آهن، جن کي ڪو هٿ به لائي نٿو سگهي. ڪيس آهن، جيڪي ڪيترن ئي سالن کان بنان ڪنهن اڪلاءُ جي هلندا ٿا رهن ۽ اهي ائين هلي هلي ڌرين جي وچ ۾ دشمنين کي وڌائين ٿا ۽ نتيجي طور سماج ۾ امن امان جي خطري جا ڳرا مسئلا پيدا ٿين ٿا. عدالتون نه فقط وقت جي حڪومت جي اشاري هيٺ هلن پيون، پر ڪائڻ پنهنجي پسند ۽ مرضيءَ جي ڪن ٻين طرفن کان ايندڙ سفارشون ۽ رشوتون پڻ ان سلسلي ۾ مکيه ڪردار ادا ڪن ٿيون. اڪثر ڪري اعليٰ عدالتن جا خود جج به ڪن مخصوص نوعيت وارين ڪيسن کي



خاص رخ ڏانهن نبيرڻ لاءِ هيٺين عدالتن جي ججن تي دٻاءُ وجهن ٿا. ججن جا تقرر ۽ تبادلا، سرڪاري ملازمن وانگر سياسي بنيادن تي ڪيا وڃن ٿا. انهيءَ طرح اڄ سياست سڄي عدالتي نظام ۾ ايتري قدر ٿوريءَ مدت ۾ دخل اندازي حاصل ڪري رهي آهي، جو عدالتون ڪيسن کي اڪلائڻ جي قابل ئي نه رهيون آهن ۽ ائين عدالتن بنان تعصب ۽ بنان پاس خاطريءَ جي خدمت ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي. تازو ئي پاڪستان جي جسٽس چيف افتخار حسين جنهن ملڪ اندر خاص طور سنڌ اندر جيڪا امن امان جي صورتحال آهي پاڻمرادو نوٽيس وٺندي ڪيترائي ڪيس اڪلايا، بعد ۾ سندس جيڪو حشر ٿيو آهي، اهو عوام آڏو آهي. اڄ سڄي ملڪ ۾ خود انصاف ڏياريندڙ قانون جا نمائندا سراپا احتجاج بڻجي ان واقعي خلاف دانهين رهيا آهن. جنهن ملڪ ۾ خود انصاف ڏيندڙ انصاف لاءِ دانهون ڪندا هجن، اتي عام عوام جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

## عام چونڊون:

پاڪستان ۾، خاص طرح سنڌ ۾، سڄو انتخابي عمل هڪ ڪنور قسم جو مذاق بڻجي ويو آهي. اليڪشن جي قاعدن ۽ ضابطن جو نفاذ ۽ استعمال ائين ٿي ويو جيئن چونڊي چونڊي مخالف ڌر جي شخصن جي تڏا ويڙهه ٿي وڃي ۽ ڳجهين ايجنسين جي خاص پسند وارا اميدوار سرخرو ٿي ميدان تي نڪري اچن. اُن لاءِ حلقه بندين کان وٺي پولنگ اسٽيشنن قائم ڪرڻ لاءِ هنڌ ۽ من پسند پولنگ عملي جي تقرريءَ تائين هر ڳالهه کي ڦيرائي گهيرائي سندن فائدي ۾ ٻيهارجي ٿو ته جيئن ڪاميابيون رڳو انهن ئي خاص نالن ۽ خوبين وارن جا قدم اچي چمن. مڪاني حڪومت وارين چونڊن ۾ سيني قاعدن قانونن جي مٽي پاڪ ڪئي وئي جن لاءِ حڪومت جي اها دعويٰ هئي ته اهي غير جماعتي بنياد تي ڪرايون ويون هيون. حقيقت ۾ اهي ئي "جماعتي" بنيادن تي ٿيون هيون. ووٽرن کي خريد ڪرڻ، اغوا ڪرڻ ۽ چونڊ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ سميت هر قسم جا ٻيا ٻيجا ڪرتوت پوري ڏيان ۽ خبرداريءَ سان سامهون آندا ويا. نام نهاد ريفرنڊم ۾ به اهوئي سڀڪجهه ڪيو ويو، جو نيٺ صدر پاڻ دٻاءَ ۾ اچي ڪلئي عام ان سڀ لاءِ عوام کان معافي ورتي. پر ان جي باوجود به هو ان ريفرينڊم جي نتيجن جي آڌار تي اڄ ڏينهن تائين ڄميو بيٺو آهي! عام چونڊن ۾ ڳجهين ايجنسين جي مداخلت پنهنجو ڪرتب اڳ وارين چونڊن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ئي ظاهر ظهور ڏيکاريو. جنهن جي

نتيجي طور حڪومتي آشروادي پارٽين کي ڌانڌلين ذريعي اسيمبلين ۾ اڪثريت ڏيارڻ تي اهي پنهنجي انتها تي پهتيون. ان سڄي صورتحال جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي عوام خاص طرح تي امنگن جي ترجماني ڪرڻ کان ۽ پنهنجا ڏک درد. جيڪي کين پيڙي رهيا آهن تن جي تدارڪ ڪان کين محروم رکڻ لاءِ سنڌن حقيقي رهنمائن کي اسيمبلين ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو آهي. ان جي برعڪس, ڏاميچ ۽ پڊر پيل سياسي دعويدار جيڪي اقتدار لاءِ وڏي واڪ وننڊڙن وٽ پهچي سگهيا ٿي ۽ ايرندڙ سج آڏو نمي سگهيا ٿي اهي ڪامياب ڄڻجي ويا ۽ اهي ئي قوم جي دلچسپ معاملن کي حل ڪرڻ بدران اڄ پنهنجي فقط خسيس ذاتي مفادن جا رکوالا ٻڻيا جمهوري ادارن ۾ جايون والاري ويٺا آهن.

## اسيمبليون:

ڪو عجب ڪونهي, جو اهڙيون قومي توڙي صوبائي اسيمبليون افاديت وڃائي ويٺيون آهن. پاڪستان جهڙو غريب ملڪ هڪ هزار جي لڳ ڀڳ ايم اين اي ۽ ايم پي اي جن مان ڪابه مثبت ۽ تعميري حاصلات نه ملي رهي آهي. تن جي خودپسند سير سپاٽن جي خرچن کي برداشت نٿو ڪري سگهي. سنڌ اسيمبليءَ کي سُڪيڙيو ويو آهي ۽ ائين ان کي خاص طرح سنڌي ماڻهن لاءِ جنجال ٻڻايو ويو آهي. سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ويٺل ميمبرن پنهنجي عوام مان جڻ ته هٿ ڪڍي ڇڏيا آهن. سنڌي اڄ پنهنجي ئي وطن ۾ دربدر ٿي رهيا آهن. سنڌن مُڪُ شهرن ۾ رهڻ اڳ ۾ ئي جنجال ٻڻايو ويو آهي, پر هاڻي ناجائز اڏاوتن جي آڙ ۾ سنڌن ڳوٺن تي به قبضا ڪيا پيا وڃن. ڌرتي ڌڻي پنهنجي ڌرتيءَ تي بي گهر ڪيا پيا وڃن. پر اڄ ڏينهن تائين ان ڏس ۾ سرڪار ڪا سنجيده ڪوشش نه ڪئي آهي. ۽ نه ئي سوچي وَئي آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ميمبرن کي بنھ هينئين درجي واري حيثيت ڏني وئي آهي. کين ڪهڙو ڪردار سرانجام ڏيڻو آهي تنهن بابت هو اڻڄاڻ بلڪ بنھ "معصوم" آهن. ان لاءِ کين ڇا ڪرڻو آهي ڇا نه ڪرڻو آهي ان جي ٻڌ سڌ کان محروم سي سنڌ کي درپيش مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن جي ڪنهن حل ڳولڻ ۽ ٻڌائڻ مان ڇا ڄاڻن! تنهن باوجود به سنڌ اسيمبلي جيڪڏهن ڪن معاملن جهڙوڪ امن امان بابت يا ڪالا باغ ڊئم بابت ڪي قرارداد يا مهملي جون رٿون پاس ڪري ٿي ته وفاق انهن کي ڪا اهميت نٿو ڏئي. سنڌن انهن قراردادن ۽ رٿائن جا ڪي منفي يا مثبت اثر نڪرن ٿي نڪرن ان کان



اڳ ئي اهي تلخيءَ ۾ اچي تلف ٿي وڃن ٿيون. اسيمبليءَ جي مان ۽ شان جي تقدس جو احترام خود ميمبرن پاران ئي نٿو ڪيو وڃي. جيڪي يا ته اسيمبليءَ جي قاعدن قانونن ۽ انهن جي مريادا کان اڻ ڄاڻ آهن يا ته کين اهي سمجهه ۾ ئي نٿا اچن. انهن سيني حقيقتن مـڙي ڪري سنڌ جي عوام جي ان سپ کان مٿانهين صوبائي جمهوري فورم جي حيثيت ۽ وقار جون ڪلون لاهي ڇڏيون آهن. ۽ ان جي افاديت کي گهٽائي گهٽائي ان نهج يا مقام تي نيئي پهچايو آهي. جو ڪنهن کي هاڻي اِها اونَ ئي نه رهي آهي ته اهڙي ڪنهن فورم جو وجود به آهي يا نه آهي!

## مڪاني حڪومتون:

مڪاني "حڪومتن" وارو نظام بنيادي طور تي صوبن کان سنڌن اختيارن کسڻ ۽ اسلام آباد ۾ مڪاني ضلعي جي وچ ۾ سڌو سنئون تعلق جوڙي صوبن جي حيثيت ئي ختم ڪرڻ جي هڪ سازش آهي. جيتوڻيڪ دعوي اها ڪيل هئي ته ان رٿا هيٺ اختيارن کي هيٺينءَ سطح تائين منتقل ڪيو ويو هو پر حقيقت ۾ ان سان اختيارن کي وڌيڪ مرڪزي اسلام آباد جي اقتدار اعليٰ کي مضبوط ڪيو ويو آهي. اختيارن جي هيٺين سطح تي منتقلي فقط آئيني سڌارن ذريعي ممڪن ٿي سگهي ٿي. جيڪي صوبائي حڪومتن کي سنڌن صوبائي معاملن بابت حقيقي اختيار پنهنجي وس ۾ رکڻ جو مجاز ٻڻائين ها. پر هتي سيڪجهه ان جي ابتڙ ٿيو آهي. سنڌ کي 21 ضلعن ۾ ورهايو ويو آهي. وفاقي حڪومت جيڪڏهن اهو سمجهي ٿي ته صوبائي حڪومت کي نظر انداز ڪري ۽ ضلعي حڪومتن سان سڌا مرڪز جا لاڳاپا قائم ڪري, اُها سنڌي قومي تشخص کي ميساري ڇڏيندي ته اها ان جي ڀل آهي. حقيقت ۾ مرڪز کي ڪنهن هڪڙيءَ سنڌ حڪومت کي منهن ڏيڻ بدران جيئن ماضيءَ ۾ هو هاڻي توڙي اڳتي 21 سنڌ حڪومتن سان منهن ڏيڻو پوندو. جيڪي گڏجي سنڌ جي عوام سان يڪ آواز ٿي ساٿس ڳالهائينديون. ڪنهن قوم جي تشخص يا سڃاڻپ کي ايترو سولائيءَ سان وساري يا ميساري نٿو سگهجي. مرڪز جي حڪمرانن کي ون يونٽ جي نظريي گهڙيندڙن جي حشر مان سبق سکڻ گهرجي جيڪي پاڻ ته فنا ٿي ويا پر سنڌ جو وار به ونگو ڪري نه سگهيا. پاڪستان کي بچائڻ ۽ خوشحال بنائڻ جي رستي ۽ حقيقت کي مڃيو وڃي, ته هيءَ ملڪ هڪ گهڻ قومي رياست آهي ۽ حڪمرانيءَ لاءِ اها طرز حڪومت اختيار ڪئي وڃي جيڪا پاڪستان جي اصل ناهيندڙ

ٺهراءَ ۾ ڏني وئي آهي. مڪاني حڪومتن وارو نظام پرڏيهي صلاحڪارن ۽ پرڏيهي نام نهاد دانشورن جي ذهنن، جيڪي پنهنجي ديس بابت ڪجهه به نٿا ڄاڻن، جي پيداوار آهي. اها هڪ نامعقول سوچ تي ٻڌل، منجهيل ۽ بيجا ڦوڪيل مڪاني حڪومت برابر عوام لاءِ ڪافي دردسَري آهي، ڇو ته اِن جي معنيٰ اها آهي ته وڏيڪ ڪرپشن ۽ نااهلي. اهڙا ڪوڙ سارا مثال موجود آهن جن ۾ ضلعي سطح تي نهايت ڳريون رقمون ڏنيون ويون جيڪي مٿان ئي مٿان هڙپ ٿي ويون يا جيڪڏهن ڪو ڪٽي ڪم ڪرايو ويو آهي ته به نه ٿيڻ جي برابر. فقط ناظم ئي نه پر قومي ۽ اسيمبليءَ جا ميمبر صاحبان ۽ وفاقي وزير به ان ۾ ملوث ڇيا وڃن ٿا. حڪومت جي ان سرشتي ۽ اسيمبلين جي قيام سان سڀني سطحن تي اندروني جهيڙن ۽ اڏنگاين جو راڄ شروع ٿيل آهي، ڇو ته اختيارن جي حدن جا تعين غير واضح ۽ مبهم ٻڌيل آهن. انهيءَ سڄيءَ صورتحال جو بار جيئن هميشه ٿيندو آهي سنڌ جي ٻي ڏوهي عوام تي پوي ٿو جن جون نه بنيادي ضرورتون پوريون ٿيون ۽ نڪو ٻيو ڪو مسئلو حل ٿيو.

## سنڌ ۾ تعليم جي صورتحال:

ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جو دارومدار سندس تعليم جي نظام تي منحصر آهي، سنڌ صوبي ۾ جيڪا تعليم جي بگڙجندڙ صورتحال آهي، ان کان اسين سڀ چڱيءَ ريت واقف آهيون ۽ ان جو اظهار سنڌ جي تعليمي وزير توڙي وڏو وزير پڻ پنهنجن پنهنجن بيانن ۾ ڪندا رهيا آهن. تعليم جيڪو هر انسان جو بنيادي حق آهي، پر افسوس جو تعليم کي نجڪاري نظام ڏانهن ڌِڪي فقط هڪ مخصوص طبقي کي اڳتي آندو پيو وڃي. مفت تعليم ڏيڻ وارا اعلان فقط اعلان ئي رهيا. تعليم جي سرڪاري نظام کي هٿ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي، عملي طور تي تعليم جو معيار انتهائي حد تائين ڪري چڪو آهي، جڏهن ته تعليم جي حاڪمن طرفان ظاهري طور ڪڏهن يونيفارم جي تبديلي، نائين ۽ ڏهين درجي جا امتحان گڏ وٺڻ، ڪڏهن تعليمي سال جي مدي جي تبديلي ته مٿان وري پهرئين ڪلاس کان مادري ٻوليءَ سان گڏ انگريزي پڙهائڻ جا نامعقول حڪم جاري ٿيندا رهن. سرڪار طرفان سنڌ اندر تعليم سان هيستائين فقطاِهي ئي ضررناڪ تجربا ڪيا پئي ويا آهن.

## سنڌ ۾ سياسي منظرنامو:

هر دؤر ۾ سنڌ جي مظلوم ۽ پيسيل عوام جي مفادن ۽ سندن حالتن کي



نظرانداز ڪندي عوام جي ڪلهن تي بيٺل نالي ماتر پنهنجن ئي سياسي رهنمائن طرفان به سنڌ کي محدود، خودغرض، سياسي ۽ شخصي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو رهيو آهي، هڪ ٻئي پٺيان "منتخب" ۽ پڻ غير منتخب حڪومتن سنڌ جي ماڻهن کي پُلايو آهي ۽ عام سماجي فضا کي ظاهريت جي منافقانه وڌائن ۽ ڪرپشن جي پائوڊر ٿڦڻ سان چمڪدوز ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي. اُهي نڪاءَ ۽اِهي نشا اسان جي نفسيات ۾ ايڏو ته گهِرو داخل ٿي ويا آهن، جو مستقبل جي ڪنهن به حڪومت لاءِ جيڪا واقعي معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ فڪرمند هجي، سڀ کان وڏو چئلينج ثابت ٿيندا. سنڌين کي 1983ع ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ضياءَ واري مارشلا جي حڪومت دؤران مشين گن جي نشاني طور استعمال ڪيو ويو، جنهن ۾ سوين حياتيون تلف ٿيون ۽ هزارن کي جيلن ۾ بند ڪيو ويو ۽ ڪوڙا لڳايا ويا ۽ مختلف ايذاءَ ڏنا ويا. جڏهن 1988ع ۾ شهري حڪمراني واپس آئي ته وزير اعظم جو پهريون عمل مارشلا جي اونداهن ڏينهن دؤران سنڌين جي پوڳنا لاءِ ذميوار ساڳين عناصرن کي جمهوريت جا تمغا ڏيڻ هو. اهي حڪمران جيڪي سنڌ وارو پتو پنهنجي کيسي ۾ هجڻ واري دعويٰ ڪن ٿا، تن پنهنجي ذاتي مفادن خاطر سنڌ جي ماڻهن کي ڏکئي وقت کي منهن ڏيڻ لاءِ سندن حال تي ڇڏي ڏنو آهي. هڪبئي پٺيان ايندڙ حڪومتون بهتري ۽ ترقي آڻڻ يا ڪنهن به طريقي سان سنڌي ماڻهن جي بار ۽ سختين کي گهٽائڻ ۾ ناڪام ٿيون آهن. موجوده دؤر ۾ سنڌ جي هر حڪومت پنهنجي ئي اتحادين طرفان اندروني اختلافن، ڌمڪين، منزل ۽ مقصد جي کوٽ، غير مؤثريت، افسر شاهيءَ کي منهن ڏيڻ جي اهليت نه هجڻ سبب مسئلن جي جبل آڏو مڪمل طور وائڙي ۽ بيوس بيٺل نظر پئي آئي آهي. اهي پنهنجي اتحاد کي ئي سالم رکڻ جي ڪوشش ۾ ايترا مصروف آهن جو سٺي حڪمراني يا بنيادي اصول مسلسل انهن کان نظرانداز ٿيندا رهيا آهن. حڪمران ليگ جا سڀئي ڌڙا (الف) کان وٺي (ي) تائين اهي دعوائون ڪري رهيا آهن ته هو قائداعظم جا حقيقي پوئلڳ آهن ۽ هو قائداعظم جو پاڪستان چاهين ٿا. ورهاڱي کان وٺي هيستائين سنڌ جو عوام هن ڳالهه کي سمجهڻ کان قاصر آهي ته ڇا قائداعظم ان قسم جو پاڪستان چاهيو ٿي؟ ان سڄي صورتحال جو سنڌ اندر هڪ ٻي فرقيوار اتحادي جماعت ايم ڪيو ايم ڀرپور فائدو وٺندي ڏسبي رهي ٿي،

جيڪا بظاهر تہ سنڌ ۽ سنڌ جي مفادن جي دعويٰ ڪري ٿي پر حقيقت ۾ ڪابہ اهڙي صورتحال واضح طور تي وٽس يا وٽانئس نظر نٿي اچي جنهن مان سندن اها دعويٰ سچ ثابت ٿئي تہ هوءَ واقعي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مفادن ۾ بہ ڪم ڪري رهي آهي، هو ڪنهن بہ طرح فقط اقتدار جي هنج ۾ وهڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، هيءَ واحد جماعت آهي جيڪا عملي طور اسٽيبلشمينٽ جو حصو آهي ۽ عوام آڏو اُن جي خلاف! ٻين صوبن جي حڪومتن کي سندن صوبن ۾ حالتن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪاميابي ملي آهي، پر خاص طور سنڌ حڪومت لڳي ٿو تہ مسلسل پنگلائپ جي ڪيفيت ۾ آهي.

سنڌ ۾ رياست جي حڪومت جو حڪمراني ڍانچو مڪمل طرح ڌنڌلو نظر اچي رهيو آهي ۽ حڪومتي ضابطي جو ڪو نانءُ نشان نظر نٿو اچي. ان جو مثال ڪجهہ عرصو اڳ ڪمند لاءِ مقرر ڪيل قيمتون رڳو ستاويهن ڪنڊ جي ڪارخانن جي مالڪن کان ميرائڻ ۾ بہ سنڌ حڪومت بيوس رهي، صورتحال اها آهي جو ڪابينا جون گڏجاڻيون بہ هڪ مذاق بنجي ويون آهن. هلندڙ گڏجاڻين کي اڌ ۾ ڇڏي ٻين مصروفيتن ۾ وڃي پاڻ اڙائڻ، وزير صاحبن جون معمول بنجي چڪو آهي. حڪومت جو سمورو انحصار ڪامورا شاهيءَ تي آهي جيڪا ڪرپٽ، نااهل ۽ هر نئين سڌاري يا تبديليءَ کي لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿي. "جيئنءَ آهي تيئنءَ ڪم پيو هلي" (Status quo) کي ڇهتي پوڻ جي اُن جي عادت بڻيل آهي. رياست جا سڀئي ادارا بيڪار ٿي چڪا آهن ۽ محض ڏانڊليءَ جا اڏا بنيا بينا آهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ 50 کان مٿي وزير ۽ خاص مددگار شامل آهن ۽ سڀئي ايئن سمجهن ٿا تہ انهن منصوبن تي ڪي پاليسيون جوڙڻ ۽ انهن مان ڪي لاڀائتا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ نہ پر مزن ماڻڻ ۽ تِڪڙم بازين ڪرڻ لاءِ براجمان ٿيل آهن. اهي نہ فقط حڪومت جي پڳل ٽٽل نظام لاءِ آزار آهن پر سنڌ جي خزاني کي لٽي ڦري ڪنگال بنائڻ ۾ پورا آهن. سنڌ انهن جو باملاحظہ بوج برداشت نٿي ڪري سگهي ۽ نہ ئي ڪا ضرورت آهي. ڪابہ نئين ڳالهہ برتر يا بهتر نہ ٿي رهي آهي. سنڌي عوام جي مطالبن تي نڪ جي پڪائيءَ سان اهو جواب ڏنو پيو وڃي تہ پولو ناهي، هر مسئلو جلدي حل ڪيو ويندو! بلڪ ٿي ويندو. ان مان اهوئي مطلب نڪري ٿو سگهي تہ عوام لاءِ قطعي طور ڪجهہ بہ نہ ڪيو ويندو. وزير صاحب ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان وانجهيل آهن. ايتري قدر جو هو دفتري ڪاروهنوار کان واقف نہ



آهن، انهن جا ماتحت سندن حڪم مڃڻ کي تہ ڇڏيو پر سندن عزت بہ نٿا ڪن. حڪومت جو درجو ۽ معيار گهٽجي پٽ تي وڃي پهتو آهي. ڪن حڪومت جي نمائندن جي ڪرپشن، نااهلي، ڪردار ۽ ذاتي زندگين بابت ڪي اهڙيون تہ ڳالهيون گردش ڪري رهيون آهن، جو ٻڌندڙن کي اهو ٻڌي ڏنديون آڱريون اچيو وڃن ٿيون. اها سڄي صورتحال انهن منتخب وزيرن ۽ صلاحڪارن جي چسي انتخاب جو نتيجو آهي. جيڪي اهليت جي بنياد تي نہ پر چاپلوسيءَ ۽ جي حضوريءَ جي بنياد تي چونڊيا ويا آهن. عوام جنهن جو آخري آسرو صحافتي ادارا ۽ عدالتون آهن اُهي خود انصاف لاءِ واجهائي رهيا آهن. حڪومت جي قد ڪاٺ کي ايترو تہ نقصان پهچي چڪو آهي، جو ان جي ازالي ڪرڻ لاءِ ڪنهن معجزي جي ضرورت آهي.

## سنڌ لاءِ ڪو مستقبل آهي؟

قومن جي تاريخ ۾ اهڙو وقت اچي ٿو جڏهن ماڻهو پنهنجي قسمت جا پاڻ ڏڻي ٿي پوندا آهن. اڄ سنڌ لاءِ وڏي ۾ وڏو الميو اهوئي آهي تہ هن انتهائي خطرناڪ دؤر ۾ بہ جڏهن اُها هر قسم جي ڌمڪين، خطرن، ناقابلِ علاج سان گڏوگڏ شديد مسئلن جي انبارن سان پريل آهي، هيءَ سر زمين پنهنجي حلقن واسطي آواز اٿارڻ لاءِ تمام ٿورن وفادارن ۽ مخلص فرزندن تي انحصار ڪري ٿي. افسوس اسان مان اڪثر ماڻهن کي اجتماعي ڀلائيءَ ۽ مادرِ وطن جي مستقبل جي بهتريءَ کان پنهنجا شخصي مفاد قريب تر ۽ پيارا ٿي پيا آهن.

بهرحال ياد رکڻو آهي تہ سڀني اختيارن جو سرچشمو عوام آهي. ڪابہ رياست ۽ ان جي ادارن جو وسيع مجموعي نظام ۽ عمل عوام جي فطرت جو صرف هڪ عڪس آهن. جي عوامي حڪومت ۾ ڪا غلط شيءِ آهي، جي رهنما غلط قدم کڻي رهيا آهن، ڪو معاشرو خراب کان خراب تر ڏانهن تبديل ڪيو پيو وڃي، تہ پوءِ بہ عوام کي ئي اهو نظام جمهوريت يا انقلاب وسيلي درست ڪرڻو آهي. سچ تہ ڪنهن بہ مهذب سماج ۾ هتي جي موجوده حالتن کان اڌ جيتريون خراب حالتون هجن ها تہ عوام ناراضگيءَ جو طوفان کڙو ڪري ڇڏين ها. حڪومتون ڪسجي وڃن ها ۽ ڳاڙهو انقلاب اچي وڃي ها. جهڙو تازو ئي جارجيا ۾ ٿيو جتي ماڻهو رستن تي نڪري آيا ۽ طاقت سان پنهنجي حڪومت تبديل ڪيائون. پر لڳي ٿو تہ سنڌي ماڻهن کي پيڙا سهڻ ۽ درگذر ڪرڻ جو تمام اونهو صبر ۽ سامهونءَ کي

ڏسڻ بجاءِ مٽي هوائن کي ڏسڻ جي اوچي ڪا نظر حاصل آهي. اسين سنڌي ماڻهو دنيا جهان جي قيل مقال ۾ ڳالهيون ته ڪيون ٿا پر تدارڪ جنهن جو نالو سو نٿا ڪيون. اسان جي ڪلهن تان ڪي ماڻهو اڪثر سڄي ذميواري لاهڻ جي ڪوشش جي دعوي ڪن ٿا. اڄ اسين سنڌي ويڳاڻپ ۾ انائن جو شڪار ٿي چڪا آهيون. پنهنجي سڃاڻپ ۾ تشخص بنان عالمي تناظر ۾ اسين ڪجهه به نه آهيون ـ اسين اهڙو ڪو احساس ئي جڻ وڃائي رهيا آهيون. ان سمورن سنڌين خاص طور قوم پرست ڌرين، اديبن، شاعرن، اخبارن، رسالن توڙي سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مالڪن، صحافين، دانشورن ۾ سنڌ جي مائن ۾ ڀيڻن سميت سڀني کي متحد ٿي، سنڌ جي عظيم تر مفادن خاطر پنهنجي انفرادي مفادن کي پوئتي رکي، سنڌ جي اجتماعي مفاد لاءِ جاکوڙ ڪرڻي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته پست پيل ڪنهن قوم جي قسمت ۾ صرف تڏهن ئي ڪا بامعنيٰ تبديلي رونما ٿي سگهي ٿي، جڏهن ماڻهو ڪنهن واحد ڳالهه تي، ڪنهن وڏي مقصد لاءِ گڏجي متحد ٿين ۽ قرباني ڏين. نه ته ٻيءَ صورت ۾ چند پارٽين ۽ رهنمائن جي ٻي دِلئي ڪنهن اتحاد ڪڏهن ڪي اهم ۽ پائدار نتيجا حاصل نه ڪيا آهن. فرانس، رشيا، چين ۽ آمريڪا ۾ جڏهن عوام سچ پچ متحد ٿيو ته انقلاب آيا. پاڪستان ۾ به شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ نه پر ٻن هڪبئي پٺيان فوجي آمرن کي پسپا ڪرڻ جهڙو ٿيو چاڪاڻ ته عوام جي طاقت هن سان گڏ هئي.

سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ جي حقن ۽ ضروري مفادات جي دفاع ڪرڻ لاءِ هڪ ئي جدوجهد ۾ متحد ٿيڻو پوندو. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو آهي. مادرِ وطن پنهنجن سپوتن کي پڪاري رهي آهي. ڇا ڪو سپوت سندس سڏ کي ورنائيندو؟ سنڌ جو سڄو مستقبل اڄ ان سوال جي جواب تي بيٺل آهي.

### وفاق ڏانهن پيغام:

سنڌ گهڻو ڪجهه ڀوڳي چڪي آهي. ان ۾ هاڻي وڌيڪ سور سهڻ جو ست نه رهيو آهي. موجوده حالتون سنڌ کي فقط وڌيڪ بربادي ۽ پاڪستان کي انتشار طرف وٺي وڃي رهيون آهن. هيءُ ئي اهو وقت آهي ته اسين ان حقيقت کي تسليم ڪريون ته جن قومن گڏجي پاڪستان ٺاهيو سي موجوده انتهائي مرڪوزيل وفاقي نظام تحت پاڪستان ۾ رهي نٿيون سگهن. رياستون پائيچاري جي هڪ مشترڪ قرب ۽ سنڌ تي ئي قائم ۽ خوشحال رهي سگهن ٿيون ـــ اهڙو جيڪو



برابريءَ جي بنيادن تي قائم هجي. گڏجي وينل قومون فقط پنهنجي رضا خوشيءَ سان ئي اهڙو پاڻ ۾ ڪو پائدار تعلق جوڙي سگهن ٿيون جيڪو اڳتي هلي ملڪ کي مضبوط، سکيو ۽ ستابو بڻائي سگهي ٿو. اهڙي باهمي رضامندي فقط ڪنهن انصاف پرئي سلوڪ منجهان ئي اسري سگهي ٿي، نه طاقت جي زور سان. پاڪستان کي هن وقت ٿائين بندوق جي ناليءَ جي مُنهان مُنهن بيهاري ئي گڏ رکيو ويو آهي. صوبن جي، خاص طرح بلوچستان ۽ سنڌ جي جيڪا درگتي ڪئي وئي آهي، ان طرح سان مستقبل ۾ به ڪنهن پائدار حل لاءِ ڪا اميد نٿي رکي سگهجي. ملڪ هڪ ڀيرو اڳ ۾ ئي گڏ ٿيل قومن جي وچ ۾ اڻ برابريءَ ۽ غير منصفاني سلوڪ جي تڪراري ڳالهه تي ٽٽي به اڌ ٿي چڪو آهي. ان سانحي جي ياد اڄان ماڻهن جي ذهنن ۾ تازي آهي. دنيا ۾ طاقتور حملي آور آيا ۽ ويا ۽ زبردست سلطنتون فنا ٿي ويون. تقدير (Providence) کي للڪارڻ مناسب ناهي. جيڪڏهن ڪا حقيقي ۽ پائدار تبديلي نه آندي وئي ۽ پاڪستان جي گڏ ٿيل قومن کي، پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ واعدو ڪيل "آزادي ۽ خودمختياري" نه ڏني وئي، ته پوءِ اهي نازڪ ڌاڳا جيڪي ملڪ کي گڏ رکيو بيٺا آهن ڪيڏيءَ مهل به ٽٽي سگهن ٿا.

# سنڌ ۾ سنڌي قوم جا سَجَڻَ! ؟

سنڌ جي سرزمين جُڳن کان ڌرتي ماتا جو هڪ ڄاتل سڃاتل حصو رهي آهي، ۽ اِن طرح اُها هڪ جاگرافيائي حقيقت آهي. سنڌي ماڻهن، جن پنهنجو ۽ پنهنجي ٻوليءَ جو نالو اُنهيءَ قديم سرزمين جي نالي تان اختيار ڪيو ۽ سيئي اُتي اُن سرزمين تي گڏجي سڏجي گهڻائيءَ ۾ رهن ٿا. سي، ساڳيءَ ريت دنيا ۾ ڪٿي به آباد سڄيءَ انساني برادريءَ جو جُز پڻ آهن، ۽ تنهن ڪري، بلڪ ائين جيئن اُهي ٻيا آهن، پاڻ هِي به هڪ قومي ۽ تاريخي حقيقت آهن. ماڻهن جي هر ٻئي گروهه - لساني، مذهبي يا ٻئي ڪنهن به قسم جي گروهه - کي سنڌ ۾ پنهنجي ٿورائيءَ واريءَ حيثيت کي قبوليندي، سرچاءُ سان رهڻو آهي، بلڪل ائين جيئن سڄيءَ دنيا ۾، ساڳئي قسم جا اقليتي گروهه ٻين ملڪن ۾ سرچاءُ ۾ رهن ٿا، ۽ اُتي اُهي پنهنجن بنيادي حقن يعني مساوي شهريت ۽ تهذيبي وجود جي مڪمل تحفظ جا حق ماڻين ٿا.

ڪل هند مسلم ليگ جو مارچ 1940ع وارو ٺهراءُ، جيڪو بعد ۾ اُن جي آئين جو حصو بڻيو ۽ قائداعظم جي 11 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ جي افتتاحي تقريرَ، جنهن ۾ هُن قوم ۽ قوم پرستيءَ (Nationalism) جي سيڪيولر اصطلاح ۾ نئين سر تشريح ڪئي هئي، ۽ پڻ برصغير هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ وارن ٻن "ملڪن" جي هندو ۽ مسلم اقليتن جي درجي ۽ حيثيت بابت سندس ڪليل ۽ صاف اعلانن، سنڌي ماڻهن جي مٿي ذڪر



ڪيل قومي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ واريءَ حيثيت کي خاص طرح مڃيو ۽ بحال رکيو ٿي. جيئن پاڪستان ۾ پارٽ ۾ شامل ٿيل ٻين اڪثريت وارين قومن جي سندن پنهنجي پنهنجي روايتي ديس ۾ تاريخي حيثيت مڃيل هئي ۽ بحال رکڻي هئي. تحقيق، پاڪستان ۾ تصور ڪيل سياسي سرشتي ۾ هتان جي قومي اڪائين مان هرهڪ جي آزادي ۽ خود مختياريءَ واريءَ انهيءَ انفرادي حيثيت بابت نہ تہ اڳ ۾ ۽ نہ ئي ڪڏهن اڳتي ڪي بہ رايا ٿي سگهيا ٿي.

۽ ڪيڏا نہ ان سلسلي ۾ شاندار خواب ڏيکاريا ويا هئا - امن، ميٺ محبت ۽ خوشحاليءَ جا، ۽ پڻ ممڪن بهترين پائيچاري جا، ماڻهن کي برطانوي سلطنت شاهيءَ جي قيدخاني - جيئن برطانوي هندستان بعد ۾ بڻجي ويو هو - کان آزاديءَ جي وڏي وات ڪيل دعوائن ۽ واعدن جي صورت ۾! سچ پچ تہ آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جي اُها حيثيت پاڪستان ۾، ۽ پڻ باقي سڄي ڪنڌ ۾، ماڻهن کي حاصل ٿيڻ جون دعوائون ۽ واعدا تمام گهڻيءَ صفائيءَ ۽ برجستائيءَ سان ڪيا ويا هئا. پر افسوس، جو اُهو سڀ ڪجهه، جيئن ٿيڻو هو تيئن بهرحال عمل ۾ نہ اچي سگهيو. ۽ نتيجو اُن ناڪاميءَ جو جيڪو نڪتو سو اسان جي آڏو آهي. اڄ ماڻهن جي قومي اُڀار جون تحريڪون پوري جوش ۽ خروش سان ٻنهي ملڪن ۾ ايتري قدر وڏي آيون آهن، جو اُهي ٻنهي ملڪن جي وجود جي يڪجهتيءَ ۽ بقا جا مسئلا بڻجي پيون آهن.

اڄ ڪوٺيل انگريز - واپاري، سپاهي ۽ پادري - برصغير ۾ جڏهن پهتا هئا، تہ اُنهن اُن کي ٽُڪرن ۾ ڀڳل ٽُٽل ڏٺو هو جيئن حالتن پٽاندر هميشہ ائين ٿيندو آهي، جڏهن ڪي سلطنت شاهيون ڍهنديون آهن ۽ اصلوڪو پنهجو زور ۽ اثر وڃائي ويٺل مذهبَ بيٺل پاڻيءَ جي ڍُٻن وانگر تازگي وڃائي ڏَپ هاڻا ٿي پوندا آهن.

برصغير هندستان، ازل کان وٺي، تمام وسيع ۽ ڪشاده علائقن ۽ قسمين قسمين رنگن روپن ۽ متيون منجهائيندڙ ڏرمن، ڀانت ڀانت جي ٻولين ۽ تهذيبن جي صورت ۾ تاريخ جي ڪن خاص دورن ۾ بلڪل ڪٺير - ملڪي شهنشاهت وانگر، هڪ وحداني مملڪت جي صورت ۾ موجود پئي رهيو آهي. موريا سلطنت (لڳ ڀڳ 184 - 320 ق.م) جنهن سان چندر گپت ۽ اشوڪ اعظم جا نالا لاڳاپيل آهن، ننڍي ڪنڊ جي هڪ تمام وڏي حصي تي پکڙيل هڪ اهڙي ئي سلطنت شاهي هئي. گپتا سلطنت (500ع - 320ع) جنهن سان وڪرماجيت ۽ سندس عظيم

شاهي خاندان جا ٻيا نالا ڳڻيل آهن. ان قسم جي هڪ ٻي سلطنت شاهي هئي، ۽ مغل شهنشاهيت (1857_1526ع- واري عرصي دوران) اهڙيءَ نوعيت جي ٽين ملڪي صورت هئي. ارڙهين صديءَ ۾، انگريز، پنهنجي اٿاهه قوت ۽ قومي خود اعتماديءَ سان جيڪا اُنهن يُورپ جي تاريخ جي ڀرپور صنعتي انقلاب مان حاصل ڪئي هئي، اُنهيءَ منظر تي وارد ٿيا، ۽ پنهنجي پيشرو مغل حڪمرانن کي پڇاڙڻ ۽ پنهنجي شهنشاهت (Empire) قائم ڪرڻ واري رعب تاب ۽ حڪمرانيءَ جي مرڪزي انتظام ۾ اِن حد تائين سوڀارا ٿيا، جو ڪانئن اڳ اهڙي عظمت ۽ اهڙو اعزاز ڪنهن به نه ماڻيو هو.

نئين دور جي لوڪن ۽ حقيقت پسند منتظمين وانگر، برطانوي شاهي حڪمرانن هندستان ۾ پنهنجي پسند جي مختلف گروهن، برادرين ۽ طبقن ۾ سياسي تنظيمن کي رواج ڏنو ته جيئن اُهي سنڌن سياسي حڪمت عملين ۽ پروگرامن جي مطابقت ۾ هلن، ۽ سنڌن حڪمن جي بجا آوريءَ واسطي ڳلن پُرزن طور استعمال ٿي سگهن. انڊين نئشنل ڪانگريس اِن قسم جي سنڌن جوڙيل يا جوڙايل ڀرين جماعت هئي. ڪجهه سالن بعد ڪُل- هند مسلم ليگ پڻ اُن ئي نقش تي وجود ۾ آئي. وڏيءَ هڪ سلطنت- هڪ تمام وڏيءَ مرڪزي شهنشاهت- جي نظام تحت عمل پيرا رهندي، هنن ٻن جماعتن، وڏندي وڏندي، پنهجي پنهنجيءَ سياسي سلطنت شاهيءَ جا خواب ڏسڻ شروع ڪيا. هندستان جي ڪثير- قومي سوال کي، هرهڪ جماعت پنهنجيءَ پَر ۾، هڪ ڪُل- هٿيائين نظر سان ڏسڻ لڳي. ڪانگريس جي نظر ۾ اِهو هندستاني قوم جو سوال هو ۽ مسلم ليگ لاءِ اِهو مسلمان قوم جو سوال هو. اُهي ٻئي جماعتون اِهو ڏسڻ ۾ ناڪام رهيون ته سنڌن دؤر ۾، اُهو هندستان جنهن کي نيپولين بونا پارٽ، مشرق ۾ هڪ انقلابي سڪندر اعظم جي ڪردار ادا ڪرڻ جا سپنا ڏسندڙ، ”ننڍو يورپ“ سڏي رهيو هو (جيئن سندس خيال هو ته يورپ ۾ هُو اُهو رول ادا به ڪري چڪو هو)، اُن ”ننڍڙي يورپ“ ۾، محض خيالي، غير واضح هڪ هندستاني قوم يا هڪ مسلمان قوم جي بدران ٻيون قومون، جيڪي وڌيڪ حقيقي ۽ هڏماس واريون هُيون، سي پنهنجي جائز سُڃاڻپ سان آزاديءَ جي گهُر ڪندي منظر تي اُڀري آيون هيون. هي ٻيئي جماعتون، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، بهرحال اِن معاملي ۾ به بنهه ايتريون اڄاڻ ۽ بي خبر به رهي نه ٿي سگهيون، ۽ نه هيون ٿي.



ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي قيادت وڌيڪ معقول ۽ قابل قبول هجڻ جي ڏِک ڏيڻ جي ڪوشش ۾ ”قوميتن“ جي اصطلاح جو بار بار استعمال ڪندي ٿي رهي. اُن کان علاوه مولانا عبيدالله سنڌي، جيڪو سوويت يونين جي معلومات افزا دورن ۽ انتهائي قومي سوچ رکندڙ سعودي عرب ۾ سالن جا سال جلاوطنيءَ ۾ گذارڻ کان پوءِ تازو ئي واپس موٽيو هو. تنهن ۾ هندستان جي ماڻهن- بنگالي، گجراتي، بهاري، ڪشميري، تامل، پنجابي، پختون، بلوچ، سنڌي وغيره وغيره- کي مڪمل قومون سڏيو. قائداعظم پاڻ به، جڏهن هُن لاهور ۾ ڪُل- هند مسلم ليگ جي مارچ 1940ع واري مشهور اجلاس کي خطاب ڪيو هو، ننڍي کنڊ ۾ قومن جي حقيقت جو اعتراف ڪيو هو. پنهنجي صدارتي تقرير ۾ هُن برطانيه جي اهم رهنمائن جي ان اُميد جو ذڪر ڪندي ته هندستان ۾ ناسازءِ ناموافق عنصرن ۾ وقت گذرڻ سان ميٺ محبت پيدا ٿي ئي ويندي، چيو هئائون: ”هندستان ۾ جتي انگريز سرڪار ڏيڍ سئو سالن جي مضبوط وحداني طرز حڪومت وسيلي قومي يڪجهتي پيدا نه ڪري سگهي هئي، اُتي ڪانئن پوءِ محض هڪ ڏيهي مرڪزي وفاقي حڪومت جي مڙهجڻ سان اُها مراد هرگز حاصل ڪري نه ٿي سگهجي. اِن ريت قائم ڪيل مرڪزي حڪومت جو فرمان سڄي برصغير ۾ اُن جي الڳ الڳ قومن تي ڪنهن هٿياربند نادري فوج جي جبري انتظام کان سواءِ هلي سگهندو، اِها ڳالهه مڃڻ کان ٻاهر آهي. هندستان ۾ فرقيواراڻي نوعيت جو مسئلو آهي، اُهو بلڪل واضح طرح هڪ بين الاقوامي نوعيت جو مسئلو آهي، ۽ اُن کي بلڪ اُن ئي بنياد تي نبيرڻ گهرجي. جيڪڏهن برطانوي حڪومت سچ پچ به ۽ ايمانداريءَ سان ننڍي کنڊ جي ماڻهن لاءِ پُرامن ۽ خوشين ڀريل ماحول جي مُهيا ڪرڻ جي خواهشمند آهي ته اُن لاءِ هڪ ئي رستو جيڪو اسان سڀني آڏو کُليل ٿو سو هيءَ آهي ته هندستان کي خود مختيار قومي رياستن ۾ ورهائي ”مڪيه“ قومن کي سنڌن علحده علحده وطن ڏنا وڃن.“

ٻئي ڏينهن تي ڪُل هند- مسلم ليگ جي اجلاس ۾ پاڪستان جي ٺهراءُ جي پيشڪش ۽ يڪراءِ تسليمي، جنهن تحت پاڪستان ۾ هڪ کان وڌ رياستن (States) جي ڳالهه، جن ۾ به شريڪ يونٽن (Constituent Units) لاءِ خود اختياريت (Autonomy) ۽ اعليٰ حاڪميت (Sovereignty) جي ضمانت جي تَسلي ڀري آڇ مسٽر جناح جي پنهنجي اُنهيءَ واضح ڏاهپ ۽ حقيقت شناس فڪر ۽ سياسي طور دور انديش نگاهه جو ثبوت هئي.

تنهن کان پوءِ اپريل 1941ع ۾ ڪُل- هند مسلم ليگ جي مدراس واري اجلاس کي خطاب ڪندي پنهنجي صدارتي خطبي ۾، قائداعظم هندستان ۾ قومي سوال بابت اڃا بہ وڌيڪ چٽا ويچار پيش ڪيا. هڪ لک کان بہ وڌيڪ حاضرين آڏو اهو سوال اُٿاريندي، پاڻ چيائيون: ”ڇا، ننڍي کنڊ ۾ اهڙو ڪو نظام (هندستان ۾ وحداني طور جي مرڪزي حڪومت جو) ڪڏهن ڪامياب ٿي سگهي ٿو، جڏهن اوهان وٽ بہ مختلف قومون (Two different nations)، تحقيق ڀن کان بہ وڌيڪ هڪٻئي کان بنهہ مختلف قومون (indeed more than two totally different nations) هجن؟ هتي اوهان جي ڌرتيءَ تي (يعني مدراس صوبي ۾) هڪ ٻي قوم رهي ٿي- دراوڙ قوم. هيءَ ڌرتي سچ پچ بہ دراوڙستان آهي... اوهان لاءِ فقط اهو ئي واحد رستو آهي تہ اوهين پنهنجي حيثيت سڃاڻو اوهين پنهنجي زندگي پنهنجي سڀيتا ۽ ٻوليءَ مطابق گذاريو- ۽ خدا جو شڪر ڪريو تہ هتي هندي ٻولي ايڏي وڏي پئماني تي اثر نہ ٿي رکي- ۽ اوهان جي پنهنجي تاريخ اوهان جي آدرشي نموني سان هتي اڳتي هلندي. مون کي اوهان سان هرهڪ قسم جي همدردي آهي ۽ دراوڙستان قائم ڪرڻ ۾ آءٌ اوهان جي جيڪا ڪجهہ مدد ڪري سگهيس، سا ڪندس. هتان جا ست سيڪڙو مسلمان پڻ اوهان سان دوستيءَ جو هٿ وڌائيندا ۽ اُهي برابريءَ، انصاف ۽ منصفاڻي سلوڪ جي بنيادن تي اوهان سان گڏ رهندا....“ اُنهيءَ موقعي تي سچ پچ بہ تہ اُن ضخيم ميڙ ۾ ڪوبہ ماڻهو ڪانئن سنجيدگيءَ سان هڪ سوال پُڇي سگهيو ٿي: ”ڇا، مسٽر جناح جهڙيءَ ريت دراوڙستان جي معاملي جي وڪالت پئي ڪئي، اُها صورتحال، ”پاڪستان“ ۾ سنڌ جي حوالي سان بلڪل اُئين جو اُئين لاڳو نہ ٿي ٿي سگهي؟ دراوڙستان ۾ ”مسلمان“ ٿورائيءَ کي سنڌ ۾ ”هندو“ ٿورائيءَ سان ڀيٽ ڏئي سگهجي ٿي، ۽ ٻنهي صورتن جي هڪجهڙائيءَ مان هڪ ئي حقيقت ذهن ۾ آئي ٿي، يعني هيءَ تہ سنڌ کي بحيثيت هڪ قوم جي، پاڪستان ۾ هڪ آزاد ۽ خود مختيار مقام آڇجي سگهيو ٿي، ۽ جو اُن کي آڇيو بہ ويو. جڏهن تہ ڪانگريس جي هندستاني وحدت ۾ دراوڙستان جي قسمت ايتري واضح نہ هئي. پر افسوس ڪجي يا خوشيءَ جي ڳالهہ ئي، جو اڳتي هلي، عملي طور ۽ حقيقتاً دراوڙ لوڪن لاءِ جڏهن وقت آيو، تڏهن هو هندستان ۾، سنڌ ۽ سنڌي قوم کان زياده قومي نياءُ ماڻي سگهيا!

جون 1947ع جي آخر ڌاري، پاڪستان جي جنم کان فقط ڏيڍ مهينو اڳ،



سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ آڏو هڪ سوال پيش ڪيو ويو. برطانوي حڪومت جي رٿا موجب، اقتدار اعليٰ آخرين طرح هندستان جي ماڻهن کي سونپڻو هو. سوال هو تہ آيا، مستقبل جي سنڌ جو آئين:

(الف) (تنهن وقت) موجود (هندستان جي) آئين ساز اسيمبليءَ ۾ مرتب ٿيڻ گهرجي؛ يا

(ب) هڪ نئين ۽ جدا (پاڪستان جي) آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ٺهڻ گهرجي.

۽ تڏهوڪي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ پهرينءَ صورت جي ڀيٽ ۾ ٻيءَ متبادل صورت کي ترجيح ڏني.

اُن موقعي تي، راقم 25- جون 1947ع تي ٻين ڳالهين کان علاوه سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن سان هڪ کليل خط وسيلي هيئن مخاطب ٿيو هئس:

”... تاريخي طور تي، اسين سنڌي ماڻهو هاڻ جيڪڏهن هڪ قوم طور پنهنجو خود مختيار مقام ۽ آزاد وجود، جيڪو اسان فقط هڪ سئو سال کن اڳ، برطانوي راڄ هٿان وڃايو هو، ٻيهر حاصل ڪريون، تہ اسين پنهنجي ان حق ماڻڻ ۾ بجا طور حق بجانب هونداسين.....

”... ڪانگريس ۽ ليگ جن سان اوهين سيئي تعلق رکو ٿا، ۽ جن سان پنهنجي وفاداريءَ کي اوهين پاڻ بهتر سمجهو ٿا، اُهي ٻئي هاڻي هن ننڍي کنڊ کي ٻن حصن ۾ ورهائي، هندستان ۽ پاڪستان جي ٻن جدا ۽ الڳ حڪومتن جي قيام واسطي متفق ٿيون آهن، ۽ اوهان مان اُهي جن جو پاڪستان طرف جهڪاءُ واضح آهي، هاڻي اسيمبليءَ ۾ هڪ واضح اڪثريت جي سرواڻي ڪري رهيا آهن، اوهان کي جيڪي بہ صورتون آڇيون ويون آهن تن بابت اوهان جي فيصلي ٿيل ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿي، ۽ اوهين جيڪڏهن ڪوبہ فيصلو ان جي اُبتڙ ڪندا تہ اوهين گويا پنهنجي ووٽرن جي حڪم جي نافرماني ئي ڪندا....

”محترم صاحبو! هيءَ حقيقت ڪنهن کان ڳُجهي ڪانہ آهي تہ ڌارين جي غلاميءَ مان نجات حاصل ڪرڻ جو جيڪو بي پناهہ جذبو اسان جي عوام جي دلين ۾ هو ۽ آهي، تنهن جو انحصار ۽ بنياد تنهان ئي وڌيڪ هن غير محدود ۽ بي ڪران اُميد تي ٻيٽل آهي تہ ڪين اُن حالت ۾ هڪ اهڙو وسيع ۽ مناسب موقعو ملي تہ هُو هڪ بهتر، زياده سُک ڀري ۽ وڌيڪ عزت ۽ آبروءَ واري زندگيءَ سان روشناس ٿين. هن وقت تائين ڪين ائين پئي ٻڌايو ويو ۽ سمجهايو ويو تہ اهڙي سُکي ۽ عزت

واري زندگي ڪين، جا ميسر نہ پئي ٿي ۽ اُن جي عيوض ڪين جنهن غربت جي پيڙا ۽ بي عزتيءَ ۽ ذلت جي هڪ نہ ختم ٿيندڙ مصيبت ۾ گرفتار رکيو پئي ويو. تنهن لاءِ جوابدار يا انگريز سرڪار آهي يا مسلمانن جي حالت ۾ ”ڪافر“ هندو ۽ هندن جي حالت ۾ ”مليڇ“ مسلمان آهن. اهڙا سهنجا سولا جوابدار بوتا ۽ پُتلا جن تي هيل تائين سمورا ڏوهہ پئي مڙهيا ويا ۽ جن کي هر وقت ۽ هر حالت ۾ پئي نِنديو ويو. هن ڪان پوءِ ڪٿي بہ آسانيءَ سان ۽ تُرت اوهان کي ۽ اسان کي هٿ ڪين ايندا؛ ۽ اِن طرح عام ماڻهن، مسڪينن ۽ مظلومن جو ڏيان سندن ڏکن ۽ تڪليفن جي اصلي ۽ سچن جوابدارن کي موڙي ۽ هٽائي ڪن خيالي دشمنن ڏانهن رجوع ڪونہ ٿي سگهندو. انگريز اڄ وڃڻ لاءِ تيار وينو آهي، فقط انتظار ۾ آهي تہ ڪڏهن ٿا اوهين ان ۾ پنهنجي سلامتي سمجهو تہ ڪين اهڙو اشارو ۽ اهڙي اجازت ڏيو. گهڻ ۾ گهڻ هندو مسلم سوال سچ پچ تہ هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ جيڪو اُن جي خاتمي جو حل پيش پئي ڪيو ويو سو حل خود عمل ۾ اچي چڪو آهي. هن ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪٿي بہ، ۽ هِتي پاڪستان ۾ يا هُتي هندستان ۾، اڃا بہ اِها ڪوشش ڪئي ويئي تہ هندوءَ کي مسلمان خلاف ۽ مسلمان کي هندوءَ خلاف اُڀاريو ۽ استعمال ڪيو وڃي، تہ اهو ٿيندو هِنن ٻنهي صغير، اڃا ڪمزور ۽ تازو وجود ۾ آيل حڪومتن مٿان هڪ دل دهڪائيندڙ مصيبت کي ڪليل دعوت ڏيڻ.

”هِن وقت نہ فقط اِن ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ هن ڪان اڳ جيڪي فقط زباني دعوائون هيون تن کي عملي صورت ڏيئي، پنهنجي اخلاص ۽ نيڪ نيتيءَ جي ثابتي پيش ڪئي وڃي؛ پر ساڳئي وقت اُهي سيئي جن جي هٿن ۾ اسان جي وطن ۽ غريب عوام جي قسمت جون هاڻي واڳون آهن، سي نهايت دُور انديشيءَ ۽ صحيح راڄنيتي ڄاڻ کان ڪم وٺي، عام سُک، سلامتيءَ ۽ امن امان جي آخرين منزل ڏانهن اسان جي صحيح رهبري ڪن.

”محترم صاحبو! اوهان جا غريب ”بي زبان“ عوام هنن حالتن هيٺ اوهان ۾ اِها اُميد رکن ٿا تہ اوهين پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ تي پنهنجن چُونڊ عيوضين کي مٿين ڳالهين جي بنياد تي کليل لفظن ۾ فرمان (Mandate) ڏيڻ فرمائيندا، تان تہ جيڪي آسرا ۽ آسون هُو پاڪستان ۾ لڳايو ويٺا آهن، سي سندن اُميدون برصواب ٿين. خداوند تعاليٰ اوهان جي دلين ۾ پنهنجي وطن ۽ پنهنجي غريب هم وطن ڀائرن لاءِ سندن پروسي ۽ اُميدن جي عيوض، جي هُو اوهان ۾ رکيو



ويٺا آهن، ڪا سچي خير خواهي ۽ همدردي پيدا ڪري!“

سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن آڏو جون 1947ع ۾ پيش ڪيل اُنهيءَ سوال جي اهميت جنهن هڪڙيءَ ڳالهہ ۾ واضح ٿِي سگهي ٿي- (ايتري قدر جو ويندي اڄ تائين اِن واقعي کي سٺ سالن کان بہ وڌيڪ عرصي گذرندي بہ) - سا هيءَ آهي تہ سڄيءَ سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ، اولهہ پنجاب ۽ اوڀر بنگال اسيمبلين جي ميمبرن، ڪوئيٽا ميونسپالٽيءَ ۽ بلوچستان جي ڪجهہ سردارن کي ڇڏي، (اُتر اولهائين سرحدي صوبي ۽ آسام صوبي جي ضلعي سلهٽ جي سردارن کي هڪ علحده تجويز تحت ڪين پنهنجي حق راءِ دهيءَ جو اختيار ڏنو ويو هو)، ننڍي کنڊ ۾ ٻئي ڪنهن بہ صوبي يا علائقي يا ماڻهن کان اِن قسم جو سوال پڇيو نہ ويو هو. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ مهاجر قومي موومينٽ M.Q.M (هاڻوڪي متحده قومي موومينٽ) جي هڪ ذميوار (اسيمبلي) ميمبر جي اِها دعويٰ رڪارڊ تي موجود آهي، جنهن ڪجهہ عرصو اڳ چيو هو تہ ڀارت ۾ موجود سڀني مسلمانن کي پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ ۽ اُن جي شهريت جي دعويٰ ڪرڻ جو حق حاصل آهي. بهرحال، اِن جي قطعاً اُبتڙ قانوني ۽ آئيني حيثيت هيءَ آهي تہ پاڪستان کان ٻاهران ڪوبہ، ايستائين جو هندستان يا ٻئي ڪنهن هنڌان آيل پناهگير، نہ ئي ڪو مهاجر، اهڙي حق جي دعويٰ نہ ٿو ڪري سگهي. بلڪل اِهو ئي سبب هو جو آگسٽ 1947ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان مان آيل اوچتيءَ لڏپلاڻ جي ڀرپورنءَ لهر کان پوءِ، ٻنهي ملڪن جا وزيراعظم نهرو ۽ لياقت علي، اُنهيءَ لهر کي ختم ڪرڻ واسطي 8 مارچ 1950ع تي هڪ ناهہ تائين پهتا تہ اُن کان پوءِ ٻنهي ملڪن جي ماڻهن (هندو ۽ مسلمانن) کي فقط ويزا ذريعي ئي سرحدن پار ڪرڻ جي اجازت هوندي. تنهن ڪري، اڄ بہ قانوني صورت اِها آهي تہ اُنهيءَ تاريخ کان پوءِ هندستان مان آيل سڀني پناهگيرن کي، جيڪي پاڪستان ۾ سڪونت پذير آهن، پاڪستان ۾ پاڪستاني شهريءَ طور ترسڻ جو قانوني حق اڃا ثابت ڪرڻو آهي. سٽر واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري، تڏهوڪي هندستاني وزيراعظم شري مُرارڄي ڊيسائيءَ جو اِهو بيان رڪارڊ تي موجود آهي، جنهن ۾ هُن اهڙن سڀني هندستاني مسلمانن کي رسماً تڏهن بہ آڇ ڪئي هئي تہ جيڪڏهن اُهي چاهين تہ ڪين پاڪستان مان هندستان واپس موٽي اچڻ جي آزادي هوندي- سندس اِهو بيان مٿي ذڪر ڪيل پوزيشن جي تصديق ڪري ٿو ۽ اِها ئي صورتحال اُنهن سنڌي هندن لاءِ بہ بلڪل

موجود سمجهي سگهجي ٿي، جيڪڏهن اُهي سنڌ ڏانهن واپس موٽي اچن ۽ پاڪستان ۾ جائز شهرين طور رهڻ جي پنهنجي اُن حق جي دعويٰ ڪن.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ۽ قائداعظم جي بي وقتائتي موت سبب مسلم ليگي قيادت جو هڪ حصو اوچتيءَ خفگيءَ جي صورتحال ۾ پاڻ کي آيل ڏسي، پاڪستان جي هر طرح جي سياسي، آئيني ۽ منطقي بنياد کي وساريندي، سڄي هندستان مان ۽ پڻ ٻاهران مسلمانن کي پاڪستان ڏانهن آڻڻ لاءِ نہ تہ بہ قبولڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. پاڻ کي مُلن جي گمراهہ ڪُن نعرن جي فريب ۾ مبتلا ڪندي، اقتدار جا بُکيا پنهنجن ذهنن ۾ پنهنجي پنهنجي گروهي بالادستيءَ جا خيالي پُلاءُ پچائڻ لڳا.

اُنهيءَ عمل ۾ برطانوي سامراجيت جي تربيت يافتہ سِوِل توڙي ملٽري نوڪر شاهي توڙي ٻين عام حڪمران گروهن پنهنجي ان اقتداري يلغار جي انتهائيت ۾ چيهہ ڪري ڇڏيا. اِن سڄيءَ وٺ پڪڙ، ڦُرلُٽ ۽ قبضيگيريءَ جي مقابلہ بازيءَ ۾ پاڪستان جي وڏي صوبي پڻ، جيڪو پاڪستان ۾ اڪيلو ئي طاقت جو سرچشمو هو، معقوليت ۽ اعتدال جو هر ليڪو لتاڙي، سڀ کان اڳتي نڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي. ڏاڍ ۽ هٻچ جي هن وحشي چوغي جا سيئي وارث گڏجي سڏجي هڪ ”مضبوط مرڪزي حڪومت“ جي قيام کي ۽ ملڪ مٿان اُن جي پوري پوري تلسط قائم رکڻ ۾ پنهنجي سڄي ۽ سچي ڪاميابي سمجهڻ لڳا، ۽ اُهو سڀ ڪجهہ فقط ”هٿياربند فوج جي ذريعي“ ئي هو ڪري سگهيا ٿي! ۽ سڄي اهڙي فاتحانہ انتظام کي قائم رکڻ ۽ هلائڻ لاءِ پنهنجين سامراجي فرمانروائين سبب ئي ترت ئي اوپر پاڪستان هٿان وڃايوسين. جمهوريت تہ شروع کان ئي اسان جي عملن سبب اسان کان تمام گهڻو ڏور هلي وئي هئي. ائين باقي بچيل پنهنجي رياست کي، وجود ۾ اچڻ کان ٽيهن سالن کان پوءِ ئي پهريون پيرو آئين ڏيئي سگهياسين، ۽ ترت ئي اُن جو ذائقو اُن جي آخري زهرناڪ ڍُڪ تائين چکيوسين، ۽ پنجن سالن جي اندر ئي اسين هڪ پيرو ٻيهر اينڊڙ پورن ڏهن سالن لاءِ پنهنجي نوعيت جي هڪ انتهائي بدترين مطلق العنانيءَ واري دؤر جي بڇڙائيءَ ۾ ونجي وياسين. ۽ پوءِ هڪ پيرو ٻيهر محترمہ جمهوريت جي واپسيءَ تي، اسان جي ڳلي ڦاڙيرپور مئنڊيٽ سان کهڙو سلوڪ ٿيو! چوويهن مهينن ۾ هڪ پيرو نہ پر بہ پيرا يڪساهيءَ اسان جي عدالت گاهن اُنهيءَ کي رد ڪيو. سنڌ ۾ وڏي وثوق سان کُلئي عام چيو ويو تہ معصومہ جي خلاف اهو ڪُڪرم اڪثر ڪيو ويندو رهيو آهي، تنهن ڪري جهڙي



تهڙي جيئن آهي، پنهنجي صوفياڻي سياءَ ڪارڻ اسان کي قبول آهي، ڇو تہ ”ڪانهي ڪڙائي چکين جي ڇيت ڪري!“

سنڌ ۽ سنڌي لوڪن، بلڪ سنڌي مسلم لوڪن، پاڪستان ۾ سالن جي ڇهن ڏهاڪن ۾ ڇا ڇا پوڳيو آهي- ۽ اُنهن ايترو پوڳيو آهي جيترو ٻين ”هموطنن“ ماڻهن ناهي پوڳيو- تنهن بابت ذرو بہ ڪين رنج ٿيڻ جي ضرورت ڪانهي، ڇو تہ اُن پيڙا جي پيٽ سندن مستقبل سان ڪئي وڃي، تہ اُنهن لاءِ سڀ کان نحس پؤ جيڪو ٿي سگهي ٿو سو آهي ”هڪ قوم طور سندن وجود جي گم ٿيڻ جو ڊپُ.“

پاڪستان سان ناتي جوڙڻ وقت اُهي 70 سيڪڙو اڪثريت ۾ هئا- سنڌي مسلمانن اڪثريت پنهنجي ”سنڌي مسلم ديس“ ۾، ٻين 25 سيڪڙو پنهنجن سنڌي هندو ديس ڀائين سان گڏجي اُنهن پنهنجي قومي ديس ۾ سنڌي قوم جي 95 سيڪڙو اڪثريت جوڙي ٿي. باقي پنج سيڪڙو آبادي جيڪا جدا جدا برادرين ۽ مذهبي اقليتن جهڙوڪ عيسائي، سِک، پارسي ۽ ٻين ذاتين ۽ فِرقن تي ٻڌل هئي، سا پڻ پنهنجو پاڻ کي سنڌي قوم جو هڪ اَڻ-ٽُٽُ حصو سمجهندي هئي، سنڌي ماڻهو اِنهيءَ طرح هڪ سئو سيڪڙو هڪ جهڙي قوم طور، پنهنجي قومي ديس، سنڌ ۾ امن ۽ آشتيءَ سان رهي رهيا هئا. 25 سيڪڙو مان 20 سيڪڙو اُنهن هندو ديس ڀائين- جيڪي شهرن ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل، سماجي طرح سجاڳ، وفادار ۽ ذميوار ڌرتيءَ جا فرزند هئا، تن کي جڙ کان اُکيڙي ۽ کين پنهنجي ديس مان ڪڍي، بي ترس حالتن جي رحم ڪرم تي ڦٽو ڪيو ويو، ۽ سندن ڌرتيءَ جا دروازا هر قسم جي ڌارئين لوڌ واسطي، اندران ئي اندران، لڪ چوريءَ ۾ کوليا ويا، ۽ پاڪستان جي قيام کان وٺي بدانديشيءَ وسيلي اڌ ڪليل رکيا ويا. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ، اهڙيءَ صورت ۾ جڏهن ڪجهہ مُٺ جيترا خود غرض ماڻهو جن منجهہ سواءِ پنهنجي مهماندار قوم جي بدخواهيءَ ۽ اُن جي مادي وسيلن ۾ هٻچي نظر جي، ٻي ڪا بہ شيءِ مشترڪ نہ هئي، گڏ ٿيا تہ اُنهيءَ ”مهاجر“ لوڌ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري سنڌين سان مقابلو ڪيو. اُهي پاڪستان ۾، پنهنجو پاڻ کي ”پنجين قوم“ سڏائڻ لڳا ۽ هر اُنهيءَ مڪر ۽ چالبازيءَ وسيلي، جيڪا اُهي وڌ کان وڌ ڪري سگهن ٿا، پنهنجي جهجهائيءَ ۽ انهيءَ ڪري سنڌ ۾ حڪمرانيءَ جي حق جي دعويداريءَ جهڙا افواهہ اُٿارين ٿا. باقي بچيل پنج سيڪڙو سنڌي هندو ۽ مختلف مذهبي فرقن سان تعلق رکندڙ ٻيا سنڌي ديس ڀائي- جيئن عيسائي، پارسي ۽ ٻيا- تن کي سندن مرضيءَ

جي برخلاف، سالن جا سال ڌار چونڊ سرشتي تحت پنهنجي سنڌي سماج جي قومي ڌارا کان ڌکي ڌار ڪيو ويو. اسلام جي صدقي ۾ مليل پناهگير ”مهاجر“ مسلمان گڏيل چونڊ سرشتي تحت، عيوض ۾ سنڌي مسلمانن سان شامل ڪيا ويا- اُنهن کي سنڌ مهاجر قومي موومينٽ (هاڻوڪي متحده قومي موومينٽ)- (لفظن جي مار يا مهر ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي) ذريعي ”الڳ چونڊون“ وڙهڻ جي اجازت ڏني وئي! اسلامي اخوت جي لفاظيءَ جي هيءَ ڪيڏي نه عنايت آهي! پنهنجن مهربانن هٿان مليل اهڙين مهربان حالتن ۾ سنڌ جا سنڌي ماڻهو پاڪستان مان جيڪا گهٽ ۾ گهٽ چڱائيءَ جي اُميد رکي سگهن ٿا، سا هيءَ آهي ته سنڌ ۾ هڪ اڻ بدلجندڙ (Ir_reversible) ۽ اڻ ڇُٽ (In_alienable) اڪثريت واري سنڌن فطري ۽ قديمي حق جو ڪين آئيني تحفظ ڏنو وڃي. فقط اِهو ئي واحد تحفظ ڪين پاڪستان ۾ سنڌن آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جي پڪ ڏياري سگهي ٿو جنهن جو واعدو پاڪستان ٺهراءُ ۾ شامل مکيه بنيادي معاهدي تحت ڪين لکت ۾ ڏنو ويو هو.

ناقابل ترديد حقيقت هيءَ آهي ته مذهب جي نالي ۾ سنڌي، پنهنجي وطن ۾ آزاد ۽ مالڪ ٿي رهڻ جهڙن آئيني تحفظن جي آسري لڳي، پاڪستان ۾ شامل ٿيا هئا! مذهب جڏهن پنهنجو روحاني وجود وڃائي ۽ سڙي ڏپ هاٿو ٿيڻ لڳي ٿو تڏهن ”عام ماڻهن“ کي ٻُوڪ بڻائي، ڏور ڌڪي، ترقي ڪرڻ جي حق کان محروم ڪيو وڃي ٿو. انين صديءَ واري سنڌ جي صورتحال اُن جي مذهبن جي اهڙيءَ حالت ڪري ائين هئي، ۽ اُن مرحلي تي اُن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي، جنهن کي ٿوري ئي عرصي ۾، اُن پنهنجو بڻايو- اهڙيءَ ئي هڪ طرح جيئن پاڻ چئون ٿا، انگلينڊ عيسائيت کي پنهنجيءَ پر ۾ ”پنهنجو“ بڻايو ۽ اُن مان ئي انگلينڊ جي ”قومي ڪليسيا“ جي تشڪيل ٿي. جرمنيءَ پنهنجي پراٽسٽنٽ ڪليسيا ناهي، ۽ فرانس پنهنجي ڪيٿلڪ ڪليسيا جوڙي. ايران اسلام جي شيعا فرقي جو دعويدار آهي، جڏهن ته سعودي عرب وٽ سندس پنهنجي شريعت آهي؛ ۽ پڻ ايتري قدر جو اڄ به، سريلنڪا، برما، جپان ۽ ڏور اوير جي بين ٻوڌي ديسن ۾، ٻڌ ڌرم مختلف رنگن روپن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اسلام پڻ سنڌ ۾ ساڳيءَ طرح سنڌي ماڻهن جي سياءُ مطابق هڪ نياري صورت ورتي- روحانيت، دلين کي دردونداڻين صورت- مذهبي تهوارن، قربانين، ريتن رسمن جي مجموعي ۽ فقط پاهرئين نماءُ واري مذهب



جي بنسبت وڌيڪ سچي، ضمير ۽ ڳَهَلَ واري مذهب جي صورت، سنڌي ماڻهن جو سياءُ آهي ته:

”تون پنهنجي توڙنياءِ، هُن جي هُو جاڻي!“

نـ اِهو جيئن هُو چاهين ٿا:

وفا ڪروگي وفا ڪرينگي، جفا ڪروگي جفا ڪرينگي،
ڪرم ڪروگي ڪرم ڪرينگي، ستم ڪروگي ستم ڪرينگي،
هم آدمي هين تمهاري جيسي، جو تم ڪروگي، وه هم ڪرينگي.

اِها MQM جي اُنهن ڌمڪي آميز منصوبه بندين جي هڪ پڌرائي هئي، جيڪي اُنهن 31 آڪٽوبر 1987ع تي آمريڪا مان واپس موٽندڙ سندن اڳواڻ جي پهريون پيرو هڪ وڏي جلوس جي شڪل ۾ ڪراچيءَ کان حيدرآباد اچڻ جي موقعي تي حيدرآباد ۾ پٽين تي سوين جاين تي خاص عام جي اطلاع لاءِ لکيون هيون. سماجي طور تي ڪنهن به صورت ۾ اِها ڪا مثبت يا پُرامن سوچ نه هئي، بلڪ ڪا سوچ هئي به ته هڪ غير انساني سوچ ئي هئي پاڻ پڌائڻ واري، وحشياڻي سوچ. هڪ سُڌريل، تهذيب يافته سماج ۾ هيءُ ”بهرحال توکان بهتر وارو لاڙو- شڪايتي معصوماڻيءَ هوڏ واري حالت ته ”آءٌ ايڊيل ۽ آنرڻُ آهيان، مون کي برباد ڪيو ويو آهي ۽ ڦُريو ويو آهي.“ اُهي جن اِهو رخ اختيار ڪيو اُهي جن ائين چيو سي ڪڏهن به بين کي ڏکار کان باز نه ايندا، ۽ هر ڪوئي ڄاڻي ٿو ته ”جيڪا شيءِ دنيا ۾ نفرت کي باز رکي ٿي، ختم ڪري ٿي، سا نفرت نه پر عدم نفرت آهي. نفرت جي نفيءَ جو ئي اِهو چمتڪار آهي جو نفرت ختم ٿئي. سماجي يا باهمي جاتيه پاوَ (Inter_communal) زندگيءَ ۾ سنڌي ذهن جي سوچ اِها آهي، باهمي سهڪاري سماج لاءِ اِها سوچ ئي معقول سوچ آهي:

”هُـو چـوني تـون م چئـو، واتـون ورائـي؛
اڳ اڳرائـي جـو ڪـري، خطـا سـو ڪـائي؛
پانـد ۾ پـائي ويـو، ڪينـي وارو ڪينڪـي.“
(شاهه)

-

ڪـونهي آڳُهـ اهـڙو، جهـڙي محبـت مَـنِ
(شاهه)

منهنجا دوستو، هن مهل مون کي ڪجهه سٺيون خبرون توهان سان ونڊڻ جي اجازت ڏيو. جيڪي يُورپ فقط ڪجهه سال اڳ دنيا ڏانهن اُماڻيون هيون. يورپ، اُهو کنڊ جيڪو ڪنهن سمي روشن خياليءَ (Liberalism) ۽ مذهبي اصلاح (Reformation) جي نعمتن مان فيضياب ٿيو. جنهن نئين جاڳرتا ۽ صنتي انقلاب جهڙا تجربا ڪيا، ۽ قومي رياستون ناهڻ واسطي ڪشالا ڪڍيا، ۽ بورجوا جمهوريت ۽ پوءِ هِڪ نہ پر دنيا ۾ گهٽن هنڌِ پورهيت راڄ جي مڙني سُٺاين ۽ ڀَل مانساين ڪي ماڻيو ۽ هاڻي اُن طرف وڃي رهيو آهي، جنهن کي سياسي مفڪر ”انسان دوست جمهوريت“ جو نالو ڏئي رهيا آهن، جيڪا اُنهن ئي سالن ۾ سوويت يونين جي ميخائيل گورباچوف، پنهنجي ذهن جي ڪشادائيءَ، جمهوري سوچ ۽ نئين سماجي تشڪيل وسيلي متعارف ڪرائي هئي.

اُهي خوشخبريون هي هيون: اول تہ يورپ وارن ”يورپ ۾ سلامتيءَ ۽ سهڪار بابت ڪانفرنس“ قائم ڪئي هئي، اِها يقين دهاني ڪرائيندي تہ ”يورپ جو اندروني ٽڪراءُ ۽ ورهاست وارو دؤر ختم ٿي چڪو آهي، ۽ هن کان پوءِ اسان جا تعلقات احترام ۽ سهڪار جي بنيادن تي قائم ڪيا ويندا.

”... يورپ پنهنجو پاڻ کي ٽڪرائجندڙ ماضيءَ جي ورثي کان آزاد ڪرائي رهيو آهي. اسان جو دؤر ماڻهن جي آسن ۽ اُميدن، جن کي اسان جي ماڻهن ڪيتري ئي عرصي کان پنهنجي مَنَ ۾ پالي ۽ نپائي رکيو هو، تن جي پورٽتا يا تڪميل جو دؤر آهي. جمهوريت، جنهن جا بنياد انساني حقن ۽ بنيادي آزادين تي رکيل آهن، اُن سان محڪم سِر سيتائي، معاشي آزادي ۽ سماجي انصاف وسيلي خوشحالي، ۽ يورپ کنڊ جي سڀني 34 ملڪن لاءِ هڪ جهڙي سلامتي.“

۽ ٻي خوشخبري اِها هئي تہ ”سوويت سماجوادي جمهوري رياستن جي اتحاد“ بدران هاڻي ”آزاد جمهوري رياستن جي اتحاد“ جو واعدو.

اسان جي حصي جي دنيا ۾. قديم تاريخ واري هندستان، ننڍي کنڊ واري هندستان، جديد دؤر جي ڏکڻ ايشيائي ننڍي کنڊ يا اڄ جي پاڪ. هند جي سرزمين تي. اسان لاءِ اڄ ڪهڙيون اُنهن جي مساوي خوشخبريون بلڪ خدائي نعمتون ٿي سگهن ٿيون!

آءٌ پنهنجي طور تي تہ اڄ بہ اِنهيءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان بهترين خوشخبري ۽ نعمت سمجهندس جيڪڏهن آءٌ اسان جي مسئلن جي نبيري ۽ اسان



جي سڀني مشڪلاتن جي حل بابت ٻُڌان، ۽ جيڪڏهن پاڪستان ڦري ”آزاد پاڪستاني رياستن جي يونين“ بڻجي پوي، ۽ هندستان ڦري ”آزاد هندستاني رياستن جي يونين“؛ ۽ پوءِ، اُن وقت، بلڪ منهنجي حياتيءَ جي پڇاڙان ئي سهي (جيڪا منهنجي حياتي هوندئن بہ هڪ ٽُڇ ۽ ادنيٰ شيءِ آهي)، اُهي ٻئي يونينون، يورپ کنڊ جي واٽ تي هلندي، هن عظيم وڏي کنڊ ايشيا ۾ ”هند. پاڪ يونين جي سلامتيءَ ۽ سهڪار جي ڪانفرنس“ قائم ڪرڻ جي قابل ٿي وڃن، جيڪا هن ڌرتيءَ ماءُ تي، قومن جي عالمي ڀائيچاري جي وڏيڪ هڪ عظيم عمارت شمار ٿئي، ۽ جنهن ۾ اسين سڀئي پاڪ. هند جون قومون ۽ ماڻهو بيشمار پيارن پيارن ۽ نچندڙ ڪُڏندڙ ٻارڙن وانگر شامل رهون، ۽ سُکِي جِيوَنُ گذاريون.

⊙

# ترِ جي گُٽِي سنڌ

منهنجو ڪتاب "سنڌ بچايو- ڪنڌ بچايو"، جنهن جو پهريون ڇاپو ٽڪڙيءَ ڇپائيءَ هيٺ هو سو 15 جون 1947ع تي پڌرو ٿي سگهيو هو. فيصلي ڪن حالتون جيڪي ننڍي کنڊ جي ورهاڱي طرف وڌي رهيون هيون، سي هڪبئي پٺيان ايتريءَ تہ تيزيءَ سان رونما ٿينديون ويون، جو هيٺيون وضاحتي نوٽ ڪتاب جي سر ورق واري صفحي جي اندرئين پاسي ڏيڻو پيو هو:

"..... هيءُ ڪتاب هڪ مهينو اڳ پڌرو ڪرڻ جو ارادو هو پر ڪن سببن ڪري ائين ٿي نہ سگهيو. تنهن هوندي بہ حڪومت برطانيہ جي هندستانين کي اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت اعلانيل ۾ تازه ترين آچ هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهه تي ڪنهن بہ طرح اثرانداز نٿي ٿئي. سواءِ ڪن ضروري تاڪيدي هيٺ مثالهين جي اصل ڳالهه ۾ خاص طور سنڌ بابت، اُن جي بنيادي دليل جي اهميت ۾ اُن جو وزن ساڳيو ئي رهي ٿو. (م.ا.ج. 15_6_1947ع)!"

حڪومت برطانيہ پاران (جيڪا ان وقت هندستان ۾ اعليٰ اختيار جو واحد سرچشمو هئي) اقتدار اعليٰ سونپڻ بابت "تازه ترين آچ" جو اعلان 21 مئي 1947ع تي ڪيو ويو هو ۽ اُن جون خاص ڳالهيون هيٺينءَ ريت هيون:

1. هندستان جي (زير عمل) آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪم ۾ خلل نہ وڌو ويندو. پر ان اسيمبليءَ پاران تيار ڪيل آئين ملڪ جي ڪنهن بہ حصي تي ان حصي جي مرضيءَ کان سواءِ قبوليت يا تعميل لاءِ لاڳو نہ ڪيو ويندو.



2. ملڪ جي مختلف حصن جي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ بہ طريقا تجويز ڪيل هئا: يا تہ (الف) زير عمل آئين ساز اسيمبليءَ جي ذريعي، جنهن ۾ اختلاف رکندڙ حصن جا نمائندا شامل هجن يا ٿين: يا

(ب) انهن اختلاف رکندڙ حصن جي نمائندن تي مشتمل جدا جدا آئين ساز اسيمبلين جي نمائندن ذريعي.

3. صوبن جي حوالي سان ڪنهن هڪ اختلاف رکندڙ صوبي يا ان جي حصي کان ٻئي صوبي يا ان جي حصي لاءِ انتظام ڪجهہ مختلف هئا. جيستائين سنڌ جو تعلق هو ان جي ليجسليٽو (قانون ساز) اسيمبليءَ کي سڌو سنئون فيصلو ڪرڻو هو تہ صوبي کي پنهنجي حڪومت جي آئين سازيءَ لاءِ، ڪهڙي آئين ساز اسيمبليءَ سان شامل ٿيڻ گهرجي.

4. عمل پذير پاليسي اهائي ساڳي قائم رهڻي هئي، جيڪا برطانيہ حڪومت جي ڪئبينيٽ مشن جي 12 مئي 1946ع واري ميمورينڊم ۾ واضح ٿيل هئي، جنهن موجب "يونين" يا "گروپن" جي آئين ۾ "ان ڳالهه جي گنجائش رکي ويندي تہ جيڪڏهن ڪو صوبو چاهيندو تہ اُهو شروعاتي ڏهن سالن کان پوءِ ۽ ان بعد هر ڏهن سالن جي وقفي کان پوءِ، پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي اڪثريت راءِ سان، آئين ۾ موجود شرطن تي نئين سر ويچار ڪرڻ جي مطالبي ڪرڻ جو حقدار هوندو."

ان کان اڳ مارچ 1942ع ۾ لارڊ پروي سيل سَر اسٽئفرڊ ڪرپس کي برطانوي حڪومت جي "جنگي مشاورتي مجلس" هندستان جي دوري تي اهو اختيار ڏيئي موڪليو هو تہ حڪومت برطانيہ جي ڪيل اعلان (Declaration) بابت هو هندستاني اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري ۽ اُن ڳالهہ جو جائزو وٺي تہ اهو اعلان وٺن ڪيتري قدر قابل قبول هو جيڪا ڳالهه ان اعلان جي مقصد جي ڪاميابيءَ لاءِ نهايت ضروري هئي.

مذڪوره اعلان ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ هيٺين ڳالهين جو بہ احاطو ٿيل هو:

ٻي مهاڀاري لڙائي (45_1939ع) جي خاتمي کان هڪدم پوءِ هندستان ۾ هڪ چونڊيل مجلس (Elected Body) قائم ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا ويندا، جنهن کي هندستان لاءِ نئون آئين ناهڻ جو ڪم سونپيل هوندو ۽ ان آئين کي قبول ڪرڻ ۾ هڪدم لاڳو ڪرڻ جو ذمو حڪومت برطانيہ پنهنجي سر تي کڻي رهي هئي. آئين ناهيندڙ اها چونڊيل مجلس انڊين يونين لاءِ آئين تيار ڪندي، پر ان آئين جي

تياريءَ جي آخري مرحلي تي، جيڪڏهن ڪو صوبو پنهنجي قانون ساز اسيمبليءَ جي ووٽ سان ان آئين کي قبول ڪرڻ تي پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪندو ته اُن صورت ۾ اهو صوبو انڊين يونين جي حاڪميت اعليٰ کي قبولڻ کان انڪار ڪرڻ ۾ آزاد هوندو. ان صورت ۾ اهو صوبو پوءِ پنهنجو آئين پاڻ تيار ڪري سگهندو. جنهن کي اهو ئي درجو اها ئي حيثيت ۽ ذميدارين جا اهي ئي اختيار حاصل هوندا، جهڙا انڊين يونين کي هوندا.

برصغير هندستان جي سڀني صوبن کي عام طور تي ڏنل ان پسند يا چونڊ (Option) جي اختيار ۽ ان جي ورجاءُ جي خاطري هندستان جي وائسراءِ، لارڊ ويول (Lord Wavel)، گهٽ ۾ گهٽ ٻن موقعن تي 1944ع ۽ 1945ع ۾ شملا ۾ ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ لڳ ڀڳ ساڳين لفظن ۾ ڏيڻ ضروري سمجهي هئي. آخري پيرو برطانوي وزيراعظم مسٽر اٽلي (Mr. Attlee) 20 فيبروري 1947ع تي واضح طور تي چيو ته،

”حڪومت برطانيه جو ارادو آهي ته جون 1948ع کان اڳ ۾ اقتدار اعليٰ، ذميوار هندستانين جي هٿن ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ ضروري اُپاءُ ورتا ويندا. پر اهڙو آئين ذڪر ڪيل وقت کان اڳ ۾ جيڪڏهن تيار ٿي نه سگهيو ته حڪومت برطانيا ان ڳالهه تي به ويچار ڪندي ته ان متوقع تاريخ تي برٽش انڊيا جي مرڪزي حڪومت جون واڳون ڪنهن جي حوالي ڪيون وڃن.... آيا، جيئن آهي تيئن، برٽش انڊيا لاءِ مرڪزي حڪومت جي ڪنهن اختياري نظام کي يا ڪن علائقن ۾ موجود صوبائي حڪومتن کي يا اهڙي ڪنهن ٻئي طريقي سان، جيئن سڀ کان وڌيڪ مناسب يا واجب سمجهجي ۽ جيڪو هندستاني عوام جي بهترين مفاد ۾ نظر اچي.“

هندستان جو آخري وائسراءِ، لارڊ مائونٽ بيٽن، جڏهن ته موڪليل ئي هو سر ونسٽن چرچل جي قول جي نفي ڪرڻ لاءِ (جنهن چيو هو ته، ”آءٌ برٽش انڊين ايمپائر جي ڏيوالي لاءِ مقرر ٿيل نه آهيان“.) ان اچڻ سان هڪ موقعي تي، اهو چوڻ ضروري سمجهو ته بادشاهه سلامت جي برطانوي سرڪار عاليه پاران برصغير هندستان اقتدار اعليٰ تان دستبردار ٿيڻ واري تازه ترين طريقي ڪار کي ووٽ جي آسان کان آسان عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ٿيل آهي، جيڪو صوبن جي ووٽ کان شروع ٿيندي، رياستن جي گروپن وسيلي مرڪزي حڪومت جي آئينن جي سرانجام تائين پهچندو. اهو طريقي ڪار پنهنجي اصل مقصد ۾ سڀني لاڳاپيل ڌرين کي بااختيار حڪومت جي درجي (Dominion Status) واري آڇ هئي ۽



اڳتي وڌي، آزاد مرضيءَ سان انهن گروپن مان نڪري اچڻ وارو سندن اختيار سچ پچ ته سندن خود مختياري/ آزادي (Independence) جي برابر هو.“

هاڻي اتي هڪ اهم سوال پڇي سگهجي ٿو: خود مختياري/ آزاديءَ جي حق حاصل ڪرڻ واري ان سڄي قصي جي بار بار ورجاءُ ۽ اُن تي ايتري قدر زور ڀرڻ کان پوءِ به هندستان جو ڪو ”صوبو“ پنهنجي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جي عمل ۾ شامل نه ٿيو. اهو ڪيئن ممڪن ٿي ٿي سگهيو؟

ان کان اڳ جو انهيءَ سوال جو جواب ڏجي، هڪ حقيقت ذهن نشين ٿيڻ گهرجي ته سنڌ پنهنجي هڪ مڃيل اڳواڻ، عزت ماب جي ايم سيد، ذريعي پنهنجي آزاديءَ جي گهر ڪئي هئي. تنهن هوندي به اها ڪوشش ڪامياب ٿي نه سگهي. اها ڳالهه، جيڪا مستند سچائيءَ سان رڪارڊ تي آيل آهي، تنهن کي ٿورن لفظن ۾ هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو:

سنڌ مسلم ليگ جي صدر، عزت ماب جي ايم سيد، 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ هڪ قرارداد پيش ڪئي، جنهن ۾ گهر ڪئي وئي ته ”پاڪستان آزاد قومي رياستن جي يونين طور قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ سنڌ به آزاد ۽ خود اختيار اڪائيءَ طور شامل هجي“ (جلال، 1958:110)... پاڪستان جو ”آزاد“ (Independent) ۽ اعليٰ اختيار رکندڙ (Sovereign) رياستن جي يونين طور تصور ڪيل هو. جيئن 1940ع جي لاهور واري قرارداد ۾ اهو پيش ٿيو هو (مهتاب 1997: 49). ڪراچيءَ مان انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ اخبار، سنڌ آبزرور (Sindh Observer) موجب عزت ماب جي ايم سيد شروع شروع ۾ هڪ ”سنڌي پاڪستان“ نالي ٿي گهريو. پر 1946ع ۾ مسلم ليگ جي سحر مان صاف صاف نڪري اچڻ کان پوءِ هن (برطانيه جي) ڪئبينيٽ مشن کي، جيڪا تن ڏينهن ۾ هندستان جي دوري تي آيل هئي، آگاهه ڪيو هو ته هن هاڻي پنهنجيءَ گهُر کي بدلايو هو ۽ هاڻي هڪ ”سنڌي پاڪستان“ بدران ”آزاد سنڌ“ گهرجي (جلال 1985:187).

”... اهڙيءَ طرح 1947ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي آزاديءَ کان اڳ سنڌين وٽ پسند جون ٽي کليل راهون هيون: ڪانگريس جي حڪمرانيءَ هيٺ يڪ انتظامي مرڪزي هندستان (Centralised India) جي راهه، مساويانه نظام تي ٻڌل ڪانفيڊرل پاڪستان جي راهه، يا آزاد سنڌ جي راهه“ (مهتاب 1997ع: 50).

وقت جي ان گهڙيءَ تي جنوري 1946ع ۾ ڪل هند مسلم ليگ جي اعليٰ

قيادت جي مجلس عمل (Committee of Action) عزت ماب جي ايم سيد کي ليگ جي مرڪزي تنظيم ۽ سنڌ ليگ ٻنهي مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جو قدم کنيو.

انهيءَ سوال جي جواب لاءِ تہ صوبا بشمول سنڌ، پنهنجي خود مختياريءَ/ آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ مضبوطيءَ سان اُٿي کڙا ٿيڻ ۾ ڪيئن ناڪام رهيا، پوري هڪ ڊيان طلب بيان جي ضرورت آهي.

هندستان ۾ برطانوي "صوبن جي حڪمران ڏرين جا ماڻهو (Elites) برصغير ۾ موجود برطانوي شهنشاهيءَ جي سخت مرڪزيت ۽ وسيع پهچ جي عين مطابقت ۾ ڪل-هند بنيادن تي هريل ۽ منظم ٿيل هئا. جيئن ئي برطانوي شهنشاهي اقتدار اعليٰ "ورهايو ۽ راڄ ڪريو" واريءَ چال کي سياست جي بساط تي آندو، تہ ڏيهي راجائن ۽ شهزادن ۽ صوبن جي سکر ماڻهن پنهنجا مُهرا سنڀاليا، بلڪ سڀ ڪان اڳرا پاڻ ئي ان سخت مرڪزيت جي راند جا مهرا بڻجي ويٺا ۽ طئي ڪيل ڪل هند بساط جي وسيع ۽ عريض فاصلن تان ڊوڙندي ۽ بلند آسماني خلائن تائين ٽِپندي ۽ ڪِرندي هڪڙين ڪل-هند قومي ۽ ٻِين ڪُل-هند مسلم فضائن ۾ انگريز بهادر سان ۽ پنهنجي پاڻ ۾ هڪٻئي سان زور آزمائين ۾ محو جنگ و جدل ٿي هڪ ڏر برصغير ۾ مخصوص قومي "شهنشاهت" ۽ ٻي ڏر مخصوص مسلم "شهنشاهت" جي انڌ ۾، بلڪ "اک نہ ڏسي پير واري ڏنڌڪار" ۾ ونجي ويئي، ۽ ٻئي ڌريون مڪاني طور پنهنجي پنهنجي پيرن هيٺان واري جيئري جاڳنديءَ ڌرتيءَ تي نظر وجهڻ کان رهجي ويون ۽ صوبا جيڪي تاريخي طور برصغير ۾ قديم ۽ اُڀرندڙ جديد قوم جا وطن هئا، تن جي شعوري مسئلن سان سندن ڪوبہ سروڪار نہ رهيو. ٻئي ڌريون، انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، پنهنجو پنهنجو ڪل هند نمائندگيءَ وارو مرتبو ماڻهن جي محض 4 کان 6 سيڪڙو هائوڪاري ووٽن جي آڌار تائين جيڪي ووٽ بہ سياسي طرح ڏار چونڊ سرشتي تحت کين حاصل هئا، محدود ڪن اختيار جي گادين تي مڱ بڻجي ويهي رهيا. صوبن جا اهي شرفاءَ جن کي انهن ٻن مت موڙهيل (Crazy) جماعتن جي حمايت حاصل هئي، سي برطانوي حڪومت جي آشيرواد هيٺ آڪڙ ۾ پريل ۽ حڪومت برطانيہ جي تيار ڪيل فوجي ۽ عملدار شاهيءَ جي سايي ۾ سک ۽ سلامتيءَ سان رهندي، ان سودي ۾ پنهنجي منهن پاڻ کي فائدي ۾ سمجهندي، ڏڪئي بکئي، محروم ۽ مظلوم عوام جي اڻ اُٿيل ۽ اڏ سُتل عوامي طاقت کان ڪجهہ ڪجهہ خائف، مٿان ئي مٿان پنهنجن انگريز آقائن کان اقتدار جون واڳون پوريءَ فرمانبرداريءَ سان، ماٺ ميٺ ۾ ۽ پُرامن طريقي



سان پنهنجن لالچي هٿن ۾ وٺي ويٺا. آڪسفورڊ پڙهيل جمهوريت پسند سماجوادي ڪانگريس اڳواڻ پنڊت نهروءَ جي صلاح ۽ مسٽر جناح جي حمايت سان، جيڪو ٻيءَ پارٽيءَ جو اڳواڻ هو، حالتن جو مزيد فائدو وٺندي ٻنهي لارڊ مائونٽ بيٽن کان اها رعايت ورتي تہ صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي آڇيل خود اختياري/ آزاديءَ واري حق جي ڳالهہ کي پاسيرو رکندي پنهنجي پنهنجي حصي واريءَ مملڪت ۾ کين حڪمرانيءَ جو اعزاز عطا ٿئي تہ آزاديءَ جي بيک وٺندڙ ۽ ڏيندڙ ٻنهي ڌرين، يعني ڪانگريس ۽ ليگ هڪ ڌر ۽ حڪومت برطانيہ ٻي ڌر جي سٺي پت رهجي ايندي. ان طرح جي ڪجهہ سمجهوتي تي متفق ٿيندي، "لارڊ مائونٽ بيٽن پوءِ سڄو وقت صوبن ۽ ڏيهي رياستن کي فقط هندستان يا پاڪستان جي ٻن رياستن مان هڪ سان شامل ٿيڻ لاءِ زورائتن مشورن ڏيڻ ۾ ئي سڄو وقت پورو رهيو." (جلال 1985:285)

ائين "برطانوي دولت جي مشترڪ جي دفاعي گهرجن جي وسيع تر مفادن لاءِ برطانيا حڪومت ان صورتحال تي پوريءَ طرح مطمئن رهي تہ هندستان جو ٻن رياستن ۾ ورهاڱو ئي ڪافي هو ۽ اُن جي ٻئي امڪان طور ڏکڻ ايشيا ۾ عالمي سامراج مخالف/ موافق ڪيتريون ئي رياستون قائم ٿي وينديون. تنهن کان برصغير بچي ويندو!" (جلال 1985ع: 254)

"بندرگاهہ وارو شهر ڪراچي، مثال طور، جيڪو دولت مشترڪ جي جنگي توڙي تجارتي حڪمت عمليءَ لاءِ سوئيز ڪئنال کان آسٽريليا جي وچ ۾ رابطي لاءِ نهايت ضروري منزل تي هو. برطانيہ نٿي چاهيو تہ اُهو جي ايم سيد جهڙي هڪ انقلابي، جذباتي ۽ زور آور شخصيت جي هٿن ۾ وڃي." (مهتاب 1997:50)

مسلمانن جي اڪثريتي صوبن جي معاملي ۾ انهن جي خود مختياري/ آزاديءَ جي امڪاني صورتن کان خاص طرح سندن مڪاني حڪمران گروهن جي ڳڻَ لاٿار جو مزيد سبب هيءُ بہ هو تہ کين پنهنجن وطن- اڌ پنجاب، اُتر اولهہ سرحدي صوبي، بلوچستان، سنڌ ۽ اڌ بنگال ۾ حاڪميت لاءِ هڪ تہ ٽوٽل مسلم اڪثريت اڳ ئي حاصل هئي ۽ ٻيو تہ منجهائن خاص ڪري ڪمزور صوبن، ڪجهہ اڳيرو ڏسندي قرارداد پاڪستان جي شرطن ۾ بہ پاڻ لاءِ خود مختيار رهڻ جي آئيني صورت ۾ ضمانت موجود ڏٺي ٿي ۽ هنن ان تحفظ جي واعدي تي تيستائين تہ اعتماد بہ ڪيو ٿي، پر اها ڳالهہ اُنهن اڄ سڄ پچ تہ هڪ سخت پڇتاءُ واريءَ صورت طور سندن سامهون هوندي، يا ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ کين هڪ متوقع خوشيءَ جي

صورت سامهون هئي، جيئن ڪانگريس، جيڪا هڪ وحداني (Unitary Raj) لاءِ ضد ٻڌيو بيٺي هئي، اتي هندستان ۾ صوبا رياستون سڏجن پيا ۽ سياسي، معاشي ۽ ثقافتي طرح مڪاني آزاديءَ جا مزا ماڻي رهيا آهن. پر پاڪستان جا صوبا خود مختياري/ آزاديءَ واري ڏنل ۽ ڏيڪاريل ڇَٽ پويان لڳا ۽ اجا تائين ته دست نگر ۽ زيردست صوبن جي صورت ۾ ئي رهڻ تي پاڻ کي سڙندي ۽ مرندي پيا ڏسن ۽ وفاق جي محض ٽڪرن تي محتاج طور رهڻ ۽ وقفي وقفي سان ”هٿين پيرن مُونڙين بند“ وفاقي فوج جي مارشل لائي گهاٽي ۾ پيڙبا پيا رهن!

بهرحال برصغير هندستان بظاهر ته آسانيءَ سان ۽ امن امان جي حالتن تحت، جيئن ڪجهه حلقن پاران پوري فخر سان دعويٰ ڪئي ويجي ٿي، 1947ع ۾ آزادي ماڻي ان خوش فهم دعويٰ جي باوجود، ڏرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن کي جيڪي ان آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شامل هئا، وڏي هڪ منظم انساني ڪوس مان گذرڻو پيو اڻ ڳڻيون معصوم انساني جانيون ضايع ٿيون ۽ ماڻهن جي ايڏي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي، جنهن جو اڳ ۾ ڪوبه اهڙو مثال ڪٿي موجود ڪونهي، ۽ نتيجي طور مها ڪال ۽ پرلئه جي پئماني جيتريون سماجي ۽ ثقافتي تباهه ڪاريون به رونما ٿيون. جدوجهد هلندي ڪل-هند مسلم ليگ پنهنجن برطانوي آقائن تي الزام هڻندي رهي ته اُهي ڪانگريس سان ملي آزاد هندستان کي هڪ اڪثريتي هندو راڄ ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا هئا. تنهن ڪري ان پاڻ ساخته خطري کي ٽارڻ لاءِ ڌار رياستن جي گهر ڪئي ويئي ۽ چيو ويو ته ”جيڪڏهن ممڪن هجي ته خونريزي ۽ گهرو ويڙهه کان ضرور پاسو ڪجي، پر اُن جي ڪابه گنجائش نه ٿي بچي.... سو جيڪڏهن اڳلا جنگ چاهين ٿا ته اسين ان کي به قبول ڪريون ٿا.“ (ڊئوڊ ملسٽيڊ 1996:100) اها مسلم ليگ جي حوالي سان، ان جي بغض جي شڪار ۽ خِفت جي آخري آڙاهه جي گويا هڪ جهلڪ هئي. انهيءَ سڀ ڪجهه جي باوجود، 15 آگسٽ 1947ع تي بادشاهه جارج پنجين پاڪستان ڏانهن اُماڻيل پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ چيو ته ”اهڙيءَ ريت پُرامن ناهه ذريعي پنهنجي آزادي حاصل ڪري اوهان سڄيءَ دنيا جي آزادي پسند ماڻهن لاءِ هڪ مثال قائم ڪيو آهي.!“ (ڊئوڊ ملسٽيڊ، 102: 1996). ٻولن جي ڪپهه جيئن نازڪ خاموشي تحقيق ڪيڏي نه بي حس به هجي سگهي ٿي!

## انسان جي برابري ۽ قومن جي برابري:

ساڳئي سال 1947ع ۾ جين پال سارتر، پنهنجي جڳ مشهور تصنيف



"Existentialism is Humanism" (وجوديت ئي انسانيت آهي) ۾ ٿلهي ليڪي ان نتيجي تي پهتو ته ”انسان تي سزا ٻڌل آهي ته هو آزاد رهي“ "Man is Condemned to be free" (ڊيوڊ ملسٽيڊ، 1996:98)

1947ع کان اڳ ڪراچيءَ ۾ رهندڙ گجراتي ڳالهائيندڙ ڪجهه (زردشت ڌرم وارن) پارسين کان علاوه سنڌ ۾ رهندڙ سڀئي رهاڪو پوءِ اهي هندو يا مسلمان، گهڻو ڪري سڀئي سنڌي هئا. پاڪستان ٺهڻ وقت، ڪراچيءَ ۾ 75 سيڪڙو هندو هئا (پٿاوالا، 1951ع: 7) انهن سڀني ۾ سنڌي ٻولي روز مره جي ميل جول لاءِ رابطي جو ذريعو هئي ۽ صوبي جي سرڪاري ٻولي به هئي، اُها هندن توڙي مسلمانن ۾ هڪجهڙي عام هئي. ”ارڙهين صديءَ جي شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي صوفياڻي ۽ متڀيد کان آزاد شاعريءَ سچ پچ ته ان ٻوليءَ کي ٻنهي مذهبن جي هڪ مقدس زبان بڻائي ڇڏيو هو. لطيف جي بيتن سان، جن ۾ وطن دوستي، انساني برابريءَ ۽ عالمي ڀائيچاري جو پيغام سمايل آهي، پاڪستان کان اڳ سنڌ ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان هندستان جو هڪ سمان جاتي (Homogeneous) صوبو هئي.“ (مهتاب علي، 1997ع: 46). سنڌ ان وقت به سنڌي ماڻهوءَ جو هڪ آزاد وطن هئي، جڏهن 1843ع ۾ اها انگريز فوجن هٿان شڪست کائڻ کان پوءِ پنهنجي آزادي وڃائي ويٺي هئي.

ها، سچ پچ ته ”انسان تي سزا ٻڌل آهي ته هو آزاد رهي“. قومن جي مقدر ۾ به آزادي ماڻڻ سندن خاص حق به آهي ۽ سزا طور اُها مٿن مڙهيل فرض به آهي، پر ماڻهو فرد طور آزاديءَ جو دفاع ۽ آزاديءَ جو لطف فقط ان وقت ماڻي سگهي ٿو، جڏهن سماج ۾ انفرادي طور، انساني برابريءَ واريءَ حيثيت کي ميڄتا ۽ قبوليت ملي ۽ قومون آزاديءَ کي پنهنجو ڪري ان جو دفاع به فقط ان صورت ۾ ڪري سگهن ٿيون، جڏهن سڄيءَ دنيا ۾ موجود قومن کي اجتماعي طور قومن جي برابريءَ واريءَ حيثيت ۾ ميڄتا ملي. هر ڳالهه جي باوجود، تلخ حقيقت اها آهي ته پاڪستان ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي آزاديءَ وارو ڏينهن اڃا حاصل ڪرڻو آهي. هيءُ ئي اُهو وقت ۽ دور آهي جڏهن پاڪستان کي قومن جي هڪ جيل خاني مان ڦيرائي هڪجهڙين آزاد ۽ خود مختيار قومن جي جنت بڻايو وڃي. جيئن ان جو واعدو ڪيو ويو هو ۽ سڄي هيڏي رتا اُن لاءِ رٿي وئي هئي. انهيءَ مقصد جي حاصلات لاءِ سنڌ جا سڀئي محب وطن- مرد، عورتون ۽ ٻارڙا- پنهنجي حياتيءَ جي آخري ساهه تائين پنهنجو اُهو فرض نڀائيندا رهندا.

◉

# سنڌ جو تعليمي سرشتو ۽ سنڌي ٻولي

"تعليم جي سڄي ناڪامي بنيادي طرح ٻوليءَ جي ناڪامي آهي." ٻولي ڪنهن به انساني سماج جي گڏيل ابلاغي نظام ۾ اُن جي ثقافت جو ذريعو آهي. ٻوليءَ جي معرفت فردُ پنهنجي ثقافت (Culture) جو حصو بڻجي ٿو. ٻوليءَ جي صلاحيت ۽ قابليت سان هو پنهنجي اُن ثقافت جي تعمير ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهي ٿو ۽ اُن کي بدلائي ۽ جديد کان جديد حالتن سان موافقت ۾ آڻي سگهي ٿو. ٻولي فرد کي پنهنجي ذاتي سڃاڻپ ڏئي ٿي ۽ هُن ۾ پنهنجي ذاتي گُڻ جي موجودگيءَ ۽ اُن جي واڌ جو احساس پيدا ڪري ٿي. ٻولي فرد لاءِ ۽ قوم لاءِ دنيا ۾ ۽ مشترڪ انساني زندگيءَ ۾، پنهنجي مخصوص جڳهه پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ تمام مڃيل ۽ ثابت ٿيلُ تمام وڏو ۽ سگهارو وسيلو آهي. جڏهن ڪا قوم پنهنجي شخصيت کان باخبر ٿيندي آهي، تڏهن ان جو ڀرپور ڌيان پنهنجي تاريخ ۽ پنهنجي ٻوليءَ ڏانهن ويندو آهي. قوم (Nation)، قومي سڃاڻپ (Nationality) ۽ قوميت (Nationalism) جون پاڙون ثقافت ۾ کُتل هجن ٿيون. ٻولي ۽ اُن جو سَچو ادب اُن ثقافت جي اظهار ۽ پائداريءَ جي ضمانت جو ڪم ڏين ٿا.

آءٌ جڏهن 1940ع ڌاري ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ استاد هئس، تڏهن پنهنجي محترم ۽ محبوب سائين علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ جي هڪڙي ليڪچر ۾ ٻڌو هوم ته "ماڻهن جي ٻولي سندن ادب ۽ علم جي غربت ۽ تونگريءَ جو نشان آهي ۽ اُها سندن اخلاقياتي سطح ۽ شان جي پڻ شاهد آهي، اصل ائين جيئن سون



جي پرک لاءِ ڪسوٽي." پنهنجي ٻوليءَ کي وڌائڻ سڌارڻ به اسان تي اوترو ئي لازم آهي، جيترو انگريزيءَ لاءِ انگريزن تي. اسان جي استاد ۽ بزرگ، علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب اسان کي اهو سمجهائڻ تي گهريو.

برطانوي سامراج کان نجات پائيندي، اسين سنڌ جا، سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو پنهنجي وطن ۾، پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ، اهڙي ئي شاناٽتي ۽ پُروقار قومي درجي جي ماڻڻ جا اميدوار هئاسين - ڇوته تاريخي طور ۽ آزاديءَ جي گڏيل جدوجهد جي معاهدي جي بنياد تي اسين اُن درجي جا حقدار هئاسين. جيتري قدر اسين اڄ اُن درجي جي ماڻڻ کان محروم آهيون، اُن لاءِ بيگانن جي بالادست سياست جو جبر ۽ فريب ته ذميدار آهن ئي، پر اسان جي پنهنجن جي پاڻ تائين پوري، مِيڱرَ ۽ جي - حضوري سياست ۽ اسان جو پنهنجو موجوده مدي خارج، تنگ نظر ۽ تابعدار تعليمي سرشتو به اُن لاءِ ذميوار آهي.

سنڌي قوم ۽ قومي ثقافت کي به جيڪڏهن زنده رهڻو آهي، ته ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي پڻ زنده رهڻ گهرجي، نه فقط زنده رهڻ، بلڪ کيس لازمي طرح هڪ اعليٰ علمي ۽ ادبي ٻولي پڻ بڻجڻ گهرجي. ٻوليءَ ۽ ادب جي بچاءَ ۽ واڌاري جو وڏي ۾ وڏو ۽ ڪامياب ۾ ڪامياب وسيلو ٻوليءَ جي پڙهائي آهي. سنڌ جي تعليمي مرڪزن ۾ اسان جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ايتري اهميت ۽ اوليت ڏيارڻ گهرجي، جيتري ڪنهن آزاد ۽ سڌريل ملڪ جي تعليمي سرشتي ۾ اُن جي مادري ٻوليءَ جي پڙهائيءَ کي ملي ٿي ۽ اُن ۾ ڪوبه ٻيو نصابي ڪم - جيئن حساب، فزڪس، ڪيمسٽري، انگريزي وغيره سنڌيءَ تي آڪرو ٿيڻ نه گهرجي.

دنيا جي سڀني سڌريل ۽ سڄاڳ قومن کي، پنهنجي قومي سڄاڳيءَ جي ڀرپور منزل تي پنهنجي پنهنجي قومي ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ، لازمي طرح سنجيده رويو اختيار ڪرڻو ئي پيو آهي. ساڳيءَ ريت هاڻوڪي صورت حال ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اها واڌ به ڪڏهن واڌ ڪانه چئي سگهبي جنهن مان شاهه جي ٻوليءَ جا لفظ گم ٿيندا ٿيندا بنهه گم ٿي وڃن. ايتري تائين جو ڪو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ پڙهندڙ شاهه جو رسالو پڙهڻ چاهي ته پڙهي نه سگهي ۽ ٻڌي ته سمجهي نه سگهي، سنڌ جي ساڍا چار ڪروڙ سنڌي آباديءَ ۾ مختلف سنڌي ڪتابن جون چند سئو ڪاپيون وڪرو ڪرڻ به هڪ وڏو مسئلو بڻجي پوي ته پوءِ ايتريءَ قيمت تي ڪنهن ٻوليءَ جي "ترقي ۽ سڌاري" کي ڪهڙي حساب ۾ ڪو

ترقي ۽ سڌارو ڇڏي سگھندو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ترقيءَ جا ممڪنات بي انداز موجود آهن. پر سندس گذريل صدها سالن جي تاريخ جا المناڪ داستان شاهد آهن ته ڪيس پنهنجي فطري صلاحيتن کي فروغ ڏيڻ جا ڪڏهن به ڪي سازگار موقعا نصيب نه ٿيا آهن. آزاديءَ کان پوءِ ڪجهه جذباتي ترنگ ۾ ۽ ڪجهه گروهي مفادن جي ڇڪ سبب مذهب سان گڏ اردوءَ کي پاڪستان جي نظرياتي اثاث جي هڪ عنصر طور اڳيان آڻيندي ڪافي ٻولين کي ۽ خاص طرح سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليمي ۽ تهذيبي حيثيت کي نظرانداز ڪندي هر ممڪن نقصان پهچايو ويو. جنهن ۾ سرِ فهرست ڪراچيءَ ۾ سنڌي پرائمري ۽ ثانوي اسڪولن جو سوَن جي تعداد ۾ بند ٿيڻ، سنڌ يونيورسٽيءَ جو ڪراچيءَ مان بي دخل ٿيڻ، اُن جي جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جي يڪطرفي ترديدَ - سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ ڪافي ڳرا ۽ مهلڪ قدمَ ثابت ٿيا.

ڌاريان حاڪم سدائين هِن ڪوشش ۾ رڌل رهيا ته علمي مرتبو فقط سندن پنهنجين "حاڪمانه" ٻولين لاءِ ئي مخصوص رهي، تنهن هوندي به سنڌي ٻوليءَ نه فقط پاڻ کي زنده رکيو آهي، پر ايڏيءَ مڪمل ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ رهي ڪري به پاڻ وٽ هڪ اهم عظيم ادبي سرمايو پيدا ڪيائين، جنهن لاءِ دنيا جي هرڪا سڌريل ٻولي به مٿس اڄ رشڪ ڪري سگھي ٿي. تنهن ڪري، هاڻ جڏهن اها دعويٰ ڪئي ٿي وڃي ته، "سنڌ ۽ سنڌي قوم آزاد آهن"، جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ کي انهن مڙني بندشن کان آزاد نه ڪيو ويو، جيڪي ڌارين مٿس عائد ڪيون هيون، ۽ وڌڻ ويجهڻ جا اهي سمورا موقعا جن کان ڪيس هيل تائين محروم رکيو ويو، ڪيس مهيا ڪري نه ڏنا ويا، ته پوءِ ان کان وڌيڪ بدنصيبي، سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ثقافت لاءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگھي ٿي!

اسان جا پوئين کان پويان "نئين روشنيءَ وارا" حاڪم، انگريز پڻ اسان جي ٻوليءَ کي هڪ "ورنيڪيولر" يعني هڪ "غلامن جي ٻولي" سڏيندا رهيا: جنهن جو مطلب هيءُ هو ته سندن سامهون اسان جي ٻولي هڪ اڻ سڌريل، ۽ علمي شان کان ڪريل ٻولي هئي. اهوئي سبب هو جو ملڪ جي تعليمي سرشتي ۾، هنن پنهنجي "شاهانه" ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ اسان جي ٻوليءَ کي اها غير اهم جڳهه ڏني، جو هوءَ خاص طرح علمي ۽ ادبي دائري ۾ اسان لاءِ ڪنهن ڪم جي نه رهي، ۽ نتيجو هيءُ نڪتو



جو اسان جي ٻولي خود اسان جي نظرن ۾ ڪري پيئي، پرائمري اسڪولن ۾ پنهنجي مادري زبان معرفت، اسان جا ٻار اڌو ڳابرو انگ اکر سکي سگھيا ٿي، باقي سيڪنڊري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ "محڪوم" (سنڌي) ٻولي ڪو شانائتو پير پائي، اها ڳالهه "حاڪمانه" (انگريزي) ٻوليءَ جي موجودگيءَ ۾ ڪيئن ٿي ممڪن ٿي سگھيو؟ تنهن کان سواءِ، حاڪمن جو بنيادي مقصد ته فقط پنهنجي حڪومت کي قائم رکڻ جو هوندو آهي: تنهنڪري، انگريزن کي فقط هڪ محدود تعداد "تعليم يافته" غلامن جو گھربل هو، جن جي هٿان هو پنهنجي حڪومت جو چرخو ڪاميابيءَ سان هلائي سگھن، انهيءَ لاءِ پڻ لازمي هو ته تعليم جو سرشتو اهڙو تجويز ڪيو وڃي، جو هڪ ته اهي "تعليم يافته" غلام ڪٿي به گھرج کان وڌيڪ نه پيدا ٿي وڃن، ۽ ٻيو ته ڪين تعليم فقط اهائي حاصل ٿئي جا ڪين "غلاميءَ" لاءِ تيار ڪري ۽ ان جو هيراڪ بنائي. سنڌ جي سدا حيات شاهه لطيف اهڙن "تعليم يافته" غلامن جو بيان، جن کي ڌاريان حاڪم پيدا ڪرڻ گھرندا آهن. هن ريت ڪيو آهي:

جو "فارسي" سکيو، گولو، توءِ غلام،
جو ٻَڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪِنءِ چائي چام؟
اڄو تان "آب" گھري، بکيو تان "طعام"!
ايءُ عامن سندو عام، "خاصن" منجهان نه ٿئي.

گذريل صدها سالن جي عرصي ۾، ڌارين حاڪمانه ٻولين جي ايتري دٻاءَ ۽ غلبي هوندي به، جو سنڌي ٻولي زنده رهي سگھي آهي، تنهن لاءِ سنڌ ۾ پڙهيل طبقي کي شاباس نٿي ڏيئي سگھجي: ان لاءِ سنڌ جا اڻ پڙهيل ڳوٺاڻا جس جا لائق آهن. سنڌ جي پڙهيل صاحبن ته پنهنجي پنهنجي زماني جي حاڪمن هٿان نافذ ڪيل تعليمي سرشتي جي اثر هيٺ، شعر ۽ شاعري به ڌارين ٻولين ۾ ڪئي، "سنڌي اديبن ۽ عالمن" ادبي تخليق سان پڻ ڌارين ٻولين کي ئي نوازيو. پوءِ انهن "سنڌي اديبن ۽ عالمن" جا فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ لکيل ڪيئي ديوان ۽ ٻيا انيڪ علمي ۽ ادبي ڪتاب، قلمي نسخن جي صورت ۾، اسان وٽ بند رهيا. سندن اهي قلمي محنتون ۽ ذهني عرق ريزيون جڏهن اڄ اسين پنهنجن اکين سان ڏسون ٿا ته محض مٽيءَ ۽ اڏوهيءَ جو کاڄ ٿي رهيون آهن، تڏهن دل کي واقعي ڏک ۽ صدمو ٿو رسي، ته جن ڌارين قومن جي ٻولين جي ايتري خدمت اسان جي انهن بزرگن ڪئي، خود انهن قومن سندن انهيءَ بي بها پورهئي کي رڳو منهن ورائي به ڪڏهن ڪين

ڏنو: شاهہ لطيف جي زبان ۾ اسان جي هنن مرحوم اديبن ۽ عالمن جو بلڪل هيءُ حال ٿيو جو "اُجيا تان "آب" گهرن، بکيا تان "طعام"، اي عامن سندا عام، "خاصن" منجهان نہ ٿيا! غور فرمايو تہ جيڪڏهن اسان جا اهي سمورا بزرگ پنهنجي علمي ۽ ادبي تخليق سان خود پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي سينگارڻ جي ڪوشش ڪن ها تہ هوند اڄ اسان جي هيءَ غريب ٻولي ڪيڏي نہ اوج تي رسيل هجي ها! ٻيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ان حالت ۾ اڄ سندن تصنيفن کي هٿ ۾ کڻي پڙهڻ وارا اسين تہ موجود هئاسون! سنڌ ۾ ڌارين ٻولين جي تسلط وارن زمانن کي اڄ ياد ٿو ڪجي، تہ پڌري پٽ معلوم ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن انهن زمانن مان ڪنهن بہ هڪ زماني ۾ ڪنهن ڌارينءَ ٻوليءَ ذريعي تعليم سوفي صد سنڌ ۾ عام ٿي وڃي ها، يعني سنڌ جا سمورا ٻار، زالون ۽ مرد سڀ عربيءَ، فارسيءَ يا انگريزيءَ ذريعي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکي وڃن ها، تہ ان زماني کان وٺي سنڌ ۾ نہ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻ وارا، نہ پڙهڻ وارا ۽ نہ ڳالهائڻ وارا ئي ڪي رهن ها: سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا ۽ ثقافت دنيا جي تاريخ تان غلط حرف وانگر ميسارجي وڃي ها، ۽ اهو سڀ ڪجهہ فقط ان زماني جي مجروح تعليمي سرشتي جي سبب ئي ٿئي ها. هنن ڳالهين پيش ڪرڻ مان مراد هيءَ آهي تہ قوم، قومي ٻوليءَ ۽ قومي ثقافت لاءِ غلط تعليمي سرشتو ڪيترو نہ خطرناڪ ۽ مهلڪ ثابت ٿي ٿو سگهي.

انگريزن جو رائج ڪيل تعليمي سرشتو جنهن کي "ٻہ واٽائون سرشتو" سڏيو ويو، يعني هڪ سرشتي ۾ تعليم مادري زبان ذريعي ڏني وڃي ۽ ٻئي سرشتي ۾ ذريعي تعليم انگريزي زبان هجي، سندن هن حاڪمانہ ذهنيت جي عين مطابق، ۽ انهيءَ حاڪمانہ مقصد لاءِ لازمي عين مناسبِ ائين هو.

اسان جا ٻار اڄ بہ جڏهن اسڪولي عمر جا ٿين ٿا، يعني جڏهن چئن يا پنجن سالن جا ٿين ٿا، تڏهن کين پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيڻو ٿو پوي: سرڪاري نظام موجب اڄ انهن ٻارن کي پرائمري ۾ ئي ٽہ- ٻوليائي سرشتي تحت جنهن ۾ انگريزي، سنڌي، اردو ۽ ان کان علاوه قرآن جي تعليم جيڪا عربي زبان ۾ آهي، مڙني ٻولين جو بار مٿن وڌو وڃي ٿو. ساڳئي وقت خانگي اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻار پرائمري سطح تي بہ ٻوليائي سرشتي تحت اردو ۽ انگريزي ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا.

وفاق طرفان اهو حڪم ڪيتري ئي عرصي کان جاري ٿيل آهي تہ سنڌ جي سرڪاري پرائمري اسڪولن ۾ پهرئين ئي ڪلاس کان انگريزي ٻولي مادري ٻوليءَ



سان گڏ پڙهائي وڃي، ان جو سبب حلقن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ نجي اسڪولن سان ڇتا پيٽي ڪرڻ لاءِ اهڙو قدم کنيو ويو آهي. سنڌ جي ٻهراڙين جي جيڪا موجوده صورتحال آهي ان کان ڪير واقف ناهي! 65 سيڪڙو سنڌي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. سنڌ ۾ جيڪا تعليم جي صورتحال آهي، ان موجب 510، 15 اسڪولن کي مرمت جي ضرورت آهي، 624، 15 اسڪول تدريسي عملي جي نہ هئڻ ڪري بند پيا آهن 677، 36 اسڪولن ۾ بجلي ڪانهي، 200، 17 اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون ميسر ڪونہ آهن صرف 1030 اسڪولن ۾ تجربي گاهہ موجود آهن صرف 1116 اسڪولن ۾ لائبريريون آهن 26394 اسڪولن ۾ راند ڪيڏڻ جو ميدان ڪونهي، 15096 اسڪول پنهنجا ڪلاس پڌري پٽ آسمان جي هيٺان هلائين ٿا. (نوٽ: سرڪاري اسڪولن جو تعداد بشمول هاير سيڪنڊري اسڪولن جي 149، 44 آهي. ڊان، جولاءِ 2006ع.) اهي ٻار جن کي اسڪول ۾ تڏو يا ڪرسي ناهي، جن کي پيرن ۾ جتي ناهي، جن کي پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ميسر ڪونهي، جن جي ڳوٺن ۾ بجليءَ جو بندوبست ناهي، جتي ٻارن لاءِ ڪا اسپتال ڪو ڊاڪٽر موجود ناهي، جتي اڄ بہ اسڪول وڏيرن جون اوطاقون بڻيل آهن، اسان جا ماڻهو پيرن، ميرن، فقيرن جي دم ڪيل تعويذن تي ڀروسو ڪن ٿا. جن جي گهر ۾ بک ۽ بدحاليءَ جو المناڪ نظارو هجي، ٻنين لاءِ تہ ڇا پر مُنهن ڌوئڻ لاءِ پاڻي جي لپ نہ هجي، انهن ٻارن کي بيڪن هائوس يا آغا خان اسڪول ۾ پڙهائڻ وارا خواب ڏيکارڻ تعليم جي ترقي نہ بلڪ ڪڏو مذاق آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ پهرئين استادن جي موجودگي ۽ سندن تربيت تي ڌيان گهرجي، سارا اسڪول کوليا وڃن ۽ سندن بنيادي گهربل تدريسي سهولتون مهيا ڪيون وڃن.

وفاق جي اهڙي فيصلي کان پوءِ سنڌ جا پرائمري اسڪول خاص طور تي ٻهراڙين جا پرائمري اسڪول جيڪي اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ جا قلعا سمجهيا وڃن ٿا انهن قلعن کي ڌارين ٻولين جو بار وجهي ڪمزور ڪيو پيو وڃي. اهو ڪٿان جو انصاف آهي تعليم جي ترقيءَ جي آڙ ۾ ڪنهن بہ قوم جي شاهڪار ٻوليءَ کي ميساريو وڃي، ٻئي پاسي شاهوڪار ۽ تعليم يافتہ مائٽن جا ٻار زندگيءَ جي سڀني بنيادي سهولتن سان آشڪار/ همڪنار ٿي نجي اسڪولن ۾ اعليٰ تعليم واري واٽ وٺن ٿا. غريب ۽ پورهيت مائٽن جي ٻارن کي اجوڪو تباه ٿيل تعليمي سرشتو

انهي لائق بہ تہ ڪونہ ٿو بنائي. جو هو پنهنجي مائٽن ڪي سندن روزمره جي ڏنڌن ۾ پنهنجي حاصل ڪيل "علم" مان ڪو فائدو پهچائي سگهن. هو تہ اٽلو پاڻ ڪي هڪ "پڙهيل" سمجهي، اباڻي ڏنڌي ڪان عار ڪرڻ شروع ڪري ٿا ڏين: ڪين ڪا "پڙهيلن" جي شان وٽان، "ڏنڌيءَ ڇانوَ واري" نوڪري گهرجي! نوڪريءَ جي نعمت ايترو آسانيءَ سان نصيب ٿيڻي بہ ڪانہ اٿن،ڪين بيڪار رلي دربدرسو ٿيڻو آهي! مائٽ ويچارا، پڙهيل پٽن جي اها درگتي ڏسي چون، "اسڪولن ۾ ٻار ڪرن ٿا پڙهن تہ ڪونہ ٿا!" عوام جي دل ۾ تعليم لاءِ هاڻي محبت ٿئي سا ڪيئن ٿئي؟ تعليم مان ماڻهن ڪي فائدو ڪو پوي ئي ڪين، پوءِ پنهنجي اولاد ڪي "تعليم" ڏيارڻ لاءِ مٿن زوري نہ ڪرڻي پوندي تہ ٻيو ڇا ڪرڻو پوندو؟

ڪيترن ئي سالن جي نڪمي زندگي گذارڻ ڪان پوءِ انٽر يا B.A پاس ڪيل نوجوان لاءِ هڪ نوڪري پرائمري اسڪول جي ماستري آهي. هي نوجوان، انٽر يا B.A تائين صحيح معنيٰ ۾ ڪهڙو ۽ ڪيترو علم حاصل ڪري چڪو هوندو، تنهن جي هر ڪنهن ڪي خبر آهي: معمولي انگن اکرن ۽ جاگرافي تاريخ وغيره جي چند ابتدائي ۽ اڪثر غلط ڳالهين ڪان سواءِ هن آخر ڪهڙي جاڻ پرائي هوندي؟ تنهن ڪان سواءِ جيڪي بہ ــ چار اکر هو پڙهيو سي بہ ٽن چئن سالن جي "واندڪائيءَ" ۾ سندس دل تان گهڻي قدر ميسارجي ئي ويا ۽ ترت ئي پوءِ استاد جي حيثيت ۾ چونڊجي وڃڻ ڪان پوءِ پرائمري اسڪولن جا ههڙيءَ لياقت وارا استاد، پنهنجون اهم ترين تعليمي ذميواريون ڪيتري قدر پوريون ڪري سگهندا هوندا، ۽ ٻار سندس اڏوگابرو تربيت مان،آخر ڪيترو فائدو حاصل ڪري سگهندا؟ ساڳيءَ طرح ڪاپي ڪري پاس ٿيندڙ انهن ڊگرين تي رشوت جي پئسن عيوض ڀرتي ٿيندڙ يا ڪوٽا ۾ ڪنيل استاد مادري زبان سان گڏ انگريزي ڪيئن پڙهائي سگهندا؟ انهن ڳالهين ڪي جڏهن خيال ۾ آڻجي ٿو، تڏهن سنڌ جي سرڪاري پرائمري اسڪولن جي تعليم جيئن پوءِ تيئن ڪرندڙ معيار جو منطق ۽ سندن مستقبل آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچي ٿو وڃي.

تعليم جي واڌو اعليٰ تعليم ڏانهن ويندڙ واٽ تي، اسان جا ٻار جيڪي خانگي اسڪولن ۾ انگريزي ٻوليءَ جي معرفت تعليم حاصل ڪن ٿا تڏهن هنن لاءِ تہ سندن مادري ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي حيثيت گويا ختم ٿيو ٿي وڃي: سندن تعليم يا تدريس ڪين ڪنهن بہ ڪم ڪانہ ٿي اچي، چاڪاڻ تہ پوءِ جيڪا ڪجهہ جاڻ هو



حاصل ڪن ٿا، سا انگريزي ٻوليءَ معرفت، اهڙيءَ طرح جڏهن اعليٰ تعليم حاصل ڪن ٿا، سابہ انگريزي ٻوليءَ معرفت، اهڙيءَ طرح جڏهن هو ٻاهر زندگيءَ ۾ پير ٽا پائين، تڏهن پنهنجن وٽ بہ پاڻ ڪي پرايو پيا محسوس ڪن: پنهنجي تاريخ، پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي وچ ۾ وٽن ڪوبہ مشترڪ علمي ۽ ادبي نشان موجود نٿو رهي. البت هڪ نئينءَ سرڪاري "اردو" ٻوليءَ ۾ ڪجهہ مهارت حاصل هئڻ سبب، هنن لاءِ حڪومت جون ننڍيون وڏيون "نوڪريون" ڪليل رهن ٿيون، جن جي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ هو صاحب ۽ ڪامورا يا "خواص" سوضرور بنجي ٿا پون.

مٿئين سموري بحث مان مراد فقط هن ڳالهہ جو ثابت ڪرڻ آهي تہ اسان جي موجوده تعليمي سرشتي جي سيني واٽن مان ڪابہ واٽ اسان جي پڙهيل طبقي جي دلين ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب لاءِ ڪابہ محبت ۽ وابستگي ڪانہ ٿي پيدا ڪري. سرڪار پاران خانگي اسڪولن جو جار وڇائي ان ٻٽي تعليمي سرشتي ڪي هٿي ڏني وئي آهي. عوام ڪي مجبور ڪيو ويو آهي تہ هو پنهنجا ٻار سرڪاري اسڪولن بجاءِ خانگي اسڪولن ۾ داخل ڪن خاص ڪري سنڌي ٻار جيڪي خانگي اسڪول ۾ داخل ٿين ٿا جتي پنهنجي سنڌي زبان بجاءِ اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا، تنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري تہ اُهي مونجهاري جو شڪار ٿي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ صحيح طرح نہ لکي سگهن ٿا نہ وري پڙهي سگهن ٿا.

ساڳئي وقت ماحول اهڙو جوڙيو ويو آهي جنهن مان اهو ظاهر ڪرايو پيو وڃي تہ جڻ روزگار جو واحد حل انگريزي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ آهي، حڪومت جڏهن بي روزگار نوجوانن ڪي روزگار فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طرح ناڪام ٿي چڪي آهي، تڏهن سرڪاري ڪامورا انگريزي آڙ وٺندي پاڻ ڪي ان ذميواريءَ ڪان آجو ڪندي اهڙي قسم جا بي بنياد دليل ڏين ٿا. ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ ايم اي سنڌي پاس ڪيل نوجوانن ڪان ليڪچرارن جي جاءِ لاءِ سنڌ سرڪار پاران زباني امتحان انگريزي ۾ ورتو وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ سنڌي نوجوانن جي دلين ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪيترو مانُ رهي سگهي ٿو؟ تعليم جي ڪرندڙ معيار سبب سنڌي ذريعي تعليم طور حاصل ڪيل نوجوانن جي تعليم ايتري تہ مختصر ۽ اڻپوري ٿي ٿئي جو اها ڪين سنڌي ٻوليءَ جي خوبين ۽ ان جي لافاني ادب جي عظمت سان ڪڏهن بہ روشناس نٿي ڪري، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم يافتہ نوجوانن ڪي، سندن علمي ۽ ادبي ضرورتن ڪي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾، موجوده نصاب بہ

سندن پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪا به خاص مدد نٿو ڪري.

اڄ دنيا ۾ ڪو به آزاد ملڪ موجود نه آهي، جتي گهٽ ۾ گهٽ اها تعليم جيڪا هڪ سڌريل ۽ مهذب شخص لاءِ لازمي سمجهي ٿي وڃي، سا اتان جي ماڻهن کي سندن پنهنجي مادري ٻوليءَ معرفت نه، پر ڪنهن ٻيءَ ڌارينءَ ٻوليءَ معرفت ڏني ويندي هجي. سنڌ پنهنجي ساليانه جملي آمدنيءَ جو تقريبن چوٿون يا پنجون حصو تعليم تي خرچ ڪري ٿي. ان کان سواءِ ڪروڙين روپيا ٻاهرين امداد طور سنڌ حڪومت کي تعليم جي ترقيءَ جي لاءِ ڏنا وڃن ٿا. دنيا جا ڪي ٿورا ملڪ آهن، جيڪي پنهنجي آمدنيءَ جو ايترو حصو تعليم تي خرچ ڪندا هوندا. تنهن هوندي به سنڌ ۾ تعليم جو معيار يا ان جو ڦهلاءُ ڪنهن به صورت ۾ تسلي بخش نه آهي. چوندا آهن ته وڻ کي اُن جي ميوي مان پرکبو آهي. جيڪڏهن ايتري زياده خرچ کان پوءِ به، سنڌ ۾ تعليم جي حالت واقعي ايتري قدر افسوس ڪرڻ جهڙي آهي، ته ان لاءِ ظاهر آهي ته تعليم جو مٿي ذڪر ڪيل سرشتو ئي جوابدار ٿي ٿو سگهي: ان تي آئنده پڻ جيڪو به پيسي جو ۽ وقت وغيره جو خرچ ڪبو، سو اڳي وانگر ضايع ٿي ٿيندو رهندو.

تعليم جي اِن بي ترتيبي گهڻ ٻوليائين سرشتي سبب، سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ آڏو ڪهڙيون رڪاوٽون اچي حائل ٿين ٿيون، تن جي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ ضروري نه آهي. سنڌي اخبارن، سنڌي رسالن ۽ سنڌي ڪتابن جي محدود اشاعت، ۽ انهن جي محدود ڦهلاءُ مان ثابت آهي ته سنڌي قوم جو پڙهيل طبقو پنهنجي مادري زبان جي واڌاري ۾ اها جيءُ جيار دلچسپي ڪانه ٿو ڏيکاري، جيڪا ڪيس ڏيکارڻ گهرجي. پڙهيل طبقي کي آخر ڏوهه به ڪيئن ڏيئي سگهجي: ايم اي سنڌيءَ ۾ پاس ڪيل شخصن کي به ايتري تعليم ڏني نٿي وڃي جو هو ڪي ڪتاب لکي سگهن، ٻئي پاسي مختصر تعليم حاصل ڪندڙ نوجوانن جي دلين ۾ علم لاءِ ايترو پائدار ذوق به پيدا نٿو ٿئي جو منجهن اخبارن، رسالن يا ڪتابن پڙهڻ جي عادت پئجي وڃي: ساڳئي وقت اعليٰ تعليمي سطح تي سنڌي جيڪي انگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا پنهنجو علمي ۽ ادبي ذوق فقط انگريزيءَ جي تصنيفات معرفت پورو ڪرڻ سکيا، ۽ جيڪا ٿوري گهڻي ڄاڻ هنن اُن مان حاصل ڪئي، سا هو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪرڻ کان معذور آهن. هن صورتحال ۾ سنڌي اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ڪير پڙهي ۽ ڪير خريد ڪري؟ جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي پرورش ۽ خدمت خود سندس پنهنجن پڙهيل فرزندن وٽ به ايتري مختصر انداز ۾ ٿيندي



هجي، تڏهن ان ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ جون مستقبل ۾ ڪهڙيون اميدون رکي سگهجن ٿيون! سنڌي ٻولي جيڪا موجوده دؤر ۾ پرنٽ ميڊيا کان هڪ قدم اڳتي وڌي، اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ پير پاتو آهي، ٻوليءَ جي اها ترقي حاڪمن جي لاءِ درد سر بڻجي پئي، جو اسان جو پهريون سنڌي چينل ڪي ٽي اين جڏهن سرڪار جي ٻه اکيائيءَ ڪري بند ٿيڻ وارو هو تڏهن پنهنجي مدد پاڻ تحت سنڌي عوام جس لهڻي جنهن ان چينل کي بند ٿيڻ کان بچائيندي پنهنجي وس آهر هر ممڪن مدد ڪئي.

اسان جي پوين ڌارين حاڪمن وري به، اسان تي ”مهرباني“ ڪئي جو اسان لاءِ تعليم جو ٻه ــ واٽائون سرشتو پسند ڪيائون، ۽ هڪ واٽ، پوءِ اسان کي جيئري رکڻ لاءِ پڻ موجود ڪري ڏنائون: نه فقط ايترو پر هنن پاڻ به سنڌي ٻوليءَ جون وڏيون خدمتون ڪيون. عربي ۽ فارسي ٻولين جي حاڪميت وارن دوّرن ۾ ته تعليمي سرشتو بنهه هڪ واٽائون هو، جنهن تي سواءِ عربيءَ جي يا فارسيءَ جي، ٻيءَ ٻوليءَ جو نشان به نٿي مليو. اڄ پڻ ڪن دلين ۾ اهي خواهشون موجود آهن ته ڪنهن طرح اهو ساڳيو ”هڪ واٽائون“ تعليمي سرشتو رائج ٿئي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو نشان به نه رهي. سنڌ ۾ ٽِـئي درجي پرائمريءَ ۾ سنڌين لاءِ اردو پڙهڻ به لازم ڪيل آهي ۽ هاڻي پهرئين ڪلاس سنڌي ٻوليءَ سان گڏ انگريزي به لازم ڪئي ويئي آهي. ان سان گڏوگڏ سرڪار طرفان سنڌيءَ کي فقط پرائمري پنجين تائين ذريعي تعليم طور محدود رکي، سموري مڊل، ثانوي ۽ اعليٰ تعليم انگريزي ذريعي ڏيڻ جا دڙڪا سنڌي ٻولي جهلي ۽ سهي رهي آهي اهڙين حالتن ۾ اسان تي ٻيهر هڪ اها ٻولي موٽي اچي سوار ٿي آهي جنهن جو سنڌيءَ سان ظاهري طرح ڪو به واسطو ناهي. پر افسوس جنهن جي پيش ڪرڻ وارا خود اسان جا ئي پنهنجا گهڻگهرا پائر آهن، ۽ جيڪا هڪ نهايت ئي منظم طريقي ۽ ظاهري طرح انتهائي دلڪش ۽ دلپزير دليلن سان ۽ وڏي ڳالهه ته پيسن جي ٿيلهين سان اسان جي سامهون پيش ٿي رهي آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته اڄ جڏهن تعليم سو في صدي عام ڪرڻ قومن جي زندگيءَ جو هڪ لازمي ۽ بنيادي اصول بنجي چڪو آهي، ــ جيڪڏهن انهن حالتن ۾ اسان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ کي نه فقط محفوظ رکڻو آهي، بلڪ ان کي علمي ۽ ادبي حيثيت ۾ اڳتي آڻڻو ۽ وڌائڻو آهي، ته پوءِ اسان کي نيٺ پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ جي ئي ذريعيِ اِهو املهه ۽ بي مثل فخر حاصل ڪرڻو پوندو.

سنڌي ٻار کي صحيح معنيٰ ۾ تعليم سان روشناس ٿيڻو آهي، ۽ ٿيڻ گهرجي،

۽ اها تعليم ڪيس سندس پنهنجي مادري زبان ذريعي ئي حاصل ٿيڻ گهرجي. اهو اسان جو پيدائشي حق آهي، ۽ بنيادي فرض به. ان لاءِ هڪ ته اسان کي پنهنجي سموري تعليمي سرشتي کي بنهه نئين سر ٺاهڻو پوندو، ۽ ٻيو ته ان لاءِ اسان کي سوين مناسب ۽ مفيد ڪتاب يا اصل لکڻا پوندا، يا ترجمو ڪرڻا پوندا. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سچن ۽ ڏکي نگاهه رکندڙ گهڻگهُرن جي سامهون اڄ انهن ٻن مقصدن کان سواءِ ٻيون مقصد ڪا اهميت ڪانه ٿو رکي ڇو ته غلام قومن جي نجات جي راهه به انهيءَ ئي عمل جي سرگرميءَ سان روشن ٿيندي آهي.

سنڌي قوم جي آئيندي کي اِنهن اکين سان ڏسندي، پنهنجي سمورين مجبورين ۽ استحقاقن کي سامهون رکندي، پاڻ تي ٽن ٻولين – مادري ٻولين طور سنڌي ۽ اردوءَ، ۽ ٻاهرينءَ ٻوليءَ انگريزيءَ – جو اٽڪر بار پيل ڏسندي، ۽ اُن کي خوشيءَ ۽ ديانتداريءَ سان کڻندي ۽ نباهڻ جو پڪو ارادو رکندي، راقمِ اهو ته – ٻوليائون تعليمي ۽ تدريسي سرشتو – پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس (پرائمري، مڊل، سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊريءَ) – تائين، پنهنجي ناقص ڄاڻ ۽ عقل مطابق، عام راءِ جي ويچار لاءِ ، هيٺينءَ ريت تجويز ڪرڻ جي هجت ڪئي آهي:

1 – پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين مادري ٻولين جي پڙهائي – سنڌي سنڌين لاءِ ۽ اردو اردوءَ وارن لاءِ – لازمي ٿئي.

2 – ٽئين ڪلاس کان اٺين ڪلاس تائين سنڌي ٻارن لاءِ اردو ۽ اردو ٻارن لاءِ سنڌيءَ جي پڙهائي لازمي ٿئي.

3 – چوٿين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين انگريزيءَ جي پڙهائي لازمي ٿئي.

4 – ستين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين مئٿس، فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ جي پڙهائي ۽ امتحان جو ذريعو انگريزي ٿئي.

5 – فزڪس، ڪيمسٽريءَ ۽ مئٿس کان سواءِ ٻئي سڄي نصاب جي تدريس مادري ٻولين ذريعي ٿئي.

ٻوليءَ ۽ تعليم جو تعلق ائين آهي جيئن جسم جو ساهه سان. اسان وٽ، خاص طرح سنڌ ۾، سنڌيءَ، اردوءَ ۽ انگريزيءَ جو مسئلو منڊل آهي، ۽ پڻ تعليم جي صحيح(Correct) ۽ نتيجا خيز (effective) تدريس (Teaching) خود به وڏو ۽ پورو ڌيان گهري ٿي. ان سڄيءَ ڳالهه کي خيال ۾ رکي، مٿيون چند تجويزون پيش ٿيل آهن، جي غور لائق آهن.

◉



# اي سِنڌُ ڄائِي!

اي سنڌ ڄائي!
هجيئي سڀ سڻائي،
ڪڏهن واءُ ڪوسو نه توکي لڳي
ڪڏهن وقت اوکو نه توتي اچي.
ٻين کي تون پڻ پياري هوندينءَ
تن لئه ميگهه ملهاري هوندينءَ،
پر تنهنجيءَ اُڄَ ۽ اُلڪي کي
جيئن هيءَ ڌرتي ڄاڻي
ٻيو ڪو ڪيئن ڄاڻي!؟
پنهنجي جيجل ماءُ – سنڌ کي پياري آهين،
جنهن توکي پنهنجو رَتُ سَتُ ڏنو آهي،
اها تنهنجيءَ هر سوڀ – هر ڪاميابيءَ تي
خوش ٿيندي ۽ ڪلندي آهي.
۽ جڏهن جڏهن به تون
ڪنهن ڏک جي ڏاگهه تي چڙهڻ لڳندي آهين،
ته هن جي مامتا تڙپي اٿندي آهي،
۽ تنهنجي ڇوٽڪاري ۽ خوشيءَ لاءِ
دعائون گهرندي آهي.

تو جڏهن جڏهن به ڪا سَهوَ ـ ڪا غلطي
ڪئي آهي، ته هوءَ
اهو سوچي توکي بخشيندي آهي ته تون ان جو تدارڪ ڪندين ءَ
(چاڪاڻ ته هوءَ پنهنجيءَ ڄج تي شڪ نٿي ڪري سگهي).
اي سنڌ ڄائي!
جُڳ جُڳ جُڙي رهين،
اڄ تون شهرتن جي بلندين تي آهين،
ڏيهه پرڏيهه تنهنجي ناماچاري آهي.
تون جتي به وڃين ٿي،
عزتون ۽ آجياڻا تنهنجي اوسيئڙي ۾ آهن
۽ محبتون تولاءِ منتظر آهن،
لوڪَ توکي چاهين ٿا،
چاهين ئي نه پر دل جان نڇاور ڪن ٿا.
عزتن ۽ شهرتن جي هن مقام لاءِ،
توکي گهڻيون گهڻيون واڌايون هجن.
تنهنجي جيجل سنڌ کي توتي فخر آهي.
پر ڇا توڪڏهن سوچيو آهي ته تنهنجي
جيجل جا،
منيءَ ماءُ جا،
ڏک سور ڪهڙا آهن؟
۽ ان جو اولاد ڪهڙن اهنجن ۾ ورتل آهي؟
ڇا تون ڄاڻڻ چاهيندين ءَ؟
ها ته پوءِ ٻڌ!
ڪي سائيڪو سال اڳي
تنهنجي ماتر ڀومي
۽ ڀونءَ واسي
شامل ٿيا هئا،
مذهب جي نالي ۾ ٺهندڙ



”پاڪ ـ آستان“ ۾،
پر ڪجهه واعدن سان
۽ ڪجهه شرطن سان ته:
تنهنجي ڌرتي
۽ ڌرتي واسي
ان ۾ هوندا آزاد،
ان ۾ هوندا بااختيار،
سڀ ساريون خوشيون ماڻي سگهندا.
جيونِ ـ ڇچ مان
درد سمورا ڇاڻي سگهندا،
ماڻي سگهندا
سارا سک ۽ سڀ آنند
تن لاءِ هوندي
رت بسنت هر ڪا مُند.
پر تن سان دوکو ٿيو،
هيءُ سودو تن لئه اوکو ٿيو.
شروع ۾،
سنڌ مان سنڌين کي تڙيو ويو
ڇو ته اهي هندو هئا!
مذهب جي ڪاتيءَ سان
هن قوم کي به ڀاڱا ڪيو ويو،
جيڪا اڳي
سات سپنڌ سان،
سک امن سان،
صدين کان گڏ
رهندي پئي آئي،
گيت محبت،
سنگ صحبت جا ڳوندي پئي آئي.

تن ۾ ڪو مت ڀيد نہ هو.
تن جي قومي جيون ۾
ڪو ڇيد نہ هو.
جڏهن ورهاڱي جا ٿيا سانباها
تڏهن بہ ڪنهن کي ڪل نہ هئي
تہ ڪو
سرحدن سان گڏ،
قومون بہ ورهايون وينديون،
۽ ماڻهن جي مٽا سٽا بہ ڪئي ويندي.
مسلمانيءَ جي نالي ۾،
هر سرحد ڪان ايندڙ
لاڏائو قافلن کي
سنڌ ڏانهن روانو ڪيو ويو.
تن لاڏائو ٽولن کي
ڀيا بہ رهائي سگهيا ٿي،
پر،
جتي ڪٿي تن کي اهو چيو ويو:
”پاڪستان اِپي آگي هي!“
ائين سڀ ننڍي ڪنڊ جا تڙيل ۽ رولو ٽولا
سنڌ ۾ آيا.
شروع شروع ۾،
مسلمانيءَ جي جذبي ۾،
اسان بہ تن کي قبول ڪيو،
انصار ـ مهاجر واري روايت پاريسين،
۽ ڏارين سان
پنهنجي ڌرتي
پنهنجون ملڪيتون
گذر سفر جا سڀ وسيلا ـــ ۽ محبتون



ورهايونسين.
اي سنڌ ڄائي!
او بختاور!
پر ـــ
ڌاريا، ڌاريا ثابت ٿيا.
جيڪي تنهنجي ديس ۾ آيا،
مک شهرن تي قابض ٿيا،
۽ جن ڀائرن ـ تنهنجي ديس واسين ـ
تن جي آجيان ڪئي
تن جي مرحبا ڪئي
اهي ڪانئن نفرت ڪرڻ لڳا.
چي: ڄٽ آهن
هِنن جي تهذيب گڏهن، گهوڙن واري آهي.
ايترو ئي نہ پر
تن جي رکوالن ۽ محافظن،
ڏاڍ ڏمر جي ڪارندن ـ
اُهي ئي
جن اسان سان وچن ڪيا هئا تہ
نئينءَ ٿيندڙ رياست ۾
اسين هونداسين آزاد،
اسين هونداسين بااختيار،
تن، سوچيل سمجهيل سازش سان،
ڌارين کي مضبوط ڪيو.
۽ اسان ڏنو تہ اسان جي ـ تنهنجي
ٻاٻاڻي ٻوليءَ ـ سان وير پاڙيو ويو
۽ ان کي اسان جي شهرن مان،
نيڪالي ڏني ويئي،
ضرب ڪاري هَنئين ويئي.

ٻار اسان جا
پنهنجيءَ ماءُ جي منٺڙي ٻوليءَ ۾
پڙهڻ کان محروم ڪيا ويا،
لکڻ کان محروم ڪيا ويا.
اي سنڌ ڄائي!
اُن وهه پيئڻ جو
ذائقو اڃا ٻه تازو هو ته
اسان تي غلامي مڙهي ويئي.
اسان کي چيو ويو ته اسين
هاڻي ”سنڌ“ اچارڻ ڇڏي ڏيون،
ان جي ناوَ جو
ڏيئو ٻارڻ ڇڏي ڏيون.
حڪم ٿيو ته
”سنڌ“ ماضيءَ جو ”حصو“ آهي،
ڪوئي پراڻو ”قصو“ آهي.
هُنن کان وسري ويو ته
پاڻ ئي وچن ڪيو هئائون ته:
سنڌُ، پاڪ آستان ۾،
رهندي آزاد،
سنڌواسي هوندا بااختيارُ.
۽ چيائون:
هاڻي هيءُ منصوبو رهندو،
بس هڪڙو ئي صوبو هوندو،
ٻئي پاسي بنگالي آهن
تن کي مهاڏو ڏيڻو آهي،
اڪثريت ۾ رهڻ وارو
حق انهن کان کسڻو آهي.
پر اسان ـ تنهنجي ديس واسين ـ



ان رٿا کي ڪونه قبوليو
جنهن اسان کان
صدين جي ٿي کسي سڃاڻپ،
اسان نه وساريو سنڌُ جو نانءُ
پئي اچاريو سنڌ جو نانءُ.
پوءِ ٻڌيءَ جون سڀ انڌيون طاقتون
مڇر جي،
اُلر جي،
ظلم ۽ ڪروڌ جي روايتي انداز سان
ڪِگ وهائڻ لڳيون.
اسان کي جيلن ۾ وڌائون
جان وٺڻ جون ڌمڪيون ڏنائون
اسان جي شعرن تي،
ڪهاڻين تي،
افسانن تي،
۽ ٻين ليکن تي،
زنجير وڌائون،
۽ فرمايائون ته
”سنڌ“ ”سنڌ“ ڪرڻ ڇڏي ڏيو!
انڪري ئي اياز چيو:
”سنڌڙي! تنهنجو نانءُ وٺو
ڪاريهر تي پير پيو.“
پر اسان ته او سنڌ ڄائي،
شاهه لطيف کي ساريو پئي:
”سڄڻ ۽ ساڻيهه، ڪنهن اڻاسيءَ وسري
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.“
هيئن ٻه آهي اسان ۾ ڪيئي
هئا اڻاسي،

جن
ايوانن ۾ ”هڪ صوبي“ جي حق ۾
ووٽ ڏنو
۽ ڌرتيءَ جي ڦٽڪار کنئي،
تاريخ جي رسوائي،
پاڻ ئي پنهنجي نانءِ لکي.
تن غدارن کي
تنهنجي ديس واسين
اجا به ڏني ناهي معافي
ڇوته انهن جي
ڏوهه جي ناهي ڪا به تلافي.
ون يونٽ هڪ ڏوهه هئو،
جو واريءَ جي ڪوٽ جيان
ڊٺ پيو.
پاڻ ٿياسون سوڀارا
پنهنجا وارا ٿي پيا نيارا.
پر ڳالهه اُتي به ڪيو نه ڇيهه،
هي جيڪي ننڍي کنڊ جا تڙيل ٽولا
هت آيا هئا،
تن هڪ لشڪري ٻوليءَ جو راڳ آلاپيو.
جنهن سان پنهنجو
سڱ سياپو ڪونه هو،
ڪوئي ناتو ڪونه هو،
چيائون ته سنڌ ۾ اُهائي ٻولي رهندي!
اسان چيو ته
ائين نه ٿيندو
”سنڌي ٻولي زنده باد
ان ۾ جيڪا جيجل ڏني،



سائي لولي زنده باد.“
اسان چيو ته
ٻولي ٻي نه قبول ڪنداسين،
پڙهنداسون سڀ ڪتاب، سنڌيءَ ۾،
ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾،
سنگ ميل، سائن بورڊ
قومي شناختي ڪارڊ
هر ڪا لکت گهرجي سنڌيءَ ۾.
ان تي ڌارين شور فساد ڪيو.
چي: ”اردو ڪا جنازه هي
ذرا ڌوم سي نڪلي.“
اسان هنن کي سڀ ڏنو
پر،
پوءِ به اسان جي ٻوليءَ کي
هو ته مڃڻ لئه تيار نه ٿيا!
تن ڪاڏو پِٽي سنڌ جو
۽ پيٽو پِٽي جر سنڌوءَ جو.
پوءِ به انهن جي فطرت ۾ ڪو ازلي ڦيرو هو.
سندن ذهنن تي غلطانن جو گهيرو هو.
سنڌي ٻولي قومي ٻولي ڪانه بڻي
پر،
سنڌ اندر به صوبي ۾ لشڪري ٻوليءَ کي
ان سان ڀاڳي ڀائيوار ڪيو ويو.
سچ، ڪاپاري وار ڪيو ويو.
او سنڌ جائي!
توکي تنهنجي ديس جا
کهڙا ويهي سور ڳڻايان،
پنهنجن جا ۽ ڌارين جا

ڇا ڇا هٿ پرڪار پڙهايان.
هيءَ سنڌو
جنهن جي امرت ڌارا جا
پاڻ صدين کان ساکي آهيون،
جر پيئون ٿا
۽ جيئون ٿا،
ان جا ڳڻ ڳايون ٿا،
ان جا ٿورا لاهيون ناممڪن!
ان جي پال پلائين کي،
جي ساراهيون ناممڪن،
درياهه شاهه
ڳهيلو بادشاهه،
اباسين، هيءَ سَنگهي ڪَبَبُ،
هيءَ مهراڻ
آهي اسان جي جندُ
اسان جي جان،
اسان جو ساهه پساهه.
ساروئي اتهاس چوي ٿو
پاڻ انهيءَ جا وارث آهيون،
مالڪ آهيون.
پر،
اسان کان درياهه شاهه
ڇڻ ته کسيو ويو آهي،
۽ هن شينهن کي جڪڙيو ويو آهي.
هي جي پاڻيءَ جا واپاري،
تن پنهنجا درياهه وڪيا،
"پنجن درياهن جي ڌرتي"
هاڻ ته دوآبي آهي،



پوءِ به سڌجي پنج درياهي
ڇوته انهن جو سنڌوءَ تي قبضو آهي،
جيڪو پنج درياهن برابر آهي.
(اجا به ست درياهن برابر آهي.
ان جو هڪڙو نانءُ
سپت سنڌو ـ ست درياهي به آهي.)
ڪلهه پارهوئي،
درياهه وهيو پئي
ڇڻ ته سنڌين ۾ ساهه وهيو پي،
پر اڄ ڪيڏو تانگهو آهي،
هئه هئه وقت اٽانگو آهي.
پنجن درياهن وارن،
سنڌو طاس ناهه ڪيو،
پر سنڌ وارن کان ڪونه پڇيو
پاڻ صلاحُو تي چورن وانگي
تن نڳيءَ جو ناهه ڪيو،
پوءِ ٻڌائون بند سنڌوءَ تي،
واهه ڪيپائون،
پنهنجي ڌرتي سرسبز ڪيائون.
ڦڙيءَ ڦڙيءَ لئه پاڻ سِڪياسين،
زمينون زرخيزي ڇڏي ويون،
مال متاع نه جالي سگهيو،
پکي پکڻ کان سنڌ جو
نيل گگن خالي ٿيو.
۽ ماڻهو حال کان بيحال ٿيا،
سُکي ڌرتي ڏُکي بنجي وئي.
پر هو اجا به چون ٿا،
ڪالاباغ ڊئم گهرجي.

عجب!
افسوس!
امداد حسينيءَ سچ چيو آهي:
”پنهنجا دريا وڪڻي هاڻي
سنڌوءَ تي لامارا آهن.
ڪالا باغ اڏڻ وارن جا
اندر ڪيڏا ڪارا آهن!“
هائو هاڻ اسين سنڌوءَ تي،
ڪوبہ ڊئم نٿا چاهيون،
سنڌوءَ کي وڏيڪ ڪوبہ ٽُڪو ڏيڻُ
اسين سنڌي قوم جي شھہ رڳ
وڍڻ برابر سمجهنداسين.
سواءِ سنڌ جي راڻي!
ساري آهيءَ رام ڪهاڻي،
هي سنڌي ماڻهو-.
تنهنجا ماڻهو
تنهنجا ديس واسي
سڀ وڃائي ويٺا آهن،
پنهنجا مُک شهر،
درياهہ،
زرخيز زمينون،
سڀ وسيلا.
۽ ڌاريا هٿ پلجن ٿا لکن ۾،
پنهنجين ڌرتين هوندي پڻ،
جوڙن وانگي سنڌ کي چنبڙيا پيا آهن.
ڇا سنڌ ڪو عالمي يتيم خانو آهي!
۽ ٻئي پاسي،
سنڌي سارا،
وطن ۾ بي وطن آهن،
تن جون وسنديون روز ڊهن ٿيون،



تن کي روز ڇتاءِ ملي ٿو،
وسندي خالي ڪريو!
ڪالهہ جنين کي اسان ڏنيون هيون
جيءَ ۾ جايون،
سي اڄ اسان کي پنهنجيءَ
ڌرتيءَ تي،
ڪابہ جاءِ نہ ڏين ٿا
هيئن چون ٿا،
پاڻ هتي غير قانوني ويٺا آهيون!؟
سٺ سالن ۾ هڪ
سُکي ستابي،
ڪلندي ٽڙندي،
قوم تباهيءَ جي ڪنڌيءَ تي
اچي پڳي آهي،
تن کي ڪوبہ اجهو نہ امان آهي،
هاءِ ارمان آهي.
تاريخ ڪيتري نہ ظالم آهي
جو ڏيڏر ڪائيندڙ
غير مهذب،
بڻ بڻياد کان اوپرا،
پنهنجي تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ کان
وانجهيل ٽولا،
اڄ اسان تي حڪومت ڪرڻ جا خواب ٿا ڏسن
۽ افسوس هيءُ بہ آهي تہ اسان تي
اڄ ڏينهن تائين ”ڪانوَ“ ۽ ”ڪانئر“ ئي
حڪمران بڻائي مڙهيا ٿا وڃن:
”اچو پاڻي لُڙ ٿيو ڪالوريو ڪنگن.“
آٺ ورهيہ بي وطنيءَ جا گهاري
تون جا ڏيهہ وريئنءَ،
سڀ جي ساهہ سريئنءَ،

تنهنجا ڏيھہ واسي
لکيا لک اچي مڙيا توتي،
پتنگن وانگي
ڪڙيا توتي چنڊ جيان،
ڇا تہ سمو هو منڊ جيان!
اونداهيءَ جي رکوالن سوڪين سَنو
هاءِ ڪراچيءَ ۾،
ڪيڏا جسم هوا ۾ وڪري پٽ پيا،
۽ سنڌين جي رت جو پيھر مينهن وُٺو.
او سنڌ ڄائي!
تون ڄاڻين ٿي
هيءَ دهشت ڦهلائڻ وارا ڪير هئا،
هي تہ اهي ئي غير هئا،
جن وير اسان سان پي پاڙيو آهي.
اجا تہ ڪلهہ جي ڳالهہ لڳي ٿي،
انهن ئي تنهنجي بابا کي ڦاهي چاڙهيو
۽ تنهنجي مويي_ جوڏي پاءُ کي
رستي ۾ بيهاري ماريو.
ڇا پوءِ بہ اياڻي رهنديءَ،
يا سڀ ڪجهہ سمجهي
پاڻ تي هيئن ماٺ مڙهينديءَ.
تون تہ سڀن جي ڳالهہ ڪرين ٿي،
ايءُ پڻ چڱو ڪم.
پر،
هيءُ نہ وسار
تنهنجي بابا پڻ اهو رستو ورتو هو.
هن بہ سڀن کي پنهنجي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي،
هن جو ڇا انجام ٿيو؟ _ تون ڄاڻين ٿي،
هاڻ اُهي ئي تنهنجي رت جا پياسا آهن،
ان موقعي تي هڪڙو پيرو،
پنهنجي سوچ سَنواري ڏس،



ڏس پنهنجي ڌرتيءَ ڏي،
پنهنجن ماڻهن ڏي،
پنهنجي تهذيب،
پنهنجي ٻولي،
پنهنجن ريتن روايتن ڏي
۽ تن مڙني ڏکن ڏاکڙن ڏي،
جن جو ڳُل وچور ڏنو ويو.
رڳو "اتو لتو ۽ اجهو" تہ ڪافي ناهن،
اسان کي وراڻا آهن
۽ ڪيئن بہ واپس وٺڻا آهن
پنهنجي جيئڻ جا سڀ وسيلا _
زمينون،
درياهہ،
۽ سڀ سياسي، معاشي
سماجي ۽ ثقافتي حق،
اسان کي گهرجي آجپو برابري ۽ پائيچارو.
اسان کي گهرجي عزت، خوشحالي ۽ امن،
تہ جيئن اسين
ماضيءَ واريءَ سنڌ جي نقشي تي
تعمير ڪري سگهون هڪ نئين سنڌ.
اها سنڌ جيڪا اسان جي سپنن ۾ آهي
خواهشن ۽ امنگن ۾ آهي.
دل تي هٿ رکي ٻڌاءِ،
سنڌي ماڻهن کان وڌ
توکي ڇا ڪو چاهي ٿو؟
ڇا تن جئن توتان ٻيو ڪوئي
گهوران گهور وڃي ٿو.
هي سنڌ ڄاوا
۽ سنڌ ڄايون
توسان ڪيڏو ريڌل آهن

پرتل آهن!
تون تہ انهن کي جذبي سان
اهڙي ئي ڪا موٽ تہ ڏي!
هر پيري هيئن چوٽ نہ ڏي!
اسان تہ پنهنجن جا لاش ڪلهن تي
ڍوئي ڍوئي ٿڪيا آهيون،
ڪيسين ڪانڌيءَ وارو ڪردار اسان جي
حصي هوندو.
هي سورهيہ جن جان ڏني،
ڇا تن جو رت ايئن ئي وئرٿ ويندو رهندو؟
جي تون تن کي مانُ ڏيڻ گهرين تہ پوءِ
پنهنجي ديس واسين جي پاسي ٿي بيهُہ.
واءِ افسوس! نہ تہ تون اڳتي ڏسندينءَ
تو وٽ ڪائي واٽ نہ هوندي.
هاڻ جڏهن تون نئين سفر تي اسهين پئي،
تڏهن توکي ياد هجي
تنهنجي سڀ کان پهرين ترجيح هوندي
سنڌ، جا تنهنجي جيجل آهي،
۽ سنڌي ماڻهو جيڪي تنهنجا
مِٽَ حقيقي آهن
۽ تنهنجي مقصد جي ماڻي جا
ڇِٽَ حقيقي آهن.
اها ترجيح ئي سڀ کان وڏي حقيقت آهي
سڀ کان وڏي عظمت ۽ عزت آهي
۽ سڀ کان اعليٰ شهرت آهي.
چوڌري گُجرات جا
نگ يو- پي ۽ سي پيءَ جا
۽ لشڪرن جا سرواڻ
اندر ۽ ٻاهر ڏاڙهي رکندڙ
ڪڏهن بہ تنهنجي ڪم نہ ايندا،



توکي تنهنجن ماڻهن کي اوجهڙ منجهہ گڏيندا.
تن جي سهاري لئہ واجهائڻ هاڻ ڇڏي ڏي.
او سنڌ ڄائي!
پنهنجن تي ڪر ويساهہ،
پنهنجي ڌرتيءَ ماتا ڏي ڏس،
جيڪا اهنجن ورتي آهي
ڪڏهن نہ سک سان پرتي آهي
اها تہ تولئہ دم دم واجهائي ويٺي،
تو ۾ آس لڳائي ويٺي.
پُليو رُليو ناهي هوندو،
جي پلجڻ مان تون واٽ سنئين ڪيين
ڪا بات نئين ڪيين.
آءُ سنڌ جو سچ قبول
۽ هيءُ مچ قبول
جيڪو ازلان ٻري رهيو آ!
تاريخ ۾ ڪيئي آنڌيون آيون
آنڌيون ويئون
پر اِهو ڪڏهن ڪونہ ٽريو آ.
آءُ، انهيءَ سچ جي ساک ڪٽي
تون بہ چئي ڏي:
”جيئي سنڌ
”جيئي سنڌ
”جامِ محبت پيئي سنڌ“

# الطاف حسين جي سنڌين ڏانهن
# ميار نہ ٿي ٺهي

تازوئي ايم ڪيو ايم جي سربراهہ الطاف حسين جو هڪ خط ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جيڪو هن سنڌي ماڻهن سان مخاطب ٿِي لکيو آهي. اهو خط مختلف سنڌي ۽ اردو اخبارن ۾ بہ ڇپيو آهي، تہ ان سان گڏ هڪ پمفليٽ جي صورت ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپائي پڻ پڌرو ڪيو ويو آهي ۽ ورهايو بہ ويو آهي. اهو خط هڪ ميار تي ٻڌل آهي، تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت جي ردعمل ۾ ”سنڌ سميت ڪراچيءَ ۾ چونڊي چونڊي مهاجرن جي گهرن، دڪانن، فيڪٽرين کي چو لٽيو ۽ ساڙيو ويو....؟“ جڏهن تہ ”سنڌ ۾ 1947ع ۾ هجرت ڪري آيل مهاجرن نہ ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو نہ شاهنواز کي شهيد ڪيو نہ مرتضيٰ ڀٽي کي قتل ڪيو نہ وري محترمہ بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو.....“

هن بيان مان اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ ڪو سنڌي ماڻهو رڳو انهيءَ انتظار ۾ هئا، تہ ڪين رڳو وَجهہ ملي، تہ ”1947ع ۾ هجرت ڪري آيل مهاجرن جي گهرن، دڪانن، فيڪٽرين کي“ لُٽين ۽ انهن کي ساڙي ڦلهيار بنائين. يعني هيڏي وڏي الميي ٿيڻ کان پوءِ بہ اهي پوري هوش حواس سان، ڄاڻي ٻجهي اهو ڪجهہ ڪري رهيا هئا. ۽ اُن عظيم سانحي جي ڪاوڙ ”رڳو“ مهاجرن تي ڪيڍي رهيا هئا! جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ پنهنجي عظيم ليڊر جي شهادت ۾ ٻڏل ۽ لُڙهيل ماڻهن پنهنجي غم ۽ غصي جو اهڙو شديد ترين اظهار ڪراچيءَ



سميت سڄيءَ سنڌ جي مختلف ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪيو. ها البت، ڪراچيءَ ۾ مهاجر آباديءَ جو نقصان سرس ٿيو هوندو جو اتي پناهگير آباديءَ جي گهڻائي آهي. رڳو ڪراچيءَ ۾ ٿيل نقصانن کي سامهون رکندي، ۽ پنهنجن ساٿين جي رپورٽ کي سورنهن آنا سچ سمجهي، اهو نتيجو اخذ ڪرڻ درست نہ ٿيندو. تہ ”چونڊي چونڊي مهاجرن جي گهرن، دڪانن ۽ فيڪٽرين کي“ لٽيو ۽ ساڙيو ويو. اهو هڪ فطري ردعمل هو جنهن کي نسلي امتياز جي ماپي تي پرکي نٿو سگهجي.

هن خط جا پيرا ڪٽبا، تہ سلسلو وڃي ملندو محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ گجرات جي چوڌرين جي لساني رويي سان. انهن بہ ساڳيي نموني جا بيانَ، پرنٽ توڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا تان جاري ڪيا آهن، تہ سنڌ ۾ پنجابي آباديءَ کي لٽيو ۽ ڦريو ويو آهي، ۽ هاڻ انهن جون زندگيون غيرمحفوظ ٿي ويون آهن. چوڌري پائر، اخلاقيات جون سڀ حدون اورانگهي اهو بہ چئي ويا، تہ سنڌ ۾ ٿيندڙ احتجاجن ۽ وِڳوڙن ۾ مختلف هنڌن تي عصمت دريءَ جا واقعا بہ پيش آيا آهن، جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ اهڙو هڪ بہ واقعو ڪٿي بہ رونما نہ ٿيو آهي. ڀلا سنڌ جا صدمي ورتل، ڏک جي سمنڊ ۾ ٻڏل، روئيندڙ پٽيندڙ اپ ڌاريندڙ ڌانهون ڪندڙ ماڻهو اهڙو ڪڌو ڪم ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ، انهيءَ لاءِ سوچي بہ ڪيئن ٿي سگهيا؟

گجرات جي چوڌرين جو هانءُ، اهڙو اخلاق کان ڪريل الزام مڙهڻ کان پوءِ بہ ڪونہ ٺريو هنن پنهنجي لساني بدڪاريءَ جا وڌيڪ مڪروهہ مهانڊا واضح ڪرڻ لاءِ پنهنجو هڪ نام نهاد لساني اشتهار بہ ڇپايو تہ: ”نہ هيءَ سياست آهي، نہ ماتم، هيءَ لاقانونيت آهي.“ اهو اشتهار سنڌي قوم جي قَتيل احساسن کي اڃان بہ وڌيڪ اُڪولڻ ۽ هڪ قوم طور، سنڌن تازي گهاءَ تي لوڻ ٻُرڪڻ برابر هو. چوڌرين جا اهڙا لساني ناپاڪ عزم ۽ سنڌن بداخلاق رويي کي ڏسندي، نيٺ سنڌ واسي پنجابين کي ميڊيا تي اچي اهو چوڻو پيو تہ اسان کي سنڌين نہ لٽيو آهي، نہ ڦريو آهي، اسين هتي محفوظ آهيون. تہ سنڌن پت وائکي ٿي ويئي، ۽ هو پوري ملڪ سان گڏ، خود پنجابي عوام اڳيان شرمسار ٿيا. ان کان پوءِ سرڪاري خرچ تي مقامي ڪيبل آپريٽرن ذريعي پڻ اهڙا اشتهار جاري ڪيا پيا وڃن. جن ۾ واضح طور اهو ڏيکاريو پيو وڃي تہ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ الطاف حسين جون تصويرون ۽ ان جي پارٽيءَ جا جهنڊا ساڙيا پيا وڃن. اهڙا اشتهار ڏيکاري لساني جهيڙن جي

باھہ سنڌ ۾ ھڪ ڀيرو ٻيهر ڀڙڪائڻ کي جاڳڻ ٻجهي هوا ڏني پئي وڃي.

هھڙيءَ صورتحال ۾ ايم ڪيو ايم جي سربراھہ الطاف حسين هيءُ خط لکي، اهو اشارو ڏيئي، گجرات جي چوڌرين سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو آهي، تہ سنڌ ۾ رڳو پنجابين سان ئي نہ پر مهاجر سان بہ وڏو ظلم ٿيو آهي. ان جو مطلب آهي تہ چوڌري ڀائرن ۽ ايم ڪيو ايم هڪ ئي ايجنڊا تي عمل پيرا ٿيندي، اهو لساني رويو اختيار ڪيو آهي، تہ جيئن نہ رڳو ملڪي سطح تي، پر سنڌ ۾ بہ سنڌي ماڻهن کي اڪيلو ڪيو وڃي، ۽ محترما بينظير ڀٽو جي شهادت تي پاڪستان جي ٻين صوبن جي عوام ۾ جيڪا همدردي پيدا ٿي آهي، ان کي ختم ڪيو وڃي. ظاهر آهي، تہ گجراتي چوڌرين ۽ ايم ڪيو ايم کي اهڙي لساني پروپيگنڊا مان اها اميد آهي، تہ ٻنهي ڌرين کي ترتيبوار پنجاب ۽ سنڌ ۾، ايندڙ چونڊن ۾ ڪاميابي ملي. ٺيڪ آهي تہ سياست ۾ گهڻو ڪجهہ اڻ ٿيڻو بہ ٿيندو آهي، پر هھڙي غليظ، گمراھہ ڪندڙ ۽ نفرت جي ٻج ڇٽيندڙ سياست کي تہ ڪنهن بہ طور، نہ درست چئي سگهجي ٿو، نہ ئي ان کي برداشت ڪري سگهجي ٿو.

جيستائين تعلق آهي هن ڳالھہ جو تہ، ”مهاجرن نہ ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو نہ شاهنواز ڀٽي کي شهيد ڪيو نہ مرتضيٰ ڀٽي کي شهيد ڪيو نہ وري محترمہ بينظير ڀٽو کي شهيد ڪيو“ تہ انهيءَ مان اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، تہ سنڌين سان جيڪي بہ وڏيون تاريخي زيادتيون ۽ ڏاڍايون ٿينديون رهيون آهن، انهن ۾ ايم ڪيو ايم شريڪ نہ رهي آهي. ائين بلڪل آهي تہ مٿي ڄاڻايل شهادتن جو حوالو ڏيئي، ايم ڪيو ايم پنهنجو پاند آجو ڪرائڻ جي بہ پل ڪوشش ڪري، پر سنڌين سان ٿيل ظلمن، ڏاڍاين، ارھہ زوراين ۽ ٻين انيڪ قسمن جي زيادتين جو احاطو رڳو اُهي چار شهادتون تہ ڪين ٿيون ڪن، انهن جو هڪ الڳ داستان آهي.

انهيءَ سلسلي ۾، مختصر نموني ئي سهي، پر پسمنظر کي جاچڻ ضروري آهي، تہ جيئن معاملا ڪنهن حد تائين چٽا ٿي سگهن.

سرحد جي ٻنهي پار ماڻهن جي مٽا سٽا وارو معاملو ورهاڱي واريءَ ايجنڊا جو حصو نہ هو. اهڙي لڏپلاڻ هڪ گهريءَ سازش جو نتيجو هئي. ان ڏس ۾ ٻہ مثال پيش ڪجن ٿا. پهريون مثال مسلم ليگ جي پوئين قطار جي ناليواري اڳواڻ سردار شوڪت حيات خان جي يادگيرين واري ڪتاب مان پيش ڪجي ٿو جنهن جي



صفحي: 178 تي هن ريت بيان آيل آهي:

”هن (لياقت علي خان) چونڊن کان لنوائڻ واسطي آئين جي تڪميل ۾ دير ڪئي، جيڪي (چونڊون) هو ڪٿي نٿي سگهيو. ڇاڪاڻ تہ هن جو پاڪستان ۾ ڪوبہ چونڊ۔ تڪ نہ هو.... هن گڏيل صوبن جي آفيسرن جي مشوري تي لياقت۔ نهرو پئڪٽ (جنهن لڏپلاڻ جي نفي ٿي ڪئي) کي ٽوڙيو. هن انهيءَ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي، يو۔ پي ۽ راجستان جي ماڻهن کي کوکرو پار سرحد وٽان لڏي اچڻ جي اجازت ڏني..... مون اسيمبليءَ ۾ انهيءَ قدم جي مخالفت ڪئي. لياقت علي خان جو اهو قدم جانبداراڻو هو. جنهن وسيلي هن پنهنجي پراڻي صوبي ۽ اُن جي اوسي پاسي جا ماڻهو غيرقانوني نموني لڏائي پئي آندا، تہ جيئن هُو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ”سيٽ“ پيدا ڪري سگهي.“

ٻئي مثال ڏيڻ کان اڳ واضح ڪجي، تہ مهاجرن جي صورت ۾، هن نئين آباديءَ کي رٿابنديءَ سان سنڌ جي مک شهرن ۾ وسايو ويو. ۽ هندن (۽ سکن) جون ڇڏيل/خالي ڪيل ملڪيتون، جن ۾ زرعي زمينون، پلاٽ، دڪان، ڪارخانا، بئنڪون، واپاري مرڪز ۽ جايون جڳهيون شامل هيون، کين مال غنيمت وانگي حوالي ڪيون ويون. ان کان سواءِ ڪامورا شاهيءَ جون سٽيپون ۽ پُرڪشش آساميون/ ملازمتون کين ڏنيون ويون. ان سموريءَ صورتحال سنڌ ۾ آبادياتي توازن بگاڙيو۔ ورهاڱي وقت سنڌ ۾ 97 سيڪڙو آباديءَ جي ٻولي سنڌي هئي، جيڪا هاڻي اُها اڳين نہ رهي. ان ساري ناجائز انتظامَ مهاجر سامراجيت جي پختي پيڙھہ ٻَڌي ڇڏي؛ ويتر مٿان اردو ٻوليءَ کي سنڌ سميت پاڪستان ٺاهيندڙ ٻين قومن تي مڙهي، رهي سهي ڪسر بہ ڪڍي ويئي؛ جڏهن تہ اها ٻولي وفاق ٺاهيندڙ ڪنهن بہ ڌر جي نہ هئي. سنڌي ماڻهن اهڙيءَ ناجائزيءَ تي احتجاج ڪيو تہ انهن کي چيو ويو تہ سنڌي ٻولي جاهلاڻي ٻولي آهي. جڏهن مهاجرن جي رڳو سنڌ ۾ آبادڪاريءَ تي اعتراض واريو ويو تہ سنڌي تهذيب کي گڏهن هڪلڻ ۽ اُٺن ڪاهڻ سان ڀيٽيندي چيو ويو تہ هي ماڻهو (پناهگير) اوهان کي تهذيب سيکارڻ لاءِ آيا آهن. جڏهن رياستي سطح تي پناهگيرن کي ايتري وڏيءَ سطح جو ”پروٽوڪول“ مليو تہ هو احساس برتريءَ ۾ اچي، مقامي ماڻهن کي بدتر ۽ غيرمهذب سمجهڻ لڳا؛ ۽ سندن نفرت جو پهريون کليو اظهار، ڪراچيءَ سميت سنڌ جي وڏن شهرن مان سنڌي اسڪولن جي نيڪاليءَ جي صورت ۾ سامهون آيو. ڏسندي ڏسندي سوين

سنڌي اسڪول بند ڪيا ويا ۽ انهن جي جاءِ تي اردو ميڊيم اسڪول قائم ٿيڻ لڳا. اهڙيءَ ريت، وڏن شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جا ٻار پنهنجيءَ ماءُ جي ٻوليءَ ۾ تعليم پرائڻ کان محروم ڪيا ويا، اهڙيءَ حالت ۾ يا ته سنڌي ٻارڙن پڙهڻ ڇڏي ڏنو يا هڪ ڌاريءَ ٻوليءَ ۾ تعليم پرائڻ لاءِ مجبور ٿيا. ان کان سواءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري مرڪز ۾ ڏيڻ واري سازش سٽي وئي، جڏهن ته سنڌ يونيورسٽيءَ کي پڻ ڪراچيءَ مان نيڪالي ڏني وئي. هيءُ معاملو ورهاڱي جي وڍن مان، سنڌي ماڻهن جي ڪاتي ۾ آيلُ سڀ کان گهرو ۽ نه ڀرجي سگهڻ جهڙو وڍ هو. مٿي بيان ڪيل صورتحال سنڌي ماڻهن ۾ اهو احساس پيدا ڪيو ته انهن کي باقاعدي غلام بنائڻ جي مهم شروع ٿي چڪي آهي. ائين به نه آهي ته اقتدار ڌڻي سنڌي قوم جي اهڙي زخمي ڪيفيت کان واقف نه هئا. ان سلسلي ۾، هاڻ ٻيو مثال پيش آهي.

جنرل ايوب خان جو اطلاعات سيڪريٽري الطاف گوهر پنهنجي ايوب خان تي لکيل ڪتاب جي صفحي 67_466 تي، 15 مارچ 1969ع تي چوڌري محمد عليءَ سان ٿيل لک پڙهه جي حوالي سان ٻڌائي ٿو:

”سنڌي ماڻهو انتهائي حد تائين، پناهگيرن جي وڌندڙ موجودگيءَ تي اَرها آهن. مهاجر پوريءَ ڪراچيءَ تي قابض ٿي چڪا آهن.....“

هيستائين اها ڳالهه واضح ٿي چڪي، ته پناهگير آبادي، شروع کان ئي سنڌي ڪلچر، ٻولي ۽ رسم رواج کي پنهنجائڻ بدران پنهنجي ڪلچر ۽ ٻوليءَ سان چنبڙيل رهيا. انهن سنڌي ماڻهن جي آڌر ڀاءَ ۽ محبت جي موٽ دوريءَ ۽ ڌڪار سان ڏني، ۽ جيئن ته سنڌ ۾ اچڻ سان سندن هر ڪنهن ڦرلٽ کي تحفظ مليو، ان ڪري اهو رويو سندن مزاج جو حصو بنجي ويو. ان کان پوءِ جنهن معاملي ۾ سنڌين جو نقصان ٿي ٿيو، انهيءَ تي هو خاموش ويهي ٿي رهيا. مثال طور ائنٽي ون يونٽ تحريڪ ۾، سنڌي ماڻهو پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي تاريخي سڃاڻپ جي بحاليءَ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳايو ويٺا هئا، ته مهاجر آبادي سنڌين جي ساٿاري بنجڻ بدران چپ چاپ گهرن ۾ ويٺي هئي. ساڳي حالت سنڌيءَ ۾ ووٽر لسٽن جي ڇپائي ڀيري ڏني ويئي. پر جتي به سنڌي ماڻهن کي فائدو ٿي رسيو ته اردو ڳالهائيندڙن جي رڪاوٽ وچ ۾ ٽپڪي ٿي پيا. 1972ع ۾، سنڌ اسيمبليءَ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌ صوبي جي سرڪاري زبان بنائڻ جي حق ۾ قرارداد پاس ڪئي، ته اردو ڳالهائيندڙ آبادي ”گهوڙا ڙي گهوڙا“ ڪري ميدان ۾ ڪاهي پئي ۽ لساني



فسادن ڪرُ ڪنيو. اردو جي شاعر رئيس امروهوي (جنهن کي پوءِ ڪين چند مصلحت پريل گفتن چوڻ تي پنهنجن پائرن ئي ماريو) ايترو به چئي پڙڪائي ويو ته:

”اردو ڪا جنازا هي ذرا ڌوم سي نڪلي.“

اهڙيءَ ريت، وري به هڪ سرڪاري حڪمنامي وسيلي سنڌ کي ٻه ٻوليائي صوبو قرار ڏنو ويو، يعني اردوءَ کي به سنڌي ٻوليءَ سان گڏ، سنڌ جي تعليمي سرشتي ۾ لازمي موضوع طور رائج ڪيو ويو. جڏهن ضياءَ شاهيءَ جي ڇانوَ ۾ مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) جنم ورتو ته مهاجر آباديءَ جي سنڌي قوم سان لڳاتار جاري رهندڙ نفرت، ڌڪار، استحصال ۽ قبضي گير ارادي کي هڪ منظم ۽ پختو پليٽ فارم مليو ويو. ضياءَ شاهيءَ کي سنڌي قوم کي ايم آر ڊي تحريڪ جي سزا ڏيڻي هئي، تنهنڪري اُن سنڌ جي ڀهراڙين کي ڌاڙيل ڪلچر، جڏهن ته شهرن کي ايم ڪيو ايم جهڙي فاشزم ۽ دهشتگرديءَ جا هٿيار کڻي هلندڙ جماعت جو تحفو ڏنو ۽ ان کي سنڌ ۾ هڪ وڏي هٿ ٺوڪي ۽ نام نهاد لساني سياست ڪندڙ ڌر طور اڀاري، سنڌ جي قومي ۽ جمهوري سياسي ڌرين کي ٻي ست بنائڻ جي شروعات ڪئي ويئي..

هاڻ ٻن چئن مفروضن جو ذڪر ڪجي ٿو ته ٻه چار ڳالهيون واضح ٿين، جن جي پويان ايم ڪيو ايم پنهنجي فاشسٽ ۽ دهشتگرداڻي چهري لڪائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. هن لساني تنظيم پاڻ لاءِ مشهور ڪيو آهي:

### (1) ته اها هڪ وچين طبقي جي جماعت آهي:

تاريخ ۾ اهو ڏٺو ويو آهي، ته عوام دشمن، انسانيت مخالف ۽ استحصالي قوتون (فرد، گروهه، قومون ۽ حڪومتون) وڏن وڏن آدرشن ۽ اعليٰ نظرين ۾ پناهه وٺنديون آهن، ۽ انهن جي آڙ ۾ پنهنجو استحصال، ظلم، بربريت ۽ استبداد جاري رکنديون آهن. ان سلسلي ۾، جرمنيءَ جي آمر هٽلر جي نازي ازم ۽ اٽليءَ جي آمر مسولينيءَ جي فاشزم جا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. ساڳيءَ طرح، ايم ڪيو ايم به وچين طبقي جي نمائندگيءَ واري تصور ۾ پناهه وٺندي ڏٺي ويئي آهي. وچون طبقو شهرن ۾ رهي ٿو، اهو گهڻي ڀاڱي واپار ۽ ڪاروبار سان تعلق رکي ٿو. هيءُ طبقو امن جو خواهان هوندو آهي، ته جيئن سندن واپار وڙو ۽ دڪانداري، سواءِ ڪنهن خوف خطري جي هلندي رهي ۽ ائين هلندي اُها وڌندي ۽ ويجهندي رهي. جڏهن ته ايم ڪيو ايم هڪ دهشتگرد، ڦرلٽ ۽ خوف ڦهلائڻ تي ٻاڙيندڙ جماعت

آهي، جنهن جو سارو گذران ئي ان طبقي تي مقرر ڪيل ”نوازش“ تي آهي، ۽ اهو طبقو اهڙي ”نوازش“ ڪرڻ تي مجبور آهي، ڇاڪاڻ ته ان ڪان سواءِ وٽن ٻيو ڪوبه چارو نه آهي ۽ اهڙي نوازش کي برقرار رکڻ ۾ ئي اهي پنهنجي بقا سمجهن ٿا. هاڻي جڏهن هڪ تنظيم، جيڪا وچئين طبقي جي مفادن ۽ انهن جي تحفظ بدران سندن ڦرلٽ ڪندي هجي ته اها سندن نمائنده جماعت ڪيئن هوندي، يا انهيءَ کي اهڙو حق ڪيئن ڏجي، ته اها اهڙي دعويٰ پاڻ وٽ رکي! حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جي خاص ٻن وڏن شهرن ۾ موجود وچون طبقو ايم ڪيو ايم وٽ يرغمال بڻيل آهي. ايترو ئي نه پر، هن اڳيان گهڻ- قومي ڪمپنيون ۽ ادارا به مجبور ڏٺا ويا آهن، جيڪي پڻ ايم ڪيو ايم کي ”راضي“ ڪرڻ کان سواءِ رهي ۽ هلي نٿا سگهن. ان ڏس ۾ هيءُ مثال پيش آهي، ته گذريل سال 12 مئي تي سڄيءَ دنيا ٽي- وي چئنلن تي ڪراچيءَ ۾ دهشتگرديءَ جو براهه راست مظاهرو ڏٺو. هتي جڏهن واقعي جي ذميوارن تي سرڪار هٿ نه وڌا، ته ان جي ردعمل ۾ تحريڪ انصاف جو اڳواڻ عمران خان، ايم ڪيو ايم ۽ ان جي سربراهه الطاف حسين تي ڪيس داخل ڪرائڻ ۽ ڪيس برطانيا مان نيڪاليءَ ڏيڻ لاءِ وجي يونائٽيڊ ڪنگڊم ته پهتو. پر ڇا ٿيو؟ ڪجهه به نه! ڇو؟ انهيءَ ڪري جو برطانيا سميت پوري يورپ جا ڪاروباري مفاد ڪراچيءَ سان ڳنڍيل آهن. پوءِ برطانوي حڪومت سڀ ڪجهه ڄاڻندي به الطاف حسين جي نيڪاليءَ جي پرواني جاري ڪرڻ جهڙو جوکو ڪيئن ٿي کڻي سگهي؟ اهڙي ڪوشش جي پنڌ ۾ عمران خان سان جيڪا به ٿِي، اها سڀني جي سامهون آهي. يعني ايم ڪيو ايم خلاف جيڪو به ٻڙڪ ٻاڦوريندو، انهيءَ جي رستا روڪ لاءِ هر طرح جو قدم کڻي سگهبو. ائين به آهي ته 12 مئي جي واقعن کان پوءِ ڪئناڊا جي هڪ اخبار ”نيشنل پوسٽ“ ۾ 18 جولاءِ تي هڪ خبر ڇپائيندر: ڪئناڊا جي هڪ ڪورٽ، ايم ڪيو ايم کي دهشتگرد تنظيم قرار ڏنو ۽ اُتي موجود ايم ڪيو ايم جي ڪئناڊا شاخ کي بند ڪرڻ ۽ اُن شاخ جي اڳواڻ ڪاشف عمر کي ملڪ نيڪالي ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو. جنهن مان اِهو ثابت ٿئي ٿو ته 12 مئي تي ڪراچيءَ ۾ براهه راست دهشتگرديءَ جا منظر ڏسڻ کان پوءِ سڄي دنيا، ايم ڪيو ايم کي دهشتگرديءَ واري پسمنظر ۾ ڏسڻ شروع ڪيو آهي. جڏهن ته ان کان اڳ پروپيگنڊا وسيلي، عالمي سطح تي، ايم ڪيو ايم پنهنجي پاڻ کي مظلوم ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي.



## (2) ته اها وڏيرن ۽ جاگيردارن خلاف جنگ جوٽيندڙ جماعت آهي:

ان ڏس ۾، ايم ڪيو ايم کان پڇبو ته اهو ڪيئن پلاءِ؟ ته جواب ملندو ته اسان اڄ تائين پارٽي ٽڪيٽ ڪنهن وڏيري کي نه ڏني آهي. ظاهر آهي ته سنڌ جي مضبوط ۽ صدين کان جاري رهندڙ جاگيرداراڻي نظام جي ٽوڙ لاءِ اهو دليل ناڪافي آهي. پهرين ڳالهه ته ڪوبه با اثر وڏيرو ايم ڪيو ايم جهڙي فرقيوار ڏر ۾ شامل ئي نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن کان ڪڏهن اهڙي سهوَ ٿي به وڃي، ته ان کي اڪين تي رکي قبول ڪيو ويندو، ڇاڪاڻ ته ايم ڪيو ايم سدائين اهو پئي چاهيو آهي، ته سندس تنظيمي پکيڙ سنڌ جي وڏن شهرن کان ٻاهر تائين هجي. حقيقت ۾، ايم ڪيو ايم عملي طرح اڄ ڏينهن تائين ڪوبه اهڙو قدم نه کنيو آهي، جنهن وسيلي سنڌ جي جاگيردارن، وڏيرن ۽ نوابن کي ڪوبه ڇيهو رسيو هجي، ان جي ابتڙ اها هر ڪنهن پيري وڏيرن، جاگيردارن ۽ سردارن سان گڏ حڪومت ۾ ڏني ويئي آهي، ۽ انهن سان گڏجي به رڳو اردو ڳالهائيندڙ طبقي جي مفادن جي پورائي ۽ مطالبن جي ميڄتا لاءِ پنهنجو لساني ۽ فرقيوار ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. اتان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته، ”مهاجر قومي موومينٽ“ مان ”متحد قومي موومينٽ“ ٿيڻ کان پوءِ به هيءَ جماعت اڄ سوڙو مهاجر آباديءَ جي ئي تنظيم آهي. هيءَ تنظيم رڳو ڏيکاءَ جي حد تائين سڄيءَ سنڌ بلڪ پوري پاڪستان مان چونڊن لاءِ پنهنجا آڳرين تي ڳڻڻ کان به گهٽ اميدوار بيهاريندي آهي. جيڪي اردو ڳالهائيندڙ نه هوندا آهن، اهي اميدوار ويچارا ڪجهه سوَ ووٽ مس کڻي سگهندا آهن، جڏهن ته ڪراچيءَ سميت ٻين شهرن جي ٽڪن، جتي سندس اميدوارن جي اڪثريت ۾ کٽڻ جا امڪان واضح هوندا آهن، اتي رڳو اردو ڳالهائيندڙ اميدوار بيهاريندي آهي، ته جيئن مهاجر ايم پي اي ۽ ايم اين اي ئي اسيمبلين ۾ موجود رهي، سندن مخصوص مفادن لاءِ جائز ناجائز ڪردار ادا ڪري سگهن.

## (3) ته اها اسٽيبلشمينٽ جي مخالف پارٽي آهي:

ايم ڪيو ايم جو جنم ملڪ جي سگهارن حلقن جي ڪک مان ٿيو آهي؛ ۽ ان سان ئي سندس زندگي ۽ سڀ مفاد ڳنڍيل آهن. اوهين ڏسندؤ ته اها وڏي واڪي جمهوريت جي حق ۾ ۽ آمريت جي خلاف ڳالهائيندي آهي. ملڪ ۾ امن، استحڪام، برابري، انصاف ۽ ٻين انيڪ چڱاين جو ورد ڪندي آهي، جڏهن حڪومت ۾ هوندي آهي، ته شائستا عالماڻي ته ڪڏهن ڊاڪٽر شازيا ته ڪڏهن

نواب اڪبر بگٽيءَ جي قتل جهڙن واقعن تي حڪومت ڪان الڳ ٿيڻ جو اعلان ڪري سيني کي حيران ڪري ڇڏيندي آهي. پر حڪومت کان ڪڏهن به الڳ نه ٿيندي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته حڪومت ۾ رهڻ ۾ سگهارن حلقن جو ساٿ سندس مجبوري آهي. اهوئي اُهو اڪيلو ڏڳ آهي جنهن وسيلي اها:

- پنهنجو دهشتگرداڻو ڪاروبار برقرار رکي سگهي ٿي ۽
- پنهنجا سنگين ڏوهه بخشرائي سگهي ٿي.
- صوبي ۽ وفاق جي سطح تي پنهنجي حصي کان وڌيڪ اهم وزارتون ۽ بيا عهدا ماڻي، اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي مفادن جو پورائو ڪري ۽ پنهنجي تنظيمي ڍانچي کي مضبوط رکي سگهي ٿي.

جڏهن ته سگهارن حلقن جا ايم ڪيو ايم ۾ مفاد هي آهن:

- جڏهن به سنڌ ۾ وفاق خلاف تحريڪ اٿي، ته هو اُن کي لساني رنگ ڏين.
- سنڌ حڪومت ۾ ويهي وفاق جي سنڌ مخالف پاليسين ۽ منصوبن جي حمايت ڪن.
- سنڌي ماڻهن جي اربنائيزڊ ٿيڻ ۾ رڪاوٽ بڻجن.
- سنڌ ۾ ويهي مرڪز جي مخبريءَ جو ڪردار ادا ڪن.
- سنڌ جي قومپرست جماعتن سان نالي ماتر وجهه واسطي ۾ رهن ۽ انهن کي متحد ٿيڻ نه ڏين.

موقعي جي مناسبت سان هاڻي ايم ڪيو ايم جي ايندڙ چونڊن لاءِ خاص جاري ڪيل منشور مان "صوبائي خودمختياري" جي اندراج تي جيڪڏهن مختصر نموني ڳالهه ڪجي، ته ايم ڪيو ايم جي سياست کي اجا به وڌيڪ سمجهي سگهنداسين.

ايم ڪيو ايم جي جاري ڪيل ان منشور جي پهرئين صفحي تي صوبائي خودمختياريءَ جي حوالي سان ٿلهن اکرن ۾ الطاف حسين جو هيٺيون بيان ڏنو ويو آهي:

"متحده قومي موومينٽ گهر ڪري ٿي، ته پاڪستان جي وفاق جي سيني اڪائين کي مڪمل صوبائي خود مختياري ڏني وڃي، جيئن آل انڊيا مسلم ليگ جي تاريخي اجلاس، منعقده 23 مارچ 1940ع لاهور ۾، هڪ قرارداد وسيلي واضح ڪيو ويو هو. جنهن کي قرارداد پاڪستان به چيو وڃي ٿو."



اڳتي هلي "ابتدائيه" ۾ هن ريت بيان ڪيو ويو آهي:

"متحده قومي موومينٽ جي حق پرستانه ۽ پُرامن جدوجهد جا بنيادي مقصد ....... صوبن لاءِ ڀرپور صوبائي خودمختياريءَ جو حصول آهن."

جڏهن ته منشور جو پهريون نقطو به صوبائي خودمختياري آهي، ان ۾ گهُر ڪئي ويئي آهي:

"وفاق وٽ رڳو دفاع، پرڏيهي معاملا ۽ ڪرنسيءَ وارا شعبا رکيا وڃن، باقي سڀ شعبا صوبن جي حوالي ڪيا وڃن."

"صوبن ۽ وفاق ۽ خود صوبن وچ ۾ هم آهنگيءَ جي فروغ لاءِ هڪ بين الصوبائي ڪائونسل جوڙي وڃي."

اهڙيءَ ريت، جڏهن به ڪو سنڌ دوست يا ماڳهين ڪو اڻڏريو ماڻهو اهي ٽڪرا پڙهندو، ته هُو اهو سوچڻ تي مجبور ٿيندو ته ايم ڪيو ايم ته صوبائي خودمختياريءَ جي معاملي تي بلڪل چٽي آهي. دراصل، ايم ڪيو ايم جو مقصد به اهوئي آهي ته ان لاءِ ايئن سوچيو وڃي. جڏهن صوبائي خودمختياريءَ واري معاملي تي ڌيان سان ويچاربو ته انهيءَ نتيجي تائين رسي سگهبو ته انهيءَ مطالبي جي بحاليءَ سان ته وڏ ۾ وڏ نقصان ايم ڪيو ايم کي ئي پهچندو اهو ڪيئن؟ اچو ته انهيءَ چٽائيءَ لاءِ هيٺ ويچاريون:

پاڪستان جي قيام کان اڳ، ان ۾ شامل ٿيندڙ اڪائين ( Constituent Units) کي خوداختياريءَ (Autonomy) ۽ ڪل اختياريءَ (Sovereignty) جو يقين ڏياريو ويو هو ۽ وٽن دفاع، پرڏيهي معاملن ۽ ڪرنسيءَ کان سواءِ بيا سڀ اختيار هوندا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، ان منصوبي جي بلڪل ابتڙ اهو چيو ويو ته سڀ پاڪستاني هڪ قوم آهن. اهڙيءَ ريت 1940ع واري قرارداد کي پٺي ڏيئي، پاڪستاني قوميت جي تخليق لاءِ ڪوششون ڪيون ويون. بااختيار صوبن بدران طاقتور وفاق جي رٿا کي عملي جامو پارايو ويو. اها پاڪستان ۾ ٿيندڙ قومن سان وڏي ۾ وڏي دغا ۽ دوکو هو. پاڪستاني قوميت ۾ پنجاب ۽ مهاجر آبادي، وڏي چڙهي حصو ورتو ۽ اسلام ۽ پاڪستان جي ورد ۾ سڀ ڪجهه وساريو ويو ته پاڪستان خود قوم نه پر قومن جو مجموعو هوندو. اها صورتحال اڄ ڏينهن تائين برقرار آهي. جيستائين ايم ڪيو ايم (جيڪا مهاجر آباديءَ جي نمائنده جماعت هئڻ جي دعويٰ ڪري ٿي) جي صوبائي خود مختياريءَ واري گهر جو تعلق آهي، ته انهيءَ مان

ڪين ڪوبہ فائدو نہ ملڻو آهي. پاڪستان ۾ چار قومون شامل آهن. سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان، صوبائي خود مختياريءَ جي بحاليءَ کان پوءِ، اهي قومون بااختيار ٿينديون. مهاجر آبادي، سنڌ صوبي جي هڪ لساني اقليت آهي ۽ رهندي ۽ انهيءَ حساب سان ان کي پنهنجا اهي حق ملندا، جن لاءِ اها مستحق آهي. ڪيس اها عياشي تہ ميسر نہ هوندي، جيڪا ڪيس هاڻوڪي مضبوط وفاق ۾ مليل آهي! ان کان سواءِ وفاق کان صوبن ڏانهن اختيار جي مڪمل طرح منتقليءَ کان پوءِ، پاڪستان اسٽيبلشمينٽ جو تصور بہ ڪمزور ٿي ويندو ۽ ان وٽ پنهنجن حمايتي ڌرين کي ڏيڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو. نہ ئي اها پاڻ سان گڏ اهڙيون حمايتي ڌريون پاڻ سان رکڻ جي پوزيشن ۾ هوندي. ان جو مطلب آهي، تہ وفاق ۾ صوبن جي خودمختياريءَ کان پوءِ ايم ڪيو ايم نہ کلي منهن دهشتگردي ڪري سگهندي، نہ پنهنجا ڏوهہ معاف ڪرائي سگهندي، نہ ئي وري مختلف حڪومتي مسندن جهڙوڪ گورنريءَ ۽ مختلف وزارتن جا مزا ماڻي سگهندي! اِتان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ايم ڪيو ايم جو صوبائي خود مختياريءَ وارو مطالبو، فقط هڪ پُرڪشش بيان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

الطاف حسين سنڌين ڏانهن لکيل پنهنجي هن تازي خط ۾ پنهنجي پاڻ کي ”سنڌ جو سپوت“ سڏيو آهي، جنهن ڪڏهن بہ سنڌ ماءُ جو ”سودو“ نہ ڪيو آهي. جيڪڏهن الطاف حسين ائين سمجهي ٿو تہ، ڀلي ڀيو سمجهي، پر پاڻ کي سنڌ جو سچو پٽ ثابت ڪرڻ لاءِ عمل جي ڳالهہ ۾ ۽ عمل جي رستي تي اچڻو پوندو ۽ ان لاءِ سڀ کان اڳ، نيت کي درست ڪرڻ جو مرحلو اچي ٿو. پر اڄ ڏينهن تائين الطاف حسين ۽ سندس جماعت ايم ڪيو ايم جا تہ اهي عزم ۽ ارادا رهيا آهن، جيڪي ڪن بہ ”سنڌ جي سپوتن“ سڏائيندڙن کي ڪونہ ٿا سونهن. اِن لاءِ هُنن جو سڄو طويل عرصي جو سياسي ۽ خاص طرح اڄ تازو پنج سالہ سنڌ صوبي جو حڪومتي رڪارڊ موجود آهي. اِن لاءِ رڳو ”ميم“ مهاجر مان ”ميم“ متحده چوائڻ سان متحده قوم ٿي ڪونہ سگهبو.

ايم ڪيو ايم جو سدائين اهو موقف بلڪ شديد خواهش رهي آهي، تہ جيئن سنڌي، پنجابي، پٺاڻ ۽ بلوچ هڪ قوم طور تسليم ڪيا ويا آهن، اهڙيءَ ريت هندستان کان لڏي آيل آباديءَ کي بہ هڪ قوم قرار ڏنو وڃي، ۽ ان بنياد تي سندن حق تسليم ڪيا وڃن، انهن حقن مان سڀ کان پهريون حق اهو چيو ويو آهي تہ مهاجر آباديءَ لاءِ ڌار صوبو قائم ڪيو وڃي. ان لاءِ سندن ڪيترين نام نهاد رٿائون



مختلف نالن ۽ عنوانن سان بي نقاب ٿينديون رهيون آهن. هتي هيءُ سوال ٿو اڀري، تہ جيڪڏهن الطاف حسين ”سنڌ جو سپوت“ آهي، ۽ سنڌ کي ”ماءُ“ جو درجو قرار ڏئي ٿو، تہ پوءِ هُو ۽ سندس جماعت سنڌ کي ورهائڻ ۽ ڀاڱا ڀاڱا ڇو ٿا ڪرڻ گهرن؟ ڇا ڪوبہ سنڌ جو سچو پٽ اهڙي خطرناڪ طريقي سان سوچي سگهي ٿو؟ سنڌ ۾ هن وقت ڪيترين ئي بلوچ، پٺاڻ ۽ سيد ذاتيون رهن ٿيون، اُهي سڀ سنڌي سماج ۾ رلمل ٿي ويون آهن. اُهي سڀ سنڌي ڳالهائين ٿيون، سنڌي رسم رواج پٽاندر زندگي گذارين ٿيون ۽ اهڙي نموني گذارين ٿيون جو ڪڏهن بہ انهن اِهو نہ لکايو آهي تہ اُهي ڪي غيرسنڌي آهن، نہ ئي اُنهن منجهان ڪن نسلن گڏجي اِهو مطالبو ڪيو آهي تہ جيئن تہ اُهي پڻ سنڌ جي هڪ لساني اقليت آهن، انڪري انهن کي نہ رڳو قوم تسليم ڪيو وڃي پر ان جي بنياد تي ڪين ڌار صوبو بہ ڏاهي ڏنو وڃي. مثال طور سنڌ ۾ وڏي تعداد ۾ بلوچ نسل جا ماڻهو رهن ٿا ۽ انهن جون مختلف ذاتيون آهن، جيڪڏهن اُهي گڏجي اِهو مطالبو ڪن تہ جيئن تہ اسين وڏي آباديءَ ۽ انگ سان هتي موجود آهيون انڪري اسان کي سنڌ اندر ئي الڳ صوبو ڏاهي ڏنو وڃي تہ ڇا اهڙي رٿ قبول ڪرڻ جوڳي هوندي؟ ۽ ڇا سنڌ ۾ رهندڙ بلوچ ڪڏهن بہ اهڙي دعويٰ ڪري سگهن ٿا؟ جيڪڏهن نہ، تہ پوءِ آخر اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي نيٺ انهيءَ ڳالهہ اچي مٿي ۾ ڇو واسو ڪيو آهي تہ جيئن تہ اُهي سنڌ جي هڪ لساني اقليت آهن انڪري انهن کي سنڌ اندر ڌار صوبو ڏاهي ڏنو وڃي.

جيڪڏهن ايم ڪيو ايم کي واقعي بہ پاڻ کي سنڌ دوست سنڌي ڌر ثابت ڪرڻو آهي تہ پوءِ انهن کي هيٺ بيان ڪيل نقطن کي پنهنجائڻو پوندو:

1. ايم ڪيو ايم کي سنڌ ورهائي پناهگير آباديءَ لاءِ ڌار صوبي واري مطالبي تان هٿ کڻڻو پوندو ۽ ان سلسلي ۾ ايم ڪيو ايم کي زباني ڪلامي نہ پر حقيقي بنيادن تي پنهنجو تصديق ٿيل پاليسي بيان جاري ڪرڻو پوندو، جنهن مان سنڌي قوم کي اها خاطري ٿي سگهي تہ ايم ڪيو ايم پناهگير آباديءَ لاءِ ڌار صوبي واري مطالبي تان مڪمل طور تي هٿ کڻي ويئي آهي.
2. ايم ڪيو ايم کي پناهگير آباديءَ کي ڌار قوم طور تسليم ڪرائڻ واري مهم تان هٿ کڻڻو پوندو ۽ خاص طور تي ” اردو سنڌي“ اصطلاح کي ڇڏڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ رهندڙ ٻروچ، سرائڪي، سيد ۽ پٺاڻ ذاتين مان اڄ تائين ڪنهن بہ پنهنجي پاڻ کي ”ٻروچ سنڌي“، ”سرائڪي سنڌي“، ”سيد سنڌي“، ”پٺاڻ سنڌي“

وغيره نه سڏايو آهي. سنڌ ۾ رهندڙ ۽ سنڌ جو ڏنو کائيندڙ سڀ سنڌي آهن. ها، باقي سڃاڻپ لاءِ هر ڪو پنهنجي ذات برقرار رکي ته ان ۾ ڪا به خرابي ناهي.

3. ايم ڪيو ايم کي سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ صوبي جي سرڪاري/لک پڙهه جي ٻوليءَ طور نه رڳو قبولڻو پوندو، ۽ اردو آباديءَ کي شعوريءَ طرح اهڙا اپاءَ به وٺڻا پوندا جن وسيلي اردو آبادي سنڌي ٻولي لکي پڙهي به سگهي ته رواني سان ڳالهائي به سگهي.

4. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي سنڌ جي حق حاڪميت کي قبول ڪرڻو پوندو. جيئن ته سنڌ صدين کان وٺي سنڌي ماڻهن جي ملڪيت آهي ۽ اُن جي وارثي وٽن ئي رهندي پئي آئي آهي تنهنڪري، اُنهيءَ تي حاڪميت جو حق رڳو سنڌي ماڻهن وٽ محفوظ آهي/ رهندو. حاڪميت جي حق کان سواءِ، سنڌ جي شهرين هئڻ جي حيثيت ۾ پناهگير آباديءَ کي باقي حق برابر ملڻ گهرجن.

5. اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي نمائندگيءَ جي دعويٰ رکندڙ جماعت ايم ڪيو ايم کي سنڌ جي ڀاڱيءَ سان لاڳاپيل مسئلن، خاص طور تي ڪالاباغ ڊيم جي مسئلي ۽ وسيلن تي سنڌ جي وارثيءَ جي تسليميت جي مطالبي تي سنڌي ماڻهن جي حق ۾ انهن سان گڏجي بيهڻو پوندو ۽ پنهنجو ڪردار اهڙي نموني ادا ڪرڻو پوندو، جهڙيءَ ريت سنڌ جو بيو عوام ادا ڪري رهيو آهي.

6. ايم ڪيو ايم کي دهشتگرديءَ ۽ پروپيگنڊا وسيلي پاڻ کي مظلوم ثابت ڪرڻ واري سياست ڇڏي، سنڌ وارن سان گڏجي انهن جي حقيقي پُر امن قومي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻو پوندو.

7. ايم ڪيو ايم کي پنهنجو ناتو اسٽبلشمينٽ کان ٽوڙي، مختلف سياسي، معاشي، سماجي، ثقافتي ۽ قومي مسئلن تي سنڌي قوم جي اختيار ڪيل موقف کي پنهنجائڻو پوندو. يعني انهيءَ جي مختلف معاملن تي پاليسي اهائي هوندي جيڪا سنڌي ماڻهن جي آهي.

هيءَ حقيقت آهي، ته جيڪڏهن هڪ سازش هيٺ ايم ڪيو ايم نه ٺاهي وڃي ها، ۽ اُن وسيلي سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ۾ نفاق کي هٿي نه ڏني وڃي ها، ته اڄ حالتون ايتريون خراب به نه هجن ها بلڪ سنڌ هڪ پُربهار ۽ امن جي هندوري ۾ لڏندڙ سماج هجي ها. اردو ڳالهائيندڙن کي مهاجر قوم هئڻ جو احساس ڏياري، سنڌين لاءِ ميار ڪيي، "وڏن استادن" کي خوش ڪرڻ مان ڪو به فائدو نه ٿيندو. هاڻ اهو رويو درڪار نه هوندو ته هڪ پاسي سنڌ ۽ سنڌين خلاف سازشون ڪندي، ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي وسندين کي بلڊوز ڪري ڌرتي - ڌڻين کي ڌرتي - ڌڪاڻن ۾ تبديل ڪيو وڃي،



ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن جي ملازمتن جا دروازا بند ڪرائڻ لاءِ اسيمبليءَ مان بل پاس ڪرائجن، سنڌي ماڻهن خلاف رتوڇاڻ وارن منصوبن ۾ سڌيءَ يا اڻسڌيءَ ريت شريڪ ٿجي، پوءِ به پاڻ کي "سنڌ جو سپوت" سڏائجي...!!

ڌرتين جا سچا پٽ انهيءَ جي سدائين لاءِ خوشي ۽ خوشحاليءَ لاءِ دعائون گهرندا آهن:

سائيم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ڪڏهن سنڌ تنهنجي نه ميري ٿئي،
ڪڏهن موڙ تنهنجا نه مرجهائجن.

سنڌ – ديس جي ڌرتي توکي پنهنجو سيس نمايان،
مٿي ماٿي لايان.

ڇا ڇا نه ڪردار هئا، جن سنڌ جي خدمت ۾ پنهنجي پوري ڄمار گهوري ڇڏي، اڃا به ڪيترائي ڪردار آهن. جيڪي سنڌ جي در جي گداگريءَ کي زماني جي بادشاهيءَ کان بهتر ڀانئين ٿا، پر انهن ته ڪڏهن به پاڻ اهو نه چيو هو/آهي، ته اسين سنڌ جا سپوت آهيون. اِهو مانُ، اِها منزل ۽ اِها عظمت ڪنهن به سازشي ٽولي يا گروهه جي حصي ۾ نه ٿي اچي سگهي.

اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ ۽ سنڌيءَ ۾ شاهه لطيف جا بيت پڙهڻ سان ڪو به سنڌي نه ٿيندو آهي. انهيءَ مقام تائين رسڻ لاءِ نيتن جي صفائي درڪار آهي، سنڌين ڏانهن کليل خط تڏهن لکجن ۽ انهن کي مياري تڏهن قرار ڏجي، جڏهن پنهنجا هٿ ۽ دامن داغدار نه هجن. جڏهن من ۾ ڪو به مير نه هجي. اهڙِي ميار وسيلي چوڏرين کي ته ضرور خوش ڪيو ويو هوندو ۽ اردو ڳالهائيندڙن ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ نفرت ۽ وڇوٽين وڌائڻ جي شعوري ڪوشش ضرور ڪئي ويئي هوندي، پر سنڌي قوم اهڙي الزام نما ميار تي ارهي ۽ ڏُکاري آهي. ڪين تعزيت جي مرهم جي شڪل ۾ هڪ وڏيڪ گهاءُ رسايو ويو آهي. سوڳواريءَ جي هن گهڙيءَ ۾ سندن هانءَ تي آٿت جي چنبڻ وجهڻ بدران انهن جي چوڌاري لسانيت جي باهه پڙڪائي پئي وڃي ۽ اهڙيءَ ريت انهن جي هيڪلائيءَ ۽ سندن بهادر اڳواڻ جي شهادت جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ صدمي کي وڌيڪ شديد بنائڻ جي ڪوشش نه مناسب هئي ۽ نه مفيد.

# پاٹي ڪيس

# سنڌ جو پاڻي ڪيس

مسلم ليگ جي سياست شروع کان وٺي، ۽ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ بہ، ماڻهن جي اجتماع ۽ اُن جي مشترڪ مفاد ڏانهن نہ پر فرقي ڏانهن مائل رهي آهي، ۽ اهو ئي اُن جو بنيادي ضعف ۽ پڻ سڄو منطق رهيو آهي.

مسلم ليگ جي قائداعظم 12 آگسٽ 1947ع جي پنهنجيءَ تاريخ ساز تقرير ۾ پاڪستان جي ڪاميابيءَ ۽ نيڪناميءَ لاءِ مسلم ليگ جي اِن رُخ ۾ عمل کي وڏيڪ ڪارآمد نہ ڄاتي، بدلائڻ ۽ سڀپ ۽ اجتماعي سهڪار جي صورت ڏيڻ لاءِ چيو پر افسوس، سندس جيئري توڙي پوءِ اُن تي عمل نہ ٿيو. اِن ئي سلسلي ۾، اَوَل ئي، هُن بنگال ۽ پنجاب جي تقسيم کي وڏي لاچار کان قبوليو هو.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، لاڳيتا 23 سال مسلم ليگ جي اِن فرقيوار ۽ فرماني سياست کي پنهنجي ڪار`وبار انگيز سامراج جي ڏنل 1935ع واري ائڪٽ آف انڊيا هيٺ ئي هلائڻو پيو هو: ايتري ۾ سنڌ کان ڪراچي کسي ويئي، سنڌ ۾ ٻاهرين جي غير قانوني داخلا جا در کُليا رهيا ۽ اُنهن جي حق ۾ سنڌ جي شهري ۽ مضافاتي دولت جو اِوئڪيو پراپرٽيءَ جي نالي ۾ تين والُ ۽ لُٽ مار جاري رهي ۽ اُنهن ئي لاءِ تعليمي نظام کي سنڌ جي مادري ٻولي سنڌيءَ جي ذريعي جي بدران ٻاهرينءَ ٻوليءَ اردوءَ جي ذريعي ڏانهن موڙيو ويو ۽ سنڌ سميت اولهہ پاڪستان جي ننڍن صوبن تي هڪڙي وڏي صوبي، پنجاب، جي تابع ون يونٽي نظام بہ مڙهيو ويو.



ٿيندي ٿيندي، 1969ع ۾ هڪڙي فوجي جنرل جي استبدادي (Despotic) راڄ کان پوءِ ٻئي فوجي جنرل جي فريم ورڪي فرمان هيٺ پهريون ڀيرو بالغن جي ووٽ جي بنياد تي عام چونڊون ٿيون. ملڪ جي وڏي اڌ، مشرقي پاڪستان، مان بہ مسلم ليگ جو خاتمو ٿيو ۽ اُن کي ننڍي اڌ کان ڇڄي ڌار ٿيڻو پيو ۽ ننڍي اڌ (مغربي پاڪستان) مان بہ مسلم ليگ ۽ ون يونٽ ٻنهي جو آڏو گابرو تڏو ويڙهجي ويو)

مغربي پاڪستان ۾ واحد اڪثريتي پارٽي، پ پ پ جي شڪست کاڌل فوج جي سايي هيٺ اقتدار هيٺ 1973ع جو آئين جُڙيو جيڪو بہ انگريز سامراج جي 1935ع واري ائڪٽ آف انڊيا جو ئي چمڪيل چَربو هو جنهن جي ڪوتاهہ قد (Dwarfish) ۽ نِسَتَ سينيٽ ۽ اهڙين ئي مرڪز پرست هڪ هڪ آرٽيڪل جو تجزيو ڪندي، پاڪستان سوسائٽي، لاهور جي ساليانيءَ گڏجاڻيءَ ۾ ملڪ وزير عليءَ کي پنهنجي پڙهيل تقرير ۾ ائين چوڻو پيو هو تہ "قومي اسيمبليءَ ۾ ننڍن صوبن جي عيوضين اهڙي ملڪي آئين تي صحيحون ڪيون، تن اهو سمجهيو ئي نہ هو تہ هو ڇا تي صحيحون ڪري رهيا هئا"!

اُن 1973ع جي آئين ۾ ٻن ادارن جو وجود (1) ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ ۽ (2) نئشنل فنانس ڪميشن لاءِ البت ٻُڌو ۽ پڙهيو ٿي ويو پر عمل ۾ اُهي ٻيئي آئيني ادارا عدم جي دنيا ۾ ئي وسندا رهيا. ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ لاءِ تہ هڪ ڀيرو لکيو ۽ پڙهيو بہ ويو هو تہ اُن 1991ع ۾ صوبن لاءِ پاڻيءَ جي عادلانہ ورهاست جي ٺاهہ يا فارمولي تي پنهنجي فتويٰ صادر ڪئي هئي. اُن ٺاهہ جي حقيقي حشر بابت، 1998ع ۾ وارد ٿيل فوج جي چوٽين جنرل مشرف، اڄ جي پاڪستان جي سڄيءَ فوج جي وڏي مهندار ۽ پريزيڊنٽ آف پاڪستان، طرفان مقرر ٿيل ٽيڪنيڪل ڪاميٽي آن واٽر ريسورس (عام طور "عباسي ڪاميٽي" سڏجندڙ) هيءُ احوال ڏنو آهي تہ اُن تي عمل تہ عمل جي ماڳ، پر ڏسي وائسي، پوريءَ اُرهہ زورائيءَ سان لڳاتار 12 سالَ ۽ اڄ تائين اُن جي ڀيڪڙي پئي ٿي آهي. "عباسي ڪاميٽيءَ" جي دريافت مطابق:

(1) سڀ ميمبر متفق هئا تہ 1991ع وارو ٺاهہ، جنهن ۾ پاڪستان جي 3 ڪروڙ سٺ لک ايڪڙ نهري پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ زمين لاءِ پاڻي ورهايو ويو آهي، مقدم آهي، سڀني ميمبرن جو خيال هو تہ ٺاهہ جي ورهايل ان پاڻيءَ کي هر قسم جو قانوني ۽ اخلاقي تحفظ حاصل آهي، پر هينئر تائين ٺاهہ تي عمل نٿو ٿئي. منگلا

ڊئم کي غلط وقتن تي ڀرڻ ۽ لنڪ ڪئنالن کي پنهنجي مرضيءَ سان وهائڻ جا عمل ثاهہ جي لڳاتار نفي آهن.

(2) 91ع واري ٺاهہ جي سڀ کان وڏي ڀڃڪڙي 94ع وارو فارمولو آهي، جنهن کي زوريءَ مڙهي سنڌ سان وڏي زيادتي ۽ ظلم ڪيو ويو آهي. 91ع ٺاهہ موجب صوبن ۾ 117.35 ايم اي ايف پاڻي ورهايو ويو آهي، جنهن ۾ پنجاب کي 55.94 ايم اي ايف، سنڌ کي 18.76 ايم اي ايف، سرحد کي 8.78 ايم اي ايف ۽ بلوچستان کي 3.87 ايم اي ايف ڏنو ويو. پنجاب جي سڀني ڪئنالن جي استعمال ڪيل پاڻيءَ جي رڪارڊ کي سامهون رکندي ڏنو ويو تہ ڪوٽ جي زماني ۾ جڏهن بہ پاڻي 1991ع جي ٺاهہ جي ورهايل 117.35 ايم اي ايف کان گهٽجي ويو آهي. (مثلاً 116 ايم اي ايف ٿي ويو هجي) تہ 94ع واري فارمولا هيٺ پنجاب جو حصو مرڳو وڌي ويو آهي، (يعني 55.94 مان وڌي 57 ايم اي ايف ٿي وڃڻ). اهڙي ناانصافيءَ وارو سلسلو جاري رکڻ لاءِ بلوچستان ۽ سرحد کي 91ع واري ٺاهہ جيترو پاڻي ڏنو ويو ۽ سڄيءَ ڪوٽ ۾ پنجاب جي وڌيڪ استعمال ڪيل پاڻيءَ جو بار سنڌ تي وڌو ويو.

(3) 1994ع ۾ صوبائي آبپاشيءَ جي وزيرن جي هڪ ميٽنگ ٿي، جنهن کان پوءِ منٽس لکي موڪليا ويا تہ "فيصلو ٿيو آهي تہ ڪوٽ جي زماني ۾ پاڻيءَ جو ورهاڱو تاريخي ورهاست جي بنياد تي ٿيندو." (تاريخي ورهاست جو مطلب آهي تہ 1977_1982ع وارن پنجن سالن ۾ جنهن حساب سان صوبن سراسري پاڻي کنيو هو). سنڌ اعتراض ڪيو تہ اهڙو ڪو فيصلو نہ ٿيو آهي ۽ نہ 91ع جي ٺاهہ جي موجودگيءَ ۾ ٻيو ڪو فيصلو ٿي ٿو سگهي. مرڪزي پاڻيءَ ۽ بجليءَ جي وزارت سنڌ جي شڪايت تي فيصلو ڏنو تہ 94ع جو وزارتي فارمولو غير قانوني آهي، اهو لکي، پوءِ هنن ٻي ترڪيب اها ڪئي تہ ارسا کي ئي مسئلو حل ڪرڻ جو چيائون. ارسا ان فائيل کي پورا 2 سال (1994ع کان 1996ع) اڳتي پوئتي ڪندي رهي ۽ پوءِ جيڪو فيصلو ڪيائون، اهو بہ ظاهر نہ ڪيائون ۽ ورهاست ساڳي ئي برقرار رکندا آيا. جڏهن سنڌ وڌيڪ گوڙ ڪيو تہ ارسا آڪٽوبر 2000ع ۾ وري فائيل وزارت قانون کي ڏياري موڪليو. هنن وري ساڳيءَ ئي ترڪيب کي ٻيو لباس پارايو: پنهنجي خط جي پهرئين حصي ۾ وڏي گجگوڙ سان اعلان ڪيائون تہ 94ع جو فارمولا بلڪل غير آئيني آهي، خط جي ٻئي حصي ۾ پنهنجو صحيح روپ



ڏيکاريندي لکيائون تہ ان جو حتمي فيصلو ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ (C.C.I) ڪندي. نہ 9 مڻ تيل گڏ ٿيو ۽ نہ رادا نچي. نہ سي سي آءِ جُڙي، نہ ان جا ميمبر فيصلي لاءِ ويٺا. سنڌ جي وڌيڪ گوڙ ڪرڻ تي آخر وزارت قانون سي سي آءِ ۾ وڃڻ واري ڳالهہ رد ڪندي ارسا کي فيبروري 2001ع ۾ حڪم جاري ڪيو تہ پاڻيءَ جي ورهاست 91ع واري ٺاهہ مطابق ٿيڻ گهرجي، پر جڏهن عباسي صاحب فيبروري 2005ع (يعني 4 سالن کانپوءِ) ارسا جي چيئرمين کان پڇيو تہ چيئرمين جواب ڏنو تہ ڪيس وزارت قانون جو اهو ليٽر نہ مليو ۽ تنهن ڪري پاڻيءَ جي ورهاست اڃان تاريخي بنيادن تي ڪئي پئي وڃي.

عباسي صاحب نيٺ ڪاميٽيءَ جي دريافت ۾ لکڻ تي مجبور ٿيو تہ. "جنرل مشرف آڪٽوبر 2000ع ۾ ارسا کي حڪم ڏنو تہ 94ع واري فارمولي کي رد ڪندي 91ع جي ٺاهہ موجب پاڻي ورهايو وڃي. پر ان سڌي حڪم کانپوءِ بہ هڪ سال 94ع فارمولو رد ٿيڻ جو ليٽر جاري نہ ڪيو ويو ۽ نہ هن وقت تائين 91ع واري ٺاهہ مطابق ورهاست ٿي سگهي آهي."

پاڪستان جي اڄوڪي سوجهري واريءَ نگريءَ جي ڏاهي راجا جي راڄ ۾ هن حقيقت جي انگريزي اخبارَ نامدار "ڊان" جي 13 جولاءِ 2006ع ۾ بہ ٻين لاڳاپي وارين ڳالهين سان گڏ هن خاص مامري جي خبر هيٺئين طرح شايع ٿيل آهي:

**Demand of Judicious Distribution of Water**
**Bureau Report:**

Hyderabad, July 12: Sindh Abadgaar Board president Abdul Majeed Nizamani and Vice-president Gadda Hussain Mahesar have called upon Prime Minister Shaukat Aziz and chief minister of Sindh Arbab Ghulam Rahim to ensure judicious distribution of water in accordance with 1991 Water Accord and announce compensation for growers who incurred losses through import of substandard seed, fertilizers and pesticides.

In a joint statement issues here on Wednesday they expressed concern over the state of agriculture of the country in general and Sindh in particular.

"Pakistan is the only country in world where prices of agriculture inputs continue to register a steep rise in addition to mini and supplementary budgets

throughout the year whereas is other parts of the world budget in presented only for once."

They said that at the time of 2006-07 budgets, it was announced that no supplementary budget would be present, then why a supplementary budget of Rs.200 billion got passed at the raion of 15.4 per cent for 2005-06. They quoted that on the first day of new fiscal year 2006-07, a ten per cent raise was witnessed in gas tariff while there was an increase of Rs. 500 and Rs. 670 per metric ton of urea and chemical fertilizer respectively, leading to an additional financial burden of Rs.485 million on Sindh province.

They said that rate of interest on agriculture loans is fixed at 14 per cent despite the fact that interest was Un-Islamic in the country whereas in India only two per cent interest was recovered over agricultural loans.

They said that in India even today urea was being sold at Rs.250 while DAP at Rs.500.

The SAB leaders said that acute water shortage and release of industrial waste were main factors for destruction of agriculture and rural economy, poverty, lawlessness, destruction of delta.

For instance, they said, the cultivable area of Punjab which was 13.25 million hectares in 1982, increased to 16.90 million hectares in 2004-05, showing a surge of 21.6 per cent.

Comparatively, they said, cultivable area of Sindh was reduced to 3.15 million hectares far from 4.2 million hectares, recording a 25 per cent decline.

They said that through remodeling of Thal Canal at a cost of Rs. 2.24 billion, it discharge capacity had been increased to 9,000 cusecs from 7,500 cusecs to ensure that 1.5 million acres area would be brought under cultivation whereas rice would be sown on five million acres instead of 4.5 million acres.

However, they said, in Sindh out of 1.9 million early sowing of rice only 30 per cent could be sown whereas the



late sowing fell prey to diseases and other climatic conditions.

Quoting another example of alleged excess of Punjab against Sindh, they said that one individual of Punjab had imported Hybrid seed from China and sold it at Rs. 300 per kilogram in rice cultivation area of upper Sindh i.e. Jacobabad, Larkana, Shikarpur, Dadu and Balochistan notwithstanding the fact that its germination remained between zero to four per cent which destroyed the growers.

They said that such an inferior quality seed also led to reduction in export price of rice because it got mixed up with rice while export price of 240 US Dollars to 270 US Dollars dropped to 215-220 US Dollars. "The incompetence of agriculture department not only destroyed the growers but also brought a bad name to the country in export field whereas the Punjab government did not sow even a single Hybrid seed in the province", they claimed.

The SAB office-bearers demanded of the prime minister and chief minister to ensure judicious distribution of water in accordance with 1991 Water Accord, compensation to growers for their losses on account of imported seed, fertilizers and pesticides, accountability of agriculture and irrigation officials and a peaceful atmosphere should be restored in Sindh at all costs.

نامدار انگريزي اخبار ”ڊان“ جي ان تفصيلي ڳالهہ جي چئن پئرائن جو اختصار هن ريت آيل آهي:

”حيدرآباد، جولاءِ 12: سنڌ آبادگار بورڊ جي پريزيڊنٽ عبدالمجيد نظاماڻيءَ ۽ وائيس پريزيڊنٽ گدا حسين مهيسر وزيراعظم شوڪت عزيز ۽ سنڌ جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم کان گهر ڪئي آهي تہ 1991ع جي پاڻي ٺاهہ مطابق پاڻيءَ جي ورهاست تي پورو پورو عمل ڪرايو وڃي، ۽ آبادگارن کي پهتل نقصانن جي معاوضي جو اعلان ڪيو وڃي.

”هنن چيو تہ پاڻيءَ جي ازحد ۽ لڳاتار کوٽ ۽ ڪارخانن جي گندي پاڻيءَ ۽ فاسد ڪچري جي بي روڪ نيڪال سبب سنڌ ۾ عام زراعت کي نقصان رسيو آهي ۽ ٻهراڙين جا مالي وسيلا اُجڙيا ۽ برباد ٿيا آهن، غربت وڌي آهي، بدامني ۽

غير سلامتي سھپ ڪان مٿي چڙھي وئي آھي، ۽ سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو برباد ٿي چڪو آھي.

”ھنن چيو تہ اِن وچ ۾ پنجاب ۾ سال 1982ع ۾ 13.25 ملين ھيڪٽر زراعت جي ايراضي وڌي سال 05_2004ع ۾ 16.90 ھيڪٽر ٿي آھي. ان طرح اُن ۾ 21.6 في سيڪڙو واڌ ٿي آھي. ان جي ڀيٽ ۾ سنڌ 4.2 ھيڪٽرن مان گھٽجي 3.10 ھيڪٽرن تائين وڃي بيٺي آھي، يعني اُن ۾ 25 في سيڪڙو گھٽتائي واقع ٿي آھي.

”ھنن چيو تہ پنجاب ۾ 2.24 بلين روپين جي خرچ سان ٿل ڪئنال جي رِي ماڊلنگ ٿي آھي، جنھن ڪري اُن جي پاڻيءَ جي رَسَد 7500 ڪيوسڪ مان وڌي 9000 ڪيوسڪ ٿي آھي، جنھن واڌو پاڻيءَ سان 1.5 ملين ايڪڙ زراعت جي واڌ جي توقع آھي، ۽ اِن جي نتيجي ۾ 4.5 ملين ايڪڙ مان وڌي سارين جي پوک 5 ملين ايڪڙن کي پھچندي، پر سنڌ ۾ 1.9 ملين ايڪڙن ۾ سارين جي رونبي کي وقت سر پاڻي نہ ملڻ ڪري 30 في سيڪڙو ايراضيءَ جي پوک ٿي نہ سگھي، ۽ پاڇاٽيءَ پوکيءَ سان فصل بيمارين جي ور چڙھي ويو.

”پنجاب کان ٻيءَ ھڪ زيادتيءَ جي ڳالھہ ڪندي، ھنن ٻڌايو تہ پنجاب جي ھڪ ٻجن جي واپاريءَ چين مان گاڏڙ ساڏڙ سارين جا ٻج گھرائي 300 روپين ڪلو گرام جي حساب سان سنڌ ۾ وڪيا. اپر سنڌ جي جيڪب آباد، لاڙڪاڻي، دادو ۽ بلوچستان ۾ اُنھن جي پوکي ٿي، تہ ٻُڙيءَ کان مٿي چڙھي فقط 5 سيڪڙو تائين انھن جي اؤسر ٿي سگھي ۽ آبادگار برباد ٿي ويا.“

ھن ڪتاب وسيلي، جيئن ان جي نالي سان ئي پڌرو آھي، پاڪستان ۾ سنڌ جو پاڻي ڪيسُ پڙھندڙن جي آڏو آندل آھي: ۽ ڇِتايو ويو آھي تہ سنڌوءَ تي وڏن بندن (ڊيمن) جي ٻَڌجڻ سان اسان سنڌ وارن کي ڪيڏو وڏو نقصان سَھڻو پيو آھي، ۽ پڻ آئنده ڪيڏي موتمار ھاڃي جي مُنھن ۾ اسين آڻي بيھاريا ويا آھيون. خاص طور سنڌوءَ جي 1991ع واري پاڻي ٺاھہ جِي جيڪا ڏٺي وائٺي بلڪ رڪارڊ ۾ آيل خلاف ورزي روا رکي ويئي، اُن مان اسان کي جيڪي مالياتي، حياتياتي ۽ ماحولياتي گھاوَ رَسيا آھن، اُنھن جي پورائي لاءِ اسين پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو دروازو بہ کڙڪائي سگھون ٿا ۽ پڻ متحده قومن جي عالمي عدالت گاھہ وٽ بہ فرياد ڪري سگھون ٿا.



ھن ڪتاب ۾ جيڪا ڳالھہ پيرائتي ڪيل آھي، اُھا ھرگز ڪا دلچسپ يا سَھي وڃڻ جھڙي نہ آھي، بلڪ دل دوز ۽ فڪر انگيز آھي- بيحد ڏکوئيندڙ ۽ اسان جون ۽ دنيا جون اکيون کوليندڙ آھي. پاڪستان ۾ اسين ڪھڙيءَ اُميد سان شامل ٿيا ھئاسين ۽ ڪھڙي آزار بلڪ موتمار صورتحال جي وَر چڙھي ويا آھيون، ۽ جي پنھنجي وطن ۾ اسان کي جيئڻو آھي تہ ڪھڙي حال ۾ ۽ ڪيئن اسان لاءِ اِھو ممڪن ٿي ٿو سگھي.

اسان جي ساھہ کڻڻ لاءِ جيئن ھوا تيئن سنڌو اسان جي پاڻي پيئڻ ۽ ان تي پلجڻ جو واحد وسيلو آھي. سنڌوءَ جي ڇيڙي تي اسين رھون ٿا ۽ مُھڙ ۾ پنجاب آھي. پنجابَ اسان جي پڇڻ کانسواءِ پنھنجين پنجن ندين جِھلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس- جو سودو ڪيو ۽ عيوض ۾ عالمي سامراج جي بئنڪن مان امداد ۽ اُن جي ڏٺن تي ملڪ جو آنُ بانُ اُن جي حوالي ڪري پاڻ لاءِ پاڻيءَ جا وقتي گھربل ذخيرا بہ موجود ڪري ورتا. اِن اھتمام کان پوءِ پنجاب سنڌوءَ جي پاڻيءَ بابت 1945ع واري تاريخي فيصلي کي پٺن پويان اُڇلائي، خالص طاقت جي آڌار تي سنڌوءَ مان سنڌ جو پاڻي ھٽيائڻ شروع ڪري ڏنو. مُھڙ ۾ ھجڻ ۽ اسان کان پارلياماني توڙي عملداري لحاظ کان زور ھجڻ سبب پاڻيءَ جون پنھنجون گھرجون وڌائيندو ۽ پوريون ڪندو ٿو رھي. اِھا ئي زميني ۽ زورائتي حقيقت آھي، جنھن جي زور تي پاڪستان جي فوج_آڏاري اسٽيٽ ۾ فيصلن جو اِھو حشر ٿئي ٿو، جيڪو ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ جي ڪيل 1991ع جي پاڻي_ٺاھہ جو ٿيو ۽ گڏوگڏ نوان نوان ڊيم ۽ واھہ- ڪالاباغ ۽ ٿَل- جھڙا رٿيا، کڄندا ۽ وھندا رھن ٿا، اسان کي اکيون ڏيکاريبيون ٿيون رھن ۽ مٿان الزام مڙھجندا ٿا رھن تہ اسين سنڌوءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ ضايع ڪري رھيا آھيون.

گذريل ڏھن سالن کان سنڌ جو اڌ ڪوٽڙيءَ کان سمنڊ تائين سنڌوءَ جي پاڻيءَ ڦُڙي کان محروم، سنڌ جي اسان جي سڄي ڪڇي- 2.5 مِلين ايڪڙن تي پکڙيل- زراعت ختم، سڄيءَ سنڌ جا ٻيلا ۽ سبز گاھہ ختم. ھن صورتحال ۾ سنڌ جي جياپي جو ٻيو ڪھڙو قدرتي آسرو باقي ٿو رھي! ھن سوال جي فيصلي لاءِ پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۽ عالمي عدالت گاھہ ڏانھن رجوع ٿيڻ کان وڌ ٻيو ڪھڙو گس وٺي ٿو سگھجي. جي اِنھيءَ گس جي بہ واھہ کُليل نہ آھي، تہ پوءِ اسان کي ٻُڌايو وڃي تہ اسين ڪھڙي واھہ وٺون؟

## سنڌوءَ جي لاڙ حصي تي ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جا موتمار اثر

سنڌ جي ڀهراڙيءَ ۾ هڪ آکاڻي مشهور آهي، جيڪا بنهه مختصر هجڻ جي باوجود، انسانَ جي انسانَ سان ظلم ڪرڻ واري لاڙي کي مڪمل طرح بيان ڪري ٿي. آکاڻي ڪنهن ٻئي ولايت جي اَجنبيءَ سان هڪ ڳوٺاڻي جي ملاقات ٿيڻ سان شروع ٿئي ٿي. اجنبي يڪدم ڳوٺاڻي کي حڪم ٿو ڏئي تہ "پنهنجي سجاٽپ ڪراءِ!" ڳوٺاڻو نهٺائيءَ سان اُن اجنبيءَ کي ٻُڌائي ٿو تہ هو هن يا هُن ڳوٺ جو رهاڪو آهي، ۽ هِي يا هُو ڌنڌو ڪري ٿو. ۽ پوءِ هٿ جوڙي اُنهيءَ اوپري ماڻهوءَ کان پڇي ٿو "ادا ڪرِ خبر، تون ڪير آهين؟" ڳوٺاڻي جي هِن گُستاخيءَ تي اجنبي هڪدم ڪاوڙجي ٿو پوي، ۽ ڳوٺاڻي جو سوال اُبتو ڪري ڳوٺاڻي جي مُنهن تي ڦهڪائي ٿو هٽي. "آئون ڪيرُ آهيان؟ توکي خبر ڪانهي! ڏِسين ڪونہ ٿو؟ آئون خدا آهيان، ڌرتيءَ تي گهُمڻ آيو آهيان!" هاٺي، ڳوٺاڻو ويچارو، جيڪو ڄائي ڄم کان هڪ اک کان ڪاڻو هو ۽ جنهن کي ڳوٺ جي مولويءَ چيو هو تہ اِها خدا جي مرضي هئي جو هو اهڙو ڄائو هو، سو هڪدم اجنبيءَ جي پيرن تي ڪِري پيو ۽ ٻاڏائڻ لڳو تہ، "پؤتار، جي خدا آهين تہ منهنجي اک تہ مون کي موٽائي ڏي." اجنبي، جيڪو ڪاوڙ ۾ تپيو بينو هو، سو ڳوٺاڻي تي ويتر ڏاڪا ٻَڏي چڙهي ويو ۽ رڙ ڪري آڪڙ مان چيائينس، "منهنجي وڏي پاءُ ڏانهن وڃ، جيڪو آسمان تي رهي ٿو ـ اکيون ڏيڻ اُن جو ڪم آهي. منهنجو ڪم آهي اکيون ڪڍڻ! چا، تون مون کان اِهو گهرين ٿو؟" ڳوٺاڻو ويچارو ماڳهين چُپ ٿي ويو. چيائين، "نہ، پؤتار، نہ! مان اک



ڪيڍائڻ نہ ٿو گهُران. مون لاءِ هڪ اک ئي بس آهي!" اجنبي جيڪو پنهنجي ڪاوڙ ڪائي مس چڙهيو هو، تنهن ڳوٺاڻي کي اُها "نہ" جي خيرات بخشش ڪئي، ۽ اُن بخشش عيوض پوءِ اُهو اجنبي اُن ڳوٺاڻي جو هميشہ لاءِ "پؤتار"، ڌرتيءَ تي "بخشش ڪندڙ"، "زميني خدا" ـ بڻجي پيو!

14 آگسٽ 1947ع کان وٺي اهو ڏسجي پيو تہ اسان جي هن ڌرتيءَ جي ننڍڙي حصي تي، زميني خدائن ـ "پؤتارن" ـ جو هڪ نئون ٽولو براجمان ٿي پيو آهي، جيڪي سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن اُهي اسان کي جيئڻ ڏين ٿا، "جانِ جي امانَ" بخشين ٿا، تہ اُها سندن اسان سان وڏي ڀلائي آهي.

آئون پڪ سان نٿو چئي سگهان تہ اِنهن پؤتارن جي هئڻ بابت ماڻهن جي اها جهالت يا ويساهہ وِسوڙپ ڪنهن لاءِ ڪا نعمت ٿي سگهي ٿي. يقينن اُن ڳوٺاڻي لاءِ تہ هرگز اُها اِئين ثابت ڪانہ ٿي سگهي هئي، جنهن جو ذڪر هن آکاڻيءَ ۾ ٿيل آهي، ۽ نہ ئي پڪَ سان انسان ذات لاءِ اج تائين اِها ائين ڪا ثابت ٿي سگهي آهي.

اعليٰ ٽيڪنالاجيءَ ۽ ترقياتي منصوبن جا رٿيندڙَ ۽ حمايتي اُهڙن جاهلن منجهان هرگز نٿا ٿي سگهن، اُهي ٿي بہ ڪيئن ٿا سگهن ـ ايڏا سجاڳ ۽ وڏا ذهن رکندڙَ جن سکر، ڪوٽڙي ۽ گُڊو بئراجن جهڙا منصوبا رٿيا ۽ ٺاهيا! پر اِهي عيارَ ۽ چالاڪ ڏاها ماڻهو عوام جي جهالت ۽ ويساهہ وسوڙپ جو فائدو وٺندي، اڪثر پنهنجن اِن قسم جي وڏن وڏن منصوبن جا ماحول ۽ قدرتي نظام جي جوڙجڪ ۽ پڻ عام انساني سماجي نظامن تي پوندڙ زيانڪار اثرن کي سامهون آڻڻ ۽ تفصيل سان کولي پڌري ڪرڻ کان پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ لاعلميءَ جو ڏيکاءُ ضرور ڪندا آهن، جنهن کي سندن تجاهل عارفانا يا ڄاڻي ٻُجهي ڳَنَ لاٽار يا اک ٻُوٽَ بہ چئي سگهجي ٿو. آئون پنهنجيءَ اِن ڳالهہ کي اهڙي هڪ قومي فورمَ جي اجلاس جي هڪ ڪار گذاريءَ مان، جيڪا مون هلندي ڏٺي ۽ پڻ جنهن بابت مون کي پوري ڄاڻ بہ آهي، ناقابلِ انڪار حوالا ڏيئي، ثابت بہ ڪندس. اُهو هڪ اجلاسُ سنڌو درياهہ تي وڏي ديوَ قامت ۽ جامع قسم جي هڪ نئين منصوبي (ڪالاباغ ڊيم) جي جوڙڻ بابت، بحث مباحثي لاءِ منعقد ٿيو هو.

اُنهيءَ منصوبي جي حمايتين دعويٰ ٿي ڪئي تہ سال جي ڪن مخصوص مهينن ۾ پاڻيءَ جو هڪ وڏو سارو مقدار ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ لهوارو ٿي گذرندو آهي، ۽ اُهو اِئين اجايو وَهي وڃي سمنڊ ۾ پوندو آهي، ۽ اُن ڪري سندن مؤقف هو تہ کين اِهو حق حاصل هو تہ پاڪستان جي مٿئين ٿَلَ واري علائقي واريءَ ايراضيءَ

کي آباد ڪرڻ لاءِ هو اُنهيءَ پاڻيءَ کي اُتي متي ئي روڪي، آبپاشي مقصدن لاءِ استعمال ۾ آڻين.

اِجلاس ۾، سنڌ، پنهنجن نمائندن وسيلي، سندن اُنهيءَ دعويٰ کي رد ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ڊگهي عرصي کان پاڻيءَ جي وهڪري ۽ اخراج بابت سانڍي رکيل انگن اکرن جي مدد سان اِهو ثابت ڪيو ته ذڪر ڪيل مهينن ۾ ڪوبه اهڙو پاڻي ڪوٽڙي بئراج وٽ موجود ئي ڪونه هو جنهن کي واڌو يا اَڪارج پاڻي قرار ڏيئي سگهجي.

اُنهيءَ فورمَ کي بعد ۾ هڪ "ڄَٽُ" ماڻهوءَ به خطاب ڪيو، جنهن کي پوءِ فورمَ جي سربراهه "پاڳل" قرار ڏنو هو. اُن ماڻهوءَ چيو هو ته، "قدرتي ماحول ۽ قدرتي نظامِ حيات (Eco_System)، جيڪو نباتات، حيوانات، مڇيءَ، ٻيلن، جهنگلي جيوَت ۽ نديءَ جي هيٺاهين طرف وهڪري ۾ رهندڙ آبي مخلوق تي مشتمل آهي، تنهن کي ۽ سامونڊي ڪنارن سان سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا کي بچائڻ لاءِ پاڻي، هر صورت ۾ سمنڊ ڏانهن وَهڻ گهرجي."

اجلاس جي چيئرمين اُن "ڄٽ" ماڻهوءَ جي اهڙين خالص خيالي شين جهڙوڪ ماحولَ ۽ نظامِ حيات بابت سندس ڄاڻ تي نفيسائيءَ سان شڪ ڪندي، چٽڀ ڏيندي ۽ ڪيس چئلينج ڪندي، پڇيو ته اهڙن نظامن کي بچائڻ سان ڪنهن کي فائدو ٿيندو؟

اياڻي- "پاڳل"- نهايت ڌيرج سان وراڻيو، "سائين، ڪنهن قدرتي ٿهيل خاص خِطي ۾ رهندڙ جيوَت يا مخلوق جي اُنهن قدرتي خِطي ۽ اُتان جي آبهوا ۽ ٻين قدرتي سهوليتن کي "ماحول" سڏبو آهي، اُن جا مثالَ دنيا جي وڏن ڪَنڌن يا ملڪن جي دريائي مٿانهَن وهڪرن يا هيٺانهَن وهڪرن ۾ دريائي ٻيلا، ۽ گرم علائقن ۾ برساتي ٻيلا آهن. اهڙن دريائي ٻيلن جو وڏو پَٽو- اهڙيءَ هڪ خاص جيوت جي رهائشگاهه- اسان وٽ پاڪستان ۾ به موجود آهي، جنهن جي ماحول ۽ اُتان جي انيڪ مخلوق جي بچاءُ جي خاص ذميداري اسان جي به آهي، ۽ اُن جا انيڪ فائدا اسان جا پنهنجا فائدا ئي آهن.

دريائي ٻيلن جي اُن ڊگهي پَٽي ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو بند ٿيڻ معنيٰ اُن قدرتي نظامِ حيات کي برباد ڪرڻُ، ۽ پوءِ اُهو سڄو پَٽو يا علائقو اِن طرح پنهنجي اُن "خود-ڪفيل حيات پرور ماحولي نظام" (Eco_System) جيڪو اندروني طور هڪٻئي تي آڌاريل ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل وحداني نظام آهي، بدلجي هڪ وڏو اڻ-آباد، ٻي ساهوءِ ٻڙبانگ خطو بڻجي ويندو."



اجلاس جو "سربراهه" ۽ اُن ۾ شرڪت ڪندڙ ساڻس هائو ۾ هائو ملائي ويٺل همراهه کِلڻ لڳا ۽ فرمايائون ته، "جيڪڏهن علائقي ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو بند ٿي ويو ۽ توهان جو "نظامِ حيات" غير متوازن بڻبو ته اسين اُنهيءَ کي بئراج جي پاڻيءَ وسيلي ٻيهر روان ڪنداسين."

"پر سائين، ڏهه لکن کان به مٿي ماڻهو پڻ اُنهيءَ ماحول جي وجود تي انحصار ڪن ٿا، اُنهن جو ڇا ٿيندو؟ سال جا اَٺ مهينا، اُهي سڄو سڄو ڏينهن پيئڻ جي پاڻيءَ واسطي ڏِڪا کائيندا رهندا. ساموندي پاڻيءَ جي چاڙهه سبب ٻيلي وارين زمينن جا وڏا وڏا حصا اڳي ئي ضايع ٿي چُڪا آهن. اڳي، حيدرآباد ۽ ٺٽي وچ ۾ درياهه جي ٻنهي پاسن تي 70 ميلن جي ڊيگهه تائين گهاٽن ٻيلن جا وڏا ڪشادا تَڪَ هوندا هئا، ۽ هاڻي اُنهن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ واسطي ۽ ٻارڻ لاءِ ڪاٺين لاءِ سڄو سڄو ڏينهن رُلن ٿا پيا، جيڪو اڳي اُنهن لاءِ فقط هڪ ڪلاڪ جو ڪم هو.

اُنهيءَ کان سواءِ، ساڳيءَ طرح اُتر سنڌ ۾ گُڊو بئراج جي علائقي ۾ وڏي پئماني تي ٻيلا وڍيا ۽ ختم ڪيا ويا آهن. اُنهن مان ڪي ته اُنهيءَ منصوبي جي تقاضا طور ۽ اڪثر ٻيلا نَوَن آيل پوٺارن جي حرص ۽ هٻچ سبب وڍجي ويا، جن جي قبضي ۾ پوءِ اُهي نيون زرخيز ٻيلائي زمينون آيل آهن. نتيجو اهو نڪتو، جو درياهه تمام تيزيءَ سان ڪپر جي زمينن کي پائڻُ شروع ڪيو، جيڪو بذات خود ماحول جي گندگيءَ ۽ بگاڙ جو هڪ مسئلو هو. لهواري وهڪري وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کي درياهه جي پيٽ ۾ واريءَ جا دڙا، ۽ اُن کان علاوه زير زمين پاڻيءَ جي مٿي اچڻ جهڙن مسئلن کي مُنهُن ڏيڻ پئجي رهيو آهي. اِن ريت، سائين، منهنجو مؤقف آهي ته چند ماڻهن پاران زمين ڦٻائڻ سبب ٻيلن جو خاتمو ٿيو، زرخيز زمينون ريگستانن ۾ تبديل ٿي ويون، جنهن ڪري مجموعي طور تي سڀني جو نقصان ٿيو پر اجا تائين اسين ڪيڏا نه پاڳل آهيون، جو "سمجهُو" حلقن ۾ اجا به تجويز ڪيو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ ڌاڙيلن تي قابو پائڻ واسطي ٻيلا، جيڪي اُنهن جي پناهه گاهه آهن، تن کي وڍي ميدان صاف ڪيو وڃي! ان جو مطلب اِهو ٿيو ته چند ڌاڙيلن جي مقابلي لاءِ، سائين، اسين پنهنجي قدرتي ماحول کي، جيڪو اسان جو تحفظ ڪري ٿو هٿ سان تباهه ڪرڻ لاءِ تيار ٻيٺا آهيون، ۽ ان ريت اسين پنهنجي ايندڙ نسلن کي خطري ۾ وجهي رهيا آهيون."

"پنهنجي اِنهيءَ ماحولياتي سوداءَ تي هاڻي وڌيڪ نه ڳالهاءِ، محترم ڏاها ماڻهو!"

"نيڪ آهي، سائين. پر جيڪڏهن توهين مون کي اجازت ڏيندا ته آئون نفعي ۽ نقصان جي تناسب جي مدد سان پڻ ثابت ڪري سگهان ٿو ته پاڻيءَ تي مڪمل روڪ لڳائي، محض هوڏ تي ٻَڌل ڪالاباغ ڊيم جي منصوبي کي تعمير ڪرڻ جي عيوض جيڪڏهن اوهين جيترو به گهڻو پاڻي هيٺ سمنڊ ڏانهن وهڻ جي اجازت ڏيندا، ته اُن مان پاڪستان جي مجموعي قومي پيداوار (GNP) ۾ واڌارو ٿي ايندو."

"ڪنهن کي ڪيترو فائدو ٿيندو، اسان کي خبر آهي. هاڻي اِتي ئي هِن موضوع تي بحث جي پڄاڻي آهي، مسٽر ڏاها ماڻهو!"

قومي فورم جي اُن اجلاس جي ڪارروائي پڄاڻيءَ تي پهتي- جيڪو محض خيالي به نه هو پر هڪ ڳالهه جيڪا مون پهريائين اوهان سان سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي مشهور لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڳوناٽي جي، هڪ زميني خدا (ڀوتارَ) سان ٿيل ملاقات سان شروع ڪئي هئي، سا هِن بحث سان پوريءَ طرح لاڳاپيل آهي. ڇا، اسين هاڻي اهو نتيجو ڪڍي سگهون ته اُهي "سگهارا ماڻهو" جيڪي اُن فورم ۾ نئين رٿيل ڪالاباغ ڊيم جي منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ جي منظوري وٺڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا، سي بنهه ڪي انڌا هئا، جيڪي سنڌ جي لاڙ واري علائقي تي سڌيءَ طرح پوندڙ ماحولياتي اثرن ۽ پوءِ سڄي ملڪ ۽ اُن جي مستقبل کي لاحق ٿيندڙ اُنهن خطرن کي ڏسي به نه پئي سگهيا!

اسان سيني ويجهڙائيءَ ۾ ٻُڌو، پڙهيو ۽ ڏٺو آهي ته ڪڏهن بنهه شهزور سڏجندڙ سنڌو نديءَ جي سُڪل پيٽ تي هاڻي ٻارڙا رانديون پيا ڪُڏن. اهو ڪو هِن سال ائين نه ٿيو آهي، سيپٽمبر-آڪٽوبر کان مارچ-اپريل جي مهينن دوران اهو لقاءُ ڪيترن ئي سالن کان باقاعدي جاري آهي، جڏهن ته ڪوٽڙي بئراج کي ڪوليو ويندو آهي. سچ پڇ ته اوهين ڪوٽڙيءَ ۽ ڪيٽي بندر جي وچ ۾ لاڙ وارن علائقن ۾ ڪاري چاڻ ۾ رهندڙ ماڻهن جي هاٺوڪي گَنن زندگيءَ جي مشڪل گذاري جو اندازو به نٿا ڪري سگهو. سامونڊي اُٿل سبب لڳ ڀڳ سڄي حيواني مخلوق خطري ۾ آهي. ڪنهن زماني ۾ وسيع ۽ عريض ميدانن تي پکڙيل، قيمتي ۽ "نيٽن نار" ٻيلا هاڻي سُڪي ۽ ختم ٿي ويا آهن. ۽ زرخيز ميدانن ۾ گاهه جو ڪو سَلو به نه ٿو ڦُٽي. مڇيءَ جا ڪيترائي قسم غائب ٿي ويا آهن. سنڌ جي مشهور "پلي" جو نسل هاڻي خطري ۾ آهي. ايشيا ۾ ننڍي کنڊ جا ڪنهن زماني ۾ اوڄ ماڻيندڙ بندرگاهه هاڻي ويران علائقا بڻجي ويا آهن.

مون کي اِها ڳالهه اجا به وڌيڪ واضح ڪرڻ ڏيو ته ماحول ۽ قدرتي



نظامِ حيات سان لاڳاپيل نباتات، حيوانات ۽ ٻيلن جي تباهيءَ جهڙا ڳنڀير معاملا ڪڏهن به زيرِ بحث موضوع ناهن رهيا. ايسٽائين جو 1919ع ۾ به نه، جڏهن سکر بئراج واري رٿا جوڙي وئي هئي. 1945ع ۾ سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ سنڌوءَ جي پاڻيءَ بابت ٿيل ناهه ۾ به فقط پاڻيءَ جي نظام بابت ڪجهه مکيه نقطن ۽ بچاءُ بندن بابت ذڪر ٿيل آهي. ڪوٽڙي بئراج منصوبو پڻ اُنهن (ماحولياتي) معاملن بابت خاموش آهي. پاڻي حياتيءَ جو وسيلو آهي، جيائپي جو گويا ساهه آهي- ۽ اُهو به تڏهن جڏهن اُهو وهندڙ هجي ۽ مستقل طور تي پنهنجي قدرتي دوري جو وهڪرو ورجائيندو رهي. قدرتي وهڪري جي دَوري بند ٿيڻ سان، اُهو بدبودار ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجي آسپاس واري ماحول کي پڻ گدلو ڪري ڇڏيندو آهي.

ماحوليات جي عالمي ماهر، ايٿلسٽَن اسپِل هاس (Athelstan Spihaus)، هڪ خيالي انساني مخلوقَ جو تصور اسان جي سامهون رکيو آهي، جنهن کي هن "ننگو ڀاڄي خور" (Naked Vegetarian) ڪوٺيو آهي. سندس اندازو آهي ته اُهڙي هڪ ننگي گدلي ڀاڄي خور کي سندس روز مرهه جي استعمال واسطي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سئو گئلن پاڻيءَ جا گهرجن. اُن پاڻيءَ جا ٻه حصا ته هو پاڻ پي ويندو ۽ باقي جيڪو بچندو سو ڪيس پنهنجي روز مرهه جي راشنَ اَنَ ۽ ڀاڄي پيدا ڪرڻ لاءِ گهرجي.

موجوده دؤر ۾ اسان ماڻهن جي اڪثريت جي صورتحال اُنهن "ننگن ڀاڄي خورن" جهڙي ناهي! حقيقت ۾ اُنهن لاءِ حالتون هڪ مهذب سماج ۾ رهندڙ شهرين ۽ سندن بنيادي گهرجن جي بنهه اُبتڙ آهن. ڇاڪاڻ ته مهذب سماج جي هڪ فرد لاءِ سندس روز مرهه جي استعمال واسطي پاڻيءَ جي کپت جو ڪاٿو به هزار گئلن روزانو لڳايو ويو آهي. اِها گهرج اسپل هاس پاران "ننگي ڀاڄي خور" لاءِ مقرر ڪيل بنيادي ايڪي کان سَت ڀيرا وڌيڪ آهي. چو ته اڄ جي عام مهذب شخص لاءِ گوشت، کير ۽ ميوي وغيره جي خوراڪ واسطي ۽ سندس عمارتن جي تعمير ۽ واپاري ۽ صنعتي مرڪزن، رستن ۽ روڊن تي هلندڙ لکين گاڏين وغيره جي استعمال لاءِ بي انداز پاڻيءَ جي گهرج به سندس ذاتي گهرج ئي آهي. پر، سنڌ ۾ لاڙ واري علائقي جا ماڻهو ته اڄ به ماڳهين "ننگي ڀاڄي خور" سماج جا شهري به ناهن. ڇاڪاڻ ته ڪوٽڙي ۽ ڪيٽي بندر وچ ۾ رهندڙ اُنهن ماڻهن کي سراسري طور تي اسپل هاس جي مقرر ڪيل ايڪي جو اڌ پاڻي به مس حاصل ٿئي ٿو ۽ اُهو به بنهه گهٽيءَ ٻوڏ يا درياهه ۾ چاڙهه وارن ڏينهن ۾. سال جو گهڻو ٽڪو عرصو اُهي ماڻهو درياهه ۾ پاڻيءَ جو ڦُڙو به نه ڏسندا آهن. ڇا، ان کان وڌيڪ ٻي ڪا نجس ماحولياتي تباهي ٿي سگهي ٿي!

سِمَ ۽ ڪلرُ پاڪستان ۾ اسان لاءِ ٻِتو خطرو آهي، جنهن سڄي ملڪ جي پيٽ ۾ سنڌ جي زمينن کي وڌيڪ متاثر ۽ تباهہ ڪيو آهي، جيئن هيٺ ڏنل انگن اکرن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو:

| صوبو | ڪل زمين ڏهہ لک ايڪڙن ۾) ڪالم (1) | ڪئنال وسيلي ڪالم (2) | گهٽو متاثر (ڪالم (3) | وچٿري متاثر ڪالم (4) | 4+3 ڪالم 2 جو في صدي |
|---|---|---|---|---|---|
| پنجاب | 23.5 | 19.7 | 2.9 | 6.7 | 48 سيڪڙو |
| سنڌ | 14.9 | 13.2 | 4.8 | 8.4 | 100 سيڪڙو |
| سرحد | 1.0 | 0.7 | 0.1 | _ | _ |

سنڌ ۾ ڪئنال رستي آباد ٿيندڙ ايراضيءَ جو 36 سيڪڙو ڪلر جي ور چڙهيل آهي، جڏهن تہ اُن جي ڀيٽ ۾ پنجاب ۾ فقط 15 سيڪڙو زمين ڪلراٺي آهي، پنجاب ۾ زرعي زمينن جو ڪلر ۽ سم ٻنهي کان 48 سيڪڙو حصو متاثر ٿيل آهي، جڏهن تہ سنڌ جي سڄي ايراضي متاثر ٿيل آهي.

سنڌ ۾ زميني پيداوار ۾ تيزيءَ سان گهٽتائي اچي رهي آهي، خاص ڪري ڪوٽڙي بئراج جي حدن ۾ ايندڙ لاڙ واري علائقي ۾ تہ خطرناڪ حد تائين گهٽ يعني چند سئو روپيا في ايڪڙ في سال جي حساب تي اچي بيٺي آهي. نتيجي طور مزدوريءَ جي اُپت پڻ ايتري قدر ئي متاثر ٿي آهي.

حقيقت ۾ اهو لاڙ يا اُتر سنڌ جو سوال ڪونهي، نہ ئي ڪو "اُتر ۽ ڏکڻ" جو معاملو آهي، اهو قومي وسيلن جي جائز استعمال يا ناجائز استعمال جو بہ سوال آهي. اِهو حقيقت ۾ هڪ قومي الميو آهي، جنهن جي جيئن پوءِ تيئن واڌ ۾ اسين پنهنجي عوام جي ساده دليءَ ۽ پورڙائيءَ (جهالت ۽ ويساهہ وسوڙپ) جو ناجائز فائدو وٺندي، دينا داستيءَ ۽ لڳاتار اضافو ڪري رهيا آهيون. فقط ڳچهہ ڳوهہ ۾ سازشون سٽيندڙ ۽ خالص حرص ۽ هٻچ ۾ ورتل "پؤتارن"_ زميني خدائن جي عيش پسند خواهشن جي پورائي خاطر_ جن جو ڪم ئي ماڻهن کي نقصانن جي عيوضي ڀري ڏيڻ يا اجتماعي قومي نقصانن جي ازالي ڪرڻ بدران عام خلق کي سندن بنيادي ضرورتن جي سامان کان محروم رکڻ ۽ سندن حقن ڪسڻ ۽ ملڪ جي قدرتي ۽ پڻ قوم جي ڪمايل دولت کي ڦُرڻ ۽ لُٽڻ آهي.

اسان کي مڃايو ويندو آهي تہ ڪيئن ۽ ڪهڙي ترقي عوام لاءِ رٿي



وئي آهي ۽ عمل ۾ آندي وئي آهي. اسان کي اهو بہ ٻڌايو ويندو آهي تہ اسين قومي رٿائون پنهنجن ايندڙ نسلن لاءِ جوڙيون ٿا پر حقيقت ۾ اسين تمام ڳنڀيرائيءَ سان پر موتمار حد تائين فقط قدرتي ماحول کي تباهہ پيا ڪريون، فقط چند هٿ ٺوڪين ٻُتن جي اجائيءَ هٻچ ۽ حرص جي تسڪين خاطر اسين پنهنجن ايندڙ نسلن جو قدرتي مَسڪن يا گهر تباهہ ڪري رهيا آهيون. انهيءَ روش کي اسين ڪهڙو نالو ڏيون؟ آزاد معيشت، يا خود مطلبي؟ امير امير تر ٿي رهيو آهي ۽ غريب غريب تر_ هيٺين ۽ غريب کي تہ هاڻي بچاءُ ۽ واهر جي بلڪل ڪا اُميد ئي نظر نہ ٿي اچي.

پاڻيءَ جي معاملي بابت ڪنهن بہ قسم جي فيصلي کان اڳ ڪنهن بہ نئينءَ ديوَ قامت (ٿل ڪئنال) جهڙيءَ رٿا جوڙڻ کان اڳ ماحوليات ۽ اُن جي موجوده حيات بخش وسيلن وچ ۾ تعلق تي اثرانداز ٿيندڙ ڳالهين بابت سنڌ جي چئن حقيقي تنظيمن سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي، ڪنسرنڊ سٽيزنس فورم سنڌ، سنڌ آبادگار ايسوسيئيشن ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان ملڪ ۽ اُن جي عوام جي سٺي مستقبل جي صدقي ۽ سنڌ جي باشعور عوام جي حيثيت ۾ اسين معلوم ڪرڻ گهرنداسين تہ:

(1) ڇا، اسين پنهنجي مليل قدرتي نظامِ حيات (Eco_System) کي تباهہ ڪري رهيا آهيون، يا اڳ ۾ ئي هندستان کي ٿي درياهہ وڪرو ڪرڻ جي نتيجي طور تباهہ ٿي چڪا آهيون؟

(2) هيءُ ٿل ڪئنال جو هڪ نئون منصبو ڪهڙيون تبديليون آڻيندو يا موجوده ان کان ڪجهہ قدر نندين پر پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي وڏن ڊيمن ماڻهن جي روز مرهہ جي طرز زندگيءَ، سندن سماجي حالت، صحت ۽ معاشي صورتحال تي ڪهڙا اثر ڇڏيا آهن؟

(3) هيناهين وهڪري جو پاڻي استعمال ڪندڙ (لاڙ وارا ماڻهو) ڪيئن يا ڪيترو متاثر ٿيندا، ڇا، اسان اُنهن جي بحاليءَ ۽ نئين سر آبادڪاريءَ بابت ڪا اڳواٽ منصوبہ بندي ڪئي آهي؟

(4) ڇا، اسين مستقبل لاءِ پنهنجن گهربل ڪن وسيلن جي حاصلات لاءِ ڪا پيش بندي ڪري رهيا آهيون؟

(5) ڇا ڪالاباغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جهڙيون رٿائون ماحول کي ايترو تہ تبديل ڪري نہ ڇڏينديون، جو پاڻيءَ جي ٻين ضروري گهرجن لاءِ_ ايستائين جو خود

زراعت لاءِ بہ_ اسان لاءِ پاڻيءَ جو استعمال ڪرڻ ناممڪن يا ناگوار ٿي پوندو؟

(6) سنڌوءَ جي هيٺاهين وهڪري وارن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن ڪي ان رٿا سبب ڪهڙن ماحولياتي اثرن کي مُنهن ڏيڻو پوندو؟

(7) مجموعي طور، عالمي خيال کان، ڇا اسين انسان ڌرتيءَ تي جاندار جنسن سان گڏوگڏ قدرتي نظامِ حيات بہ تباهہ تہ نہ ڪري رهيا آهيون؟

اسان کي وقت بوقت اِها خاطري ڏني ويندي آهي تہ هڪ نہ ڪا ٻي ڪميشن سرگرم عمل، وڌ يا گهٽ، ترت ئي مقرر ڪئي ويندي، جيڪا پاڻيءَ جي ورهاست جو اعلان ڪندي پر ان سلسلي ۾ پوري اعتماد سان ۽ صاف لفظن ۾ مطالبو ڪيو وڃي تہ هيءُ فيصلو واضح اُصولن، سالم روايتن ۽ معروف سياسي معاهدن جي روشنيءَ ۾ ٿيڻ کپي، ۽ هرگز اهڙو اعلان يڪ طرفو يا تحڪمانہ نوع جو، اٽڪلي يا عارضيءَ طرح جو قابل قبول نہ هوندو، ڇو تہ جنهن فيصلي جو انتظار آهي اُهو يڪراءِ ٿيل هوندو، قابلِ عمل هوندو ۽ اُن جي پوري عدل ۽ انصاف سان تعميل جي آئيني ضمانت موجود هوندي.

آخر ۾، آئون سنڌ جي ساجاهہ وند عوام ۽ سنڌ جي سڄڻ ڌرين کي اپيل ڪندس تہ عوامي سطح تي اهي سوال زيرِ بحث آندا وڃن. هن موقعي تي پنهنجي تمام تر ايمانداريءَ سان جيڪڏهن ڪنهن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ اُهو هيءُ تہ:
اچو تہ ڌرتيءَ تي قدرتي نظامِ حيات کي تباهيءَ کان بچايون، انساني ماحول جي بَقاءَ جو اهتمام ڪيون، پنهنجي ارادي ۽ عمل سان وطنِ عزيز جي روشن مستقبل جي ضمانت بڻجون.

⦿



# علمي ۽ فڪري مضمون

# خود مختياري ۽ آزادي قومن جو بنيادي حق آهي

سر سيد احمد خان، مغل راڄ جو نور نظر، روايتي ملوڪيت پسند، ڏاڙئي برطانوي راڄ جو ترت ئي پڪو وفادار بڻجي پيو. هو پنهنجي نون آقائن مان فائدي وٺڻ خاطر هندستان ۾ مسلمانن جي علحدگيءَ جو نظريو ڪڍي نروار ٿيو. 1882ع ۾ لڌيانا، پنجاب ۾ نوجوان شاگردن کي خطاب ڪندي تبليغي لهجي ۾ چيائين:

”ياد رکو ته ڪا قوم حقيقي معنيٰ ۾ قوم ناهي ته اها ڪجهه به ڪانهي. اسلام جي دائري ۾ ماڻهن جي شامل ٿيڻ سان ئي مسلم قوم جڙي ٿي. جيستائين اهي پنهنجي پياري مذهب جي راهه تي هلن ٿا، تيستائين اهي هڪ قوم آهن. ياد رکو ته اوهان کي جيئڻو مرڻو اسلام ۾ آهي ۽ رڳو اسلام جي سربلنديءَ سان ئي چئي سگهون ٿا ته اسان جي قوم واقعي هڪ قوم آهي. پيارا ٻارو، جيڪڏهن ڪو آسمان جو تارو ٿي پوي پر اسلام تي هلڻ ڇڏي ڏئي، ته پوءِ اُهو اسان جي ڪنهن ڪم جو ڪونهي. ائين هو اسان جي قوم جو فرد به نه ٿو رهي. اسلام جي سربلنديءَ جو مطلب ئي آهي قومي ڀلائي“!(1)

يارهن سالن کان پوءِ 1893ع ۾ هن لکيو:

”ڪانگريس جون تجويزون (خود-حڪمرانيءَ جي حق ۾) ڪنهن اهڙي ملڪ لاءِ جتي به مختلف قومون آباد هجن بلڪل نامناسب آهن. هاڻ فرض ڪريو ته انگريز هندستان مان هليا ٿا وڃن.... ته پوءِ هندستان جو حڪمران ڪير ٿيندو؟ ڇا اهو ممڪن آهي ته اهڙين حالتن ۾ ٻه قومون- مسلمان ۽ هندو- هڪڙي ئي تخت تي چڙهي ويهن ۽ اختيارن ۾ برابر هجن! يقينن نه. ضروري آهي ته اُنهن مان



هڪڙي قوم ٻيءَ کي زير ڪري مٿس فتح حاصل ڪري. ٻنهي جي برابريءَ جي اُميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ جي برابر آهي.“

سر سيد احمد خان کي هن ڳالهه جو ڪوئي احساس ڪونه هو ته جيڪڏهن مذهبن جا سڀ پيروڪار انهيءَ ئي طريقي سان اچ پاڻ کي قوم سمجهي ۽ سڏائي هلن، ته دنيا ۾ ڪهڙي قسم جو عالمي معاشرو وجود ۾ ايندو ۽ رهندو!(2)

ٻارهن سالن کان پوءِ، 1906ع ۾، عالي جناب سر سلطان محمد شاهه آغا خان، هڪ ٻيو ڇڙو ملوڪيت جو پيدائشي وفادار، حڪومتِ وقت جو طرفدار بڻجي پيو. والا شان لارڊ منٽو جي سڏ تي تقريبن 32 چونڊ مسلم وفادارن جو وفد گڏ ڪيائين، جن ۾ شهزادا، ملڪ، نواب، سردار، جاگيردار ۽ زميندار هئا. تن کي وٺي سِملا ۾ وٽس ويو ۽ اتي اڳ ۾ ئي تيار ٿيل عرضداشت پڙهي ٻڌايائين، جنهن ۾ مسلمانن لاءِ الڳ ووٽ جي سرشتي جي گهر هئي، انهيءَ وقت ڏاري، لارڊ ڪرزن تحت بنگال جي علائقائي تقسيم ناڪام ٿي چڪي هئي، جيڪا هندستان تي سامراجي گرفت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيل هئي. ضروري ٿي پيو هو ته هندستان ۾ مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ هڪ پائيدار ويڇو هجي، ته جيئن سياسي اختيارن جي شطرنج جي بساطَ حڪومت وقت جي ئي هٿ وس رهي ۽ مسلمانن ۽ هندن جي سياستَ برطانوي حڪمرانن جي مرضيءَ مطابق رهي. جناب سر آغا خان پنهنجي عرضداشت جي اختتام ۾ جناب وائسراءِ سان هنن عاجزيءَ ۽ شڪر گذاريءَ وارن لفظن سان مخاطب ٿيو:

”هن عرضداشت ۾ ظاهر ڪيل هندستان جي معاملن ۾ اڳيرائيءَ لاءِ اوهين هن مرحلي تي مسلم راڄ جي مدد ڪري. انهن جي پُختيءَ وفاداريءَ جا بنياد مضبوط ڪندا ۽ هنن جي سياسي اڳيرائي ۽ قومي خوشحاليءَ جو بنياد وجهندا ۽ اوهان جو نالو هنن جي ايندڙ نسلن تائين شڪر گذاريءَ سان ياد ڪيو ويندو ۽ اسان کي اميد آهي ته اوهين نوازش فرمائي اسان جي التجائن ڏانهن جوڳو ڌيان ڏيندا....“

برطانوي انديا جي وائسراءِ صاحب، بلاشبه سمورن تڪلفات ۽ ڪوڙ ساريءَ نوازش سان وفد جي التجا منظور ڪئي، جيئن ائين ڪرڻ لاءِ هو اڳ ۾ ئي تيار ويٺو هو. ڇو ته عرضداشت جي تياري ۽ منجهس ميڙون منٿون ۽ گهُرون هن جي پنهنجي پسند ۽ عين اُمنگن پٽاندر ئي هيون. (3)

پنجاب جو ڊاڪٽر سر محمد اقبال، برطانوي سلطنت جي مسلم جانبازن مان ٿيون ڄڻو جيڪو هندستان ۾ مسلمانن جي مٿئين طبقي جي معزز شخصيت هو.

هڪ جڙتو جدت پسند، فهم پسند گهٽگهري شخص کان وڌ مُلپائيءَ ڏانهن مائل، سياسي حلقن ۾ پنهنجي هڪ خطبي ۾ "خواب" ڪري اڄ بہ گهڻو ڄاتو وڃي ٿو. جيڪو هن 1930ع ۾ الله آباد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي هڪڙي اٽپوري ڪورم آڏو پڙهي ٻڌايو هو. هن پنهنجي ان طويل ۽ نهايت ئي جذباتي خطبي ۾ اسلام کي هن انداز ۾ پيش ڪيو هو تہ اسلام "هڪ اخلاقي آئيڊيل، هڪ يقيني قسم جي جڙيل رياست، هڪ اهڙو سماج جيڪو پنهنجي نمايان انساني ربط ۽ باطني ايڪتا سان هو... انساني روش جو هڪ سرشتو... هڪ اهڙي تقدير جيڪا ڪڏهن ڪانہ جهُرندي.. حڪومت سان ٽڪراءُ ڪائيندڙ دين نہ پر هڪ اهڙي رياست جيڪا تعميري تنظيم ۽ قانوني سرشتي سان هلندڙ جنهن ۾ مخصوص اسلامي روح ڪاربند هو جنهن انساني ايڪي کي روح ۽ مادي جي دوئيءَ ۾ بہ ٽڪر نہ ٿي ڪيو... (سچ پچ تہ اِنهن ڳالهين سان هو عالم اسلام جو هڪڙو مارٽن لوٿر پئي لڳو)... منجهس يعني اسلام ۾ قرون وسطيٰ واري ڪليسا ڪانہ هئي، جنهن تباهي آڻيندڙ مارٽن لوٿر کي ڪوٺ ڏني هئي. اسلام ۾ مادو ئي روح آهي، جيڪو زمان ۽ مڪان ۾ موجود آهي.... اهو هندستان جي مسلمانن جي زندگيءَ ۾ مکيہ تشڪيل ڏيندڙ عنصر ٿي رهيو آهي.... شايد هندستان ئي دنيا ۾ اهو واحد ملڪ آهي جتي اسلام جي بهترين ترويج ٿي آهي." (!!)....(4)

اسلام جي هن سچي ساري وڻندڙ پيشڪش سان ڊاڪٽر سر محمد اقبال "هندو- مسلم" مسئلي جي حل لاءِ تجويزن جو سيٽ ڪٽي ظاهر ٿيو جنهن کي هن "هندستان جو سياسي مسئلو" ٿي سڏيو- ۽ اهو حل ئي سندس "وڏو خواب" ڄاتو وڃي ٿو: هن چيو تہ "يورپي جمهوريت جو اُصول، هندستان ۾ هندستان جي قومي ڏڙن کي تسليم ڪئي بغير لاڳو نہ ٿو ڪري سگهجي.... هندستان اندر مسلمانن لاءِ مسلم انڊيا جي تخليق وارو مسلمانن جو مطالبو بلڪل صحيح آهي.... ذاتي طرح، آءٌ پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان کي هڪڙيءَ رياست جي صورت ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو. منهنجي گهُر آهي تہ اسلام ۽ انڊيا جي بهتر حق ۾ اها مسلم رياست تشڪيل ڏني وڃي.

انڊيا ۾ ان تشڪيل مان مراد آهي اندروني اختيارن جي توازن جي نتيجي ۾ برآمد ٿيل امن ۽ سلامتي.... علاوه ازين، هندستان جي اُتر اولهہ وارا مسلمان هندستان لاءِ بيروني حملي يا جارحيت لاءِ بهترين بچاءُ ڪندڙ ثابت ٿيندا، پوءِ اهو حملو ڀلي اُتر- اولهہ [سوويت يونين] طرفان نظرياتي حملو هجي يا هٿياربند حملو



هجي... اڄ بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هندستان جي فوج ۾ 62 سيڪڙو پنجاب جا مسلمان شامل آهن....

"ان مُلڪي تشڪيل منجهان مراد آهي 1- اسلام کي ان الزام کان بہ آجو ڪرڻ جيڪو عرب سامراج جي ڪري ان تي لڳايل آهي، ۽ 2- اسلام جي قانون، تعليم ۽ ثقافت کي تحرڪ ۾ آڻڻ ۽ اُنهن کي جديد دؤر جي تقاضائن سان قريب تر ڪرڻ.... هندستان جي انيڪ آبهوائن، نسلن، زبانن، تاريخ، مذهب ۽ معاشي مفادن جي پيش نظر، رڳو هڪڙو ئي رستو آهي تہ هندستان ۾ اهو هڪ مستحڪم آئيني جوڙجڪ قائم ڪجي."(5)

ڪيڏي نہ استاديءَ واري سندس هيءَ ڳالهہ هئي! اِن ۾ سچ پچ تہ گروهي مفاد واريءَ هڪ بهترين ڳلتيبازيءَ جو وڏو حصو پنهنجي مقصد جي حصول تائين پڌرو نظر اچي ٿو. خصوصاً ان جو منڍ ۽ پڇاڙي خاص طور واهہ واهہ ڪرائڻ لاءِ لاجواب ئي نظر آيو!

چوٿين شخصيت سنڌ ڄاول محمد علي جناح جي هئي، جيڪو پيڙڪو ڏيئي اُڀريو ۽ خود چونڊيل يڪ رخي واٽ واريءَ سياست تي ڇانئجي ويو. مٿس سر آغا خان جي مذهب جو ٺپو برابر لڳل هو پر بذات خود ڪنهن بہ فرقي سان تعلق ڪونہ ٿي رکيائين. بيروني تعليم يافتہ، حليو انگريز جينٽلمين وارو، شروع ۾ تقريبن مذهب کان لاتعلق، سرمائيدار جمهوريت پسند، جداگانہ ووٽ جي سرشتي تحت مقننہ جي سيٽن تي چونڊبو رهيو پر اُن سرشتي جي خلاف هن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو.... مختصراً ائين ڪٽي چئجي تہ هو قانون دان هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪيس لاءِ مستقل مقابلو ڪندڙ هو... انڊين نئشنل ڪانگريس ڇڏي، ۽ پوءِ آل انڊيا مسلم ليگ ۾ پوريءَ سنجيدگيءَ سان 1930ع جي وچ ڌاري شموليت اختيار ڪيائين ۽ آخر تائين ان جي صدارت ماڻيندو رهيو.

سياست کي "اقتدار جي ويڙهہ" ۽ نہ ڪنهن "انصاف يا انصاف پسنديءَ لاءِ جدوجهد" سان تعبير ڪندي (حوالو: سندس صدارتي خطبو آڪٽوبر 1937ع، لکنؤ)، هُن نيٺ سر سيد احمد خان جي مسلمانن جي علحدگيءَ واري فارمولي ۽ بعد ۾ ڊاڪٽر سر محمد اقبال جي ٻڌايل نقشي کي اختيار ڪري ورتو-"پنجاب، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جو اِلحاق." اڳتي هلي انهيءَ ۾ اضافو ڪيو ويو تہ جيئن "برصغير ۾ مسلمانن جي ٻن وڏن علائقن" وارو خيال واضح ٿئي- هڪڙو علائقو اهو جيڪو ڊاڪٽر اقبال ٻڌايو ۽ ان سان "اُتر اولهہ انڊيا جي سرزمين ڪشمير، ۽

ٻيو علائقو بنگال صوبو بشمول اُتر اوڀر ۾ واقع آسام جو سلهٽ ضلعو“ جيڪو بنگالي ڳالهائيندڙن تي مشتمل هو.

هندستان ۾ هي مسلم اقتدار جو تصور قومن جي حيثيت ۾ جن مان هرهڪ کي بذات خود جدا هڪ وجود هو- يعني پنجابي، ڪشميري، پختون، بلوچي، سنڌي ۽ بنگالي- تن سڀني کي ملائي فقط مذهب جي بنياد تي هڪڙي قوم سڏيو ويو- يعني ”مسلم يا پاڪستاني قوم“، جا بلڪل هڪ نئين ڳالهه هئي. آل انڊيا مسلم ليگ پاڻ ئي مارچ 1940ع واري لاهور رزوليوشن ۾، جنهن کي قرارداد پاڪستان بہ سڏجي ٿو، انهن مان هرهڪ قوم لاءِ وفاقي رياستن جي صورت ۾ حاڪميت ۽ خود مختياريءَ جو درجو تسليم ڪيو هو- هڪڙي وفاقي رياست اُتر اولهہ ۾ ۽ هڪ ٻي خود مختيار رياست هندستان جي اُتر اوڀر ۾. غير مسلم ماڻهن کي ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي انهن ٻنهي حصن مان هجرت ڪرڻي ڪانہ هئي، نہ وري باقي هندستان ۾ رهندڙ مسلمانن کي پنهنجا پراڻا ڪک ڇڏڻا هئا. اهو سڀ ڪجهہ قرارداد پاڪستان ۾ متفقہ طور واضح ڪيو ويو هو.

حاڪميت ۽ خود مختياري قومن جو بنيادي حق آهي، ۽ ان جو قومن سان واعدو پڻ ڪيو ويندو آهي: قومن جي مساوات جو اصول، آدمشماريءَ ۽ ايراضيءَ جي ڳالهہ کان قطع نظر، اهو حق ماڻڻ لاءِ قوم جي سڃاڻپ جو بنيادي شرط آهي. برطانوي پارليامينٽ بذات خود، ڪيترن ئي مرحلن تي، هندستان ۾ بشمول سنڌ، صوبن جي قومي حق کي تسليم ڪيو هو تہ هو عام راءِ وسيلي پنهنجي آئيندي جو فيصلو ڪري ۽ ڪهڙي بہ هڪڙي وفاقي اتحاد سان وڃي ملن.“(6)

خود مختياريءَ ۽ حاڪميت جي صاف ۽ سڌي حق جو واعدو سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين اڪائين سان آل انڊيا مسلم ليگ طرفان پاڪستان سان الحاق ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ وقت قبوليو ويو هو. تقريباً آخري گهڙين ۾ بنگال پنهنجي آزاديءَ جو اظهار ڪيو هو ۽ ان جي صوبائي ڪانگريس ۽ ليگ ٻنهي گڏجي آزاديءَ سان رهڻ جي تجويز بہ پيش ڪئي هئي. جي ايم سيد تہ ان طرح سنڌ لاءِ آزاد وطن ۽ آزاد قوم جي گهُرَ ڪٺي سملا ويو. تقسيم ٿيل بنگال ۽ پنجاب سان هندستان جو ورهاڱو بهرحال اسان جي نصيب ۾ گونگيءَ چپ جيئن، جيڪو انگريز پارليامينٽ آخري گهڙيءَ ئي تجويز ڪيو- ۽ ڪانگريس ۽ ليگ جا اڳواڻ ان کي ڇُوٽو سمجهي چنبڙي پيا ۽ انڌ ۾ اچي انهيءَ کي غنيمت ڄاتو ويو.(7)

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، رويي ۽ مقصد جي نوعيت جا اختلاف



وڏيءَ اڪثريت واري پنجاب کان سواءِ صوبن ۾ ظاهر ٿي پيا، ۽ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وڌنداويا. اهو جهڳڙو ڪيئي سال جاري رهيو ۽ ملڪ جي انتظامي ۽ پارلياماني معاملن ۾ وڏا وڏا لوڏا ايندا رهيا. ۽ پوءِ انهن جي نتيجي ۾ ملڪ ٽُٽي بہ ويو ۽ اوڀر پاڪستان هميشہ لاءِ الڳ ٿي ويو. بہ وڏيون ”مسلم“ رياستون جيڪي دراصل مسلم ليگ جي مارچ 1940ع واري رزوليوشن ۾ رٿيون ويون هيون، ۽ حقيقي وفاقي جوڙجڪ واريءَ واحد رياست جي مساوي ايڪن سان بہ ملڪ کي ٽڪرا ٿيڻ کان بچي پئي سگهيو. پر اولهہ پاڪستان، ڊاڪٽر سر محمد اقبال جو خوابي دنيا جو ڳانڍاپو، جيڪو اصل ۾ هڪ وحداني رياست قائم ڪرڻ متعلق هو، جنهن ۾ رڳو ”اسلام جي روح جو ئي چرچو ڪافي ٿي ٿيو“. سو سبق سڪندي ۽ سيڪاريندي ناڪام ٿي ويو، ۽ حسد ۽ آمريت وارو رويو ڪٺي واحد اڪثريت واري پنجاب جي چوڌرائپ ننڍين ٽن يونٽن مٿان مڙهڻ خاطر، ان جي عددي برتريءَ ۽ گرفت ذريعي جا ڪيس سول ۽ فوجي اسٽئبلشمينٽ مٿان حاصل هئي، جيڪا ڪين پنهنجن اڳين آقائن وٽان سچ پچ تہ انعام ٿيل ئي هئي، اجا بہ اڳتي وڌندي وئي. غير برابريءَ وارن ايڪن جو ڳانڍاپو هڪ ڏنار جي لٺ هيٺ ”شراڪت ۽ ڀائپيءَ جي قيل و قال“، جو نتيجو ڪمزور ايڪن جي زندگيءَ کي ان تحت خالصتاً دوزخ بڻائڻ جي ئي برابر نڪتو ۽ اُن ننڍڙن رسدار ايڪن تي مٿان آسمان تي پرواز ڪندڙ حريصانہ نگاهہ واري هڪ شڪاري پرندي کي انهن تي گهت هڻي هڪ بہ چنهنبون هڻڻ تي آماده ئي ٿي رکيو! پاڪستان جي گذريل ڇهن ڏهاڪن دوران انهن رهيل ٽن ايڪن جِي چوٽين غالب ايڪي هٿان بلڪل اهائي صورتحال رهي آهي.

اِئين سنڌ لاءِ تہ خصوصاً اهو هڪ جواب طلب سوال رهيو تہ منظر تي مَهُوڙ پاڪستان جي نمودار يءَ مان سنڌ ۽ سنڌ واسين کي ڪڏهن ڪهڙو لاڀ پلئہ پيو آهي!

ان تناظر ۾ جيڪي هلتون سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻن ايڪن سان روا رکيون ويون آهن، تن جي ختم نہ ٿيندڙ ڪهاڻي ٻُڌائڻ لاءِ ڪاغذن سان ميز ڀرجي ويندي. سنڌ جي پُرامن ايڪانيت واري سماج ۾ پاڪستان، اندران ۽ ٻاهران ماڻهن جا ڪٽڪ گهرائي، سنڌس قومي اڪثريت کي اڌ مئو ڪري، پنهنجي ئي ديس ۾ ان جي حڪمرانيءَ کي غير يقيني بڻايو ويو. زبان ۽ ان جي ثقافت کي ٽئين درجي جي اهميت وارو بڻايو ويو. سندس مادري زبان وسيلي واريءَ تعليم کي نست ۽ ناڪاره ڪيو ويو. پنجاهہ سيڪڙو کان وڌيڪ سنڌن عوام کي غربت جي کڏ ۾ اُڇلايو ويو.

ڪين ڳري محصول هيٺ آندو ويو انهيءَ دابي سان تہ مرڪز وٽان پڻ جي صورت ۾ ڪين ملندو ڪانئن ورتل محصول جو بمشڪل ڇهون حصو. سنڌ ئي گاديءَ واري شهر ۾ سنڌي نوجوانن جي ملازمت جي حق کي داءُ تي لڳايو ويو. سنڌ اهم شهري مرڪزن کي انهن لاءِ پراوا علائقا بڻايو ويو. شهزور سنڌوءَ جي وهڪرن کي بيهاريو ويو. جنهن پنيان مٿن نالو پيو آهي ۽ جيڪو سنڌ زندگيءَ جو اهم ذريعو آهي، تنهن جي باقاعده رستي روڪ ڪئي وئي. سنڌ معاشي ذريعا ۽ سنڌ زراعت ۽ ڪل معدنيات خطرناڪ حد تائين ڌارين جي قبضي هيٺ آهن! اهو سڀ ڪجهہ ان مشڪوڪ ۽ قومي نظرئي مسلم/ هندو جي قربان گاهہ جي آڙ ۾ ڪيو ويو ۽ واڌو غضبناڪ ڳالهہ اِها تہ اُن مقدمي ڪٽڻ کان فوري بعد مسٽر جناح خود ان نظرئي تان ئي هٿ کڻي ويو ۽ پنهنجي اصيلن ۾ اها صلاح ڏيڻ ۾ ويرم ئي ڪانہ ڪيائين تہ هو ان کي بي سود ۽ بيڪار سمجهي ترڪ ڪري ڇڏين!

ڊاڪٽر سر محمد اقبال جي پنجاب واري "الحاق" واري ڪهاڻيءَ تي وري اچون ٿا. يعني برصغير جي اُتر اولهہ ۾ پاڪستان جو باقي بچيل حصو 1971ع ۾ تمطراق سان متحد ٿيو ۽ 1973ع ۾ اُن پنهنجو آئين بہ بڻائي ورتو. اهو حقيقت ۾ پهريون حقيقي آئين هو. جيڪو "پاڪستان" کي چوويهن سالن کان پوءِ مليو هو. سو بہ رياست جي ٻن ٽڪرن ۾ ٽٽڻ کان پوءِ. جڏهن تہ هندستان پنهنجي آزاديءَ کان بہ ادائي سال پوءِ ئي آئين جوڙي ورتو هو. انهيءَ دوران، پاڪستان ۾ بہ دفعا مارشل لا لاڳو ٿيو. پهريون دفعو 1958ع ۾ ۽ ٻيو ڀيرو 1969ع ۾. ان کان پوءِ بہ پاڪستان ۾ بہ دفعا مارشل لا لاڳو ٿيو آهي، 1977ع ۾ ٻارهن سالن لاءِ ۽ 1999ع ۾، جيڪو بنهہ هاڻي لٿو آهي.

جيستائين 1973ع جي آئين جي خوبيءَ جي نوعيت جو تعلق آهي تہ مغرب جي اڪثريت ۽ اقليت جي اُصول تي ٻڌل، اسان وٽ ان جو واضح اپياس موجود آهي، جيڪو پوليٽيڪل سائنس سوسائٽي پبليڪيشن آف سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو جي رسالي "پوليٽيڪو" طرفان ڇپجي بہ چڪو آهي. "پاڪستان جو 1973ع وارو آئين ۽ صوبائي خود مختياري" جي عنوان تحت سيد ظفر حسن، اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو جاگرافي، يونيورسٽي آف سنڌ. اُن ۾ هيٺيون ڳالهيون بحث هيٺ آنديون آهن:

"ملڪ جو آئين جوڙڻ دوران صوبائي خود مختياري تمام حساس ۽ بحث طلب پهلو رهيو آهي.



"ان ڳالهہ تي بحث ئي ڪهڙو تہ ملڪ جي جاگرافيائي ۽ لساني جوڙجڪ اڳوڻي غير منقسم هندستان مان ڪوري ڪڍيل اڪائين سان جن کي صوبا چيو وڃي ٿو، سي ملڪ کي وفاقي رياست بڻائين ٿا يا ساهہ نپوڙيندڙ مرڪزائون ايڪو؟ ملڪ جي لساني اِڪاين کي ان طرح چيپاٽڻ سان ئي صوبن کي فطري طرح اهو احساس ٿئي ٿو ۽ خوف وٺي ٿو تہ صوبائي خود مختياري ايتري تہ هئڻ گهرجي جو اُن ۾ سنڌ ثقافت ۽ زبان جي حفاظت ٿئي ۽ سنڌ الڳ سڃاڻپ قائم رهي! اهو ئي سبب آهي جو گهٽ آباديءَ وارا صوبا شروع کان صوبائي خود مختياريءَ ۽ پنهنجي جياپي لاءِ پرشور مطالبا ڪندا رهيا آهن.

"خود 1973ع واري پاڪستان جي آئين تي ڇِتائي نگاهہ وجهڻ سان پتو پوندو تہ آئين ۾ بمشڪل ڪا صوبائي خود مختياري بہ مليل آهي!

"چوٿون شيڊول جيڪو آئين جي آخر ۾ آرٽيڪل 70 (6) جي وضاحت ۾ ڏنو ويو آهي، تنهن ۾ رڳو ٻہ قانون سازيءَ جون فهرستون آهن. هڪڙي وفاقي قانون سازيءَ جي لسٽ آهي ۽ ٻي ڪنڪرنٽ لسٽ آهي. صوبائي قانونسازيءَ جي لسٽ تہ سري کان آهي ئي ڪانہ. هن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ صوبن لاءِ ڪي بہ اختيار بلڪل ڪونهن. ڪنڪرنٽ لسٽ البتہ وفاق ۽ صوبن جي ٻنهي ڪنٽرول جو ڏس ڏئي ٿي پر اُتي بہ ڪنهن تڪرار جي صورت ۾، وفاق جو فيصلو حرف آخر هوندو! (آرٽيڪل 143).

صوبائي اسيمبليءَ جو ڪوبہ اهڙو قانون جيڪو پارليامينٽ جي قانون جي برعڪس هوندو، جنهن کي رائج ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ وٽ اختيار آهي، يا ڪنهن بہ موجوده قانون ۾ رکيل شرط جيڪو ڪنڪرنٽ لسٽ ۾ ڄاڻايل معاملن متعلق هوندو، تہ پوءِ پارليامينٽ جو قانون، پهريان تہ صوبائي اسيمبليءَ جي قانون کان اڳ يا پوءِ پاس ڪيو ويو هجي، يا جيئن بہ صورتحال هجي، تہ اڳيون قانون پوءِ بہ لاڳو رهندو ۽ صوبائي اسيمبليءَ جو قانون باطل ٿي ويندو.

"آخر ۾ آرٽيڪل 251 ۾ قومي ٻوليءَ متعلق. سچ پچ تہ حيران ڪن ڳالهہ آهي، جو نہ رڳو ٻولي، جيڪا اقليت جي ٻولي آهي، يعني "اردو" تنهن کي قومي ٻولي بڻايو ويو آهي، پر ٻين ٻولين جي جائز درجن جو تذڪرو بہ ڪونهي ڪيو ويو! اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ ٻيءَ ٻوليءَ کي ائين حذف ڪرڻ مان پتو پوي ٿو تہ جنهن بہ اِڪائيءَ جي اردوءَ کان سواءِ ٻي مادري زبان آهي، تنهن جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڪا بہ آئيني گارنٽي ڪانهي! آرٽيڪل 251(3) ۾ لکيل آهي:

”قومي زبان جي مرتبي جي ٽڪراءَ کان سواءِ، صوبائي اسيمبلي قانوني طرح تعليم لاءِ قومي ٻوليءَ کان علاوه صوبائي ٻوليءَ جي استعمال ۽ واڌاري لاءِ به اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي“!

”هن شق اڻلو قومي ٻوليءَ کي آئيني گارنٽي فراهم ڪئي ته قومي ٻولي ڪنهن به ٻيءَ ٻوليءَ کي ائين وڌڻ نه ڏيندي جنهن سان قومي ٻولي متاثر ٿئي. سچ پچ ته ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته اهڙي هڪ شق هجي ها ته قومي ٻوليءَ جي اعليٰ مقام کي اهڙي انداز ۾ وڌايو نه ويندو جنهن سان ننڍيون ٻوليون متاثر ٿين.

”وفاقي لسٽ جي حصي پهرين نمبر 6 ۾ لکيل آهي:

”ٻاهر کان يا ملڪ جي اندران صوبي ۾ يا وفاقي دارالحڪومت ۾ ماڻهن جي هجرت!“

اِن سان اِهي سمورا اختيار وفاق کي ملي وڃن ٿا. ڪابه صوبائي حڪومت ٻين صوبن مان يا ٻاهران ايندڙن جي نئين آباديءَ جي روڪ خاطر قانون نه ٿي ٺاهي سگهي.

”اختيارن جي صوبائي لسٽ جي عدم موجودگيءَ مان پتو پوي ٿو ته صوبن کي ڪوبه خصوصي اختيار ڪونه ڏنو ويو. جيڪو صوبائي اسيمبليءَ جي دائري ۾ هجي ۽ اُن تي پارليامينٽ جو اختيار نه هلندو هجي. ان طرح صوبائي خود مختياريءَ جو مسئلو هڪ طرف وڏي صوبي ۽ ننڍن صوبن جي وچ ۾ ۽ ٻئي طرف ننڍن صوبن ۽ وفاقي حڪومت جي وچ ۾ ڳنڀير خلا جي صورت ۾ تڪراري ۽ قابلِ بحث ئي رهڻ ڏنو ويو.“

ته پوءِ هن گهٽيءَ مان، هڪ اونداهي گهٽيءَ مان نڪرڻ جو ڪهڙو رستو آهي؟ جڏهن حالت اها هجي، جو اتان ٻاهر اچڻ ضروري به هجي! اسان مان ڪي هن خيال جا آهن ته جتي ۽ جيئن به اسين آهيون اتان نڪرڻ جي ڪابه صورت ڪانهي. وڏي ڳالهه اها به آهي ته اتي اسين پنهنجيءَ حماقت جي ڪري ئي آهيون. پر فطرتي ۽ تاريخي حقيقت هيءَ به آهي ته جو ڪجهه به هجي، اسين ڪنهن ناممڪن صورتحال ۾ قائل ناهيون، پر جيڪڏهن اسان ائين نه مڃيو ته پوءِ اها اسان طرفان وڏي حماقت ئي هوندي، جو هٿ هٿ تي رکي ويهي رهون ۽ ڪجهه به نه ڪريون. بدترين صورتحال ۾ به قومون جيئنديون رهيون آهن ۽ انهيءَ مان ٻاهر نڪري آيون آهن ۽ وڏيون ويجهيون آهن ۽ ڪاميابيءَ ۽ شان و شوڪت جي بلندين تي وڃي رسيون آهن. 1983ع جي ڳالهه آهي، جڏهن بدترين



تنگ نظر فوجي آمر ضياءُ الحق اڪيلي سر حڪومت ڪري رهيو هو، تڏهن سنڌ نئشنل فرنٽ ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي قابلِ قدر قيادت گڏجي ويهي هي ٻه دستاويز پيش ڪيا، (1) ”ڪنفيڊريشن...ٻاهر نڪرڻ جي راهه“. ۽ (2) ”سنڌ پڌرنامو“. جيڪي سنڌ واسين لاءِ نئين سر حڪمت عمليءَ جا دستاويز هئا. جن تحت سنڌ لاءِ پنهنجا سِر ڏئي ۽ پاڪستان ۾ شموليت رکندي، هو پنهنجي آزاديءَ واري حق جي حصول لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهيا ٿي.

**دستاويز پهريون:**

ڪنفيڊريشن ـ ٻاهر نڪرڻ جي راهه:

جمهوريت جي بحالي، اُن جو دوام ۽ حفاظت:

آئين ۽ قانون جي بالادستيءَ جي يقين دهاني:

هر قسم جي آزادي ۽ فطري ۽ بنيادي انساني حقن جي بقا:

مارشل لا ۽ فوجي راڄ کان تحفظ:

صوبن جي حقن جو تحفظ بطور ”آزاد“ ۽ ”خود مختيار“ رياستن جي:

هڪ صوبي جو ٻئي صوبي هٿان تسلط ۽ محروميءَ کان بچاءُ:

هڪ صوبي جو ٻئي صوبي هٿان دولت جي ذريعن ۽ موقعن جي غصب ٿيڻ کان بچاءُ.

هر صوبي جي خوشحالي، ترقيءَ ۽ بهبود کي يقيني بنائڻ:

صوبن وچ ۾ سيني نفرتن ۽ شڪ شبهن کي دور ڪرڻ:

صوبن وچ ۾ ڀائپي ۽ دوستيءَ وارا تعلقات وڌائڻ:

هِن سڀ لاءِ ڪنفيڊرل ڍانچو هئڻ ضروري آهي.

ڇهن سالن کان لاڳيتو قومون فوجي آمريت، ون يونٽ، ۽ عدم مساوي وفاقيت جي نظام سان دوچار رهيون آهن. انهن مان ڪو هڪ وسيلو به ڪارگر ثابت نه ٿيو آهي، اٽلندو خوفناڪ صورتحال پيدا ٿيل آهي. هنن سڀني نظامن ۾ جا مشترڪ برائي آهي سا آهي حاڪماڻن اختيارن جي مرڪزيت. اهو ڪو خدائي فرمان ڪونهي ته پاڪستان ۾ لازمي طور ڪل اختياري مرڪوز هجي، حقيقت ۾ اهو تصور قرارداد پاڪستان جي برعڪس ۽ ان جي انحراف ۾ آهي، جو مسلم ليگ پنهنجي ڪنوينشن ۾ پاس ڪيو هو جنهن جي صدارت 23 مارچ 1940ع ۾ لاهور ۾ قائداعظم محمد علي جناح ڪئي هئي. هن قرارداد مطابق پاڪستان

"آزاد" ۽ "خود مختيار" اڪاين تي مشتمل رهڻو هو ۽ انهن ئي بنيادن تي هندستان ۾ مسلم اڪثريت وارن علائقن ورهاڱي کان اڳ پاڪستان سان گڏجڻ جي چونڊ ڪئي هئي.

قرارداد پاڪستان جا قانوني شرط ڪنفيڊرل ڍانچي جي روح مطابق لازمي طرح هنن بنيادي اُصولن تي مبني هئا:

1. صوبن کي "آزاد" ۽ "خود مختيار" رياستن طور تسليم ڪيو ويندو. صوبا پنهنجي مرضيءَ سان وفاق ۾ رهندا ۽ پنهنجي حاڪميت جا جزوي حق رضا خوشيءَ سان ڪنفيڊريشن جي آئين ۾ مرڪز کي سونپيندا.

2. ڪنفيڊريشن کي رياستون جيڪي اختيار سونپينديون، سي هينين ڪاتن تائين محدود هوندا:

(الف) بچاءُ.

(ب) پرڏيهي اُمور.

(ج) ڪرنسي.

(د) بين الرياست ۽ بين القومي ابلاغ، بشمول مواصلات.

(ر) معاشي سهڪار ۽ شين جي بين الرياست چُرپُر، بشمول محصول لاڳو ڪرڻ ۽ رياستن ۾ ٿيندڙ جهيڙن جو نبيرو.

(ز) ڪنفيڊرل مجلس قانون ساز جون چونڊون.

3. ڪنفيڊريشن جو سربراهه واري واري سان رياستن مان ٿيندو رهندو ۽ اُهو رياستن ۽ ڪنفيڊرل مجلس قانون ساز جي گڏيل اجلاس ۾ چونڊيو ويندو.

4. رياستن ۽ ڪنفيڊرل مجلس قانون ساز جون چونڊون بالغ حقِ انتخاب تحت ٿينديون، رياستن کي ڪنفيڊرل مجلس قانون ساز ۾ مساوي نمائندگي هوندي.

5. ڪنفيڊريشن جي حاڪم طرفان ڪنفيڊرل اختياريءَ جو استعمال گڏيل مفادن واري ڪائونسل (ڪئبينيٽ) وسيلي ڪيو ويندو. ان ڪائونسل کي رياستن طرفان برابريءَ واري نمائندگي هوندي.

6. محصول لڳائڻ جا اختيار رياستن وٽ هوندا.

7. مسلح افواج ۽ غير فوجي محڪمن کي هلائڻ لاءِ ۽ انهن جا فرض پورا ڪرڻ ۾، ڪنفيڊريشن فنڊ جو اهتمام ڪندي، جنهن لاءِ رياستون متفقه فارمولي



تحت پنهنجو پنهنجو حصو ڏينديون.

8. هر رياست کي پنهنجي هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ (اپيل لاءِ آخري ڪورٽ) هوندي. هڪ ڪنفيڊرل ڪورٽ هوندي، جنهن کي پنهنجي اصل دائري سميت رياستن وچ ۾، رياست ۽ ڪنفيڊريشن وچ ۾، تڪرارن جي نبيري ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ ڪنفيڊرل حلقي اختيار سان لاڳاپيل معاملن ۾ اپيل جي ٻڌڻ جو به اختيار هوندو.

### دستاويز ٻيو:

## سنڌ پڌرنامو

جيئن ته پاڪستان 1940ع ۾ لاهور ۾ پاس ڪيل "قرارداد پاڪستان" جي بنياد تي وجود ۾ آيو هو؛

جيئن ته قرارداد پاڪستان ۾ وفاقي اڪاين لاءِ وڌ ۾ وڌ خود مختياريءَ جو خيال موجود آهي، جن کي "خود مختيار ۽ خود اختيار رياستن" جو درجو حاصل هوندو؛

جيئن ته 1943ع ۾ سنڌ واسين سنڌ اسيمبليءَ جي پنهنجن چونڊيل نمائندن وسيلي قرارداد پاڪستان 1940ع جي بنياد تي وفاق پاڪستان جي قيام لاءِ ووٽ ڏنو؛

جيئن ته سنڌ واسين نئين وجود ۾ آيل وفاق جي حق ۾ پنهنجي راءِ ڏني هئي، اِن لاءِ جو هنن پنهنجو ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن جو بهتر مستقبل ان ۾ ڏٺو هو ۽ کين توقع هئي ته ائين هو معاشي، سياسي، معاشرتي، ثقافتي ۽ مذهبي آزادي بنا پابندين جي ماڻيندا رهندا؛

جيئن ته هاڻ سنڌ واسين محسوس ڪيو آهي ته پاڪستان جي قيام کان پوءِ 36 سالن دوران کين وفاق جي هڪ اڪثريتي صوبي هٿان باقاعده غلاميءَ هيٺ آندو ويو آهي ۽ قرارداد پاڪستان ۾ جن حقن جي يقين دهاني موجود آهي، تن جو احترام نه ٿو پيو ڪيو وڃي؛

جيئن ته سنڌ واسين کي في الوقت پنهنجي املاڪ، تجارت، صنعت ۽ سرڪاري ملازمتن تي ڪنٽرول ناهي رهيو. ساڳئي وقت کين ثقافتي ۽ لساني تسلط هيٺ آندو وڃي پيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پاڪستان جي قومي ٻوليءَ طور مڃڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي؛

جيئن ته پاڪستان جي مختصر تاريخ ۾ ٽي ڀيرا وفاق ۾ مارشل لا لاڳو ٿي چڪو آهي، ۽ آئين منسوخ ٿيندا رهيا آهن. بنيادي حق معطل رهيا آهن ۽ سنڌ واسين جي خود حڪمرانيءَ واري بنيادي حق کان انڪار ڪيو ويو آهي؛

جيئن ته سنڌ واسين طرفان جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ هلايل تاريخي جدوجهد جو جواب انڌاڌنڌ قتل ۽ گوڙن سان ڏنو پيو وڃي، هزارين ماڻهو جيلن ۽ پڇا ڳاڇا وارين ڪئمپن ۾ ڳري سڙي رهيا آهن؛

جيئن ته موجوده صورتحال ڪنهن به طرح سنڌ واسين کي قبول ڪانهي؛

تنهنڪري سنڌ واسي اڄ 21 نومبر 1983ع ۾ پڌرو ڪن ٿا ته اسين هنن بنيادي اُصولن تي مبني آئيني ذريعن وسيلي جدوجهد جو عزم ڪريون ٿا:

– وفاق پاڪستان جي وفاقي ايڪن کي "خود مختيار ۽ خود اختيار رياستن" جو درجو حاصل هوندو ۽ هاڻي کان اڳتي کين "رياستون" (States) چيو ويندو.

– آئين ۾ بنيادي حقن جي گارنٽي ڏني ويندي ۽ رياستن جي شهرين کي حق خود اختياري ۽ خود حڪمرانيءَ جو حق حاصل هوندو ۽ ڪنهن به اداري يا صاحبِ اختيار کي اهو اختيار نه هوندو ته انهن حقن کي معطل ڪري.

– وفاق جون رياستون وڌ ۾ وڌ خود مختياري ماڻينديون رهنديون. جيئن قرارداد پاڪستان ۾ چيل آهي.

– آئين ڪاتن جي وفاقي لسٽ تي مشتمل هوندو. جيڪا پرڏيهي اُمور، ناڻي، بين الصوبائي ۽ بين الاقوامي ابلاغ تائين محدود هوندي. جڏهن ته رياستي لسٽ بقايا ڪاتن بشمول محصول ۽ قدرتي وسيلن تي مشتمل هوندي.

– وفاق جي معاملن ۾ رياستن جي نمائندگيءَ جو تعين مساوات جي مسلمه اُصول تحت ڪيو ويندو.

– اردوءَ کان علاوه، رياستن جون ٻوليون سنڌي، بلوچي، پنجابي ۽ پشتو کي به پاڪستان جي قومي ٻولين جو درجو حاصل هوندو.

– رياستن جي شهرين کي مذهبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ مڪمل آزادي هوندي.

– وفاق جي قومي جهنڊي کان سواءِ رياستن کي پنهنجو پنهنجو جهنڊو هوندو.

– وفاقي بچاءَ وارن فورمن کان علاوه رياستن کي به پنهنجي پنهنجي مليشيا هوندي. جيڪا رياستن ۾ ايمرجنسيءَ جي حالت ۾ ڪتب آندي ويندي.



– رياست جي مستقل رهواسين کي سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن ۽ پنهنجي پنهنجي رياستي صنعتي يونٽن ۾ ملازمت لاءِ ترجيح حاصل هوندي.

– رياستن کي اهو حق حاصل هوندو ته اهي ٻين رياستن يا ملڪن کان ٿيندڙ ماڻهن جي آمد کي رياستي مجلس قانون ساز وسيلي قانون جي ضابطي هيٺ رکن.

– رياست جون زمينون رياست جي پنهنجي پنهنجي بي زمين هارين ۾ ورهايون وينديون.

– مستقبل ۾ آئين ۾ ترميمون رياست جي رياستي اسيمبليءَ جي ٻه ٽياڱي تي اڪثريت جي راءِ سان ڪيون وينديون. جن ترميمن وسيلي رياست پاڻ متاثر ٿيڻ واري هوندي.

– جيڪڏهن وفاق تي مارشل لا لاڳو ڪيو ويو ته رياستن کي آزاديءَ جي اعلان ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.

(ڪراچيءَ ۾ سنڌ واسين طرفان 21 نومبر 1983ع تي صحيح ٿيل)

## اصطلاحن جو صحيح استعمال ۽ انهن تي صحيح عمل:

عام طور تي چيو وڃي ٿو ته سچ خلاف ڪو جرم لفظ يا اصطلاح جي غلط استعمال کان وڌيڪ بدتر ڪونهي. مثبت نقطي نگاهه کان چوٽو پوي ٿو ته لفظن يا اصطلاحن جي صحيح معنيٰ کان روگرداني به انهن تي صحيح عمل نه ڪرڻ جي سنگين جرم برابر آهي، جو ته اُن طرح به فريبڪاري عمل ۾ اچي ٿي.

سر سيد احمد خان مسلمانن ۽ هندن لاءِ لفظ Nation استعمال ڪيو ۽ انهن کي Nations سڏيو جي هو نه هيون. خصوصاً جنهن مفهوم ۾ هن اُنهن لاءِ لفظ Nation استعمال ڪيو سو يورپي تناظر ۾ Nation هو جنهن سان ماڻهن جا جذبا مقابلي بلڪ جنگ لاءِ اُڀارجي سگهيا ٿي ۽ اُڀاريا ويا. مذهبن سان Nations ناهن جڙنديون. نه ڪڏهن مذهبن Nations ناهيون به آهن. نه وري ڪڏهن ناهيندا به. اهو اصطلاح جي خوفناڪ غلط استعمال جو مثال هو.

عام زبان ۾ اسان وٽ لفظ Nation بمعنيٰ "قوم" گهٽو ٽٽو تقسيمي اثر وارو ڪونه هو ۽ اهو مذهبي فرقن لاءِ استعمال ٿيندو ٿي رهيو بلڪ قبيلن، ذاتين توڙي ڌنڌي ڪندڙن لاءِ پڻ، جهڙوڪ ڪنير، اٽت جو ڪم ڪندڙ وغيره لاءِ، ته جيئن انهن کي مخصوص ۽ محدود اجتماعي زندگيءَ جي گڏيل لاڳاپي ۾ ڪم آڻي سگهجي.

لفظ Nation يا ”قوم“ مسلم علحدگي پسنديءَ لاءِ برصغير جي تناظر ۾، جهڙيءَ طرح سر سيد احمد خان ۽ بعد ۾ هِز هائينيس سر سلطان آغا خان، ڊاڪٽر سر محمد اقبال ۽ خود جناب محمد علي جناح جيڪو پاڻ نہ دلي طور تي ڌرتي سڌار Secular قوم پرست هئڻ جو دعويدار بہ هو هڪ ضررناڪ سياسي رنگ ۾ رڱيل اصطلاح هو جنهن مان گهڻو تڻو فائدو فقط اسان جي ڌارين آقائن کي رسندڙ هو جن مسلمانن لاءِ پنهنجي سامراجي مقصدن خاطر الڳ چونڊ جي نظام جي هٿيءَ طور ان جي استعمال کي ترجيح ڏني.

آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي قرارداد پاڪستان واري 1940ع مارچ واري اجلاس ۾ سنڌ، بلوچستان، سرحد، پنجاب ۽ بنگال کي خود مختياري ۽ آزاد حاڪميت جي آڇ ڪئي هئي، جيڪا مسلم اڪثريتي رياست جي ڌرتيءَ يا دنيا سُڌار Secular قوم پرست ايڪن جي طور تي هئي. اها آڇ اهڙي هڪ حل جي طور تي هئي، جيڪو برصغير ۾ فرقيوارانہ مسئلي لاءِ هو ۽ ان حد تائين ۽ انهيءَ تناظر ۾، معاهدي جا ٻيا سمورا اصطلاح جهڙوڪ خود مختياري ۽ آزاد حاڪميت پاڪستان جي اجزاءِ ترڪيبي خاطر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قائم رهيا ۽ عملي ثبوت جا گهرجائو رهيا. بجاءِ ان جي، پاڪستان جي وجود سان رڳو هڪڙي اهڙي ايڪي، يعني ”پنجاب“ ئي، حاڪميت هٿ ڪري ورتي (بظاهر پنهنجي عددي اڪثريت ڪري ۽ پڻ پنهنجي افسرشاهيءَ واري غلبي وسيلي). رياست جي فوجي ۽ سِوِل عملدار شاهي غلبي سبب، جيڪو پاڪستان ملڪ جي صورت ۾ وجود ۾ آيو، اُن ۾ باقي ٻيا ايڪا پنجاب جي تابع ڇڏيا ويا. نتيجي ۾ بنگال ترت ئي بغاوت ڪئي ۽ وڃي بہ نالي ماتر وفاق کان ٻاهر ٿيو ۽ باقي اڪاين جا غلاميءَ وارا زخم پنجاب جي مجموعي اڪثريتي تسلط هيٺ ساوا ۽ ثابت ئي ٿا رهن. انهن حالتن هيٺ، پاڪستان پنهنجي آئيني اوڻاين سان، پنهنجي يورپي ۽ آمريڪي آقائن جيڪي سرد جنگ کان پوءِ دنيا جا حاڪم بڻيا ٿا وتن، تن لاءِ ڪال بواءِ طور زنده رهندو اچي. پاڪستان جو اِهو ڪردار جيڪو اُن عالمگير سماج ۾ سوشلزم خلاف سرد جنگ کٽڻ لاءِ هُنن جي مدد ۾ ادا ڪيو، تنهن جي ڪا ساراهہ نٿي ڪري سگهجي، ۽ اُهو مهذب بلڪ آزاد قوم جي شان وٽان بہ نہ هو، جو ڪنهن طرح لائقِ عمل بہ سمجهجي.

## قومن جو وجود ۾ اچڻ ۽ ٺهڻ:



اِها دعويٰ ڪئي پئي وڃي تہ پاڪستان رياست جي ڄمڻ سان هڪ نئين قوم ڄائي آهي، ڄڻ تہ قومون ڪنهن جي خواهش يا فرمان سان ڄمي پون ٿيون! نہ ئي ڪي حقي ۽ اعليٰ رياستون ڪين مان ڦُٽي يا مٿان ڪٿان ڊِري پونديون آهن. ٻنهي ۾، يعني قوم ۽ رياست جي وچ ۾ هڪ رشتو ٿئي ٿو جيڪو وڏيءَ سوچ ۽ ساڃهہ وارو هوندو آهي۔ هڪڙو فطري، هڏ رت وارو، ڌرتيءَ سائُو ۽ ٻيو ڪوڙو، اوپرو ۽ زورائتو مڙهيل هوندو آهي. هڪ ۾ قوم پنهنجي وجود سان گڏ رياست کي وجود ڏيندي آهي ۽ اُن کي اَڏيندي آهي، جيڪا قوم جو پرجهلو ۽ سلامتيءَ جي ضامن هوندي آهي، ۽ ٻي جيڪا قوم تي چَٽي ۽ مٿس چِپَ جيئن ڪِريل هوندي آهي ۽ اُها اُن کي چپيندي ۽ اُن جو هڏ رت چباڙيندي ۽ چُوسيندي رهندي آهي. فتح ڪيل يا جهانسي ۾ آيل قومن مٿان اِن ٻئي قسم جون رياستون قابض هونديون آهن. قوم انساني اجتماع جو ٻنهہ هڪ انوکو ۽ صدين کان اُسريل، تاريخ جو پڇي پڪو ٿيل لقاءُ هجي ٿي، جنهن کي پائدار ۽ سجاڳ وطن ۽ ٻي بدل ٻولي ۽ اُن جو ٻي مثل ادب هوندو آهي. پهرينءَ حالت ۾، رياست قوم کي پنهنجو ڪيڏوڻو ۽ هٿيار بلڪ هڪ ٻانهُن ٻڌو زرخريد غلام سمجهندي آهي، ۽ ٻيءَ حالت ۾ قومَ، رياست کي پنهنجو چئيوانُ ۽ وفادار خادم سمجهندي ۽ ليکيندي آهي.

انگريزيءَ ۾ هڪ وڏو ناول نويس ۽ شاعر ٿامس هارڊي (1925_1840ع) ٿي گذريو آهي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ هو درد انگيز نراسائيت (Tragic Pessimism) جو سماجي ضابطي جي شموليت (Social Restraint) سان واڳيلُ شاعر هو. هُن جو قوم جي بلنديءَ ۽ احترام بابت هڪ لاثاني گيت رچيل آهي۔ ”اعليٰ انسانيت جي اوصافن جو سُرودُ، ڏکويل ڌرتيءَ جي دانهن جي موٽ ۾“: اعليٰ انسانيت جا اوصاف Pities معنيٰ اُن جا اوچا اُجرا آدرش مثلاً پيار ۽ ٻاجهہ، انسان شناس سوچون ۽ اُمنگ ۽ ڪهل، قياس ۽ نياءُ جا عملَ، ۽ ڏکويل ڌرتيءَ جي دانهن، ڌرتيءَ جو اولڙو (Shade)، معنيٰ ڌرتيءَ جي قومن جي ڄمَ، اؤسر ۽ اڏاوت جي طويل سلسلي عمل جِي سُورَ پچارَ ۽ ڌرتيءَ جي آزاريل دل جي پُڪارَ. گيت جي آخر ۾ شاعرَ ڌرتيءَ جي قومن کي انساني سماج جي ارتقا ۾ ”سالن جو ٿمرُ“ The Spirit of Years چوندي، انهن لاءِ جيوت جي اُتمتا جي هڪ عبرتناڪ حاصلات جو درجو تجويز ڪيو آهي.

The Poem
(Chorus of Pities)

(in reply to Shade of the Earth)
We would establish those of kindlier build
In fair compassions skilled,
Men of deep art in life-development,
Watchers and wardens of the varied lands-
Men surfeited of laying hands
Upon the innocent
The mild, the fragile, the obscure content
Among the myriads of the family-
Those too who love the true, the excellent,
And make their daily moves a melody
SPIRIT of YEARS
Shall such be moved now? Already change
Hath played a strange prouks since first I brooded here.

<u>شعر موصوف</u>

اوصافن جي روحاني وجودن جو سُرودُ
(ڏکويل ڌرتيءَ جي ڏانهن جي موٽ ۾)
”اسين مهر ڀريا نظام ٺاهينداسين،
”پيار ڀريءَ، ٻاجهاريءَ، نياءُ پسند ڏاهپ سان،
”جِيوت جي رَسيلَ ڪلا جي ڄاڻن هٿان،
”جيڪي ڀانت ڀانت جي زمينن جا پرجهلا ۽ نگهدار هوندا،
”جن جا هٿ صاف هوندا،
”هيٺن، ٻي ڏوهن، اڻڄاتلن جي رت ۾ سَت ڪان-
”اڻڳڻيا سڀ اُهي تنهنجي ئي هنج جا پَليلَ سيڪڙُو ۾ ڪاپائتا،
”سچ ۾ اُتمتا جا سچاڻُو ۾ شائق،
”سندن ڏينهنُ راتِ، صبح شام هڪ اکُٽ سنگيت:
”سالن جو ثمرُ The Spirit of Years.
”ڪيئي سوالَ، ڪيئي جوابَ!
”گهاوَ وقت جا، مرهم وقت جا.“

**حوالا:**

(1) صفحا 1_2، ”تحريڪ پاڪستان: تاريخي دستاويزات 1967ع“، جي الانا، پيراڊائيز بوڪ ايجنسي، 3_ب برنس روڊ، ڪراچي.
(2) صفحا 3_4، ساڳيو



(3) صفحا 8_15، ساڳيو
(4/5) صفحا 87، ساڳيو
(6) صفحو 21، Mountbatten and Partition "India" Larry Collins & Dominique Lapierre, Vicas Publishing House Pvt, New Delhe.
(7) صفحا 181_84 ساڳيو

⦿

# جمهوريت بمقابل فرقيواريت
## (Democracy Vs Communalism)

دنيا ۾ سڀ کان وڏي مسلمان رياست جي دعوا رکندڙ ۽ ان دعوا تي سدا کان بانوريلَ پاڪستان جي تسليم ڪيل قائد ۽ باني مسٽر جناح جي سياست لاءِ، هڪ خاص مسلم طبقي کان سواءِ، سوچيندڙ دنيا ۾ ڪا گهڻي چڱي راءِ بہ نہ آهي. هن جي سياست، انداز سياست ۽ سياسي محورُ جمهوريت نہ پر فرقيواريت (Communalism) قرار ڏنو ويو آهي. هونءَ تہ اڄ جي جديد دنيا ڪنهن بہ سطح تي ۽ ڪنهن بہ عذر ۽ بهاني وسيلي ڪنهن بہ فرقيواريت ۽ ان جي بنياد تي ڪنهن بہ رياست جي قيام جي ئي مخالفت ڪري ٿي؛ پر اهو زمانو جڏهن مسلم ليگ پنهنجي فرقيوار سياست جو آغاز ڪيو، تڏهن بہ دنيا ايتري اُسريل هئي، جو ان فرقيواريت جي مڪمل نفي ٿي ڪئي. اُن وقت تائين دنيا گهڻي تبديل ٿي چڪي هئي؛ رياست ۾ مذهب جي مداخلت، غلبي يا حصيداريءَ کي يورپ ۾ هاڃيڪار ڄاتو ويو هو، انهيءَ ڪري مذهب کي رياست کان الڳ ڪيو ويو هو. انهيءَ ماڳ تائين رسڻ لاءِ يورپي لوڪن کي صدين تائين جنگيون وڙهڻيون پيون هيون ۽ رتوڇاڻ سهڻي پئي هئي. ان لحاظ کان مسلم ليگ، پنهنجي مذهبي فرقيواريت جي بنياد تي شروع ڪيل سياست وسيلي، هندستان جي ماڻهن، خاص طور تي، هندستاني مسلمانن کي گهڻو پوئتي وٺي وڃڻ ٿي گهُريو. اُها هندستان جي گهڻي ڀاڱي جاگيردار ۽ ڪنهن حد تائين اڀرندڙ سرمائيدار طبقي جي



ساٿ سان، هندستان جي مسلمانن کي اهڙيءَ اوجهڙ ۾ وجي پوندڙ ۽ تجربي وسيلي رد قرار ڏنل رستي تي قطاري رهي هئي، جنهن جي منزل، هندستاني مسلمانن جي هميشہ لاءِ ڏاريائپ، اڻبرابريءَ ۽ عدم اعتماد ۽ سندن سياسي بيچارگيءَ، معاشي ۽ ثقافتي حقن جي لتاڙ کان سواءِ ٻي ڪابہ نہ هئي.

مسلم ليگ مذهب جي ئي بنياد تي، هندستان جي مسلم اقليت جي اڪثريتي آباديءَ وارن علائقن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڌار رياست جي گهُر ٿي ڪئي. اُن جو خيال هو تہ گڏيل هندستان ۾ هندو اڪثريت جي طاقت اڳيان، مسلمان اقليت ڪڏهن بہ اسري ۽ نسري نہ سگهندي، ۽ اها پنهنجن سياسي ۽ معاشي حقن ۽ آزاديءَ کان محروم رهندي. تنهنڪري اُن مسلم اقليتن جي اڪثريتي آبادين جي وفاقي الحاق وسيلي، هڪ يا ٻن مسلمان رياستن جا خواب ٿي ڏٺا؛ پر هُوءَ اها ڳالهہ وساري رهي هئي تہ مذهب جي بنياد تي دنيا جي نقشي تي ڪابہ قوم نہ ٺهي هئي، ۽ انهيءَ بنياد تي ڪن بہ قومن گڏجي هڪ قوم جي صورت نہ ورتي هئي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن عالمي مذهب يا نظريي ۾ اها سگهہ ئي نہ هوندي آهي، ۽ نہ ان جو اهڙو ڪو ارادو ئي هوندو آهي، تہ اهو هڪڙي ڪا قوم تشڪيل ڏئي. ان جي ابتڙ مذهب کي سدائين مجبور ڏنو ويو، تہ پهرين اهو ڪنهن قوم ۾ پناهہ وٺي، جڏهن تہ هڪ قوم لاءِ اهو ضروري ناهي، ۽ نہ ئي ممڪن تہ اها هڪ ئي ڪنهن مذهب کي پنهنجو بنائي. ان حساب سان، هڪ قوم کي تہ ڪنهن مذهب جي ڪا خاص گهرج ئي نہ هوندي آهي، پر مذهب هميشہ هڪ قوم جو متلاشي هوندو آهي، تہ جيئن اهو پاڻ کي زندهہ رکي سگهي. مسلم ليگ تہ مرڳوئي هڪ مذهب جو جهنڊو هٿ ۾ کڻي، ان جي بنياد تي، مختلف تاريخي پسمنظر رکندڙ قومن کي ملائي هڪ نئين قوم تيار ڪرڻ جي مهم تي نڪتي هئي؛ ۽ پنهنجي ان فرقيوار تصور جي پنڌ ۾ اُن اها ڳالهہ پوريءَ طرح وساري ڇڏي هئي، يا ڄاڻي ٻجهي نظرانداز ڪري ڇڏي هئي، تہ هندستان ۾ موجود مسلمان اڪثريت واريون رياستون، جن کي گڏي اُن هڪ نئين مذهبي قوم تشڪيل ڏيڻ ٿي گهري، اهي اڳيئي پنهنجي الڳ تاريخ، جاگرافيءَ، ثقافت ۽ قومي زندگيءَ جون مالڪ آهن؛ ۽ انهن مان ڪي تہ پنهنجو هزارها سال پراڻو پسمنظر رکن ٿيون، جنهن کي اهي مذهبي فرقيواريت جي بنياد تي ٺهندڙ هن نئين قوم تان نثار نٿي ڪري سگهيون. ان لحاظ کان مسلم ليگ هندستان جي مسلمان اڪثريتي رياستن کان، انهن جي

صدين جي سڃاڻپ يعني سندن اتهاس، ٻولي، رهڻي ڪهڻي، رسم رواج ۽ فطري مزاج ۽ ان جو سڻاءُ ڪسي، ڪين تجربي جي بنياد تي اڳي ئي ناڪام ٿيل ۽ هڪ مدي خارج فڪر سان سلهاڙڻ جي خواهش رکي ٿي؛ ۽ اها ئي اُن جي سڀ کان وڏي البيلائي ۽ هٺ ڌرمي هئي. . . !

جيستائين مسلم ليگ جي قائد جو تعلق آهي، تہ ائين بہ ناهي، تہ ڪو هُن شروع کان وٺي، هندستان جي مسلمانن لاءِ، رڳو فرقي جي بنياد تي هڪ نئين رياست جي قيام جو خيال پاليو پئي يا اهڙي خواهش هن پنهنجي من ۾ لڳاتار وڏي عرصي کان وٺي پئي پالي. هُو موقعو مهل ڏسي ئي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ان کان اڳ ۾ هُو پڪو ۽ سچو ڪانگريسي ۽ هندستان لاءِ هڪ وحداني قوم جو حامي هو. هُو جڏهن سورنهن سالن جو هو تہ قانون پڙهڻ لاءِ انگلنڊ ويو ۽ جڏهن موٽيو تہ هُو ماٺهو ئي ٻيو هو. هُو پنهنجي کائڻ پيئڻ، لٽي ڪپڙي، لب ۽ لهجي ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ مڪمل طرح انگريز هو. هُو بامبي بار جو ميمبر بڻيو ۽ سياسي طرح هُن پاڻ کي آل انڊيا ڪانگريس سان سلهاڙيو. هن جي ويجهڙائي، هندستان جي ڪانگريسي اڳواڻن، جن ۾ نائوروجي، جيڪو ڪانگريس جو صدر هو ۽ گوپال ڪرشنا گوکل ۽ ٻين سان هئي. ان وقت مسٽر جناح هڪ وسيع قلب پروگريسو مسلمان سمجهيو پئي ويو جيڪو مسلم ليگ جي فرقيوار طرز رياست کان چڙيل هو. هن مسلم ليگ پاران ڌار چونڊ سرشتي جي گهُر يا موقف جي سخت مخالفت ڪئي، ۽ چيو تہ "هڪ وحداني قوم کي ورهائڻ لاءِ اهو خيال هڪ زهر جو "ڍوز" آهي." هن عملي طرح ۽ سرگرميءَ سان مسلم ليگ سان لاڳاپيل فرقيوار طبقي ۽ انهن جي طرز سياست خلاف ڪم ڪيو ۽ انهن کي وڏي واڪي هندستاني قوم جو دشمن قرار ڏنو. اڳتي هلي بہ قومي نظريي جي پيروڪار بڻجندڙ هن مسلمان اڳواڻ جي، هندستاني قوم جي حق ۾ ڪيل هڪ جوشيلي تقرير جو حوالو هت پيش ڪجي ٿو جيڪا هن مرڪزي اسيمبليءَ ۾، 1925ع ۾، موتي لعل نهروءَ جي پيش ڪيل قرارداد جي تائيد ۾ ڪئي هئي ۽ هندستان جي عوام تي آيل هڪ الزام جو جواب ڏيندي چيو هو:

"اسان کي ٻڌايو ويو آهي، تہ هندستان هڪ قوم نہ آهي، (ڇا هنن وساري ڇڏيو آهي تہ) اسين هڪ قوم هئاسين، جڏهن (پهرين) مهاڀاري ويڙهہ هلندي، هندستان کي رت ۽ رقم جي اپيل ڪئي ويئي هئي؛ ۽ اسين ان وقت بہ هڪ قوم هئاسين،



جڏهن اسان کي فرانس سان گڏ عالمي امن معاهدي تي صحيح ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي ويئي هئي. اڄ بہ اسين (هندستاني) هڪ قوم آهيون. انڪري ئي تہ اسان کي ليگ آف نيشنس جو ميمبر بنايو ويو آهي، جنهن لاءِ اسان وزندار خدمتون انجام ڏنيون آهن."

اِن مان اها ڳالهہ واضح آهي تہ پهرين هُو هڪ پڪو نئشنل ڪانگريسي هو. اڳتي هلي، انگريزن سان عدم تعاون تحريڪ تي اختلاف رکندي، ڪانگريس کان ڇڃي وڃي، مسلم ليگ ۾ انهن ماڻهن سان شامل ٿيو جن کي هن هندستاني قوم جو دشمن قرار ڏنو. 1935ع جي گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ تحت 1937ع ۾ هندن ۽ مسلمانن جي علحدگيءَ جي بنياد تي چونڊن جو اعلان ڪيو ويو. تہ هو حالتن جو رخ سمجهندي، مرڳو ئي هڪ منو ٿِي، پوريءَ سرگرميءَ سان، مذهبي فرقيوار ڌڙن سان گڏجي ويو ۽ ڌار چونڊ سرشتي جي وڪالت ڪرڻ لڳو ۽ اها بہ ايتري اعتماد ۽ پرجوش انداز ۾، جو لڳو ٿي تہ اصل کان وٺي هو ان ئي خيال جو هو. جنهن کي ڪڏهن هن "زهر جو ڍوز" قرار ڏنو! اهڙيءَ ريت هو اسلام جو بہ سڀ کان وڏو علمبردار بنجي ويو. هن جي مادري زبان گجراتي هئي، پر رڳي انگريزي ڳالهائيندو هو. انگريزن وانگي پهريندو ۽ کائيندو هو. هن کي اسلام جي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي، هن هڪ عام مسلمان وانگي نہ تہ ڪڏهن گهڻي نماز پڙهي، نہ ئي ڪڏهن حج ڪيائين، نہ ئي ٻين اسلامي فرضن جي ڪيس ڪا واقفيت يا اونَ هئي. هن جو مذهب سان تعلق رڳو ايترو هو تہ هُن ان بنياد تي هندستان جي مسلمان اقليت، جنهن وٽ ڪوبہ مرڪزي سطح تي وڏو اڳواڻ موجود نہ هو اُن کي، مسلمانن ۽ هندن جي نفرت جي شور ۽ لُڙ تي، هڪ اهڙي الڳ دڳ تي آڻڻ ٿي گهريو؛ جيڪو نہ رڳو هندستان ۾ انگريزين جي حڪمرانيءَ لاءِ مفيد ۽ ضروري هو پر هندستان جي هندن توڙي مسلمان عام خلق لاءِ تباهيءَ ڏانهن وٺي ويندڙ هو.

1940ع جي مارچ مهيني ۾، مسلم ليگ جو ستاويهون ساليانو اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس جي آخري ڏينهن، 23 مارچ، تي هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. جنهن کي اُن وقت "قراردادِ لاهور" ۽ هاڻي "قرارداد پاڪستان" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ٺهراءَ ۾ مسلم اڪثريتي رياستن کي ملائي، هندستان ۾ مسلمانن جي ڌار رياست يا رياستن جو انگريز سرڪار کان مطالبو ڪيو ويو. جنهن موجب اهڙي نئين رياست يا رياستن کي ٺاهيندڙ اڪائين کي آزاد (Sovereign) ۽ خود

مختيار (Autonomous) رهڻو هو. انهيءَ قرارداد جا لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

"It is considered view of this session of the All-India Muslim League that no constitutional plan would be workable in this country or acceptable to the Muslims unless, it is designed on the following basic principles, viz, that geographically contiguous units are demarcated into regions which should be so constituted, with such territorial readjustments as may be necessary, that the areas in which Muslims are in majority as in North-western and eastern zones of India, should be so grouped to constitute "Independent states" in which the constituent units shall be autonomous and sovereign."

"آل انڊيا ملسم ليگ جي هن اجلاس جو هيءُ سوچيل سمجهيل خيال آهي تہ هن ملڪ (هندستان) ۾ تيستائين ڪوبہ آئيني منصوبو ڪارآمد يا مسلمانن لاءِ قبولڻ جوڳو نہ آهي، جيستائين اهو هيٺين بنيادي اصولن تي تيار نہ ڪيو ويو آهي، مطلب تہ:

جاگرافيائي لحاظ کان هڪٻئي سان ڳنڍيل اڪائين جي ـ اهڙي علائقائي ڦير ڦار سان، جيڪا ضروري هجي ـ اهڙن خطن ۾ حدبندي ڪئي ويئي آهي، جيئن اهي (قدرتي طرح) هئڻ گهرجن.

تہ اهي علائقا، جتي مسلمان اڪثريت ۾ آهن، جيئن ڏکڻ اولهہ ۽ اوڀر وارا حصا، آزاد رياستن جي قيام لاءِ گڏ ڪرڻ گهرجن، جن ۾ شريڪ اڪائيون آزاد ۽ خود مختيار هونديون."

اڳتي هلي، 1946ع ۾ مسلم ليگ جي قيادت ڪيبنيٽ مشن تجويزن کي قبوليندي، پنهنجي مسلمان رياست يا رياستن جي قيام واري گهُر تان هٿ کڻي ويئي هئي. اهي تجويزون هڪ لچڪدار وفاقي طرز حڪومت تي پڌاريل هيون، جن پٽاندر، وفاق ٺاهيندڙ اڪائين کي وفاق ۾ شامل رهڻ يا انهيءَ کان ڌار ٿيڻ جو اختيار بہ ڏنو ويو هو ۽ اهو چيو ويو هو تہ وفاقي حڪومت وٽ رڳو پرڏيهي معاملن، دفاع ۽ رابطي وارا کاتا هوندا، باقي سڀ اختيار اِڪائُن کي حاصل هوندا. اهڙيءَ طرح مسلم ليگ جو صوبن يا اِڪائُن جي آزاد ۽ خودمختيار هئڻ وارو مطالبو پورو ٿي ويو هو. پر جلد ئي پوءِ مسلم ليگ جي قيادت وري بہ پنهنجي مسلمانن لاءِ ڌار رياست يا رياستن جي قيام ڏانهن موٽي ويئي؛ ۽ اهڙيءَ طرح ورهاڱي کان بچڻ جي



انهيءَ آخري پر بهتر ڪوشش تي پاڻي ڦيرجي ويو. انهيءَ کان پوءِ 3 جون پلان هيٺ انگريز سرڪار مسلم ليگ قيادت کي زوريءَ راضي ڪري هندستان جو ورهاڱو عمل ۾ آندو ـ جنهن کي مسٽر جناح ڪئن کاڌل يا اَڌوهي ٽڪيل پاڪستان سڏيو.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ مسلم ليگ قيادت پنهنجي رويي ۾ هڪدم تبديلي اچي ويئي؛ اُن مضبوط صوبن بدران مضبوط وفاق ۽ مختلف قومن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ بدران هڪ قوميت جي تشڪيل جو پرچار ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙو عمل 1940ع واري قرارداد جي سڌي سنئين انحرافي هو. اهڙي شروعات مسٽر جناح جي 11 آگسٽ واري مشهور تقرير کان ٿي، جنهن وسيلي هن پاڪستاني قوميت جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. اچرج جهڙي ڳالهہ تہ هيءَ آهي، تہ انهيءَ تقرير جي بنياد تي ڪيس "سيڪيولر" بہ ڄاڻايو وڃي ٿو. انهيءَ تقرير جو هڪ ٽڪرو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"اوهين، پاڪستان جي هن رياست ۾ آزاد آهيو پنهنجن مندرن ۾ وڃڻ لاءِ، اوهين آزاد آهيو پنهنجن مسجدن ۾ وڃڻ لاءِ ۽ عبادت جي ٻين هنڌن ڏانهن وڃڻ لاءِ. اوهين ڪنهن بہ مذهب سان تعلق رکو ٿا، ان سان هِن رياست جو ڪوبہ سروڪار ناهي. وقت گذرڻ سان، هندو، هندو ٿيڻ ڇڏي ڏيندا، ۽ مسلمانَ، مسلمان ٿيڻ ڇڏي ڏيندا، مذهبي معنا ۾ نہ، ڇاڪاڻ تہ اهو هر ڪنهن فرد جو ذاتي معاملو آهي، پر سياسي معنا ۾، هڪ رياست جي فرد طور."

مسٽر جناح جي اهڙي بيان اڄڻ تائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي. (هونءَ بہ سيڪيولرزم رڳو "زبان خرچ" تہ نہ آهي، اهو بهرحال عمل جي تقاضا ڪري ٿو.) سندس اهي ويچار پاڪستان تحريڪ ۾ شامل مسلمان عوام جي جذبن جي ٽڪراءَ ۾ ٿي آيا. هن پاڪستان انگريزن کان، مذهبي فرقيواريت (Communalism) جي بنياد تي حاصل ڪيو، پر هاڻي مذهب جي مداخلت کان سواءِ نظام (Secularism) جي ڳالهہ ٿي ڪئي. (سمجهڻ کپي تہ سيڪيولرزم، سياست ۽ جمهوريت جي حوالي سان مذهبي فرقيواريت (Communalism) جي مڪمل نفي آهي.) هُو پنهنجي فرقيوار سياسي ارادن ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ هڪدم "سيڪيولرسٽ" هئڻ جو ڏيک ڏيڻ لڳو. جيئن هو اوچتو ئي ڪانگريس مان مسلم ليگ ۾ آيو. جيئن هُو گڏيل چونڊ سرشتي کان ڌار

چونڊ سرشتي جي حمايت تائين آيو. تيئن هن هڪ Communalist کان Secularist تائين Jump ڪيو. هُو بنيادي طرح موقعي مهل مان فائدي وٺڻ ۾ يقين رکندڙ سياسي اڳواڻ هو. هيءُ جيڪو هن سيڪيولرزم وارو "ڏيکاءُ" تي ڪيو ان پويان به هن جي اها ساڳي ذهنيت ڪارفرما هئي؛ ۽ ان وسيلي هن هندستان جي هڪ خاص مسلمان طبقي جي مفادن جو پورائو ڪرڻ ٿي گهريو. جيڪڏهن اڃا به ڪنهن کي اهڙو گمان آهي ته مسٽر جناح واقعي به پنهنجي جوهر ۾ هڪ سيڪيولر ماڻهو هو يا اُنهيءَ خاڪي جي بلڪل ابتڙ هو جيڪو مٿي پيش ڪيو ويو، ته اُن لاءِ ڪراچي بار ايسوسيئيشن کي 25 جنوري 1948ع تي ڏنل سندس خطاب مان هيءُ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

"مان انهن ماڻهن جي ڳالهه کي نه ٿو سمجهي سگهان، جي ديده دانسته ۽ ڏسي وائسي، شرارت وچان، غلط پروپيگنڊا ڪندي، چئي رهيا آهن ته پاڪستان جو دستور اسلامي شريعت جي بنياد تي نه بنايو ويندو."

ان کان به وڌيڪ اڳتي ويندي هُن ڪراچي بار ايسوسيئيشن کي ڏنل پنهنجي خطبي ۾ هيئن به چيو هو:

"اسلامي حڪومت جي تصور جو هيءُ امتياز هميشه پيش نظر رکڻ گهرجي ته ان ۾ اطاعت ۽ فرمان برداريءَ جو مرڪز فقط خدا جي ذات آهي، جنهن جي تعميل جو عملي ذريعو قرآن جي اصولن ۽ حڪمن ۾ موجود آهي. اسلام ۾ اصول موجب نه ڪنهن بادشاهه جي اطاعت ڪرڻي آهي ۽ نه ڪنهن پارليامينٽ جي ۽ نه ڪنهن شخص جي ۽ نه ڪنهن اداري جي."

انهيءَ اقتباس کان پوءِ اِها ڳالهه وڏي حد تائين واضح ٿي وڃي ٿي ته مسٽر جناح پاڪستان کي هڪ سيڪيولر ۽ جمهوري رياست نه پر هڪ اسلامي رياست ڏسڻ ٿي گهريو. جنهن ۾، ايتري تائين جو " نه ڪنهن بادشاهه جي اطاعت ڪرڻي آهي ۽ نه ڪنهن پارليامينٽ جي ۽ نه ڪنهن شخص جي ۽ نه ڪنهن اداري جي."

ثابت ٿيو ته مذهبي بنياد تي، هڪ ڌار رياست جي قيام لاءِ ڪيس ۾ سندس جماعت مسلم ليگ کي هندستان جي مسلم اڪثريت وارن علائقن جي ساٿ ۽ سهڪار جي بهرحال گهرج هئي، ته جيئن هُو نه رڳو انگريزن، پر ڪانگريس تي به دٻاءُ وجهي سگهي؛ ۽ اهڙيءَ ريت هڪ خاص مسلمان طبقي جي اقتدار لاءِ راهه



سڌي ڪري سگهي. هڪ سوچيل سمجهيل رٿا ۽ سٽاءَ هيٺ، هن مسلم اڪثريتي علائقن، جتي صدين کان وٺي ڪي قومون، پنهنجي تاريخ، تهذيب، ٻوليءَ ۽ ٻين قومي نشانن ۽ اهڃاڻن سميت رهيون ٿي، اُتي مقامي بااثر ماڻهن وسيلي مسلم ليگ جا يونٽ قائم ڪيا، اهڙن مقامي ليڊرن مان، ڪن ٿورن وطن دوست ليڊرن کي ڇڏي، گهڻائي اهڙن جي هئي، جيڪي "مسلم ڪارڊ" استعمال ڪري اقتدار تائين رسڻ جا خواهشمند هئا. ان سلسلي ۾، 1937ع واريون عام چونڊون اهم ثابت ٿيون، جيڪي ڌار چونڊ سرشتي جي آڌار تي قائم ڪيون ويون؛ ۽ اِن ريت مسلمان فرقيوار سياست کي انگريز سرڪار هڪ نوس بنياد فراهم ڪري ڏنو، ته هو پلي مذهب جي بنياد تي پاڻ کي هندن کان ڌار رکن، ۽ هندستان ۾ پنهنجي الڳ حيثيت سان ڪانگريس سان ٽڪراءَ ۾ رهن.

1937ع جي چونڊن کان پوءِ، مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان، پاڪستان ناهڻ لاءِ ٻيو وڏو اهم ۽ بنيادي قدم 1940ع وارو ٺهراءُ آهي. هيءُ ٺهراءُ مسٽر جناح لاءِ هڪ سند بنجي ويو، جنهن کي هُو، پاڪستان ٺهڻ تائين "ڪئش" ڪرائيندو رهيو. هن ٺهراءَ وسيلي هندستان جي مسلمانن لاءِ ڌار رياست جي قيام واري خيال تي راضپو ڏيکاريندڙ قومن کي خاطري ڪرائي ويئي، ته نئين ٺهندڙ رياست ۾، اهي ڪُل اختياريت ۽ خود مختياريت جون مالڪ هونديون. پاڪستان هڪ وفاقي طرز جي رياست هوندو؛ ان جو ڪردار علامتي قسم جو هوندو، ۽ عملي طرح اهو وفاق ٺاهيندڙ ڌرين جي سگهه ۽ جٽاداريءَ وسيلي سڃاتو ويندو. ان ٺهراءَ وسيلي پاڪستان ٺاهڻ لاءِ راضي ٿيندڙ ڌرين آڏو اهڙو خاڪو پيش ڪيو ويو، جو انهن کي پنهنجو ڪو به نقصان ٿيندي نظر نه پئي آيو. جيتوڻيڪ مسلمان اڪثريتي رياستن کي ڪنهن قدر اِها ڳالهه پانءِ ٿي پئي، پر ٻئي پاسي مسٽر جناح کي ايترو ڀروسو نه هو ته مذهب جي بنياد تي اهڙي رياست جي قيام کان پوءِ اُن کي هلائي به سگهبو يا نه؟ اهڙو اظهار هُن 11 آگسٽ، 1947ع واري پنهنجي مرڪزي آئين ساز اسيمبليءَ کي ڏنل مشهور خطبي ۾ ڪيو. اُهو هيٺين ريت هو:

"وڌيڪ هيءُ ته وقت گذرڻ سان گڏ خود اسان جي تجربن مان اها حقيقت ثابت ٿي ويندي ته هندستان جي آئيني مسئلي جو واحد حل اهو ئي (ورهاڱو) هو، جو عمل ۾ اچي چڪو. متحده هندستان جو ڪو به تصور قابل عمل ثابت نه ٿئي ها. مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته ان جو نتيجو اسان لاءِ خوفناڪ تباهيءَ جي

صورت ۾ نڪري نروار ٿئي ها! اهو بہ ممڪن آهي تہ ورهاڱي وارو نظريو درست ثابت ٿئي، پر اهو بہ امڪان آهي تہ اهو نظريو واقعي درست نہ هجي ـ پر مان تہ ائين ٿي چوندس تہ ان جي حقيقت ايندڙ زماني ۾ ظاهر ٿيندي تہ اهو نظريو غلط هو يا درست هو.“

سڄيءَ دنيا اِهو منظر ڏسي چڪي آهي تہ مٿئين اقتباس ۾ ڄاڻايل مسٽر جناح جو اِهو گمان اڳتي هلي بلڪل بہ صحيح ثابت ٿيو جڏهن ڊسمبر 1971ع ۾ بہ قومي نظريي جي بنياد تي جڙيل هيءَ رياست سدا لاءِ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. هِن موقعي تي پاڪستان جي بانيءَ جي اُن دعويٰ جو بہ هتي ذڪر ضروري آهي، جنهن ۾ هُن اِهو ڄاڻايو هو تہ گڏيل هندستان جو ورهاڱو ٿيڻو هو ۽ جيڪي ڪجھ ٿي چڪو اُن ۾ هاڻ ڪابہ تبديلي نہ ٿي اچي سگهي، يعني، هاڻ وڌيڪ ڪوبہ ورهاڱو نہ ٿيندو:

”هندستان تقسيم ٿي چڪو آهي ۽ ان کي تقسيم ٿيڻو هو. هيءَ تقسيم (جنهن وسيلي پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو) بلڪل آخري ۽ ناقابل تنسيخ آهي، ان کي رد ڪري نہ ٿو سگهجي. اسان کي ان جو بہ شديد احساس آهي تہ هن عظيم آزاد ۽ خودمختار سلطنت جي قيام ۾، اسان سان ڏاڍي بي انصافي ڪئي وئي آهي. جيترو بہ وڌ ۾ وڌ اسان کي مجبور ڪري ٿي سگهيا، اوترو مجبور ڪيو ويو.“

وقت ثابت ڪيو تہ اِها سندس خوشفهمي هئي، تہ اها تقسيم ”ناقابل تنسيخ“ هئي.

بهرحال، پاڪستان ٺهڻ جي اعلان سان ئي مسٽر جناح پنهنجي نئين برانڊ جي سيڪيولرزم جو اظهار ڪري، 1940ع واري ٺهراءَ جي نفي ڪئي. هن جي نام نهاد نعري جو اصل مقصد ”پاڪستاني قوميت“ کي عملي روپ ڏيڻ هو. اهوئي سبب آهي جو ورهاڱي کان اڳ واري ٻولي، جڏهن هُن پنهنجيءَ هرهڪ تقرير ۾ وفاقي مسلمان رياستن جي اقتدارِ اعليٰ ۽ خود مختياريءَ جي ڳالھ ٿي ڪئي، ۽ سندس هاڻوڪي ٻوليءَ ۾ ڏينهن رات جو فرق ڏٺو ويو. ۽ اِهو واضح طور تي محسوس ڪيو ويو تہ اُهي واعدا جيڪي 1940 واري ٺهراءَ ۾ ڪيا ويا هئا، تن کان لنوايو ٿي ويو جن جي بنياد تي گڏيل هندستان جي مسلمان اڪثريتن پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو. اڳتي هلي جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ ائين چيو ويو تہ صوبن جي اقتدارِ اعليٰ ۽ خودمختياريءَ جون ڳالهيون فقط ان ڪري هيون تہ



جيئن برطانوي حڪومت کان مسلمانن جي لاءِ سندن ڌار رياست جو مطالبو مضبوط نموني ۾ رکي سگهجي. ان ڏس ۾ مسٽر جناح جي 15 جون 1948ع واري تقرير مان هڪ اقتباس پيش ڪجي ٿو جيڪا هُن ڪوئيٽا ميونسپالٽيءَ پاران ڏنل آجياڻي جي موقعي تي ڪئي هئي:

”برطانوي ڪنٽرول کان محفوظ رهڻ لاءِ، صوبائي خودمختياري ۽ مقامي آزاديءَ جا اهي سڀ ٿنڀ بنايا ويا هئا، جنهن کي ڪي ماڻهو اڄ تائين چنبڙيا ٿا اچن. ليڪن هاڻي تہ پنهنجي مرڪزي حڪومت آهي، جا بلڪل بااختيار آهي. ان ڪري، پراڻن ۽ غلط اصطلاحن تي سوچڻ، ڪمزور سهارن کي چنبڙي پوڻ جي برابر آهي. ياد رهي صوبائي عصبيت توڙي مقامي ۽ ذاتي مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي خودڪشي!“

ان کان سواءِ ٻين بہ مختلف ماڳن تي ۽ مختلف وقتن تي مسٽر جناح اِن قسم جون تقريرون ڪيون جن مان اِهو واضح طور تي محسوس ٿيو تہ 1940ع وارو ٺهراءُ هڪ چاري طور گڏيل هندستان جي مسلمان اقليتن اڳيان رکيو ويو تہ جيئن اُنهن جي حمايت حاصل ڪري، هندستان جي هڪ خاص جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقي لاءِ، مذهب جي نالي تي هڪ اهڙي رياست جوڙي وڃي، جنهن ۾ رڳو اُنهن جي گروهي مفادن جو پورائو ٿي سگهي. اچو تہ اِن سلسلي ۾ ڪجھ ٻين مثالن سان رجوع ڪريون ٿا:

”مان مسلمانن کان چاهيان ٿو تہ هو صوبائي تعصب جي بيماريءَ کان نجات حاصل ڪن. اهو ياد رهي تہ ڪابہ قوم ترقي ڪري نہ ٿي سگهي، جيستائين هوءَ هڪ صف متحد ٿي، اڳتي نہ ٿي وڌي.

اسين سڀ پاڪستان جا شهري آهيون. پاڪستان ۾ زندگي بسر ڪريون ٿا، ان ڪري اسان کي ان جو حق ادا ڪرڻ گهرجي. اسان کي پاڪستان جي خدمت ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ قربانيون ڏيڻ گهرجن. جيڪڏهن پاڪستان اسان جي جان بہ گهري، تہ اها بہ قربان ڪرڻ گهرجي، تان تہ دنيا ۾ هڪ شاندار ۽ عظيم، خوشحال ۽ آسودي مملڪت بنجي سگهي.“ (بار ايسوسيشن ڪراچي. 25ـ جنوري 1948ع)

”مان چاهيان ٿو تہ اوهين بنگالي، پنجابي، سنڌي، بلوچي ۽ پٺاڻ وغيره جي اصطلاحن ۾ ڳالھ ٻولھ نہ ڪريو. مان تسليم ٿو ڪريان تہ اهي پنهنجيءَ پنهنجيءَ

جڳهہ تي وحدتون آهن. ليڪن مان پڇان ٿو تہ ڇا اوهان اهو سبق وساري ڇڏيو آهي، جو تيرنهن سو سال اڳ، اوهان کي سيکاريو ويو هو؟

”جيڪڏهن مون کي اجازت ڏني وڃي تہ پوءِ مان چوندس تہ اوهين سڀئي هت ٻاهر کان آيل آهيو. مان پڇان ٿو تہ بنگال جا اصلي باشندا ڪير هئا؟ اهي هرگز ناهن، جي بنگال ۾ هن وقت رهن ٿا. تہ پوءِ ائين چوڻ مان آخر ڪهڙو فائدو ٿيندو تہ اسان پنجابي آهيون، سنڌي آهيون ۽ پٺاڻ آهيون؟ - بلڪل نہ چوڻ گهرجي تہ اسان مسلمان قوم آهيون.“ (جلسہ عام- ڍاڪا - 21 مارچ 1948ع)

”اوهان لاءِ لازم آهي تہ اوهان بنگالي، سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پٺاڻ وغيره جون ڳالهيون نہ ڪريو. اوهين فقط هڪ قوم آهيو ۽ هڪ ئي مملڪت سان وابستہ آهيو. هيءَ مملڪت نہ پنجابيءَ جي آهي ۽ نہ بنگاليءَ جي آهي؛ نہ سنڌيءَ جي آهي ۽ نہ بلوچيءَ جي آهي.“ (ڍاڪا - 31 مارچ 1948ع)

”اسين نہ بلوچي آهيون نہ پٺاڻ، نہ سنڌي آهيون ۽ نہ بنگالي، ۽ نہ ڪو پنجابي رهيا آهيون. اسان جا احساسَ ۽ عملَ سڀ پاڪستاني هئڻ گهرجن.“ (ڪوئيٽا - شهري سپاسنامي جو جواب، 15 - جون 1948ع)

اهي سڀ تقريري حربا ۽ اصل ڳالهہ تان ڌيان هٽائڻ لاءَ ڄاڻي ٻجهي ڪوششون فقط انهيءَ ڪري ڪيون ٿي ويون، تہ جيئن هڪ خاص طبقي يعني مهاجر فرقي ۽ پنجابي مستقل مفاد کي پاڪستان ۾ شامل ٻين قومن تي مڙهي سگهجي، ۽ انهن کي مسٽر جناح جي سيڪيولرزم عرف پاڪستاني قوميت جي سازش وسيلي غلام بنائي سگهجي. ان سازش کي عملي روپ ۾ آڻڻ لاءِ هڪدم هيٺيان قدم کنيا ويا:

(i) پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي پنهنجين اصلوڪين ٻولين کي نظرانداز ڪري، انهن مٿان هڪ ڌاري اردو ٻولي مڙهي ويئي، جيڪا پاڪستان ٺاهيندڙ ڪنهن بہ قوم جي زبان نہ هئي. هيءَ ٻولي هندستان جي مختلف علائقن مان لڏي آيل پناهگيرن جي هئي. اهڙيءَ ريت، اهڙي قدم مان پناهگير فرقيواريت جي ٻوءِ ٿي آئي.

(ii) صوبن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي اعلان بدران انهن کي هڪ مرڪز جي حوالي ڪيو ويو جنهن مهاجر - پنجابي مستقل مفاد جي نمائندگي ٿي ڪئي.

(iii) هندستان جي مختلف علائقن مان مسلم اقليتي ڪامورا گهرائي، انهن



جي هٿن ۾ سياسي انتظام ڏنو ويو. اهي صاحبَ پاڻ کي اهڙي مانَ ملڻ تي هيڪاري ٻانورجي ۽ ڦونڊجي پيا، ۽ پاڻ کي برتر ۽ فاتح ڄاڻي، سامراجي ذهنيت جو کليو کلايو مظاهرو ڪندي، مقامي قوتن جو استحصال ڪرڻ لڳا.

(iv) هندن ۽ سکن جي خالي ڪيل/ڇڏيل سموري ملڪيت، مال غنيمت سمجهي، پناهگيرن جي حوالي ڪري، مقامي قومن، خاص طور تي سنڌ ۾، ان کان محروم رکيو ويو.

(v) پاڪستان اچڻ لاءِ پوري هندستان جي مسلمانن لاءِ دروازا کوليا ويا؛ اهڙيءَ ريت تاريخ جي هڪ وڏي لڏپلاڻ عمل ۾ آئي، جڏهن تہ ورهاڱي وقت، ماڻهن جي سرحد جي ٻنهي پار لڏپلاڻ جو ڪوبہ سوال يا منصوبو موجود نہ هو. ان لڏپلاڻ جا اثر وڌ ۾ وڌ سنڌ تي پيا، جنهن سنڌ جي آبادياتي توازن ۽ شمارياتي مقدار کي سڌيءَ ريت متاثر ڪيو.

(vi) ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪري، مرڪز جي حوالي ڪيو ويو - جنهن جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ سنڌ جي ڪيترين پيڙهين وڏي محنت ڪئي هئي.

مسٽر جناح جي عمر، پاڪستان جي قيام کان پوءِ، گهڻو جٽاءُ نہ ڪري سگهي، پر ان جي سيڪيولرز عرف پاڪستاني قوميت عرف مهاجر فرقي ۽ پنجابي مستقل مفاد جي مستقل حڪمرانيءَ جو خاڪو مڪمل ڪرڻ لاءِ هن جو ساڄو هٿُ لياقت علي خان اڳتي آيو. هن جيڪي پاليسيون وضع ڪيون ۽ جيڪي ”ڪارناما“ سرانجام ڏنا، انهن جو تت هيٺينءَ ريت آهي:

(i) هن پناهگيرن کي لڏپلاڻ تي آياري ۽ اُڪسائي سنڌ ۾ آندو ۽ سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ جو باقاعدي بنياد رکيو.

(ii) هن سنڌ ۾ هندن خلاف نفرت ۽ اشتعال کي هوا ڏيئي، سنڌي هندن کي سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو.

(iii) هن سنڌ جي ماڻهن ۽ انهن جي ڪلچر لاءِ ڪريل لفظ استعمال ڪيا ۽ سنڌين جي تهذيب کي گڏهن هڪلڻ ۽ اُٺن ڪاهڻ سان ڀيٽيو. هن اهو بہ چيو تہ سنڌي ٻولي، هڪ جاهلاڻي ٻولي آهي. (اهڙا ڪريل لفظ هن اردوءَ جي اهميت جتائڻ لاءِ استعمال ڪيا، جنهن کي سنڌي عوام قبولڻ لاءِ تيار نہ هو.)

(iv) هن جي چوڻ آکڻ ۽ ورغلائڻ تي، مسٽر جناح پاڪستان ٺاهيندڙ قومن مٿان اردو ٻولي مڙهي.

(v) هن سنڌ جي، زمين، دڪانن، ڪارخانن، واپار ۽ جاين جڳهين کي پناهگيرن جي قبضي ۾ ڏنو ۽ مقامي ماڻهن کي انهن کان محروم رکيو.

مٿي ڄاڻايل سموري تفصيل مان اهو سمجهي سگهجي ٿو ته مسٽر جناح هڪ سيڪيولر ذهن رکندڙ اڳواڻ نه پر هڪ موقعي ۽ حالتن مان فائدي پرائڻ جي خواهش ۾ ورتل سياستدان هو جيڪو پنهنجي شخصي انا ۽ هندستان جي وڏي ليڊر ڳڻجڻ جي شوق ۾، به قومي نظريي جو حامي بڻيو ۽ اهڙيءَ ريت هن جي آخري سڃاڻپ هڪ مذهبي فرقيوار (Communalist) اڳواڻ واري وڃي بيٺي، هُو بنيادي اصولن ۾ اعتماد نه رکندو هو ۽ وقت ۽ حالتن کي ڏسي پنهنجو موقف بدلائيندو رهندو هو هُو اسلام جي ڄاڻ کان واقف نه هو نه ئي مسلمان عوام سان سندس واسطو هو. هن هندستان ۾ مسلم اقليتن سان لاڳاپيل خاص ملڪيت دار طبقي جي نمائندگي ٿي ڪئي، ۽ پنهنجي شخصي بلندي قائم رکڻ لاءِ هو انهن استحصالي طبقن هٿان خوب استعمال ٿيو جن کيس ”قائد اعظم“ جو لقب ڏيئي اڳيان ڪيو ۽ هو پنهنجن طبقاتي مفادن ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا. مهاجر فرقي ۽ پنجابي مستقل مفادي گروهه مسٽرجناح جي مدد سان، هندستان ۾، هڪ الڳ رياست جي شڪل ۾، پنهنجو سامراج قائم ڪرڻ ۾ سوپارو ٿيو. ان مستقل مفادي گروهه سان اوير پاڪستان (بينگال) ٽڪراءَ ۾ آيو ۽ اُن سندس سامراجي ذهنيت ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن تي مستقل قبضي واري منصوبي کي بي نقاب ڪيو. شروع ۾ ون يونٽ مڙهي، اوير پاڪستان جي اڪثريتي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر بينگالي پوئتي هٽڻ وارا نه هئا. ائين سن 1971ع ۾ هڪ وڏي پرتشدد ۽ خوني هڪ پاسائين ويڙهه کان پوءِ، جيڪا اولهه پاڪستان، اوير پاڪستان مٿان مڙهي، بينگال کي ماري مڃائي ڌار ڪيو ويو. سقوط ڍاڪا کان پوءِ مهاجر فرقي ۽ پنجابي مستقل مفادي گروهه لاءِ، باقي بچيل پاڪستان تي قبضي ڪرڻ ۽ ننڍين قوم کي غلام بنائڻ سولو ٿي پيو. اها صورتحال اڄ ڏينهن سوڌو برقرار ۽ بدستور آهي.

بهرحال مسلم ليگ جي فرقيوار سياسي طريقيڪار جي نتيجي طور جنم وٺندڙ پاڪستان ۾ مٿي ذڪر ڪيل مستقل مفاد پاڻ کي مضبوط ڪرڻ کان پوءِ، هڪ بينڪيٽ جي شڪل ۾ جيڪا ظلم، زبردستي ۽ ڌاڙ جي وارتا جاري رکي، انهيءَ جا اسين سنڌي، هڪ قوم طور، اڄ سوڌو شڪار آهيون. اسين هن وقت



مڪمل طرح گهيري ۾ آهيون. اسان کان پاڻ جيئارڻ جا سڀ وسيلا کسيا ويا آهن. اسان جا سڀ سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ قومي حق غصب ڪري، اسان کي پنهنجي وطن ۾ بي وطن ڪرڻ ۽ اقليت ۾ مٽائڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن. خودمختياري ۽ آزادي ته پري جا اهڃاڻ پيا ڏسجن، هاڻ اسان جي ساهه گهٽڻ جون تياريون آهن. مسلم ليگ جو انهيءَ فرقيوار سياست کي هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي، ۽ مذهبي فرقيواريت جي بنياد تي هڪ قوم تشڪيل ڏيڻ جو تجربو گذريل سٺ ورهين کان عمل هيٺ آهي، ۽ مذهب کي هڪ سياسي هٿيار طور ڪتب آڻي، قومن کي غلام بنائي رکڻ جي مشق اڃا تائين جاري آهي. اڄوڪو ڏينهن انهيءَ ويچارڻ جي تقاضا ڪري ٿو ته هڪ ناڪام ۽ سڄي دنيا ۾ رد ڪيل ڪنهن جمهوريت دشمن نظريي جي بنياد تي، ڇا هن ملڪ کي هلائي سگهجي ٿو؟ ۽ ڇا اهڙي حڪومتي طريقيڪار کي پنهنجائيندي، هيءَ رياست پنهنجن بحرانن جو حل ماڻي سگهي ٿي؟ سچو مسئلو نظريي جو آهي، جيڪڏهن اهو صحيح آهي ۽ انهيءَ تي ”پريڪٽس“ غلط ٿي رهي آهي، ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن، ڪنهن نه ڪنهن حالت ۾ سڌاري ۽ بهتريءَ جا امڪان رکي سگهجن ٿا. پر، جيڪڏهن نظريو ئي غلط آهي ته انهيءَ کي ”پريڪٽس“ وسيلي سڌارڻ پاڻي ولوڙڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. انهيءَ ڪري ضرورت اِن شيءِ جي آهي، ته آزاديءَ ۽ جمهوريت جي بنيادن ڏانهن واپسي اختيار ڪجي، ۽ نئين سِري کان سفر شروع ڪجي. پاڪستان جي وفاق ۽ اُن جي وفاق ٺاهيندڙ ڌرين جي وچ تي هڪ نئين سياسي معاهدي تي صحيحون ٿيڻ گهرجن. جيڪو 1940ع واري ٺهراءَ جي روح پٽاندر هجي. ٻي صورت ۾، هيءَ رياست دنيا جي ناڪام ترين رياستن ۾ اڳيئي ڳڻجي پيئي، جيڪا انيڪ سياسي، اقتصادي ۽ سماجي بحرانن جي ور چڙهيل آهي. امڪان ٻڌايا ويا آهن. ته جيڪڏهن اها وقت سر، دانشمنديءَ کان ڪم وٺندي، انهن بحرانن جي حل لاءِ ڪي بنيادي ۽ ٺوس ۽ معروضي حالتن جي تقاضائن سان نهڪندڙ اپاءَ نٿي وٺي، ته پوءِ مسٽر جناح جي ”ناقابل تنسيخ“ خواب ۾ هڪ پيرو پيهر ڌار پون ته انهيءَ کي امڪانن کان بعيد نه ڄاڻجي.

⦿

## تصوريت جي مقابل ماديت جي بنيادي تعليم

تصوريت جي سيني صورتن ۽ ماديت ۽ تصوريت جي سيني اهڙن سرچائن ۽ سمجهوتن جي مقابلي ۾، ماديت جي بنيادي تعليم تمام واضح ۽ سڌن سادن لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿي.

هن تعليم جي مغز کي، نچوڙ کي، سمجهڻ لاءِ اسان کي پهريائين هي به سمجهڻ گهرجي ته تصوريت پنهنجي سيني صورتن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خاص دعوائون ڪري ٿي. تصوريت جون اهڙيون ٽي خاص ۽ مکيه دعوائون آهن:

(1) تصوريت جي دعوي آهي ته مادي دنيا روحاني دنيا تي آڌاري آهي.

(2) تصوريت جي دعوي آهي ته روح يا ذهن يا تصور (خيال) مادي کان الڳ وجود رکي سگهي ٿو ۽ رکي ٿو. (هن دعوي جي تمام انتهائي صورت "موضوعي تصوريت" آهي، جيڪا دعوي ڪري ٿي ته مادو بلڪل موجود ڪونهي، اهو نبار مايا آهي)

(3) تصوريت جي دعوي آهي ته غيب ۽ اڪل (ڄاڻ ۾ نه ايندڙ) جي هڪ دنيا موجود آهي، جيڪا ان سڀ ڪجهه کان به "مٿي"، "پرانهين" يا ان جي "پنيان" آهي، جيڪو سوجهيءَ، تجربي ۽ علم (سائنس) وسيلي ڄاڻي سگهجي ٿو.

ماديت جي بنيادي تعليم تصوريت جي انهن ٽنهي دعوائن جي عين مقابل هن طرف بيٺل آهي:

(1) ماديت ٻڌائي ٿي ته دنيا پنهنجيءَ سڄيءَ فطرت ۾ مادو آهي، ۽ هر شيءِ



جيڪا موجود آهي مادي سببن جي بناءَ تي وجود ۾ اچي ٿي ۽ مادي جي تحرڪ جي قانونن مطابق اُسري ٿي ۽ وڌي ٿي.

(2) ماديت ٻڌائي ٿي ته مادو ذهن کان ٻاهرتو (ٻاڻ هرتو) ۽ آزاد، معروضي حقيت آهي، ۽ بجاءِ ان جي ته ذهني ڪا شيءِ مادي وجود کان جدا هجي، هر ذهني يا روحاني شيءِ مادي سلسلي عمل جي ئي اُپت يا پيداوار آهي.

(3) ماديت ٻڌائي ٿي ته دنيا ۽ ان جا قانون پوريءَ طرح ڄاڻي سگهڻ جهڙا آهن، ۽ توڙي جو وقت جي هڪ نه ٻئي مرحلي تي گهڻو ڪجهه اڻڄاتل ئي رهي، پر ڪا اهڙي شيءِ ڪانهي، جيڪا پنهنجي فطرت ۾ اڪل (ڄاڻ کان ٻاهر) هجي.

مارڪسي، ليننی فلسفي جي امتيازي خصوصيت هيءَ آهي ته اهو سچو پنهنجي سلسلي فڪر ۾ پوريءَ طرح يڪساني ماديت جو رُخ ۽ روش رکي ٿو ۽ اُن ۾ ڪنهن به مرحلي تي اهو تصوريت کي جاءِ نٿو ڏئي.

اسٽالن ان سلسلي ۾ چيو آهي:

(الف) تصوريت جي برعڪس، جيڪا دنيا کي هڪ "مطلق تصور"، "روح ڪل"، "شعور جامع" جو مجسمو شماري ٿي، مارڪس جي فلسفيائي ماديت جو موقف هيءَ آهي ته دنيا پنهنجي خاص فطرت ۾ مادي (material) آهي. دنيا جا ڪثيرالنوع مظاهر تحرڪ ۾ هجندڙ مادي جون مختلف صورتون آهن ۽ هيءَ دنيا مادي جي تحرڪ جي قانونن مطابق وڌي ويجهي ٿي ۽ ڪنهن "روح ڪل" جو احتياج ڪانه ٿي رکي.

(ب) تصوريت جي برعڪس، جيڪا چوي ٿي ته فقط اسان جو ذهن حقيقتاً موجود آهي. مارڪسي مادي فلسفي جو موقف آهي ته مادو، فطرت، وجود هڪ معروضي حقيقت آهي ۽ اهو اسان جي ذهن کان ٻاهرتو ۽ آزاد موجود هجي ٿو. مادو ابتدائي آهي، ڇو ته اهو اوسائن جو، تصورن جو، ذهن جو اصل آهي، منڍ آهي، ۽ ذهن ثانوي آهي، ماحصل آهي (مشتق آهي). ڇاڪاڻ ته اهو مادي جو، وجود جو هڪ عڪس آهي، ته سوچ مادي جي پيداوار آهي، جيڪو پنهنجي واڌ ۾ ڪماليت جي هڪ اعليٰ درجي تي رسي چڪو آهي، يعني مغز جي درجي تي، ۽ مغز سوچ جو هڪ اوزار آهي، وسيلو آهي، ته انهيءَ ڪري، سوچ، سواءِ ڪنهن وڏيءَ غلطي سرزد ٿيڻ جي، مادي کان الڳ نٿي ٿي سگهي.

(ج) تصوريت جي برعڪس، جيڪا دنيا ۽ ان جي قانونن کي ڄاڻي سگهڻ

جي امڪان کان انڪار ڪري ٿي. مارڪسي فلسفيائي ماديت جو موقف آهي تہ دنيا ۽ ان جا قانون پوريءَ طرح ڄاڻي سگهڻ جهڙا آهن. تہ فطرت جي قانونن بابت اسان جي ڄاڻ، تجربي ۽ استعماليءَ تي چڪاسيل ۽ مستند ڄاڻ آهي، جنهن کي معروضي سچ جي جائزگي حاصل هجي ٿي، تہ دنيا ۾ ڪي بہ اهڙيون شيون نہ آهن، جيڪي ڄاڻي سگهڻ جهڙيون نہ هجن. پر فقط اهڙيون شيون آهن جيڪي اڃا ڄاڻجي نہ سگهيون آهن، ۽ جيڪي سائنسي تحقيق سان ۽ استعماليءَ سان ظاهر ٿينديون ۽ ڄاڻي سگهبيون.“

## ماديت ۽ تصوريت، استعمال ۾:

جيئن مٿي چيو ويو، ماديت ۽ تصوريت جو اختلاف، جيڪو ائين بلڪل عام لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. دنيا جي فطرت بابت محض ڪو خيالي نظرين جي وچ ۾ اختلاف ڪونهي، پر اهو هر سوال کي سمجهڻ ۽ کولي ڏسڻ (تعبير) جي مختلف طريقن جي وچ ۾ اختلاف آهي. انهيءَ ئي ڪري اهو ايتريءَ وڏيءَ ۽ بنيادي اهميت جو اختلاف آهي.

اچو تہ بلڪل ڪي عملي صورتون ڏسون جن ۾ ماديت ۽ تصوريت جي هن اختلاف جو اظهار ٿئي ٿو. تصور وادي، مثال طور، اسان کي ٻڌائين ٿا تہ سائنس تي اسان کي ”تمام گهڻو“ ڀروسو رکڻ نہ کپي. اهي اسان کي ٻڌائين ٿا تہ سڀ کان وڏا ۽ اهم سچ سائنس جي پهچ کان ٻاهر آهن. ان کان پوءِ هو اسان کي صلاح ڏين ٿا تہ اسان کي ظاهري ثابتين، تجربي ۽ استعماليءَ جي آڌار تي ڳالهيون مڃڻ نہ کپن، پر جيڪي بهترين ڄاڻ رکڻ جي ۽ ڄاڻ جي ”اعليٰ“ ذريعي جي ميسر هجڻ جي دعويٰ ڪن ٿا، انهن تي اعتبار رکڻ کپي.

ان طرح، تصوريت رجعتي پروپئگنڊا جي هر صورت ۾ بهترين مددگار ۽ زره آهي. اها سرمايہ دوست پريس ۽ سڄي سرمايہ دوست نظام جي اعلانيل سرشتي جو فلسفو آهي. اها سڀ قسم جي ڀرم ۽ انڌ-وشواس کي فائدو ڏئي ٿي، اُها اسان کي پنهنجيءَ پر ۾ سوچڻ کان ۽ اخلاقي ۽ سماجي مسئلن ڏانهن سائنسي رخ اختيار ڪرڻ کان روڪي ٿي.

تصور وادي اسان کي ٻڌائين ٿا تہ اسان لاءِ سڀ کان اهم ڳالهہ آهي اسان جي ساهہ جي، روح جي، اندروني صحت ۽ زندگي. هو اسان کي ٻڌائين ٿا تہ اسان کان پنهنجا انساني مسئلا سواءِ اندر جي ڪنهن اُپار جي، سواءِ ڪنهن ”روحاني



آبياريءَ“ جي، ڪڏهن بہ حل نہ ٿي سگهندا. پيٽ ڀريل ماڻهن جي ڳالهين ۽ تقريرن جو هيءُ ڪل وقتي دل پسند موضوع هوندو آهي، پر ڪيترا هٿ پورهيت، ڪيتن ۾، ڪارخانن ۾، آفيسن ۾ ۽ رستن تي ڪم ڪندڙ بہ اهڙن ٿڌن، مٺن ۽ ننداڪيندڙ لفظن ۾ ڦاسي پون ٿا. تصورائي ڏاهپ جا ترجمان اسان کي پنهنجين حالتن کي بهتر بڻائڻ واسطي جدوجهد ڪرڻ لاءِ نہ پر پنهنجي اندر کي، روح کي، سڌارڻ ۽ اُجارڻ لاءِ چوندا آهن. اهي ڪڏهن بہ اسان کي ائين نہ چوندا آهن تہ مادي ۽ اخلاقي طور پاڻ کي بهتر بڻائڻ لاءِ اسان کي پنهنجيءَ دنيا ۾ هلندڙ امن لاءِ ۽ سوشلزم لاءِ جدوجهد ۾ شامل ٿي وڃڻ گهرجي.

تصوريت جي ذهني ڪيفيت گهڻن ”سوشلسٽن“ ۾ بہ موجود ڏسبي آهي. ڪيترائي سچا ۽ مخلص سوشلسٽ بہ مثال طور سمجهندا آهن تہ سرمايہ داري نظام جي لازمي خرابي اها آهي تہ ان ۾ اُپت جي شين جي اڻپوري ۽ بي انصافيءَ سان ورهاست ٿئي ٿي، ۽ جيڪڏهن اسين سرمايہ دارن سميت سڀني ماڻهن کان ان سلسلي ۾ انصاف ۽ ديانتداريءَ جو هڪ نئون تصور تسليم ڪرائي وٺون، تہ هوند سرمايہ داريءَ جي خرابين کان اسين نجات پائي سگهون ٿا. هنن لاءِ سوشلزم رڳو انصاف ۽ ديانتداريءَ جي هڪ خيالي تصور کي سمجهڻ ۽ تسليم ڪرڻ جو نالو آهي، ۽ بس.

ان ويساهہ جي تصوريت ان جي انهيءَ مفروضي يا مڃتا ۾ آهي تہ رڳو اسان جا خيال يا تصور جيڪي اسان جي ذهنن ۾ آهن، اهي ئي اسان جي طرز زندگي بڻائين ٿا، ۽ اسان جي سماجي نظام جي رنگ ڍنگ لاءِ ذميوار آهن. جيڪي ماڻهو انهيءَ روءِ سوچين ٿا، تن کان ان سڄيءَ صورتحال جي ذميوار مادي سببن ۽ عوامل تي نگاهہ وجهڻ وسري وڃي ٿي. چاڪاڻ تہ سرمايہ پسند سماج ۾ اُپت جي شيءِ يا مال جي ورهاست لاءِ سچ پچ ذميوار حقيقت جيڪا هجي ٿي، يعني هيءَ تہ سماج جو هڪ ننڍو حصو ئي آهي، جيڪو دولت جو مالڪ آهي، ۽ ٻيو حصو، جيڪو تمام وڏو حصو آهي، سوغربت ۾ گذاري ٿو. ان حقيقت جو سبب اهو نہ آهي تہ ماڻهو دولت جي ان ورهاست بابت ڪهڙا خيال ۽ تصور ذهن ۾ رکن ٿا، پر اهو مادي سچ آهي تہ اُپتڪاريءَ جو دستور سرمايہ دار هٿان مزدور جي استحصال يعني ڦُرجي لُٽجي بنهہ فقير ٿي جيئڻ جي بنياد تي بيٺل آهي. جيستائين اُپتڪاريءَ جو اهو دستور موجود رهندو، جيستائين انصاف جا اشتراڪي (سماج وادي) خيال

انصاف جي سرمايہ پسند خيالن کان ائين دبيا رهندا، تيستائين دولت ۽ غريبيءَ جون انتهائيتون پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي قائم رهنديون. اشتراڪين جو انهيءَ ڪري اهو فرض ٿئي ٿو تہ هو پورهيت طبقي کي منظم ڪن ۽ سرمايہ پسند طبقي جي استحصالي مفادن خلاف جدوجهد لاءِ انهن جي اڳواٽپ ڪن، تہ جيئن پورهيت طبقو سرمايہ پسند طبقي کان اقتدار حاصل ڪري ۽ ان جو مالڪ پاڻ بڻجي سگهي.

جيڪڏهن اسين اها ڳالهہ نٿا سمجهون، تہ اشتراڪيت (سماج واد) جي قيام لاءِ اثرائتي نموني وڙهڻ جي راهہ بہ اسين لهي نہ سگهنداسين، بلڪ اسين ڏسنداسين تہ اسان جا اشتراڪي آدرش سدائين اسان کان دور ٿيندا ويندا، ۽ اسين انهن تائين رسي ئي نہ سگهنداسون. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾، خاص طرح برطانيہ ۾، فرانس ۾، اٽليءَ ۾، اشتراڪيت جي جدوجهد جو اهو ئي تجربو حاصل ٿي سگهيو آهي.

انهن مثالن مان ڏسي سگهجي ٿو تہ تصوريت ڪيئن رجعت جي هڪ هٿيار طور استعمال ٿئي ٿي، ۽ اشتراڪي جڏهن وڏي تصوريت کي پنهنجيءَ جهوليءَ ۾ وجهن ٿا، تہ اهي ڪيئن سرمايہ پسند نظريي جي اثر ۾ ۽ ان جي رنگ ۾ رڱجي وڃن ٿا. اسين اشتراڪي نظريي جي مقصدن لاءِ نہ سرمايہ پسند خيال ڪٽي ۽ استعمال ۾ آڻي سگهون ٿا ۽ نہ ئي اسين اُن لاءِ، يعني اشتراڪيت جي تعمير لاءِ سرمايہ پسند حڪومتي نظام کي، ان جي ادارن کي ۽ سڄي ان جي عملداري سرشتي کي ئي ڪٽي استعمال ۾ آڻي ٿا سگهون.

دراصل، سڄيءَ تاريخ دوران، تصوريت رجعت جو ئي هڪ معزز ۽ معتبر هٿيار ٿي رهي آهي. فلسفي ۾ ڪهڙا بہ ان جا دلڪش نمونا وقت بوقت نهي جڙي سامهون پئي آيا آهن، پر تصوريت هميشہ پرماري طبقن جي حڪمرانيءَ جي حمايت ۽ تقويت جو ۽ پرماريت جي شڪار طبقن کي گمراهہ ۽ ڪمزور ڪرڻ جو ڪردار پئي ادا ڪيو آهي.

ان جو اهو مطلب بہ ڪونهي تہ تصوريت جي ڍڪ ۾ ڪنهن سچ يا ڪن سچن جو اظهار ئي ڪونہ ٿيو آهي. بلڪل ٿيو آهي، ڇو تہ تصوريت جون اسان جي سوچ جي رنگ ڍنگ ۽ نقش نگار ۾ تمام اونهيون پاڙون موجود آهن، ۽ انهيءَ ڪري ماڻهو اڪثر پنهنجن خيالن ۽ اُڌمن کي تصورائي پوشاڪ پهرائين ٿا، پر سوچ جي



تصورائي طرز سچ جي اظهار ۾ هميشہ هڪ جهل، هڪ روڪ، جو ڪم پئي ڪيو آهي. بنهہ ائين چئڻ اها سوچ جي مونجهارن ۽ غلطين جو ڪو سرچشمو يا منڊ هجي.

ائين بہ آهي تہ ترقي پسند تحريڪن گذريل دؤرن ۾ تصورائي نظرين کي قبول ڪري، انهن هيٺ پنهنجي جدوجهد بہ ڪئي آهي، پر ان صورتحال ۾ فقط ائين پئي ثابت ٿيو آهي تہ انهن ترقي پسند تحريڪن ۾ خود بہ مستقبل جي رجعت جا ٻج موجود هئا. ان قدر يا حد اندر، جو انهن ۾ اقتدار ۾ ايندڙ نئين پرماري طبقي جي اُڌمن ۽ ارادن ۽ مقصدن جي ترجماني موجود هئي، يا اهي تحريڪون خود رجعتي خيالن کان متاثر هيون، يا اها ڪيفيت انهن جي ضعف ۽ ناپختگيءَ جي هڪ نشاني هئي.

مثلاً، سترهين صديءَ ۾ انگريز بورجوازيءَ جي عظيم انقلابي تحريڪ تصورائي مذهبي نعرن هيٺ پنهنجي جدوجهد کي اڳتي وڌايو، پر ان جي اڳواڻ، ڪرامويل، جنهن خدا جو نالو وٺندي، پنهنجي مطلق العنان بادشاهہ چارلس جو سر ڌڙ کان ڌار ڪيو، ان ساڳئي ڪرامويل، انهيءَ ئي طرح خدا جو نالو وٺندي، انساني مساوات (برابريءَ) جي نعري هڻندڙ مجاهدن (Levelers) جو بہ ائين ئي قتل عام ڪندي ڪا هبڪ محسوس ڪانہ ڪئي.

اوائلي جمهوريت پسندن ۽ اشتراڪين جي ذهنن ۾ ڪافي گهڻا، اوچا اوچا، تصورائي خيال موجود هوندا هئا، پر سندن اهي خيال، هوائي، غير عملي ۽ معصومانہ، سندن جمهوريت ۽ اشتراڪيت جي تڏهوڪيءَ تحريڪ جي عدم پختگيءَ ۽ ڪمزوريءَ جا ئي عڪس هئا. انهن تصورائي وهمن کان مٿي چڙهڻ ضروري هو ۽ پوءِ ئي انقلابي پورهيت طبقي جي تحريڪ اُڀري مٿي اچي ٿي سگهي ۽ ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي سگهي ٿي، ۽ ائين جيئن تحريڪ ۾ مضبوطي پيدا ٿي ۽ شعوري پختگي آئي، اُن ۾ انهن تصورائي وهمن جي وڏيڪ موجودگي ظاهر ظهور عوام دشمن ۽ رجعتي اثرات جو نتيجو معلوم ٿي.

اسين خاطريءَ سان چئي سگهون ٿا تہ تصوريت پنهنجي اصل ۾ هڪ رجعتي قوت آهي. اهڙي هڪ نظريائي قوت، جيڪي شيون جيئن آهن انهن جي ائين قائم رکڻ ۾، ۽ ماڻهن جي ذهن ۾ سندن سڄيءَ حالت بابت جيڪي ساده فهميون موجود هجن ٿيون، انهن کي محفوظ رکڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

ٻئي طرف، هر سچي پڇي سماجي ترقي، اُپتڪاري قوتن ۾ هر اضافو سائنس جو هر اڳتي قدم ماديت جي اؤسر جو سبب بڻجي ٿو ۽ تنهن ئي اڳتي وڌڻ ۾ مادي خيالن جي مدد وٺي ٿو ۽ انساني فڪر جي سڄي تاريخ تصوريت جي وهمن ۽ ساده فهمن تي ان جي سوڀ جي تاريخ رهي آهي.

ماديت لاءِ جاکوڙ:

انسان هٿان انسان جي پرماريت کي ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندڙ پورهيت طبقي جي منظم اڳواڻ جٿي جي حيثيت ۾، اسان اشتراڪين ۽ اشتمالين لاءِ تصوريت، پنهنجيءَ ڪنهن بہ صورت ۾، ڪنهن ڪم جي نہ آهي. ان سلسلي ۾ لينن، مثال طور، ڪجهہ هن طرح سمجهايو آهي:

”مارڪس ۽ اينگلس جي عظمت هن ئي حقيقت مان پروڙي سگهجي ٿي تہ هڪ طويل عرصو تقريباً اڌ صديءَ جو، هنن ماديت جي فڪر کي اجاگر ڪرڻ ۽ فلسفي جي ان بنيادي رخ کي اڳتي ۽ نت اڳتي وڌائڻ ۾ صرف ڪيو.

”مارڪس جي مختلف فلسفيانہ قولن کي اوهين ڏسو...... اوهين انهن ۾ هڪ بنيادي رنگ ڏسندا. مثلاً ماديت تي سندن وري وري زور ۽ سڄيءَ ۽ سڀ قسم جي تاريڪ خياليءَ، سڄيءَ ۽ سڀ قسم جي منڌل ۽ گهمساني سوچ، ۽ تصوريت ڏانهن سڄيءَ ۽ سڀ قسم جي ذهني رولاڪيءَ ۽ دربدرائيءَ تي سندن جلهہ ۽ ٺٺول.

”مارڪس ۽ اينگلس فلسفي ۾، اول کان آخر تائين، جانبدار هئا، هو ماديت کان تصوريت ڏانهن هر قسم جي پلڪار ۽ هر ”نئين“ لاڙي ۽ هر جديد ”ڪشش“ کي ڏسي ۽ سڃاڻي ٿي سگهيا.

”حقيقت پسند وغيره، اثباتين (Positivists) سميت، سڀ هڪ ردي پاهہ آهن، هي فلسفي ۾ هڪ ڪين جهڙو وچ وارو ٽولو آهي، جيڪي هر سوال تي مادي ۽ تصورائي لاڙن کي منجهائين ۽ وچڙائين ٿا. فلسفي ۾ هنن ٻنهي بنيادي صورتن کان فرار جي ڪوشش، سواءِ مصلحتائي نيم حڪيمائيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.“ (لينن: ”ماديت ۽ حقيقت پسندائي تنقيد“ باب 4، ڀاڱو 4)

هر مسئلي تي، ۽ هر مامري ۾، اسين تصوريت جي مقابلي ۾ ماديت جا پاسدار آهيون. اهو انهيءَ ڪري آهي، جو اسان کي خبر آهي تہ اسان لاءِ ماديت جي نظريي جي روشنيءَ ۾ ئي ممڪن آهي، جيڪو تصورائي خوش فهمين کان آزاد ٿي، شين جو ائين مطالعو ڪري ٿو جيئن اُهي آهن، تہ اسين فطرت جي ۽ سماج جي قوتن



کي ائين سمجهي سگهون، جو اسين سماج کي تبديل ڪرڻ ۽ فطرت جي قوتن تي قابض بڻجڻ جي لائق ٿي سگهون.

۽ انهيءَ ئي ڪري ماديت اسان کي پنهنجي پاڻ تي، پورهيت طبقي تي سڄي عوام تي، ڀروسو ڪرڻ سيکاري ٿي. اها اسان کي سيکاري ٿي تہ اسان جي سمجهہ کان بالاتر ڪي بہ غيب ڪين آهن، تہ اسان لاءِ ائين قبولڻ ضروري نہ آهي تہ جا حالت جيئن آهي سا خدا جي مرضي آهي، تہ جيڪي اسان تي آقا بڻجي ويهن ٿا تن جي ”حڪما حڪمي“ ڳالهين کي اسين هيچ سمجهي عدولي سگهون ٿا، تہ اسين فطرت ۽ سماج کي پاڻ ئي سمجهي سگهون ٿا، انهيءَ لاءِ تہ انهن کي اسين تبديل ڪرڻ لائق ٿي سگهون.

اسين تصوريت کي بلڪل ئي رد ٿا ڪريون، ڇاڪاڻ تہ اعليٰ آوازيل ڳالهين جي پوش ۾ اها ماڻهوءَ تحت ماڻهوءَ جي غلاميءَ جي تبليغ ڪري ٿي ۽ انسان ذات جي طاقت کي بي وس بڻائي ڇڏي ٿي.

مئڪسم گورڪيءَ انسانذات ۾ بنيادي نقطي نگاهہ کان پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪندي، لکيو آهي تہ، ”منهنجيءَ نظر ۾، ماڻهوءَ کان پري خيالن جو ڪو وجود ڪونهي، مون لاءِ، ماڻهو ۽ فقط ماڻهو معجزا ڪري ڏيکاريندڙ قوت آهي، ۽ ماڻهو ئي، مستقبل ۾، فطرت جي سڀني قوتن جو مالڪ ٿيڻو آهي. هن اسان جي پنهنجيءَ دنيا ۾ سهڻين ۾ سهڻيون شيون آهن، جي پورهئي جي پيداوار آهن. هنرمند انساني هٿن جون، ۽ سڀ اسان جا خيال پورهئي جي سلسلي عمل مان اتپن ٿيل آهن.

”۽ جيڪڏهن مقدس شين جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو ٿو وڃي، تہ هڪ مقدس شيءِ ماڻهوءَ جي پنهنجي پاڻ سان ناراضگي آهي ۽ جو ڪجهہ هو آهي تنهن کان بهتر بڻجڻ جو سندس ادم آهي، مقدس آهي سندس نفرت پنهنجي ئي تخليق ڪيل خسيس ڪن ڪچري سان، مقدس آهي سندس خواهش لوڀ، ڪروڌ، ڏوهہ، بيماريءَ، جنگ ۽ ڏرتيءَ تي انسانن جي وچ ۾ عداوت کي ختم ڪرڻ جي، ۽ مقدس آهي سندس پورهيو.“ (گورڪي: ”ادب ۽ زندگي، مون لکڻ ڪيئن سکيو“).

◉

# آمريت ۽ جمهوريت جا الڳ الڳ خواب

ڪجهه سال اڳ مون چارلي چئپلن جي لکيل ۽ سندس ئي هدايتڪاريءَ هيٺ تيار ٿيل هڪ جڳ مشهور فلم The Great Dictator (مها آمر) ڏٺي هئي، جنهن ۾ مهان ڪلاڪار چئپلن پاڻ ”هٽلر“ طور ڊڪٽيٽر ”هئنڪل“ جو ۽ ڪمزور، معصوم، نيڪ طبع عام ماڻهوءَ طور هڪ يهودي حجام جو ٻِٽو ڪردار ادا ڪيو هو. فلم ۾ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ملڪ ”تَمينيا“ (جرمنيءَ) جي ڊڪٽيٽر هئنڪل (هٽلر) جي فوج پاران پاڙيسري ملڪ ”آسٽرلچ“ (آسٽريا) تي پرامن مداخلت جي بهاني قبضي ڄمائڻ جي جشن ملهائڻ واريءَ تقريب ۾ ”هئنڪل“ (هٽلر) جو جرمن باغي ڪمانڊر ”شُلز“ يهودي حجام کي ڊڪٽيٽر هئنڪل بڻائي، فاتح جرمن فوج جي سلامي وٺڻ ۽ اُن کي خطاب ڪرڻ لاءِ وٺي وڃي ٿو. اصل ۾ تہ ڊڪٽيٽر ”هئنڪل“ (هٽلر) کي ئي ”تُمينيائي“ فوج کي اُتي فتحمنديءَ جو خطاب ڪرڻو هو ۽ وڏي ڏام ڏَڙلي سان مبارڪ ڏيڻي هئي، پر رستي ۾ هُو ڪنهن ڍنڍ جي ڏُٻڻ ۾ ڦاسي پوڻ سبب پهچي نہ سگهيو هو.

فلم جو موضوع ٻن مهاڀاري لڙاين، پهرين مهاڀاري لڙائي (1914_1919) ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ (1939_1945) جي وچ واري دور جي حالتن بابت ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هو. اُهو درمياني دور دنيا ۾ هڪ اهڙو تہ ڀيانڪ ۽ غير يقينيءَ وارو دور هو، جنهن ۾ ديوانگي چوٽ تي پهتل هئي. قومن جي آزادي چِئن ئي عُضوين چِت پيل ۽ انسانيت فوجي لانگ بوٽن هيٺ آيل هئي. جيئن هڪ طرح اڄ اسان جي دنيا جي صورتحال آهي، جتي هڪڙن جي پويان ٻين ڊڪٽيٽر حاڪمن جو لاڳيتو قبضو



مسلسل طور جاري آهي، جنهن ۾ ٻيو ڪجهه نہ فقط آپيشاهي (فسطائي) گند جا ڍير ۽ اُنهن تي نوان نوان واهپ ڪندڙ نالائقيءَ ۾ ڪُوڙ جي بدبودار ٻَنَن جي حفاظتي هٿيارن پنوهارن سان ڄنجهيل پهريدار ٿيا بيٺا آهن.

اهڙن سيني جي مُک سردار، اُن ڊڪٽيٽر هئنڪلَ (هٽلر) جي ويجهيءَ ڍنڍ ۾ گُم ٿي وڃڻ سبب اُن جو پروپئگنڊائي وزير ”هر گاربيچ“ (Herr Paul Joseph Goebbels) جنهن پنهنجي سِر ڪُوڙن جي مُک سردار، اُنهن جي هر ڪُوڙ جو اَتَڪ گهَڙندڙُ تبليغڪار، پنهنجي ”دوست“ باغي ڪمانڊر ”شُلز“ سان گڏ اسٽيج تي براجمان ٿي، پنهنجي همزاد خونخوار بگهڙن جي سَٺَ ڄِي ٻوليءَ ۾ فاتح فوج جي آڏو دونهين دار تقرير ڪئي، جيڪا سڄي جي سڄي هڪ وحشي للڪار ئي هئي! ڪانئس پوءِ ماڻهن جهڙو ماڻهو - هيڻو معصوم، نيڪدل - حجام يهودي، ڊڪٽيٽر ”هئنڪل“ (هٽلر بڻيل)، اُتي فوج کي خطاب ڪري ٿو. هو شروع ۾، تقرير ڪرڻ کان ڊِنل لڳو ٿي ۽ هَٻڪِي هَٻڪِي ڳالهائي رهيو هو پر آخر ۾، موج ۾ ايندي هڪ سگهارو ۽ پُر اعتماد ڳالهائڻو بڻجي وڃي ٿو ۽ نيٺ سڄي مجمعي تي ڇانئجي وڃي ٿو.

هيٺ اُنهن ٻنهي تقريرن کي، اڄ جِي عالمي صورتحال جي پيش منظر ۾، ٻيهر پيش ڪرڻ مناسب ٿيندو تہ جيئن ٻِن مختلف ذهني لاڙن - هڪ ڏاڍ ۽ جبر وارو لاڙو ۽ ٻِيو حق ۽ راستيءَ وارو -، هڪ بديءَ وارو ۽ ٻيو نيڪيءَ وارو -، هڪ تباهه ڪندڙن ۽ ٻيو دردمند، باضمير ”تخليقڪارن“ جو تعميري لاڙو - ٻِنهي نوع جي لاڙن، هڪ حيواني ۽ ٻئي انساني سوچ ۽ عمل جي صورتن کي نِروار ڪري سگهجي.

ٻِن نوعيتن، ٻِن دنيائن جي ٽَڪرَ جو منظر، جيڪو اَبد کان جاري آهي ۽ شايد اَزلَ تائين جاري رهندو! انساني ارضياني دائري جي هر معاملي ۾ مناسب وقت اچڻ تي، تاريخ جي مهربانيءَ سان حق جي سوڀ ٿِي آهي ۽ ٿيندي رهندي، ۽ اهڙيءَ ريت آزاديءَ جي جنت کي ماڻڻ واري ماڻهوءَ جي آرزو پڻ فتحمنديءَ سان همڪنار ٿيندي اچي ٿي، ۽ اُن ئي پنهنجي اَٽل منطقي انجام تي هڪ ڀيري پهچي ئي دنگ ڪندي، نيٺ اچي پهچندي. پاڪستان جي قومن جو عوام ۽ سنڌي قوم جو عوام پڻ اهڙي ئي وقت جي انتظار ۾ آهي، جڏهن هُو پنهنجي خوابن جي آزاديءَ جي جنت، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ جاکوڙيندي ۽ ويڙهاند ڪندي، پنهنجي مقصد جي مُومل ماڻيندا.

**ٻہ تقريرون:**

**پهرين تقرير آپيشاهہ رَت پِياڪ شِڪاري ٽولي جي مُک اڳواڻ ”هر گار بيچ“ پاران ڪيل:**

”بهادرو سوپ ۽ فتحمندي لائق ماڻهن کي ئي نصيب ٿيندي آهي .......

”اڄ جي دور ۾ لوڪ راڄ، آزادي ۽ برابريءَ جا لفظ اَبوجهہ ۽ اَياڻن ماڻهن لاءِ ئي ڪشش رکي سگهن ٿا. اڄ جي دور ۾ ڪابہ قوم انهن خِيالن سان ترقي ڪري نٿي سگهي. بلڪ سچ تہ اِهو آهي تہ اِن قسم جا خيال ۽ نظريا بهادرانہ جدوجهد جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجن ٿا. تنهن ڪري اسين بنان ڪنهن هَٻڪَ جي اُنهن کي رد ڪريون ٿا.

”مستقبل ۾ هاڻي کان پوءِ، هر ماڻهو ڪامل تابعداريءَ سان رياست جي مفادن لاءِ ڪم ڪندو. جو انڪار ڪندو اُن لاءِ هيءَ تنبيهہ آهي.

”يهودين ۽ ٻين سيني اڻ ـ آريہ لوڪن کان سندن شهريت جا حقَ کسي ونيا. اُهي نيچ آهن ۽ تنهن ڪري اُهي رياست جا ويري آهن. سيني سچن صالحن، لائق ۽ فائق آريہ ـ لوڪن جو فرض آهي تہ اُهي اُنهن کان نفرت ڪن ۽ اُنهن کي ڪِينَ جهڙو سمجهن.

”اڄ کان پوءِ، هيءَ قوم (مفتوح ”آسترلچ“ قوم) ٿُمينيائي سلطنت ۾ شامل ڪئي ويئي آهي. هِن قوم جا ماڻهو هاڻي اُنهن قانونن کي مڃيندا، جيڪي اسان جي عظيم رهبر، هئنڪل اعظم ٿُمينيا جي ڊڪٽيٽر، استرلچ جي فاتح، دنيا جي آئنده شهنشاهہ، اسان کي عطا ڪيا آهن. ....“

**ٻي تقرير، يهودي حجام جِي ڪيلَ:**

”منهنجي دل ۾ شهنشاهہ بنجڻ جو ڪو ارادو ناهي. آءٌ ڪنهن ملڪ يا قوم کي فتح ڪرڻ يا اُنهن تي حڪمراني ڪرڻ نٿو گهران.

”آءٌ هر ڪنهن ماڻهوءَ، يهودين، ڪارن ۽ گورن، سيني جي ممڪن حد تائين مدد ڪرڻ چاهيان ٿو.

”اسين سيئي هڪ ٻئي جِي مدد ڪرڻ چاهيون ٿا. انسان چئبو ئي اُنهن کي آهي، جيڪي هڪٻئي جي مدد ڪن. اسين هڪ ٻئي کي خوش رکي، پاڻ خوش رهي سگهون ٿا. اسين ٻين کي مصيبت ۾ رکي، پاڻ خوش نٿا رهي سگهون. هيءَ دنيا هڪ ٻئي جي ڀلائيءَ واري اصول هيٺ ئي رهڻ لائق ٿِي سگهي ٿِي. اسان جهڙا



ٻيا ماڻهو اسان جا پائر جيڪڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا هوندا تہ اُن صورت ۾ اسين ڪيئن خوش رهي سگهنداسين؟

”اسين هڪ ٻئي سان نفرت يا ڌڪار ڪرڻ نٿا چاهيون. هن دنيا ۾ هر ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ هر ڪنهن جِيوَ لاءِ زنده رهڻ ۽ پنهنجي جيون گهارڻ لاءِ گنجائش موجود آهي. اسان جي هيءَ سباجهي ڌرتي، هر قسم جي قدرتي نعمتن سان مالا مال آهي، ۽ اُها هر ڪنهن جون ضرورتون پوريون ڪري سگهي ٿي.

زندگي گذارڻ جو ڍنگ ۽ اسلوب آزاداڻو ۽ سوڀياوان ۽ شاناڻتو هجڻ گهرجي. پر اسين پنهنجيءَ اُن ماڻهپيءَ واريءَ راهہ تان ڀٽڪي ويا آهيون. لوڀ ۽ لالچ ماڻهن جا قلبَ ڪارا ڪري ڇڏيا آهن. اُن حِرص هَوَس ئي هِن دنيا کي نفرت جي اوڙاهہ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. لشڪرگشيءَ اسان کي مصيبت ۽ رتوڇاڻ جي وَرَ چاڙهي ڇڏيو آهي.

”اسان خوب ترقي ڪئي آهي. هر ڪنهن ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ رفتار ۾ تہ اسان اضافو آندو آهي. پر حقيقت اِها آهي تہ اُن تيز رفتار ترقيءَ ڪنئور نظام، جيڪو مسڪين ۽ بيگناهہ ماڻهن لاءِ عذاب بنيل آهي، ڪين ڇيچلائي ماري ٿو ۽ بيڏوهين کي ٽُرم يا ترائون ڪرائي ٿو. اُهي ماڻهو جيڪي مون کي ٻُڌي سگهن ٿا، تِن کي آءٌ چوان ٿو تہ نااميد نہ ٿيو. مصيبت، جيڪا هن وقت اسان سيني مٿان نازل ٿيل آهي، سا فقط لوڀ لالچ ۽ اُنهن ماڻهن، جيڪي انساني ڀهبوديءَ واريءَ راهہ کان ڊنل آهن، تن جي بغض سبب آهي. اُهو ڏينهن پري ناهي، جڏهن ماڻهن جي هڪ ٻئي سان نفرت ختم ٿيندي. ڊڪٽيٽر ۽ آپيشاهہ مري ويندا ۽ حاڪميت جو اختيار جيڪو اُنهن ظالمن عوام کان کسي، غضب ڪري، پنهنجن هٿن ۾ ڪيو هو سو عوام کي واپس ملندو. جيستائين ماڻهو اُن لاءِ مرندا رهندا، تيستائين آزادي ڪانہ مرندي.

بهادرو! پنهنجو پاڻ کي ظالمن جي رحم ڪرم تي نہ ڇڏيو. اُنهن ظالمن جي رحم ڪرم تي، جيڪي اوهان کي ڌڪارين ٿا ۽ غلام بنائين ٿا. جيڪي اوهان جي زندگين کي قائدن قانونن ۾ جڪڙن ٿا ۽ دستورن ۾ واڙين ٿا. اُهي ظلمي ماڻهو جيڪي اوهان کي چون ٿا تہ اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي، ڇا سوچڻ ۽ ڇا محسوس ڪرڻ گهرجي. جيڪي اوهان کي طرح طرح جي سانچن ۾ وجهن ۽ پُتلن ۾ بدلائين ٿا ۽ اوهان کي ٿڪائي ٿڪائي بيزار ڪن ٿا. اوهان سان ڍورن جهڙو

وهنوار ڪن ٿا. اوهان کي توپ جي چاري طور استعمال ڪن ٿا. اوهين پنهنجو پاڻ کي اهڙن غير فطري ماڻهن، مشين جهڙن ماڻهن، جن کي مشين جهڙا دل ۽ دماغ آهن، تن جي حوالي نہ ڪريو.

”اوهين مشينون ڪِين آهيو. اوهين جانور نہ آهيو. اوهين انسان آهيو. اوهان جي دلين ۾ ماڻهپي لاءِ مريادا ۽ انسانيت لاءِ پيار آهي. اوهان نفرت ڪونہ ٿا ڪريو. فقط اُهي ئي ماڻهو نفرت ڪن ٿا، جن کي پيار ڪڏهن نصيب ناهي ٿيو. فقط اُهي ماڻهو جيڪي پيار کان وانجهيل ۽ بي درد آهن، سي ئي نفرت ڪري سگهن ٿا.

”سپاهيو! غلاميءَ لاءِ نہ، پر آزاديءَ لاءِ وڙهو. سينٽ ليوڪ ڪتاب جي سترهين باب ۾ لکيل آهي: ’خدا جي بادشاهت ماڻهوءَ جي پنهنجي وجود ۾ سمايل آهي - اُها بادشاهت ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جي دل ۾ نہ، ۽ نہ ئي ڪِن ماڻهن جي گروهن ۾، پر سڀني انسانن ۾، اوهان ۾ سمايل آهي‘ - اوهان ۾، اوهان ماڻهن ۾ مشينون ايجاد ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي، خوشي پيدا ڪرڻ جي سگهہ آهي. اوهان ماڻهن ۾ هن زندگيءَ کي آزاد، خودمختيار ۽ خوبصورت بنائڻ، اُن کي حيرت انگيز ساهہ جي سَٽ سمجهڻ ۽ جانباز جاکوڙ بنائڻ جي شڪتي موجود آهي.

”تہ پوءِ اچو تہ آپيشاهيءَ لاءِ نہ پر، لوڪ راڄ لاءِ اُها شڪتي ڪم آڻيون. اچو تہ سڀئي گڏ ٿيون. هڪ نئينءَ دنيا لاءِ جاکوڙيون. هڪ اهڙيءَ سياويڪ، فضيلت ڀريءَ دنيا لاءِ، جيڪا ماڻهن کي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيندي، جيڪا اوهان کي روشن مستقبل ۽ ٻُڍاپي جو تحفظ ڏيندي.

”ظالم، شڪارباز، آپيشاهہ اوهان کي اِنهن ئي شين ڏيڻ جا واعدا ڪري، اقتدار ۾ آيا هئا. پر اُهي ڪوڙا هئا. اُنهن پنهنجن ڪيل واعدن جو ڀَرم نہ رکيو ۽ نہ ئي اُهي اِئين ڪندا آهن. ڊڪٽيٽر، شڪارباز، ظالم پنهنجو پاڻ کي تہ آزاد ڪن ٿا، پر عام رعايا کي غلام بنائين ٿا. غلاميءَ جي اشڪنجي ۾ جڪڙي رکن ٿا. هاڻي اچو تہ اِنهيءَ واعدي، يعني هڪ سياويڪ، فضيلت ڀريءَ، انسان جي فلاح ۽ بهبود ۾ يقين رکندڙ ۽ روشن مستقبل جي ضمانت ڏيندڙ دنيا جوڙڻ واري واعدي جي تڪميل لاءِ جاکوڙ ڪريون!

”اچو تہ دنيا کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جاکوڙيون. اچو تہ (برتر ۽ ڪمتر) قوميت جي رڪاوٽن مان جند ڇڏائڻ لاءِ، حرص مان جند ڇڏائڻ لاءِ، نفرت ۽ اَسَهپ جهڙين رڪاوٽن مان پلئہ آجي ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪريون.



”اچو تہ هڪ ساجاهہ ڀريءَ دنيا لاءِ جاکوڙيون، هڪ اهڙي دنيا، جنهن ۾ سائنس ۽ اُن جي ترقي ماڻهن جي مڙني خوشين جي حاصلات لاءِ استعمال ٿين.

”سپاهيو! اچو تہ هڪ راڄ جي نانءُ تي گڏ ٿيون، متحد ٿيون!

(زوردار تاڙيون)

اسان جي پنهنجين حالتن ۾، اسان جي پنهنجن ”بهادرن“ ۽ اُنهن جي اقتداري جوڙيوالن - شڪاربازن بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟ اُنهن کي مخاطب ٿي اسان کي ڇا چوڻ گهرجي؟ ڇا اِهو ممڪن نہ آهي تہ اُهي لوڪ راڄ جي نالي ۾، هن ديس جي عوام سان متحد ٿيڻ لاءِ تيار ٿيندا ۽ آزاديءَ لاءِ وڙهندا؟ هڪ اهڙيءَ دنيا لاءِ وڙهندا، جاکوڙ ڪندا، جيڪا انصاف تي مبني هجي، جتي ترقي سڀني ماڻهن جي خوشين جي ضامن هجي - يا اُن جي اُبتڙ هڪ اهڙيءَ دنيا جا رکوالا بنجڻ کي ترجيح ڏيندا، جتي ماڻهو جانورن وانگر مشين صفت، غير فطري ماڻهن، ڏنارن جي ماتحت ڪم ڪندا ۽ ڳِهندا رهندا، جن جي نظر ۾ ماڻهو ئي نہ آهن ۽ قومون، قومون ناهن، جن جي دنيا انسانن واري، ماڻهپي واري دنيا ئي ناهي ۽ سندن حيواني دنيا ۾ زندگي ٻِي ڪجهہ بہ معنيٰ نٿي رکي، سواءِ حرص، ڏِڪار ۽ ماڻهوءَ تحت ماڻهوءَ جي غلاميءَ جي!؟ سچ پچ تہ سڀئي ماڻهو ڪيڏيءَ نہ وڏي اُڪير سان هٿ مٿي کڻي آس ڪندا تہ اُهي - يعني اسان جا بهادر ۽ سندن جوڙيوال سرڪاري عملڪار، ڪامورا - سچ پچ بہ، پنهنجو پاڻ کي لوڪ راڄائي بنائڻ، ”جمهوري“ بنائڻ ۽ انسان بنائڻ لاءِ تيار ٿين ۽ فورن ئي اُهي اِهو چڱائيءَ جو ڪم ڪن!

تہ پوءِ اِن وچ ۾ پاڪستان جو انجام ڇا ٿيندو؟ وقت گذرڻ سان گڏ پاڪستان نيٺ بہ تہ سواءِ ڪنهن شڪ شبهي جي اُهو ڪجهہ ئي بڻجڻو آهي، جيڪو اُن جا ماڻهو ۽ عوام اُن کي بنائڻ چاهيندا ۽ اُن کي ائين بنائڻ لاءِ سِر ترِيءَ تي رکڻ لاءِ تيار بہ ٿيندا.

هي ملڪ عام طرح چيو وڃي ٿو تہ تحريڪ پاڪستان جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو هو. اهائي پاڪستاني تاريخ سان وڏي جُٺِ آهي. پاڪستان جي قيام پٺيان ڪوبہ هڪ نظريو يا ڪابہ هڪ سوچ ڪارفرما نہ هئي. هي ملڪ بيٺڪيت جي ”نظريي ضرورت“ تحت وجود ۾ آيل آهي. جمهوري ۽ عسڪري قوتون تہ جناح واري پاڪستان جو راڳ آلاپي رهيون آهن پر گذريل سٺ سالن ۾ اهو واضح نہ ٿي سگهيو آهي تہ هي ملڪ ”ٻہ قومي نظريي“ تحت وجود ۾ ايندڙ جناح جي اسلامي

رياست يا ورهاڱي کان پوءِ جلد سندس ئي تقرير موجب جمهوري ۽ ترقي پسند رياست آهي. جڏهن تہ سياسي مزاج ۾ جناح جو پاڪستان اجا بہ مختلف هو. هن هڪ انٽرويو ۾ واضح ڪيو تہ ”پاڪستان جو نظريو ان ڳالهہ جي ضمانت ٿو ڏئي، تہ ان جي وفاقي وحدتن کي اُها سموري خودمختياري حاصل هوندي، جيڪا آمريڪا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا جي آئينن ۾ مليل آهي.... هر وفاقي وحدت يا صوبي کي پنهنجا پنهنجا ڌار آئيني، انتظامي ۽ عدالتي نظام، آئيني طور الڳ الڳ حاصل هوندا.... 1940 ع واري لاهور جي ٺهراءَ ۾ بہ قومون خودمختيار مملڪتن جي ضمانت تحت پاڪستان ۾ شامل ٿيون. پر جناح جي موجودگيءَ ۾ 1946ع ۾ رڳو اُن ۾ هڪ ترميم ڪئي وئي تہ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومون خود مختيار مملڪتون نہ پر صوبا هوندا. اهڙي طرح مسلم ليگ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي پنهنجي سموري جدوجهد ۽ واعدن سان بدترين ۽ مثالي غداري ڪئي. دنيا جي سمورين وفاقي مملڪتن ۾ صوبا گڏجي وفاق جي حيثيت جو تعين ڪندا آهن. ان جي ابتڙ هِتي اسان وٽ وفاق طئي ڪري ٿو تہ صوبن جي ڪهڙي حيثيت هئڻ گهرجي. 1973ع جو آئين بہ انهيءَ تصور تي رکيو ويو. اڄ جيڪڏهن پاڪستان ۾ قوميتن جي بقا جو سوال آهي تہ 1973ع وارو آئين ملڪ جي خالق قومن جي تاريخي وجود جو انڪاري آهي. مٿئين بحث مان هڪ سوال اهو اڀري ٿو تہ پاڪستان ڪهڙو؟ اسلامي، جمهوري ۽ ترقي پسند يا 1940 جي قرارداد لاهور وارو يا 1946 واري قرارداد دهليءَ وارو؟ ٻيو سوال هي تہ 1973 وارو آئين جيڪڏهن اصل صورت ۾ بحال بہ ٿي وڃي تہ بہ ننڍين ۽ مظلوم قومن لاءِ اهو قابل قبول نہ رهيو آهي نہ رهندو. انهيءَ ڪري هڪ نئون سماجي معاهدو ناگزير آهي، جنهن ۾ واضح طور طئي ٿيل هجي تہ پاڪستان ڇو ۽ ڪنهن جي لاءِ.

اُهي ماڻهو جيڪي گذريل سٺ سالن کان هڪ واحد قوم جي اَڌول برتري ۽ بالاتري، پاڪستان جي ٻين قومن مٿان مڙهڻ لاءِ، ۽ اُن واحد قوم جي اَڻُوٽ اڪثريت جي اِها هِڪ هَٽي قائم رکڻ لاءِ جتن ڪندا رهيا آهن ۽ اُن کي ڊيموڪريسي - مروج جديد نوعيت واري ڊيموڪريسي، يا سندن پنهنجي ترجيح واري اسلام برانڊ جمهوريت - ڪوٺي رهيا آهن، ۽ سماجي طور اُن جو بنياد طاقت جي برتريءَ تي ئي ٻيهاريندا پئي آيا آهن - سچ تي نہ، نيڪيءَ تي نہ، پر حيواني طاقت تي ۽ اُن جي ماڊل حيواني دولت تي ئي ٻيهاريندا پئي آيا آهن - فقط اِن



ڪري تہ اُن هڪ فڪري رخ، اُن هڪ ذهني لاڙي جي ڪري ئي هُو مڃين ٿا تہ طاقت ئي صحيح آهي ۽ سچ آهي، پاڪستان، جيڪو هيل تائين اُن ئي بنياد تي نظاميو پئي آيو آهي جتي شروع ۾ ئي اقتدار ۽ اختيار جي پڳ هُنن پنهنجي مٿن تي پنهنجن انگريز ٻينڪي آقائن جي وفادار غلامن طور ئي قبولي هئي. اُهو سندن پاڪستان، اُنهن ئي سورمن جي پنهنجن خيالن جو پاڪستان هو. جيڪڏهن هيءُ معاملو سندن سوچ تي ئي ڇڏيو وڃي تہ اُهو پاڪستان اُنهيءَ ئي طرح هلندو رهندو. اُن ئي سوچ پٽاندر هنن پنهنجن شڪاربازن کي بہ ملڪ جي دولت ۾ پاڻ سان حصيدار بنايو آهي. اُها قدرتي دولت هجي، توڙي زراعتي دولت هجي، يا صنعتي دولت ڇو نہ هجي، هنن خلق جي خدمت ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ سڀني ادارن کي بدلائي ذاتي ۽ مفادي ادارا ڪري ڇڏيو آهي ۽ اِن طرح ٻئي ڌريون، صاحب اقتدار ٽوٽي انتظامي ڪارپرداز اڄ عام ماڻهن ۽ پورهيت عوام جي استحصال ۾ پائيوار آهن.

پاڪستان جون قومون، پاڪستان جا ماڻهو اِئين ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اِئين ڪري بہ سگهن ٿا. هُو پاڪستان کي بلڪل ائين اَڏڻ چاهين ٿا ....اِن ڪري بہ نہ تہ اُها ڪا مٿن سندن ”ڌنارن ۽ شڪاربازن“ جي مهرباني ٿيندي پر اِهو حق ۽ اختيار هُو اُنهن کان زوريءَ، جدوجهد ذريعي وٺڻ گهُرن ٿا ۽ وٺي دم ڪٽڻندا. اُنهن کي جهُڪائي، اُنهن جا گوڏا کوڙائي بہ - اهڙي انقلاب ذريعي، جنهن سان تاريخ پنهنجا فيصلا پنهنجي حق ۾ ڪرائيندي آهي - اهڙن ظالم ۽ حيوان صفت ماڻهن کان بہ، جهڙن سان اسان جو اڄ پلئو اٽڪيو آهي ۽ جن سان اسان کي گڏ رهڻو پيو آهي - اُهو انقلاب اهڙو ٿيندو، جيڪو اسان جي دنيا جي هن حصي ۾ گهٽي زماني کان ترسيل بہ آهي.

هن وقت موجوده صورتحال ۾ جيڪڏهن جنرل صاحب جي 15 فيبروري کان اڳ چونڊون ڪرائڻ واري واعدي تي يقين ڪٽي ڪجي بہ، ۽ سوچجي 15 فيبروريءَ کان پوءِ پاڪستان جهنم مان ڦري جنت بڻجي ويندو عجب ڳالهہ آهي. سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا چونڊون اعتبار جوڳيون هونديون؟ اهو هڪ اهم سوال آهي. بنيادي ڳالهيون، جن جي توقع فوجي قيادت ۾ هلندڙ حڪومت کان قوم رکي ٿي: هڪ تہ، ايمرجنسي لازمي طور کنئي وڃي. ٻيو تہ، پي سي او تان هٿ کنيو وڃي ۽ لاٿل ججن کي بحال ڪيو وڃي. ٽيون تہ، جيترو ٿي سگهي اوترو جلد نگران حڪومت

جوڙي وجي، جنهن جو سربراهه وزير اعظم هجي، جيڪو بنهه غير جانبدار هجي ۽ منجهس سمورين پارٽين جو ويساهه هجي، جنهن کي اليڪشن ڪميشن جي سهائتا حاصل هجي، ته جيئن هو بنا ڪنهن ڏپ ڏاءَ جي پنهنجا فرض نڀائي سگهي. چوٿون، سمورين سياسي پارٽين ۽ اڳواڻن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت هجي. پنجون، انهن کي مهم هلائڻ لاءِ به کلي اجازت هجي. ڇهون، ميڊيا خلاف سمورا جابراڻا اپاءَ فوري طور بند ڪيا وڃن. آخري ڳالهه، اسان کي اميد آهي ته صدر صاحب، سپريم ڪورٽ سان جيڪو واعدو ڪيو هو تنهن تان ڪين ڦرندو، جيڪو نومبر 3 کان اڳ به پنهنجي جاءِ تي برقرار هو ته هو قسم کڻڻ کان اڳ پنهنجي وردي لاهي ڇڏيندو 'جيڪڏهن کيس صدر چونڊيو ويو ته'.

⊙